ABC
CERTIFIED

# مهراڻ

مخدوم محمد امين 'فهيم'
خاص نمبر

2016/3-4 ع



سنڌي ادبي بورڊ

ABC
CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 66 مخدوم محمد امين 'فهيم' خاص نمبر 2016ع نمبر 3-4

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

صوبائي وزير روينيو کاتو، حڪومت سنڌ.
چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

**ثمينه ميمڻ**



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ



# ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20)

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ

The "Mehran" Quarterly

Vol: 66, No 3-4/2016

(Established in 1955)

• An age old leading journal of Scholarship in Sindhi Language, Acknowledged in all Literary circles of Pakistan and Abroad.

• Contemporary Creative writings, History, Civilization Education, Music, Folklore, Archaeology, Lexicography, General Culture of Sindh and Translations from world Literature are the main topics of Material Usually Published in this Periodical.

• Published by *SINDHI ADABI BOARD*

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**مخدوم محمد امين 'فهيم' جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي خاص اشاعت**

• Publication Contact:

Editor, 'Mehran' Quarterly

Sindhi Adabi Board,

Jamshoro Sindh, Pakistan

Tele: 022-2907074

022-9213425

Fax: 022-9213422

(E.mail: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:

Manager

Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar

Tilak Incline Hyderabad,

Sindh, Pakistan

Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:

مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سالیانو چندو: چار سؤ روپيا    فون نمبر: 022-2633679    هيءُ پرچو: ٽي سؤ پنجاهه روپيا

Published by Allah Dito Vighyo Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sindh and Printed by Sindhica Academy, Karachi.

# مخدوم محمد امين "فهيم" رحہ

## شاعر، اديب، سجاده نشين ۽ مدبر سياستدان



ڄم: 4 آگسٽ 1939ع

وفات: 21 نومبر 2015ع



# ٻه اکر

قبلہ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي، سندن پُروقار شخصيت کان سنڌ جو هر باشعور فرد ڀليءَ ڀت واقف آهي. جيئن سندن والد محترم قبلہ مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ پنهنجي شخصيت ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئا، تيئن سندن شخصيت بہ بي مثال هئي. قبلہ مخدوم صاحب هڪ سنجيده، بااصول، باوقار ۽ هر دلعزيز سياستدان هو ۽ سندن شمار، پاڪستان جي صفِ اول جي سياستدانن ۾ ٿيندو رهيو. قبلہ مخدوم صاحب هڪ مصروف سياستدان هئڻ باوجود بہ سندن لڳاءُ علم و ادب ۽ شعر و شاعريءَ سان رهيو. ڪين شاعريءَ تي خاص مَلڪو حاصل هو، ۽ پاڻ هڪ بهترين شاعر جي حيثيت ۾ پنهنجي سوچ جا نقش ڇڏي، سنڌ ۽ سنڌ واسين ڪي ”پيغام“ جي صورت ۾ ارپيا آهن.

سروري خاندان ڪي شاعري ورثي ۾ مليل آهي، هن خاندان مان حضرت مخدوم سرور نوح عليہ الرحمۃ پنهنجي دؤر جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي ۽ سندن خاندان مان حضرت مخدوم امين محمد ’پکن ڏٺي‘ رحہ، حضرت مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ رحہ ۽ سندن فرزند قبلہ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جن کي بہ موروثي اثر مطابق شاعريءَ تي دسترس حاصل هئي. سروري خاندان جي ديني، سياسي، سماجي، ادبي خدمتن ۽ ڪارنامن کي ٻن صفحن ۾ سهيڙڻ، ”ڪوزي ۾ درياء بند ڪرڻ“ جي مترادف ٿيندو.

سروري خاندان جي 17هين سجاده نشين حضرت مخدوم محمد امين ’فهيم‘ رحہ جن جي باوقار شخصيت ۽ سندن علمي ادبي ۽ سياسي خدمتن کي ڀيٽا ڏيندي، سنڌي ادبي بورڊ ٽماهي ”مهراڻ“ رسالي جو ”مخدوم محمد امين ’فهيم‘ خاص نمبر“ شايع ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن ليکڪن پاران سنڌ جي هِن مهان شاعر جي شخصيت ۽ فن کي نمايان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

مهراڻ“ رسالي جو هيءُ خاص نمبر، قبلہ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جن جي ڪيل علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن سميت سندن گرانقدر شخصيت کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ خصوصي اشاعت ۽ اهتمام هيٺ بورڊ طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو پيو وڃي. جنهن لاءِ آءٌ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جو تهدل سان شڪرگذار آهيان، جن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو آهي. ”مهراڻ“ رسالي جي ايڊيٽر ادي ثميرہ ميمڻ صاحبہ بہ جَس لهڻي، جنهن قبلہ مخدوم صاحب جن جي شخصيت تي مضمون ۽ مقالا لکرائي ۽ هٿ ڪري وڏيءَ محنت سان ”مهراڻ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ خاص نمبر“ سهيڙي پاڻ ملهايو آهي.

سنڌي ادب جي خدمتگارن جي شخصيت ۽ فن تي ”مهراڻ خاص نمبر“ شايع ڪرڻ تي پڙهندڙن وٽان سٺي موٽ ملي رهي آهي. اميد آهي تہ، اسان جي هِن ڪاوش کي بہ ادبي حلقن ۾ ساراهيو ويندو.

22- محرم الحرام 1438ھ
بمطابق 24 آڪٽوبر 2016ع

**الهڏنو وگهيو**
سيڪريٽري

# سِــنــاءُ

ٻہ اکر - جناب الهڏنو وگهيو (سيڪريٽري)

گذارش - ثمينہ ميمڻ (ايڊيٽر انچارج)


- سلسلي وار سجاده نشين جو تعارف
- مخدوم غلام حيدر صديقي 11
- مخدوم محمد امين 'فهيم' جو تعارف
- ادارو 14
- سوانح حيات (مهاڳ) ڪتاب "پيغام" تان ڪنيل
- محبوب سروري 16
- تحرير خاص (ڪتاب "پيغام" تان ڪنيل)
- مخدوم محمد زمان 'طالب' المولیٰ 38
- "پيغام" جي ڇپائيءَ جو نوٽ
- ولي محمد رونجهو 39
- دستاربنديءَ واري تقريب ۾ خطاب
- مخدوم جميل الزمان 'جميل' 40
- مخدوم محمد امين 'فهيم' تاريخ جي آئيني ۾
- انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا 42

مقالا، مضمون، ليک، تاثر...

- فهم ۽ فراست وارو هڪ قداوار شاعر مخدوم محمد امين 'فهيم'
- ڊاڪٽر غلام علي الانا 43
- مخدوم امين 'فهيم' هڪ بااصول ۽ بيمثال جمهوريت پسند سياستدان
- سيد خورشيد احمد شاهہ 49
- سنڌ جو سُلڇڻو پير: مخدوم محمد امين 'فهيم'
- ڊاڪٽر حبيب الله صديقي 50
- مخدوم محمد امين 'فهيم' جون ساروڻيون
- مدد علي سنڌي 53
اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا
- نذير ناز 59
- سڄڻن جا ساريو سانگ (سائين امين 'فهيم' جي ياد ۾)
- سوز هالائي 66
- سنڌي غزل جي اڏ ۾ رهجي ويل ڪٿا (مخدوم امين 'فهيم' جي ياد ۾)
- رڪيل هورائي 69
- مخدوم محمد امين 'فهيم'
- ڊاڪٽر ممتاز پٺو 72
- گُل خوش رنگ
- ڊاڪٽر محمود مغل 75
- ٿنهنجون ڳالهيون سڄڻ...
- نصير مرزا 78
- باوقار شخصيت جو وڇوڙو
- زيب سنڌي 80
- مخدوم محمد امين 'فهيم' صديقي
رسول بخش ڳچيرائي 82
- غير تڪراري سياستدان ۽ روحاني رهبر
- پروفيسر مهرالنساء لاڙڪ 91
- پيغامِ 'فهيم'
- ميرزا فياض علي بيگ 95

- مخدوم محمد امين 'فهيم' صديقي
  - مخدوم سليم الله صديقي — 103
- حضرت مخدوم محمد امين 'فهيم'
  - ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي — 106
- مخدوم محمد امين 'فهيم' "پيغام" هڪ جائزو
  - ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 108
- ٽنهنجون ڳالهيون سڄڻ پٽي ڳائينديس
  - فهيم نوناري — 111
- مخدوم امين 'فهيم' جي غزل گوئي
  - مرزا ڪاظم رضا بيگ — 113
- پرين پڳهه چوڙيا
  - محمد عظيم ڪنيار — 129
- حضرت قبلہ مخدوم امين 'فهيم'
  - عابده اشرف هالائي — 132
- ٽيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد
  - الهه بچايو ميمڻ — 137
- سنڌ جي وفا شعار هستي، مخدوم محمد امين 'فهيم'
  - عبدالقادر قادري ڪٽي — 139
- عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي!
  - ستار سروهي — 141
- تہ هنسو جگ روئي
  - پريتم پياسي — 143
- هالا جي مخدوم گهراڻي جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي هڪ نظر
  - نوشاد پروين گل درس — 146
- علم، ادب، شاعري سياست ۽ وفا جو پيڪر مخدوم امين 'فهيم'
  - زيب .اي پيرزادو — 155
- مخدوم امين 'فهيم' وڇڙي ويو...
  - نور سنڌي — 157
- هالا شهر ۽ مخدوم خاندان
  - غلام سرور ٿهيم — 160
- پيار ڪندڙ مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو
  - غلام حسين خاصخيلي — 166
- صبر ۽ وفا جو سفير: مخدوم محمد امين 'فهيم'
  - اعجاز علي خواجه — 168
- جمهوريت سياست جي امين، مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو
  - وحيد جمال — 172
- اُجين، سانجهڙين ۾ نظارا رڙن ٿا (وقت جو امين ۽ فهيم)
  - نظام الدين ڪاڪا — 174
- هڪ بااصول ماڻهوءَ جي موڪلاڻي
  - اصغر علي جوڻيجو — 176
- سنڌ کان وڇڙي ويل محبتن جو امين!
  - نسيم بخاري — 178
- ٽنهنجون ڳالهيون سڄڻ...
  - جام رضيه مورائي — 180
- هردلعزيز انسان مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو
  - محمد ملوڪ اثر — 182
- هن سان ٻيهر وفا ڪري ڏسبي
  - جام صنم سنڌي — 184
- مخدوم امين 'فهيم' جي وفا ۽ پيپلز پارٽي (مخدوم صاحب جي چاليهي جي مناسبت سان)
  - عبدالرئوف سومرو — 187
- قبلہ مخدوم محمد امين فهيم جن جي کهڙي ڳالهه ڪريان
  - خادم حسين علوي — 190

## نعت

سجڻ آهيان سنڌءِ نوڪر انهي ۾ ڪوبہ شڪ ناهي،
تون سائين ۽ سخي سرور انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.

مان پڻ تنهنجي ئي دامن ڪي، جهليو وينو آهيان داتا،
ڪيو قادر اتئي اڪبر انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

محمّدﷺ مير مرسل سار لهہ ساجهر اچي سائين،
مڙن جي آهين پيٽي پر انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

ڏئي ڌل پاند پنهنجي لطف سان ڍولڻ ڍڪين مون ڪي،
آهين تون ئي اجهو آدر، انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

خدارا ڪر مدد منهنجي اچي محبوب مولا جا،
تہ توريءَ آهي ڪا واهر، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

سوين خالي ويا حاصل ڪري سڀ ڪجهہ سنڌءِ در تان،
ٻيو ڪو ناهي اهڙو در انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

جمال يار جو همسر ٻلا ٻيو ڪير ٿي سگهندو،
گهڻو ئي گهٽ مِہ انور، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

مدد منهنجي "امين" آهي محمّدﷺ جام سونهارو،
نہ جنهن جو آهي ڪو همسر انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

21، ڊسمبر 1953ع
هالا

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# سوچ-لوچ

## مخدوم محمد امين ’فهيم‘

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سنڌ جي هڪ وڏي درگاهه جي گادي نشين جي حيثيت ۾ روحاني روايتن ۽ اخلاقي قدرن جي امين هجڻ سان گڏوگڏ، مدبر سياستدان، اديب، بهترين شاعر، سباجهي طبعيت رکندڙ، بي لوث خدمت جو جذبو رکندڙ، بردبار ۽ عادل انسان هئا.

مخدوم صاحب هالا جي مشهور و معروف ۽ علم ادب سان سلهاڙيل سروري خاندان جو چشمُ چراغ هئا ۽ سندن خاندان کي شاعري ورثي ۾ مليل آهي ۽ اِنهيءَ خاندان مان پنهنجي دؤر جا جيڪي وڏا شاعر ٿي گذريا آهن تن ۾، مخدوم محمد امين ’پکن ڏٺي‘، مخدوم محمد زمان ’طالب‘ المولي کان پوءِ مخدوم محمد امين ’فهيم کي شاعريءَ تي تمام گهڻي دسترس حاصل هئي ۽ هاڻي موجوده دؤر ۾ سائين مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ صاحب جن به پنهنجي بزرگن جي نقش قدم تي هلندي پنهنجو پورو لاڙو شعر و شاعري ۽ تصنيف و تاليف سان رکندو اچي.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ پنهنجي پوري زندگي انتهائي سادگي، پُروقار، ادب ۽ سماج جي خدمت کندي گذاري. سندن زندگي اسان جي سماج ۾ ٻَڌي ۽ ايکي کي قائم رکڻ جو هڪ زنده مثال آهي. مخدوم صاحب جن جي ٻاجهاري ۽ ادب پروريءَ واري شخصيت سبب سنڌ جو هر مکتبہ فکر ساڻن محبت عزت ۽ عقيدو رکي ٿو.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جن جون سياسي خدمتون سونهري باب جي حيثيت رکن ٿيون، تہ اُتي وري سندن ادبي خدمتون بہ يادگار آهن. سندن وفات سان هيءُ ملڪ هڪ عظيم سياستدان ۽ بهترين شاعر کان محروم ٿي ويو! جنهن جي سچ تہ ملڪ کي سدائين اهڙي ڪمي محسوس ٿيندي رهندي. سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ مخدوم صاحب سدائين سونهري حرفن سان ياد رهندو ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ بہ سندن ڪيل خدمتن کي وڏي مانَ ۽ شانَ سان لکيو پيو ويندو.

سروري خاندان جي 17هين سجاده نشين مخدوم محمد امين 'فهيم' جن جي عظيم شخصيت ۽ سندن علمي ادبي ۽ سياسي خدمتن کي مڃتا ڏيندي، سنڌي ادبي بورڊ ٽماهي "مهراڻ" رسالي جو "مخدوم محمد امين 'فهيم' خاص نمبر" شايع ڪري رهيو آهي؛ تہ جيئن سنڌ جي ليجنڊ شخصيت کي ڀيٽا ڏيندي، سندن شخصيت کان سنڌ واسين کي روشناس ڪرائي سگهجي.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ جي عظيم شخصيتن ۽ سندن علمي، ادبي، سماجي خدمتن کي ڀيٽا ڏيندي، ٽماهي "مهراڻ" جا خاص نمبر شايع ڪرڻ جو سلسلو جاري رکندي، "مخدوم محمد امين 'فهيم' خاص نمبر" جي اشاعت سنڌي ادبي بورڊ لاءِ وڏو اعزاز آهي. ان سلسلي ۾ بورڊ جي سيڪريٽري محترم الهڏتو وگهيو صاحب طرفان خاص نمبر جي اشاعت ۾ وقت بوقت رهنمائي رهي ۽ هلندڙ ڪم بابت بورڊ جي چيئرمن مخدوم جميل الزمان صاحب کي پڻ آگاهہ ڪري سندن رهنمائي حاصل ڪندا رهيا.

**مهرباني:**

سنڌي ادبي بورڊ ۽ مهراڻ سٽ ڀاران سمورن محترم ليکڪن جو ٿورو مڃڻ اولين ذميواري سمجهان ٿي، جو انهن وڏا وڙ ڪيا ۽ مواد ڏيڻ ۾ مدد ڪئي ۽ خاص اشاعت کي ممڪن بڻايو.

ثمينہ ميمڻ
ايڊيٽر (انچارج) "مهراڻ"

# ”مخدوم محمّد امين ’فهيم‘ نمبر“

## پهرين ورسيءَ تي خاص اشاعت

جنهن "ڪن" ڪل جوڙيو، تنهن واحد ڪي واڪاڻ،
وحدت جي ويساهه سان، وجود پنهنجو واڻ،
ڪر اعتبار احد تي، ايمان أتي آڻ،
ڪافي تو ڪئي ڪريم ٽيو، ڇرڪين ٽو ڇاڪاڻ،
در هڪڙو ديک تون، ٻي جي ڪڍ نہ ڪاڻ،
تون تيڏانهن ئي تاڻ، طالب! مولا جنهن طرف.

(مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ)

بعد 36 سال 6 مهينا ۽ 19 ڏينهن پيري ۽ شيخي مصلي مبارڪ تي تشنہ لب طالبن کي روحاني فيض بخشيندا رهيا. مخدوم محمد زمانؒ جن جي عمر شريف 62 سال 6 مهينا هئي، سندن وصال 1117 هجريءَ ۾ ٿيو.

دستار ششم

## جناب مخدوم مير محمدؒ صاحب

(1687ع_1737ع)

مخدوم فيض ملزوم مير محمد ولد ارشد ميان منٺ ڪلان تاريخ 18 محرم الحرام سنہ 1099 ھ ۾ تولد ٿيا. 19 سال 9 مهينا ۽ 8 ڏينهن غير ايامِ سجادگي رهڻ بعد 32 سال 1 مهينو 23 ڏينهن شيخي ۽ مرشدي جي مصلي تي فائز رهي طريقہ اويسي جي ذڪر جي تلقين ڏيندا رهيا.

دستار هفتم

## جناب مخدوم محمد زمانؒ صاحب

(1707ع_1770ع)

جناب مخدوم محمد زمان صاحب ست پاڳئو فرزند صالح مخدوم مير محمد صاحب تاريخ 5 ربيع الثاني 1119ھ ۾ تولد ٿيا. 20 سال 8 مهينا ۽ 14 ڏينهن ايامِ غير سجادگيءَ ۾ گذارڻ بعد 34 سال 3 مهينا ۽ 16 ڏينهن امامت جي مسند تي رهيا.

دستار هشتم

## جناب مخدوم مير محمد عرف مير پيرؒ صاحب

(1737ع_1787ع)

مخدوم حضرت مير محمد صاحب عرف مير پير پسر نيڪ اختر مخدوم محمد زمان صاحب، مصلي نشين أنون تاريخ 21 ماه صفر المظفر سنہ 1151ھ ۾ تولد ٿيا، جڏهن نادر شاھ دهلي تي ڪاهي آيو هو. حضرت جن 33 سال 1 مهينو ۽ 14 ڏينهن ايامِ غير سجادگيءَ ۾ بسر ڪيا. 17 سال 10 مهينا ۽ 28 ڏينهن سجاده نشين رهيا.

دستار نهم

## جناب مخدوم محمد زمانؒ صاحب

(1766ع_1807ع)

مخدوم محمد زمان صاحب نو پاڳئو ولد مخدوم مير محمد تاريخ 9 جماد الثاني سنہ 1180ھ ۾ تولد ٿيا. 21 سال 4 مهينا ۽ 22 ڏينهن ايامِ غير سجادگي گذارڻ کان پوءِ 20 سال 7 مهينا ۽ 8 ڏينهن مصلي امامت تي تلقين ڏيندا رهيا.

دستار دهم

## جناب مخدوم مير محمد صاحب معصومؒ

(1806ع_1809ع)

جناب مخدوم مير محمد صاحب ڏھ پاڳئو ولد مخدوم محمد زمان (ثالث) صاحب تاريخ 26 صفر المظفر 1221ھ ۾ تولد ٿيا. هڪ سال 9 مهينا ۽ 22 ڏينهن ايامِ غير سجادگيءَ ۾ گذارڻ بعد فقط 11 مهينا 22 ڏينهن سجاده نشين رهيا. مخدوم صاحب 2 سال 9 مهينن ۽ 15 ڏينهن جي عمر شريف ۾ 10 ذوالحج 1223ھ ۾ وصال ڪيائون، تنهنڪري معصوم جي لقب سان ڪوٺجن ٿا.

دستار يازدهم

## جناب مخدوم امين محمدؒ صاحب

(1790ع_1836ع)

جناب مخدوم امين محمد ثاني ولد ميان پنيلتو صاحب يارهن پاڳئو تاريخ 11 ربيع الثاني 1205ھ ۾ تولد ٿيا. 19 سال 1 ڏينهن غير ايامِ سجادگي گذارڻ بعد 27 سال 7 مهينا ۽ 6 ڏينهن مصلي خلافت تي تلقين ڏيندا رهيا.

دستار دوازدهم

## جناب مخدوم محمد زمانؒ صاحب

(1818ع_1852ع)

جناب مخدوم محمد زمان صاحب ٻارنهن پاڳئو ولد مخدوم امين محمد صاحب 5 رجب المرجب 1233ھ ۾ تولد ٿيا. 19 سال 2 مهينا 14 ڏينهن ايامِ غير سجادگي رهڻ بعد 16 سال ۽ 5 مهينا سجاده خلافت تي ڪلمہ طيبہ جي تلقين ڏيندا رهيا.

دستار سيزدهم

## جناب مخدوم امين محمد صاحب پڪن ڌڻيؒ

(1838ع_1886ع)

جناب مخدوم امين محمد (ثالث) خلف الرشيد مخدوم محمد زمان تيرهن پاڳئو 14 رمضان المبارڪ 1253ھ ۾ تولد ٿيو. 19 سال 5 مهينا 5 ڏينهن ايامِ غير سجادگي گذارڻ بعد 34 سال 7 مهينا 7 ڏينهن مسند امامت کي فيض بخشيندا رهيا. 'گنجينہ اولياء' ۾ سندن ولادت جو سال 1256ھ ڏنل آهي، ايامِ غير سجادگيءَ جو مدو 12 سال 5 مهينا ۽ 5 ڏينهن ڏنل آهي.

دستار چهاردهم

## جناب مخدوم محمد زمانؒ صاحب

(1861ع_1913ع)

جناب مخدوم محمد زمان صاحب (خامس)

فرزند ارجمند مخدوم امين محمد چوڏهن پاڳئو تاريخ 1- جمادي الاول 1278ھ ۾ تولد ٿيا. 'گنجينہ اولياء' ۾ تولد جو سال 1279ھ ڏيکاريل آهي. 25 سال ۽ 5 مهينا ايامِ غيرسجادگي گذارڻ بعد 28 سال ايام سجادگي ۾ گذاريائون.

### دستار پانزدهم

### جناب مخدوم ظهير الدين عرف پريل چام رحہ صاحب

(1863ع-1927ع)

حضرت مخدوم ظهير الدين عرف پريل چام صاحب پندره پاڳئو 15 جمادي الاول 1280ھ آچر ڏينهن بن پهرن جو تولد ٿيا. 51 سال غير سجادگي گذارڻ کان پوءِ 14 سال ايامِ سجادگيءَ ۾ فيض پهچائيندا رهيا. بلند رتبيءَ جا بزرگ ٿي گذريا. عوام توڙي حڪام سندن ولايت جا معتقد هئا.

### دستار شانزدهم

### جناب مخدوم غلام محمد رحہ صاحب

(1884ع-1944ع)

جناب مخدوم غلام محمد صاحب 8 جمادي الاول سنہ 1303ھ ۾ تولد ٿيا. 42 سال ايامِ غير سجادگيءَ ۾ گذارڻ کان پوءِ 18 سال سجاده نشين رهي فيض رساني ڪندا رهيا. مخدوم صاحب غلام محمد 28 ذوالحج جمع ڏينهن وقت غروبِ آفتاب 1363ھ ۾ سٺ ورهن جي عمر شريف ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

### دستار هفتدهم

### جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رحہ صاحب

(1919ع-1993ع)

حضرت جناب مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ سترهن پاڳئون 9 محرم الحرام سنہ 1338ھ آچر ڏينهن بن پهرن جو تولد ٿيا، يعني 24- سيپٽمبر سنہ 1919ع، 25 ورهہ ايامِ غير سجادگي گذارڻ بعد گادي نشين ٿيا. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سنڌ جا وڏا شاعر ۽ پنهنجي فياضي ۽ علم پروري ڪري عوام توڙي خواص ۾ قابل احترام ۽ هردلعزيز هئا. سندن احسانن کي دهرائڻ لاءِ دفترڪپي، ڪيترن علمي ادارن، اخبارن ۽ رسالن جا پاڻ سرپرست رهيا، 49 سال گادي نشن رهي فيض رسائي ڪندار رهيا، 11 جنوري 1993ع تي وصال فرمايائون.

### دستار هشتدهم

### جناب مخدوم محمد امين 'فهيم' رحہ صاحب

(1939ع-2015ع)

حضرت قلبہ مخدوم امين 'فهيم' بن مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ارڙهون پاڳئو 17 جماد الثاني 1358 هجري بروز جمع، 4 آگسٽ 1939ع تي تولد ٿيا ۽ 21- نومبر 2015ع بمطابق 8 صفر 1437هجري وصال فرمايو.

سندن غير سجادگيءَ جو عرصو 53 سال 3 مهينا 7 ڏينهن گذارڻ بعد 22 سال 10 مهينا ۽ 10 ڏينهن پيري و مرشدي جي مسند تي جلوه افروز رهيا.

### دستار نزدهم

### مخدوم ظهير الدين المعروف

### مخدوم جميل الزمان رحہ صاحب

مخدوم ظهيرالدين المعروف مخدوم جميل الزمان بن مخدوم محمد امين 'فهيم' 27 جولاءِ 1961ع تي هالا ۾ تولد ٿيا، 54 سال 3 مهينا 25 ڏينهن ايامِ غير سجادگي گذارڻ بعد 23- نومبر 2015ع بمطابق 12- صفر المظفر 1437هجري، تي پيري ۽ شيخي جي مصلي مبارڪ تي جلوه افروز ٿيا.

سندن موجودگي، سروري گاديءَ لاءِ، چپر ۽ چانڊ مثل آهي.

نوٽ: مخدوم غلام حيدر صديقي صاحب پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ (1884-1944ع) جناب مخدوم غلام محمد صاحب تائين مخدوم خاندان جي سجاده نشينن جو تعارف مرتب ڪنو ۽ واڌارو ڪيل (1919-2016ع) کان جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، جناب مخدوم محمد امين 'فهيم' ۽ جناب مخدوم ظهيرالدين المعروف مخدوم جميل الزمان 'جميل' صاحب تائين محترم محمد عظيم ڪنڀار پاران مرتب ڪيل آهي.

- ادارو

# مخدوم محمد امين 'فهيم' جو تعارف

اسم: حضرت مخدوم محمد امين 'فهيم' صديقي قريشي هالائي رح

والد: حضرت مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' رح.

تولد: 17 جمادي الثاني 1358هجري بمطابق 4- آگسٽ 1939ع بروز جمعو.

جاءِ پيدائش: هالا نوان.

اوائلي تعليم: اول قرآن شريف، چار سنڌي درجا خانگي طرح گهر ۾ حاصل ڪيائون.

مئٽرڪ: مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا نوان.

انٽر: سروري اسلاميه ڪاليج هالا نوان.

بي.اي: سروري اسلاميه ڪاليج هالا نوان.

ايم.اي، ۽ ايل.ايل.بي: سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.

شاعريءَ جو آغاز: 1952ع ۾ شاعري شروع ڪيائون.

لقب: پهريون امين، پوءِ 'فهيم' حضرت قبله طالب المولىٰ والد گراميءَ جن کان مليو.

سياسي سفر جو آغاز: • ٽائون ڪميٽي هالا جي چيئرمن جي حيثيت ۾ • 1973ع ۾ ايم.پي.اي،
• 8 ڀيرا ايم.اين.اي. 1973، 1988، 1990، 1993، 1997، 2002، 2008 ۽ 2013. جي عام چونڊن ۾ هڪ ئي وقت قومي ۽ صوبائي ٽڪن تان بنا مقابلي ڪاميابي ماڻيندڙ واحد سياستدان هئا.
• پاڻ چار ڀيرا وفاقي وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا سينيئر چيئرمن رهيا.

تعليمي خدمتون: ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جا وائيس پريزيڊنٽ • اورينٽل ڪاليج هالا جا وائيس پريزيڊنٽ ۽ مٽياري ضلعي ۾ ڪئين تعليمي ادارن جو بنياد وڌائون.

ادبي خدمتون: بزمِ طالب المولىٰ سنڌ جا باني رڪن ۽ بزمِ طالب المولىٰ جا پريزيڊنٽ رهيا.

تخليق: شاعريءَ ۾ ڪتاب 'پيغام' 1990ع.

شوق: شاعري، ادب، موسيقي، شڪار ۽ فوٽوگرافي.

شادي/شاديون: چار شاديون، پهرين شادي 1957ع ۾ 19 سالن جي عمر ۾ ناناڻن مان 'اُچ شريف' ۾ ٿي.

اولاد: 7 فرزند: مخدوم ظهيرالدين المعروف جميل الزمان، مخدوم فتح محمد المعروف شڪيل الزمان، مخدوم نبي بخش المعروف عقيل الزمان، مخدوم ابونجيب المعروف نجيب الزمان، مخدوم نعمت الله المعروف خليل الزمان، مخدوم حبيب الله المعروف جليل الزمان، مخدوم ابو محمد المعروف سنڌيار.

غير سجادگيءَ جو دورانيو: 54 سال.

سجاده نشين جو دور: 22 سال جو عرصو درگاهه عاليه حضرت مخدوم نوح سرورؒ.

وصال: 21- نومبر 2015ع بمطابق 8 صفر 1437 هجري، بروز ڇنڇر سائوٿ سٽي هاسپيٽل ڪراچي.

عمر: 76 سال.

تدفين: درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوحؒ جي وڏي قبي ۾ حضرت مخدوم سرور نوحؒ جنجي پيراندي، سائين پڪن ڏٽيءَ جي ساڄي پر ۾ پنهنجي والد صاحب مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ سائينءَ جنجي ڪابي پاسي أبدي آرامي آهن.



# مهاڳ

محبوب سروري

## (1) سوانح حيات:

منهنجي مهراڻ جي پاڻيءَ ۽ اسلام جي روحاني آبياريءَ سان، سرزمين سنڌ تي اهي عظيم الشان ذهن ۽ عالي مرتبت شخصيتون پيدا ٿيون، جن دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. علم و فضل جي هاڪ ۽ روحانيت جي ڌاڪ باعث دنيا جي عالمن، سياحن، محققن، بزرگن، درويشن، قلندر ۽ فقيرن سنڌ ڏانهن مُنهن ڪيو، "اهي سنڌ ۾ آيا، سنڌي ٿي ويا ۽ وري واپس نہ وريا." سندن هزارين مزارون ۽ مقبرا سنڌ جي سيني تي يادگار آهن.

سنڌ، درويشن جو ديس ۽ الله وارن جو گهر آهي. سنڌ باشريعت بزرگن، غيور غازين، دلير دودن، تحريڪن جي اڳواڻن، علم و ادب جي سرواڻن، شهرهء آفاق شاعرن، مڙيادار مجاهدن ۽ سامر جهليندڙ سورهين جي سرزمين آهي. سنڌ، سدائين روحاني، اقتصادي ۽ معاشي لحاظ کان سائي ستابي رهي آهي. هر دور ۾ عالمن، فاضلن روحاني رهبرن ۽ بزرگن جي آستانن سان سنڌو درياءَ جا ٻئي ڪنارا آباد رهيا آهن.

انهن مشهور عالم بزرگ هستين مان ، سنڌو درياءَ جي مشرقي ڪناري تي سنڌ جي دل "هالا" شهر ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جي درگاهہ آهي. هيءُ اهو باشريعت بزرگ آهي. جنهن پنهنجي سموري زندگي، قرآن ۽ سنت مطابق مڪمل پابنديءَ سان گذاري. سندن روحاني شمع جي شعاعن سان سنڌ جو ذرو ذرو منور ٿي ويو. حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور اهو بزرگ آهي، جنهن سڀ کان پهرين قرآن مجيد جو ترجمو ۽ تفسير فارسي زبان ۾ زيبِ قلم ڪيو. سندن شجرو منهنجي مرسل حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي خليفہ اول سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان ملي ٿو. حضرت مخدوم نوح سرور اويسي طريقي جو عاشق رسول بزرگ هو. وڏي پابنديءَ سان راهِ رسول صلي الله عليه وآله وسلم تي قدم بقدم عمل پيرا رهڻ سبب سندس لقب "سرور" مشهور ٿي ويو ۽ "سرور نوح فقير" جي نالي سان سنڌ هِند جي لکين صالح ۽ صادق الله بندن جي سيني جو سُرُور بنيو. سندس ئي دور ۾ سروري جماعت جي فقراءَ جو تعداد نوَ لک ٿي ويو هو، جنهنڪري هن گاديءَ کي "نو لکي گودڙي" سڏيو ويو. سندن وفات جو سال "فيضِ حق" مان (998هہ) ملي ٿو.

## مخدوم امين محمّد (اوّل):

حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جو پهريون سجاده نشين بہ "مخدوم امين محمد" هو جو پنهنجي بزرگ والد وانگر شريعت جو پابند هو. "حلال ۽ صدق مقال" جو پاڻ بہ عامل هو ۽ ٻين کي بہ تاڪيد ڪندو هو. سندن ولادت 5 ربيع الاول 952 هجريءَ ۾ (جڏهن حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي عمر 41 سال هئي) ٿي.

998 هجريءَ ۾ حضرت مخدوم نوحؒ جي وفات بعد سجاد نشين ٿيو، سندن عمر انهيءَ وقت 42 سال هئي. 7 شعبان المعظم 1015هجريءَ ۾، 63 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس سال وفات "شرف الابرار" مان ملي ٿو.

## مخدوم امين محمّد ثالثؒ

"مخدوم امين محمّد (ثالث) هن صديقي قريشي خاندان جو اهو بزرگ آهي جنهن جي شخصيت ۾، فڪرو درويشيءَ سان گڏ شعر ۽ شاعري ۾ بدرجه ڪمال موجود آهي. سندس سارو ڪلام سوز ساز، نياز ۽ گداز جو شارح آهي. سندس ڪلام تصوّف جي دقائق ۽ حقائق جو شاهڪار آهي. ان سان گڏ حقيقت ۽ مجاز جو آئينه دار آهي. سندس فيوضِ باطنيه مان جتي ڪيئي اهلِ نظر ۽ اهلِ بصيرت پيدا ٿيا، اتي ڪيئي سندس صحبت يافته شاعر ۽ سخن سنج بدايع گو ۽ بديع الڪلام پڻ اسريا، جن "سروري جماعت" ۾ فقر ۽ محبت جي اها جوت جلائي آهي، جنهن جي چنگاري اڄ به سروري جماعت جي دلين ۾ درد جو دود دکايو ٿي اچي."
("ڪليات امين" پروفيسر محبوب علي چنه)

"هو وڏو سخي ۽ درياء دل مرد هو، سنڌي شاعري ۾ تمام ڪمال هوس، سندس شاعري جي سڀني اصنافن ۾ سندس شعر موجود آهي. ڏوهيڙا، ڪافيون ۽ غزل وغيره پنهنجا يادگار ڇڏيا اٿس."
("تنڪرہ مشاهير سنڌ جلد ٻيو مولانا دين محمّد وفائي)

"امين محمد" سائين عرف "پڪن ڌڻي" الاهي اسرارن جو عارفِ الستي ڪتب جو بحر مواج فيوضات يزدانيه جو شارح ۽ ترجمان آهي. (سُرها گل. علامه دائود پوٽو)

مخدوم امين محمد "پڪن ڌڻي" جي ولادت 7 شعبان 1254 هجري مطابق 26 آڪٽوبر 1838ع تي ٿي ۽ سندس وفات 27 رمضان 1303 هجري مطابق 29 جون 1886ع ۾ ٿي، سندس وفات تي ڪيترن همعصر بزرگن ۽ شاعرن قطع تاريخ لکيا جن مان چند هي آهن:

(1) مخدوم ابراهيم نقشبندي : بَخُلداست جائي محمّد امين
1303 هجري

(2) عبداللطيف ٺٽوي: محمّد امين گشته و اصل برب
1303 هجري

(3) مفتي سعد الله هالائي: شهنشاهِ جنت محمّد امين
1303هجري

انهيءَ بزرگ سرور نوح فقيرؒ جو سورهون (16) سجاده نشين اعليٰ حضرت قبله مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ" سائينءَ جن آهن. جن جي تفصيلي سوانح حيات، ڪتاب يار خاطر، جنب گذاريم جن سين، مهراڻ جا موتي، چپر ۾ چڙيون، ڪچڪول، سماهي "مهراڻ" جو شاعر نمبر ۽ سوانح حيات نمبر، ديوانِ طالب المولیٰ، سروري خاندان جون علمي ادبي خدمتون وغيره ڪتابن ۾ قارئين پڙهي سگهن ٿا. هتي سندن سوانح حيات جو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو:

حضرت طالب المولیٰ سائين اُها مشهور زمانه ۽ تاريخ ساز شخصيت آهي، جن جي سرزمين سنڌ سان سڪ ۽ سچائي، تحريڪ پاڪستان ۽ قيام پاڪستان لاءِ قربانيون، سنڌي ادب ۽ ثقافت لاءِ سندن ڪاوشون ۽ ڪوششون، علمي ادبي تحريڪون، تنظيمون، بزمون، تقريرون، تحريرون، ايتريون انيڪ ۽ اهم آهن جن جو پنهنجن خواه پراون، سڀني اعتراف ڪيو آهي.

سنڌ جو بزرگ سياستدان سائين جي.ايم.سيد لکي ٿو ته: "مخدوم صاحب جي سنڌي ادب ۽ ثقافت کي زنده رکڻ جي ڪوشش اهم درجو رکي ٿي. سنڌي ڪلچر، اتحاد انساني، امن عالم جو پيغامبر آهي. سنڌ جا درويش ۽ بزرگ انهيءَ پيغام جا حامل هئا. خدا کيس عمرِ دراز بخشي ۽ ڪانئس سنڌي ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪرائيندو رهي." ("جنب گذاريم جن سين" (جلد ٻيو) صفحه 247)

اها محبوب ۽ جامع صفات شخصيت جنهن جا مريد ۽ معتقد، دوست ۽ احباب پوري هند و پاڪ ۾ پکڙيل آهن. جنهن کي دين ۽ دنيا جون سڀئي نعمتون ميسر آهن، تنهن هوندي به سندن طبيعت ۾ ڪنهن به قسم جي، ڪنهن به وقت وڏائي نظر نه ايندي! پاڻ فرمائي ٿو:

باوجود ان جي خاڪسار آهيان،
سر تي دستار سروري آهي.
مان ته ڪجهه ئي نه آهيان اي دوست!
مون سان ڪنهن جي نه همسري آهي.

پاڻ نهايت حليم طبع، رحمدل، عفو درگذر ڪندڙ، صابر شاڪر، قانع، سخي، ساده لباس، خوش خلق، خوش مزاج، سدا بهار طبيعت، نيڪ نيت، پاڪ طينت، مساوات جا مجسمه ۽ دشمن نواز شخص آهن. "هٿان حبيبن، ڪڏهن ڪونه ڏکوئيو!"

پاڻ ڪنهن به وقت ڪنهن به دشمن لاءِ انتقامي ڪاروائيءَ جو نه سوچيندا آهن. انتقام جي برعڪس احسان ۽ عنايت خير خواهي ۽ خير سگالي جي جذبي سان مخالفن کي مانوس ۽ مطيع ڪندا آهن. حضرت طالب المولىٰ سائين هر ڪنهن لاءِ حفظِ مراتب جو خيال رکندا آهن ۽ دشمنن کي به سهڻن نالن سان ياد ڪندا آهن. غصي جي عالم ۾ به غلط زبان استعمال نه ڪندا آهن. عوام لاءِ سندن بي انداز ۽ بلاامتياز علمي، ادبي، ثقافتي، سماجي، فلاحي ۽ معاشي خدمات ڪنهن کان ڳجهيون آهن؟ بهرحال هي قصو ڊگهو آهي.

المختصر حضرت طالب المولىٰ سائين، سلجهيل ۽ محبِ وطن سياستدان، باوقار، بااُصول، سنجيده ۽ شرافت واري سياست جا قائل، سنڌ جا مايه ناز اديب ۽ شاعر آهن. منجهن هڪ باشريعت بزرگ جي سجاده نشين هئڻ وارا اهي سڀئي گڻ موجود آهن، جيڪي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ مومنين ۽ صالحين جون صفتون هونديون آهن. پاڻ پيري ۽ مخدومي واري نٽ نانگر عالمن ۽ زاهدن جي ظاهري بناوٽ ۽ سجاوٽ، من مستي، هٺ تڪبر، مڪرو ريا جي بلڪل برخلاف آهن. توحيد جي رنگ ۾ رتل، حب مرسل صلي الله عليه وآله وسلم سان سرشار ۽ سائينءَ جي سڪ جا سائل سڀاجهڙا ماڻهو طالب المولىٰ کي پسند آهن، جن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نه هوندو آهي. ڪلاباز سياستدان، رياڪار ۽ مڪار ملا، حاجي، قاضي، شيخ و وعظ، زاهد عابد، پير مخدوم ۽ سجاده نشين جيڪي خرقه و سجاد عبا و قبا، جبه و دستارو عصا جي فريب ۾ ڦاٿل آهن، تن کي طالب المولىٰ نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ انهن کي "گداگرن جو ٽولو" چوي ٿو.

حضرت طالب المولىٰ سائين حقيقت ۽ عمل جا خواهان آهن. پاڻ حجرن ۽ خانقاهن جا اندروني راز ظاهر ڪن ٿا، ڪليسا ۽ مندر ۾ جهاتيون پائي انهن جون مڪاريون، عياريون ۽ فريب منظرِ عام تي آڻين ٿا.

حضرت طالب المولىٰ سائين مسجد جي ماحول لاءِ به هيءَ ڳالهه پسند نٿا ڪن، جنهن ۾:

"سر رکيل سجدهِ ريائي ۾ ۽ دل دنيا سان گڏ" نظر اچي.

حضرت طالب المولىٰ مذڪوره بالا ڳالهين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ انتهائي محتاط، شائسته، مهذب، مخصوص، دل آويز ۽ عام فهم انداز سان نندي ٿو. اهي سڀئي ڳالهيون "ديوانِ طالب المولىٰ" ۾ جَرڪنديون نظر اچن ٿيون. حضرت طالب المولىٰ سائين مردِ فقير آهن. مگر دنيا جي بهتڙن ۽ ملڪي قومي ضرورتن ڪين سياست سان ملحق رکيو آهي.

"پيغام" جو شاعر "مخدوم محمد امين 'فهيم'" انهيءَ بزرگ هستيءَ جو پٽيڻيءَ جو فرزند ارجمند ۽ ولي عهد آهي، جيڪو پنهنجي والد بزرگوار جي رنگ ۾ رتل آهي. حضرت طالب المولىٰ سائينءَ کي جيتري پدري شفقت ۽ محبت پنهنجي فرزند امين ''فهيم'' سان آهي، اوتروئي ادب ۽ احترام امين ''فهيم'' کي پنهنجي والد بزرگوار لاءِ آهي، هو پنهنجي عالي مرتبت والد صاحب جو انتهائي فرمانبردار، سعادتمند ۽ صالح فرزند آهي. پاڻ ۾ پيءُ ۽ پٽ جو لازوال ۽ بي ڪنار پيار، الفاظ جي پيماني سان توري ۽ تڪي نٿو سگهجي.

سال 1946ع ۾ قبلہ طالب المولىٰ سائين جون رباعيات، ڪتابڙي جي شڪل ۾ "رباعياتِ طالب" جي نالي سان شايع ٿيون. پاڻ "رباعياتِ طالب" کي پنهنجي پياري فرزند امين 'فهيم' سان منسوب ڪيائون. انهيءَ انتساب سان دعائيہ نظم به ڪتابڙي جي شروعات ۾ ڏنائون، جنهن ۾ پدري شفقت ۽ محبت، موجزن آهي:

منسوب هي اشعار آءٌ توسان ڪريان ٿو،
تون تن تي "محمد امين" شل هوندين ڪمربند.
الله عطا توکي ڪري علم و ولايت،
پيغامِ عمل ساڻ وجي تنهنجو ٿي پيوند.
هر چيز ۾ تون حسن ازل جو ڏسين جلوه،
هر تلخي دوران ۾ اچي توکي نظر قند.
تون پنهنجي خيالات تي هر دم رهين قادر،
۽ عشق حقيقي جو هميشه هجين پابند.
تنهنجي نہ نظر ارض و سما جي رهي محتاج
اسباب جهان توڙي اچن تو اڳيان هر چند.
دل تنهنجي هجي دائما سر چشمهٔ الفت،
تسليم و رضا تي تون هميشه هجين خورسند.
جو "طالبِ الموليٰ" کي آهي علم عطا ٿيو.
الله ڪري تنهنجي بہ سيني ۾ اُهو بند.

## امين 'فهيم' هڪ خوشنصيب ۽ صالح فرزند:

امين 'فهيم' ڪان اڳ سندس همنام سروري خاندان ۾ ٽي سجاده نشين ٿي گذريا آهن، انهن ٽنهي بزرگن جو پنهنجي پنهنجي دور ۾ اعليٰ مقام هو. حضور سائين صلي الله عليه وآله وسلم جو ارشاد آهي تہ پنهنجي اولاد تي نيڪ ماڻهن جا مبارڪ نالا رکو."

"محمد امين" جي نالي کي حضور سائين صلي الله عليه وآله وسلم جي نالي نسبت آهي، جو نيڪن کان نيڪ ۽ سيد الابرار آهي. ازانسواءِ پنهنجي خاندان جي اهم بزرگن سان بہ نالي جي نسبت هئڻ سبب امين 'فهيم' هڪ خوش نصيب انسان آهي. سون تي سهاڳو اهو بہ آهي تہ هو هن دور جي بزرگ هستي مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جو نورچشم ۽ ولي عهد آهي. سندس آواز گفتار، رفتار، قد وقامت، برتاءُ، نشست و برخواست، حسن خلق، انداز تخاطب پنهنجي والد بزرگوار جي هوبهو آهي. منجهس انڪساري ۽ رواداريءَ جا گڻ حضرت طالب الموليٰ سائينءَ جهڙا آهن. الله پاڪ ڪيس، سندس باشريعت بزرگانِ دين جي نقش قدم تي ثابت قدم رکي.

## ولادت باسعادت:

امين 'فهيم' 4 آگسٽ 1939ع مطابق 17 جمادي الثاني 1357ھ بروز جمعة المبارڪ جهانِ رنگ و بو ۾ اکيون کوليون. مرحوم مولانا مخدوم غلام حيدر سائينءَ جن اذان ڏئي سندس اسم مبارڪ "محمد امين" رکيو. مرحوم "مخدوم امين محمد (ثالث)" دستار 13 جي نالي نسبت سان ڪيس "ڏاڏا سائين" بہ چيو وجي ٿو. سندس ولادت باسعات جي موقعي تي ڪيترن ئي شاعرن قطعاتِ تاريخ ولادت لکيا، انهيءَ دور جي مشهور گلوڪار ۽ شاعر مرحوم استاد سينڌي خان "صيد" جو هڪ شعر هت پيش ڪجي ٿو:

گلِ خوش رنگ نمودار شد بگلشن نوح،
هزار بار مبارڪ زصيد شام و صبوح.

## شادي:

امين 'فهيم' جي شادي 21 جون 1957ع ۾ 19 ورهين جي عمر ۾ ٿي. انهيءَ موقعي تي سَهرن جو عظيم الشان مشاعرو منعقد ٿيو. سماهي "شاعر" رسالي جي هڪ خاص نمبر "رفيق حيات" ۾ انهيءَ موقعي جو تفصيلي ذڪر آيل آهي. ڪيترن ئي شاعرن، شاديءَ جي سال مبارڪ تي قطعہ تاريخ لکيا، جن مان چند هي آهن:

(1)

سندن خوش قسمتي جو ڇا بيان ڪوئي ڪري سگهندو،
ڀڏا اڄ جنهن جي آهن سِر تي هي "سائين وڏن" سَهرا.

چڱيءَ تاريخ ويهين جون ۽ ذوالقعد ايڪيهين،
مبارڪ منهن تي خاص آيو ڀڏي محبوبِ من سَهرا.

1957ع (محبوب سروري)

(2)

تقريبِ شادي است "اديبا" چوبهرِ عشق،
تاريخ گير هم توز "عيشي و عشر تي."

1376

(مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي)

(3)

نور صبح عظيم هجري سال،
شاد باشم ڪه نو بهار آمد،
هاتفم گفت نورِ خضر امين.

1957ع

عيسوي سال باوقار آمد.

(مولوي محمد ڀنوي خادم)

**پائٽر:**

امين 'فهيم' جا پائٽر هي آهن:

مخدوم خليق الزمان خليق، مخدوم ڊاڪٽر رفيق الزمان، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم سعيد الزمان عاطف سروري ۽ مخدوم نويد الزمان.

سندس پائٽرن ۾ مخدوم خليق الزمان ۽ مخدوم سعيد الزمان عاطف شاعر آهن.

مخدوم خليق الزمان هڪ بهترين غزل گو شاعر آهي، پر هن وقت سياسي مصروفيتن هن کي شاعريءَ کان ڪجهه الڳ رکيو آهي.

مخدوم سعيد الزمان عاطف به هڪ پخته گو شاعر آهي، سندس مجموعه ڪلام "پاڻ مراديون ڳالهڙيون" منظرِ عام تي اچي چڪو آهي.

**فرزند:**

امين 'فهيم' کي الله پاڪ - ست فرزند عطا ڪيا آهن:-

1- مخدوم جميل الزمان 'جميل'
2- مخدوم شڪيل الزمان
3- مخدوم عقيل الزمان
4- مخدوم نجيب الزمان
5- مخدوم خليل الزمان
6- مخدوم جليل الزمان
7- مخدوم ابو محمد سنڌيار

سيني فرزندن ۾ امين ’فهيم‘ جو وڏو فرزند مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ شعر و ادب جي ميدان جو شهسوار آهي. موجوده دور ۾ حضرت قبله طالب الموليٰ سائين کان پوءِ مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ جو ڪلام نئي سروري خاندان جي موجوده شعراءِ ڪرام کان گهڻو آهي.

جميل سائين پنهنجي ڏاڏي حضرت قبله طالب الموليٰ سائينءَ وانگر 30 ورهين جي عمر ۾ علم و ادب جي آسمان تي درخشان نظر اچي ٿو. هو هن عمر ۾ ئي ”صاحبِ ديوان“ شاعر آهي، سندس ڪلام جا 3 مجموعا منظرِ عام تي اچي چڪا آهن:

(1) ملاقات

(2) اتر لڳا آءُ پرين

(3) محبت پائي من ۾ [ديوانِ جميل]

مخدوم جميل الزمان هن وقت سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر، مرڪزي بزمِ طالب الموليٰ جو وائيس چيئرمين ۽ ”ڏات پبليڪيشن“ جو روح روان آهي، جنهن جي طرفان 7 ڪتاب منظرِ عام تي اچي چڪا آهن:

1- صبوحي : منتخب جديد شعراء جو ڪلام

2- اتر لڳا آءُ پرين : شاعري

3- دلربا دلربا: انتخاب ديوان طالب الموليٰ

4- سچ وڙاءُ: انتخاب شاه جو رسالو

5- محبت پائي من ۾: ديوانِ جميل

6- پاڻ مراديون ڳالهڙيون: شاعري مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘

7- انتَ محبوبي: سنڌي شاعرن جو نعتيه ڪلام

**سياست:**

امين ’فهيم‘ هڪ سنجيده، بااصول، باوقار، محبِ وطن وفاق پاڪستان جو حامي، هر دلعزيز سياستدان آهي. پاڪستان جي سياست ۾ هن وقت سندس شمار صفِ اول جي سياستدانن ۾ ٿئي ٿو. سندس خلوص، نيڪ نيتي، پارٽيءَ سان وفاداري، رواداري، فهم و فراست، معامله فهمي، اولا عزمي باعث هر دور جي حزب اقتدار خواه حزب اختلاف جي ايوان ۾ عزت ڀريو مقام ماڻي چڪو آهي. پاڪستان جي چئني صوبن ۾ سندس شخصيت کي مقبوليت حاصل آهي.

**شاعري:**

مشهور صحافي، عالم، اديب ۽ شاعر مولانا غلام محمد گراميءَ جي راءِ مطابق ”امين سائين جن جي فن ۾ ذوقِ جماليات جي ڀرپور ترجماني آهي. ڪلام ۾ سوز گداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ پُرگو، پخته ۽ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا. سندس تغزل، فني خيال کان رمزيت، معنويت، اشاريت، ايمائيت تي مشتمل آهي ۽ سندس پيرايه بيان رنگين ۽ دلڪش آهي. ڪافيون، درد انگيز ۽ رقت خيز آهن، قومي شاعريءَ ۾ به بهترين ڪلام چيو اٿس.“

گرامي صاحب اڳتي رقم طراز آهي ته ”امين سائينءَ جي فن جي تنقيدي جائزي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته هڪ روشن ضمير انسان جڏهن پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي بيان ڪرڻ تي اچي ٿو، تڏهن اُن ۾ ڪيڏي نه اصليت ۽ روح آفرين ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، جا تڪلف ۽ تصنع سان پيدا ڪرڻ مشڪل ۽ ناممڪن آهي. شاعري، جذبات جي فراوانيءَ مان پيدا ٿئي ٿي ۽ جذبات جي حدت ۽ حرارت لاءِ لازم آهي ته دل جي ساز جون تارون تپن ۽ وڄڻ شروع ڪن. اهڙي ڪلام ۾ سوز ۽ ساز حرارت ۽ گداز جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي.

"فهيم سائينءَ جو سارو ڪلام هڪ شڪسته ساز جو آواز آهي، اُن ۾ نيازمندانه جذبات موجود آهن."

'فهيم' سائينءَ جي ٻولي پختي، رسيلي، سريلي، مٺي ۽ من موهڻي آهي، جا شاعريءَ جي زبان ۾ اچي وڏيڪ رنگين ۽ دلڪش بڻجي پئي آهي، هن عمر ۾ سندس "فن" جا ترقي ڪئي آهي، اُن ڪي ڏسي بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اڳتي هلي سندس ڪلام جو مقام ۽ معيار، ڪهنه مشق ۽ عمر رسيده، استادن جي مقام تي پهچندو، "اها اميد آهي." مرحوم گرامي صاحب 1969ع ۾ سماهي "مهراڻ" جي شاعر نمبر ۾ صفحه 396 تي امين 'فهيم' جي فن و فڪر متعلق مذڪوره بالا راءِ ڏني آهي، جڏهن امين 'فهيم' جي عمر 30 سال هئي، انهيءَ وقت به امين 'فهيم' جي ڪلام مان گرامي صاحب ڪيڏو نه پُراميد هو. گرامي صاحب قبله حضرت طالب المولىٰ سائينءَ جي پيارن ۽ ڪچهري وارن ماڻهن مان خاص نياز مند هو. قبله سائين ڪيس مرتبي مطابق عزت ڏيندا هئا. سندس ڏک سک جا مونس ۽ مددگار هوندا هئا.

راقم الحروف سان به انهيءَ سلسلي سان گرامي صاحب جو ڪافي وقت گڏ گذريو. گرامي صاحب امين 'فهيم' سائينءَ لاءِ مٿي بيان ڪيل راءِ 21 سال اڳ لکي هئي جيڪا اڄ به تازا به تازا، نوءِ به نوءِ آهي. مرحوم گرامي صاحب بقيد حيات هجي ها ته سندس اها پر خلوص اميد اکين سان ڏسي ها، جڏهن پنهنجي "امين سائين" جو ڪلام، "پيغام"، سنڌي ادبي بورڊ طرفان وڏي اهتمام سان شايع ٿي چڪو آهي.

گرامي صاحب امين 'فهيم' سائينءَ لاءِ جيڪا بي ريا راءِ قائم ڪئي آهي، سا جڻ راقم الحروف جي دل جي راءِ آهي.

امين 'فهيم' پنهنجي شاعري جي شروعات 1953ع کان ڪئي. پهرين تخلص "امين" اختيار ڪيائين، پوءِ سندس والد صاحب قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ طرفان، سندس ذهانت، فهم و فراست جي لحاظ کان "فهيم" تخلص به عطا ٿيس. امين 'فهيم' انهيءَ دور ۾ شاعري شروع ڪئي جڏهن هالا نوان جو شهر سنڌي علم و ادب جي آسمان تي چوڏهين جي چنڊ وانگر پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو، قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين 33 ورهين جي ڀرپور جوانيءَ ۾ سنڌي علم و ادب جو روح روان هو. سڄي سنڌ جي شاعرن، اديبن، عالمن ۽ محققن جو رخ هالا ڏانهن هو.

هالا شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ شاعرن جون بزمون ۽ انجمنون قائم هيون. زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو ادب ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. اهو دور امن و سڪون لاءِ خوشحاليءَ جو دور هو. روزانه علمي ادبي محفلون ۽ ڪچهريون قائم رهنديون هيون. هالا جي علمي ۽ ادبي حلقن طرفان ماهانه ادبي سرگرمين ۽ مشاعرن جي ڌوم متل هئي. جن ۾ سڄي سنڌ جا شاعر حصو وٺندا هئا. انهن ۾ اختر هالائي، انجم هالائي، انور هالائي، منصور ويراڳي، غلام هارون هالائي، سليم هالائي، غلام محمد گرامي، احسن الهاشمي، حيدر شاهه حيدر، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، سرشار عقيلي، شاهنواز شاهه عارف ٻنڙائي، جمع خان غريب، ڊاڪٽر اسد الله شاهه بيخود، راز ٻلڙائي، شبير هاتف وغيره قابلِ ذڪر آهن. عالمن، اديبن ۽ محققن ۾، مولائي شيدائي، مخدوم امير احمد، عبدالڪريم سنڌيلو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر دائود پوٽه، سيد منن شاهه، مولانا فضل احمد غزنوي، عبدالعزيز قنڌاري، پروفيسر محبوب علي چنه، سيد ميران محمد شاهه، قاضي غلام محمد، آخوند حافظ ربڏنو وغيره باقاعدگيءَ سان وابسته رهيا.

موسيقارن ۾ استاد سينتو خان "صيد"، استاد منظور علي خان، مصري فقير، حسين بخش خادم، امام علي فقير ۽ دين محمد شيخ قابلِ ذڪر آهن.

ماهنامہ "فردوس" هالا سنڌ جي سڀني رسالن ۾ عروج تي هو، ماهنامہ "طالب المولىٰ" دادو مان، ماهنامہ "روح ادب" ۽ سماهي "شاعر" حيدرآباد مان شايع ٿيندا هئا. هفتيوار "پاسبان"، هفتيوار "الزمان" ۽ هفتيوار "ڪوثر" هالا مان شايع ٿينديون هيون. سروري اسلاميہ ڪاليج هالا مان "سروري ميگزين" باقاعدگيءَ سان هر سال منظر عام تي ايندي هئي.

"انجمن علم و ادب هالا" طرفان هالا ۾ يادگار ڪانفرنسون ڪرائيون ويون، جن ۾ هر سال مايہ ناز اديب، شاعر، عالم، ۽ محقق شريڪ ٿيندا هئا. معياري مذڪرا، مباحثا، مقالا، طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا ڪانفرنسن جي جان هوندا هئا. سروري اسلاميہ ڪاليج هالا طرفان "بزم سروري" جي زير اهتمام باقاعدگيءَ سان ماهانہ طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا ٿيندا هئا جن ۾ هالا جي رهواسين ڪان علاوه سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل شاعر بہ مشاعرن جي زينت وڌائيندا هئا.

هالا ۾ ٻين بزمن ڪان علاوه "بزم فردوس" ۽ "بزم رفيق" (رفيق ڪمپني) بہ سرگرم عمل هونديون هيون. مشاعرن جا انتخاب اخبار ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. سنڌي ادبي بورڊ طرفان سماهي "مهراڻ" بہ نڪرندو هو. اديبن ۽ شاعرن جي منظم رجسٽرڊ ۽ نمائنده جماعت "جمعيت الشعراء سنڌ" طرفان وڏي پيماني تي سنڌ جي مختلف اضلاع ۾ علمي ادبي ڪانفرنسون منعقد ٿينديون هيون جن ۾ سنڌ جي گوشي گوشي مان عالم، اديب، شاعر، محقق، ماهرانِ تعليم، مفڪر ۽ دانشور حصو وٺندا هئا. اهي ڪانفرنسون ٽن ڏينهن تائين بہ هلنديون هيون، انهن ۾ هر روز ڪيترين نشستون هونديون هيون. شاعر ۽ اديبن جا متعصب گروهہ نہ هوندا هئا. سڀئي هڪ ئي پليٽ فارم تان سنڌي ثقافت،زبان، علم ۽ ادب جي خدمت ڪندا هئا.

1955ع ۾ "بزم طالب المولىٰ" قائم ٿي، جنهن جون سڄي سنڌ ۾ شاخون ڪوليون ويون. بزم طالب المولىٰ جي مرڪز ۽ شاخن، سنڌ ۾ علم و ادب جي هيڪار پڪيڙي ڇڏي، اڪثر رسالا، اخبارون، بزمون ۽ انجمنون حضرت قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ جي زير سرپرستي هلنديون هيون.

هي هو، اُهو علمي ادبي دور ۽ ماحول جيڪو اسان جي شاعر امين 'فهيم' کي ميسر ٿيو. انهي ڪري سندس شاعريءَ کي ننڍپڻ جي دور کان ئي پختگي ۽ معيار حاصل ٿيو. امين 'فهيم' انهن روزمره جي ادبي ڪچهرين، محفلن، مشاعرن ۽ ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو ۽ عملي طرح حصو بہ وٺندو رهيو.

ازان سواءِ سندس استاد، مُرشد ۽ والد بزرگوار حضرت قبلا طالب المولىٰ سائينءَ جي تربيت ۽ رهنمائيءَ ۾ علمي ۽ ادبي افق تي چمڪڻ لڳو.

"پيغام" ۾ سندس ڪاوشن تي تاريخون لڳل آهن. ڪتاب جي آخر ۾ ڪي اشارا ۽ وضاحتون بہ آهن. جن مان قارئين کي سندس ڪلام جي ابتدائي ۽ ارتقائي منزل جو بخوبي اندازو ٿي سگهندو.

امين 'فهيم' جي جوانيءَ جي دور ۾، سندس شاعريءَ ۾ وقتاً فوقتاً ڪجهہ وقفو بہ نظر اچي ٿو. انهيءَ جو سبب، سندس سياسي، سماجي فلاحي خدمتون، قومي ۽ خانداني مصروفيتون، ذميواريون ۽ مشغوليون ٿي سگهن ٿيون. اهڙا دور ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪجهہ نہ ڪجهہ، ڪن ٻين شاعرن تي بہ اچن ٿا. جن ۾ سندن شعر و ادب جي خدمت ۾ وقفو نظر ايندو آهي، اهو هڪ فطري عمل آهي. ڪثرت مشاغل سبب امين 'فهيم' کي ايتري بہ فرصت ملڻ مشڪل هئي، جنهن ۾ هُو پنهنجي شاعريءَ کي سهيڙي سميٽي يڪجاءِ قلم بند ڪري، اها ڳالهہ سمجهندي ئي سندس سڄاڻ ملازم مهر علي "تابع" سروري محسوس ڪري ورتي ۽ هن از خود پنهنجي طور تي اهو ڪم لازم ڪري ڇڏيو تہ امين 'فهيم' سائينءَ جو سڄو ڪلام محفوظ ڪري ۽ هن مختلف رسالن، اخبارن، ڪتابن، ڪاغذن، نوٽ بڪن تان امين 'فهيم' جو ڪلام هڪ هنڌ گڏ ڪري محفوظ ڪيو.

امين 'فهيم' سائينءَ جي وڏي فرزند مخدوم جميل الزمان پنهنجي والد صاحب جو ڪلام نهايت شوق، تجنبي ۽ جاکوڙ سان از سر نو ترتيب ڏنو. "پيغام" جي پريس ڪاپي ٺاهڻ لاءِ جميل سائينءَ، پير مختيار

اڇائي، ماستر خادم حسين ’همدم‘، علي احمد شاهه ’ساقي‘ ۽ راقم الحروف (محبوب سروري) کي خاص طور ڪراچيءَ ۾ گهرايو ۽ رات ڏينهن هڪ ڪري پنهنجي نگراني ۽ هدايات تحت مسودي کي نئين سر لڪائي ترتيب ڏئي، پريس ڪاپي تيار ڪرايائين. ڪتاب جو نالو ”پيغام“ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين جن تجويز فرمايو. اهڙي طرح مختلف مرحلا طيءِ ڪري ”پيغام“ قارئين جي هٿن جي زينت بڻيو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل، 1953ع کان شروع ٿيل علمي ۽ ادبي دور جي مايہ ناز عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي ماحول ۾ امين ’فهيم‘ سائينءَ جي ڪلام ۾ ازخود صنايع بدايع جون شاعرانہ صنعتون ۽ خوبيون سمائجي ويون.

هڪ معياري شاعر جڏهن قوتِ مشاهده ۽ پرواز تخيل جي ڪمال تي پهچي ٿو، تڏهن سندس ڪلام ۾ بي ساختہ ”علم بديع و البيان“ جون خوبيون ۽ صنعتون شامل ٿينديون وڃن ٿيون، جن سان شاعر بذات خود حيران ٿي وڃي ٿو ۽ هن کي دلي خوشي حاصل ٿئي ٿي. پنهنجي ڪلام کي بار بار پڙهي لطف ۽ حظ حاصل ڪري ٿو ڇو تہ هڪ ”وهبي“ شاعر پنهنجي ڪلام چوڻ وقت ايترو هرگز نہ سوچيندو آهي تہ ڪهڙي صنعت ڪم آڻيان. انهيءَ کي زبان تي قدرت حاصل ٿيڻ سان اهو خوبيون پاڻهي پيشقدمي ڪري سندس ڪلام ۾ شامل ٿين ٿيون؛ صنعتون پاڻ مرادو ساڻ ڏين ٿيون. اها ڳالهہ ”ڪسبي“ شاعر جي وس ۽ امڪان کان ٻاهر آهي، جيڪو طبيعت ۽ ذهن تي زور ڏئي، خاص صنعتون نظر ۾ رکي پوءِ ڪاغذ قلم کڻي ڏاهہ ٻوهہ ڪري، پگهر ۾ شل ٿي، ڪا شيءِ لکي تہ وڃي ٿو، مگر ايتري ڳهل گينداڙ جي باوجود بہ سندس ڪلام ۾ اها رنگيني، رعنائي، دلڪشي، رواني ۽ چاشني پيدا نٿي ٿئي.

سنڌي زبان ۾ جيڪي بہ شاعرن جي ڪلام جا مجموعا ۽ ديوان ڇپيا آهن، تن ۾ اڪثر ڏٺو وڃي ٿو تہ ڪلام تي تبصره ڪرڻ وقت تبصره نگارن شاعرن جي فن جو تنقيدي جائزي وٺڻ جو حق ادا نہ ڪيو آهي. سواءِ انهيءَ جي تہ، يا تہ بلا جواز بلا ثبوت زبردستي مدح سرائي ڪئي وئي هجي يا تہ ڪلام جو سرسري جائزو وٺي، نور نچوئڻ کان سواءِ مٿي تان بار لاهڻ لاءِ صرف عام انداز ۾ گهڙيل ۽ رٽيل لفظ لکڻ جي مهرباني ڪئي وئي هجي تہ ”صاحب موصوف شاعر جي ڪلام ۾ منظر نگاري، رواني، سلاست، سادگي جدت جوش، فصاحت ۽ بلاغت جون خوبيون آهن، استعاره، ڪنايہ، تشبيهون ۽ تجنيس حرفيءَ جي لحاظ کان ڪلام ڀرپور آهي.“ ۽ بس!! ۽ اها تقليد هر تبصره نگار ڪندو اچي ٿو.

حلقۂ شوق میں وہ جرأتِ رندانہ کہاں؟
آہ! محکومی و تقلید، زوالِ تحقیق!!

رٽيل ۽ روايتي لفظن جي تبصري مان شاعر ۽ پڙهندڙ ٻئي مطمئن نہ هوندا آهن. بيباڪ، بي ريا ۽ باقاعده فني تبصره جو هر شاعر ۽ پڙهندڙ خواهان ٿئي ٿو. ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام جو علم بديع و البيان جي روشنيءَ ۾ بي ريا فني تجزيو ڪري فيصلو پڙهندڙ تي ڇڏجي؛ اها ئي شاعر ۽ شعر جي صحيح سڃاڻپ، ترجماني ۽ قدرداني آهي.

**مخدوم محمّد امين ’فهيم‘ جي شاعريءَ جو فني جائزو:**

**تشبيهہ:**

هر باڪمال شاعر کي صنعت ”تشبيهہ“ تي ڪمال حاصل هوندو آهي. شاهہ لطيف کي بہ صنعت تشبيهہ تي عبور حاصل هو:

جھڙا پانن پن، تهڙيون سالون مڻن سايون!
(شاهه)

من موهيندڙ تشبيهن سان شاعر، ٻڌندڙ جي دل تي دام وجھي ٿو. امين ’فهيم‘ جي ڪلام ۾ خوبصورت تشبيهون ڪافي ملنديون. چند تشبيهن جا مثال هت پيش ڪجن ٿا:

قيمتي شيءِ فقط محبت آ،
ٻي ته هر چيز ڄڻڪ رُئي آهي.

شاعر جي نظر ۾ ”محبت“ ئي وجھ تخليق ڪائنات آهي. انهيءَ ڪري محبت ئي عظيم ۽ قيمتي شيءِ آهي. شاعر جي مصرع اوليٰ ۾ وڏو مقصد سمايل آهي. سندس انهي فلسفيانه تخيل جي اونهائين تي نظر وجھڻ بدران مصرع ثانيءَ تي ئي اصل تبصره ڪرڻو آهي، جنهن ۾ تشبيهه ڪم آيل آهي. تاهم مصرع اوليٰ ڪي تشنه ڇڏڻ بدران هڪ ڳالهه تي اڪتفا ڪجي ته امين ’فهيم‘ هڪ باشريعت ۽ عاشق رسول صلي الله عليه وآله وسلم بزرگ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جي خاندان جو چشم و چراغ آهي. سندس من محمد عربي صلي الله عليه وآله وسلم جي محبت سان سرشار آهي، محمد صلي الله عليه وآله وسلم محبوبِ خدا آهي. نور محمد صلي الله عليه وآله وسلم وجهه تخليق ڪائنات آهي. اسان جي شاعر جو اشارو به ”لَوْلَاکَ لِمَا خلقتُ الا فْلَاک“ ڏانهن ڏسجي پيو.

مصرع ثانيءَ ۾ دنيا جي ٻي ڪا به شيءِ شاعر جي نظر ۾ ڪابه حيثيت ڪانه ٿي رکي ۽ ڪنهن به اهميت جي حامل نه آهي.

محبت کان سواءِ ٻي هر ڪا شيءِ ”رُئي“ يعني ڌَڙ يا مٽي جي اڏ لکي غبار وانگر آهي! انهيءَ تشبيهه ڏيڻ سان شاعر محبت جو اعليٰ ۽ ارفع مقام واضح ڪيو آهي. عام فهم انداز ۾ ايڏو عظيم مقصد بيان ڪرڻ بظاهر ته آسان پيو لڳي پر شعر جي دنيا ۾ مشڪل آهي.

اهڙو شعر جيڪو ڪنهن شاعر ڪي ڏسڻ ۾ وڻندڙ ۽ آسان لڳي پر اُن جهڙو لکڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان، لکڻ ڏکيو لڳي ته انهيءَ کي ”سهل ممتنع“ شعر چئبو آهي.

اهڙي طرح ”پيغام“ ۾ ڪم آيل سڀئي تشبيهون بيان ڪري انهن جي مختصر تشريح لکڻ سان مضمون طويل ٿي ويندو. لهٰذا نموني طور به شعر پيش ڪجن ٿا، انهن تي سوچڻ لاءِ قارئين جي ذوق سليم کي دعوت ڏجي ٿي:

ساهه ٿڌا ها بادِ صبا جئن،
اشڪِ هجر ڪئين ڪنول سجايا.
تون تہ دنيا ۾ مثلِ خار آهين،
گل ڇڏي، پنهنجو خار ڪير ڪندو؟

## استعاره:

تشبيهه وانگر استعاره به شعر جي مقبوليت جو ضامن هوندو آهي. امين ’فهيم‘ به ڪيترين جڳهين تي استعاره جي صنعت سان ڪلام کي چمڪايو آهي. چند شعر ملاحظ فرمايو:

(1) پڇو ڇا ٿا اي يارو پنهنجي گل جو خار آهيان مان،
انهي سان منهنجو ڇا؟ جيڪر ٻين تي بار آهيان مان.

هن شعر ۾ استعاره سان گڏ ”صنعت تضاد“ به ڪم آيل آهي، جنهن شعر ۾ ٻه صنعتون ڪم اچن انهيءَ کي ”ذوالنوعين“ شعر چئبو آهي.

(2) دل صراحي ڪئي اثر،
خون ٿيو آهي شراب.

(3) عجب آه! افسوس چو ڪونہ ٽيندو
جو ڪاري ڪکر آ قمر کي لڪايو.

**ڪنايہ:**

بعض اوقات شاعر ڪا تفصيلي ۽ سڌي ڳالهہ ڪرڻ بدران مختصر لفظن ۾ اشاري ۾ رمز سان ڳالهہ ڪري ويندو آهي، جيڪا وڌيڪ خوبصورت ۽ موثر ثابت ٿيندي آهي. امين 'فهيم' ڪنايہ مان ڪافي ڪم ورتو آهي. چند شعرن مان محظوظ ٿيو:

ماڻ جي ميدان ۾ اهڙو ڪو هنگامو ڪجي
برهہ جي باهين اڳيان پر جوش پروانا هجن.

شاعر ۽ عاشق لاءِ سڪوت ۽ سُڪون، ماڻ ۽ سناٽو "چيڙ" آهي. هن جي محبت ۾ وسعتِ صحرا، هن جي پور ۽ خيال ۾ ريگستاني هرڻ جهڙا چال ۽ چرڪ، ٽاهہ ۽ ٽپا ٽين ٽا:

نـو نيـئـر ڏهـہ ڏاوَڻ، پـنـدرهـن پـيـنـد پـيـاس،
بغل ۾ بگـهـڙيون، لِڱـيـن لـوهہَ لـڳـيـاس،
جڏهن سجڻ ياد پياس، تہ چرڪ چناپس هيڪڙي.
(شاهہ)

شاعر، زندگيءَ جو عڪاس آهي، اُها زندگي جنهن ۾ جوش ۽ ولولو آواز ۽ غلغلو هجي، خاموشي زندگيءَ جي سفر ۾ عذاب آهي:

راہ خاموش، راہبر خاموش،
کیسے گذرے گا یہ سفر خاموش
(نامعلوم)

خاموشي سنگين آهي، تڙپ ۾ ئي تسڪين آهي. "اضطراب" ۽ "تحرڪ" زندگيءَ جي علامت آهي. علامہ اقبال جي لفظن ۾:

خدا تجھے کسی طوفاں سے آشنا کردے
کہ تیری بحر کی موجوں میں اضطراب نہیں

امين 'فهيم' مذڪوره بالا شعر جي استعاره ۾ جٽڪ پنهنجي استاد ۽ والد بزرگوار حضرت طالب المولىٰ جي هن شعر جي شرح ڪئي آهي:

بي تحرڪ زندگي بيڪار آ،
بي عمل انسان چڻ بيمار آ،

ڪنايہ جا چند مزيد شعر ملاحظہ فرمايو:

هڪ ڏينهن ڪيم دانهن "امين" جوشِ جنون مان،
سا مـنهنجي صدا تير ٿي سهٽن ۾ هلي وئي.

•

ظلم ۽ زوري جا هٿ ڪاٽي ڇڏڻ لاءِ دوستو!
ڪونڪو اڳتي هلي ايندو اسان مان عنقريب.

•

ليلي شب جوش مان کولي ڇڏي شايد "فهيم"،
ماٺ جي ماحول ۾ زلفِ پريشان عنقريب.

## مجازِ مرسل:

شاعر، پنهجي شعر ۾ جان پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي مقصد ۾ حسن آڻڻ لاءِ ڪو نئون رستو، نوان لفظ ۽ نيون معنائون اختيار ڪندو آهي. لفظن جي اصلي معنيٰ کي ڇڏي، ان کي نئين معنيٰ سان پيش ڪندو آهي. شاعريءَ جي اهڙي صنعت کي 'مجاز مرسل' چئجي ٿو.
ملاحظ فرمايو:

بيوفا دنيا سان ناتو نيڻ مشڪل ٿي ويو،
جنهن کي مون آسان ڄاتو، نيڻ مشڪل ٿي ويو.

هن شعر ۾ "دنيا" جي اصل معنيٰ دنيا جا "ماڻهو" آهن. ماڻهن جي جاءِ تي دنيا جو لفظ آڻڻ سان شعر ۾ وڌيڪ بلندي پيدا ٿي آهي.

رنين تون ۽ رني قسمت رٺو "سارو جهان دلبر"،
رهي هڪ زندگي سا پڻ "خفا" ٿئي ها تہ بهتر هو.

پرين جي رسڻ سان ڇڻ قسمت رسي وڃي ٿي ۽ "سارو جهان" (ساري جهان وارا) رسي وڃن ٿا. جڏهن دنيا و مافيها ڪائڻ اڃي تہ اهڙي زندگيءَ کان شاعر مرڻ کي ترجيح ڏي ٿو، مگر اهڙا منحوس ۽ اگرا لفظ ڪم آڻڻ بدران انهن کي نئين معنيٰ ۾ پيش ڪري شعر کي وڌيڪ خوبصورت بنائي ٿو:

رهي هڪ زندگي سا پڻ "خفا" ٿئي ها تہ بهتر هو.

مجازِ مرسل کان علاوه هن شعر ۾ صفت حسن تعليل ۽ صفت مراعات النظير جي جهلڪ پڻ ڏسجي ٿي، تنهنڪري هن شعر کي "ذوالنوعين" شعر چئي سگهجي ٿو.

## تجنيس تام:

هر قادرالڪلام شاعر کي پنهنجي زبان جي الفاظ تي قدرت حاصل هوندي آهي. هو پنهنجي شعر ۾ اهڙا بہ لفظ ڪم آڻيندو آهي جيڪي شڪل ۽ صورتخطيءَ ۾ هڪجهڙا هوندا آهن مگر انهن جون معنائون جدا جدا هونديون آهن. اهڙي صفت کي تجنيس تام چئبو آهي:

هن جهان ۾ "فهيم" ٿي نہ 'فهيم'،
فهم اڄڪلهہ وڏو ضرر آهي.

هن شعر ۾ شاعر پنهنجو تخلص "فهيم" ڪم آندو آهي، ساڳيو لفظ ٻئي هنڌ 'فهيم' معنيٰ فهم وارو يا سمجهدار جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي.

امين 'فهيم' جو هي شعر، شاهہ لطيف جي هن بيت سان هم آهنگ آهي:

"الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن"

(2)

يار گلرخ توکي مون سان گڏ ڏسي،
خار ڪائن ٿا سدائين مون تي خار.

مصرع ثاني ۾ خار جو مطلب ڪندا آهي ۽ ٻي هنڌ خار ڪائڻ جو مقصد ڪاوڙ ڪرڻ آهي.
تجنيس تام کي اڃا بہ دلچسپ بنائڻ لاءِ شاهہ کي ملاحظ فرمايو:

"ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو." وغيره.

**تجنيس لاحق:**

ڪڏهن شعر ۾ ٻن هم آواز لفظن جو تڪرار، جن جو پهريون حرف بدليل ٿئي ٿو، ڪلام ۾ حسن پيدا ڪري ٿو. هيٺ ڏنل شعر مان محظوظ ٿيو:

مون کي پر مار جي خدمت ۾ پهچڻ لاءِ هڪواري،
پرائي جار ۾ ڦاسي پرايو مار ڏيٺو پيو.

هن شعر ۾ جار ۽ مار جا لفظ اهڙي پنهنجي نوعيت سان شعر جي زينت جا باعث بنيا آهن.

**تجنيس حرفي:**

شاعر پنهنجي اشعار ۾ اهڙا لفظ لڳاتار ڪم آڻي ٿو جن جا پهريان اکر (حرف) ساڳيا هوندا آهن، يعني هم صورت هوندا آهن. حرفن جي اها هڪجهڙائي ڪلام ۾ حسن، رواني ۽ فصاحت جون خوبيون پيدا ڪري ٿي.

امين 'فهيم' تجنيس حرفيءَ جو به پنهنجي ڪلام ۾ وافر انداز ۾ استعمال ڪيو آهي، نموني طور ملاحظه فرمايو:

اجا اُن جي اکيان اي يار ليلائڻ نٿو چاهين،
رنل کي رمز سان ريبي تون ريجهائڻ نٿو چاهين.

هن شعر جي مصرع اوليٰ ۾ "الف" جو حرف چئن لفظن جي اڳيان ڪم آيو آهي. مصرع ثاني ۾ "ر" جو حرف به چار پيرا ساڳي مصرع ۾ لفظن جي مهاڙيءَ ۾ ڪم آيو آهي. اهڙي ترتيب سان شعر دلپسند ٿي پيو آهي.

درد جو کهڙو ڪريان دارون دوا، آڻيان ڪٿان؟
دل دکي جي لاءِ آهي دلربا ديدار بس.

هن شعر ۾ حرف "د" مصرع اوليٰ ۾ ٽي پيرا ۽ مصرع ثاني ۾ چار پيرا ڪم آيو آهي، جنهن سبب شعر ۾ خوبصورتي ۽ رواني پيدا ٿي آهي.

منهنجو تون ساقي ۽ تنهنجو آءٌ هڪ ميخوار بس،
پُر ڪري پيالن تي پيالا پيو پيارا پيار بس.

هن شعر ۾ " پ" جو حرف مصرع ثاني ۾ ڇهه دفعا ڪم آيو آهي، ازان سواءِ هن شعر ۾ تجنيس حرفيءَ سان گڏ تجنيس مزيل به سمايل آهي، تنهنڪري هي شعر "ذوالنوعين" آهي.

**قطار البعرين**

صنعت "قطار البعرين" جي معنيٰ آهي "ٻن اُٺن جي قطار"، انهيءَ قطار ۾ هڪڙي اُٺ جي مهار ٻئي جي پچ ۾ ٻڌندا آهن. هڪ شعر ۾ ٻه مصرع ٿينديون آهن.

اهڙو شعر، جنهن جي پهرين مصرع جو آخر لفظ ٻيءَ مصرع جي منڍ ۾ به هجي، ته اهڙي شعر جي مصراعن جي سلسلي کي عربن "قطار البعرين" جو نالو ڏنو. ملاحظه فرمايو:

دار کي منصور بخشي آبرو.
آبرو منصور بخشي دار کي.

شاهه لطيف جو مثال به نموني طور پيش ڪجي ٿو:

ڪشي ڪان ڪمان مان، ميان مارمَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ٿي توکي لڳي.

ازان سواءِ امين 'فهيم' مذڪوره بالا شعر ۾ "منصور ۽ دار" جي مشهور زمانہ قصي ڪي شعر ۾ آڻي صنعت "تلميح" جو استعمال ڪيو آهي، تنهنڪري هن شعر ۾ صنعت "قطارالبعرين" ۽ صنعت تلميح جون ٻہ صنعتون هئڻ سبب هن شعر کي "ذوالنوعين شعر" چئي سگهجي ٿو. اجا بہ هن شعر جو وڌيڪ تجزيہ ڪبو تہ هن ۾ "صنعت طردو عڪس" بہ نظر ايندي.

## سياقت الاعداد:

ڳاڻيٽي جي عددن کي اهڙي طرح تسلسل سان جڙيو وڃي، جو شعر جي نزاڪت ۾ اضافو ٿئي تہ اهڙي صفت کي "سياقت الاعداد" چئجي ٿو.

امين 'فهيم' "سياقت الاعداد" جو بہ سهڻو استعمال ڪيو آهي:

پڇي نوڪِ قلم افسوس مان پَٽَ تي ڪِري پيئي،
اجا "ٻاٽي" اکر لکڻا هئم پنهنجي فساني ۾.

عام طور روزمره جي زبان ۾ "ٻاٽي" (ٻہ يا ٽي) لفظ عالم 'فاضل' پڙهيل ۽ ڪڙهيل بہ استعمال ڪندا آهن.

امين 'فهيم' بي تڪلفيءَ سان بنا هٻڪ بي ڌڙڪ "ٻاٽي" جو لفظ "غزل جي زبان" ۾ استعمال ڪري "سانگي" جون سِڪون لاٿيون آهن. جن شاعرن غزل کي ايراني انداز ۾ سموهيو آهي سي بہ پنهنجي طور تي ڪامياب ۽ لائق تحسين آهن. پر جن شاعرن غزل جي ڍانچي ۾ سنڌي محاورا، مقامي مروج الفاظ زيبِ تن ڪيا آهن سي بہ قابلِ تعريف آهن، امين 'فهيم' بہ اهڙن شاعرن مان هڪ آهي. امين 'فهيم' هن شعر ۾ صفت "سياقت الاعداد" جو استعمال اهڙي پياري انداز سان ۽ اهڙو سهڻو ڪيو آهي جيئن مُنديءَ تي ٽِڪ!

هن شعر جي مصرع اوليٰ ۾ صفت مبالغو جي بہ چمڪ دمڪ آهي. مبالغو، شاعر جو شاعرانہ حق آهي. انهيءَ کي "ڪوڙ" سان شمار ڪرڻ ناسمجهہ ۽ بي ذوق ماڻهن جو ڪم آهي. شاعر پنهنجي مقصد ۽ مفهوم کي مبالغي جي آميزش سان دلڪش ۽ دلپذير بنائي ٿو تہ اهو هن جو شاعرانہ اختيار ۽ تخيل جو پرواز آهي.

جيڪڏهن پنهنجو فسانو لکڻ وقت اوچتو هٿ مان قلم صاحبِ تحرير کان ڪري پيو تہ شاعر صاحبِ تحرير جو قصور نہ سمجهندو، پر اهوئي تصور ڪندو تہ منهنجي پُردرد حالِ دل لکڻ وقت قلم افسوس کان بيهوش ٿي پٽ تي ڪِري پيو ۽ سندس نوڪ پڇي پئي.

'سياقت الاعداد' جي ٻين نمونن جو بہ لطف وٺو:

سنڀالي رازِ دل ڪر مون ساڻ اي ساقي! تون محفل ۾،
جو ديوانن سان گڏ هت چار پنج دانا لڀي پوندا.
ڪجي آدم شماري چار سُو جي دور حاضر ۾،
تہ سؤ ميخوار ۽ ٽي چار مولانا لڀي پوندا.

•

تنهنجي هڪ ياد چار اشڪِ غم،
ٻي ثمر جو اهو ثمر آهي.

## صنعت موقوف:

شعر ۾ ٻہ مصرعون ٿين ٿيون. مصرع اوليٰ جو مفهوم تيستائين واضح نہ ٿئي جيسين مصرع ثاني پڙهي پوري ڪجي. پهرين مصرع جو ٻيءَ مصرع تي دارومدار هجي. اهڙي صنعت کي صنعت موقوف چئجي ٿو:

سڄڻ تنهنجي اهائي مهرباني آهہ ڪافي؛ جو،
تون خود ماري سگهين ٿو ڪنهن کان مارائڻ نٿو چاهين!

هن شعر ۾ صنعت "حُسن التعليل" بہ سمايل آهي، جنهنڪري هي "ذوالنوعين شعر" آهي.
'صنعت موقوف' جا ٻيا مثال ڏجن ٿا:

پلي جو جئن بہ چاهي پيو چوي، طعنا هٽي ليڪن،
در دلدار تان پيرو پجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
وٺيو پيو جاده' منزل وجان اميد تي ليڪن،
پتو ناهي تہ هن جو پورو پيچ و خم ڪڏهن ٿيندو.
متان دلگير ٿين هرگز جدائيءَ ۾ "فهيم!" آخر،
ڪرم فرمائي رشڪِ مهوشان همدم ڪڏهن ٿيندو.
گهٽو وساريم مگر نہ وسري سا رنگين محفل، "فهيم" جنهن ۾،
ڪمندِ زلف دوتايٰ دلبر وڪوڙي ورتو هو پنهنجي ور ۾.

## صنعت توشيح:

شاعر پنهنجي شعر جي مصرع جي لفظن مان ڪن جا منڍ وارا لفظ ملائي يا هر مصرع جي منڍ وارن اکرن کي ملائڻ سان ڪو نالو ڪري ناهي ٿو تہ اهڙي صنعت کي "صنعت توشيح" چئجي ٿو- مثلاً:

الف، ميم، يي، نون جي سڻ صدا،
متا جان جندڙي جلائي چڪس.

الف ميم يي نون ملائڻ سان "امين" نالو ٺهي ٿو.
ا م ي ن

هن شعر ۾ شاعر ڪوشش ڪري پنهنجو نالو ڳجهو رکيو آهي. پنهنجي تخلص کي معمو بنايو آهي. انهيءَ لحاظ کان هن شعر ۾ "صنعت معمہ" بہ جهاتيون پائي رهي آهي. ٻن صنعتن جو هڪ ئي وقت هڪ شعر ۾ هئڻ سبب هي پڻ "ذوالنوعين" شعر آهي.

## صنعت ايهام:

ايهام جو مطلب آهي 'وهم ۾ وجهڻ' هر معياري شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي لغت جي حجت يا سند ۽ لفظن جو مالڪ ۽ بادشاهہ هوندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن شعر ۾ اهڙا لفظ ڪم آڻيندو آهي جو ذهن تي فوري طور ڪو هڪ مفهوم ايندو آهي، مگر ٿوري وڌيڪ غور ڪرڻ سان ٻيو مفهوم بہ نظر ايندو آهي، انهيءَ ڪري پڙهندڙ يا ٻڌندڙ وهم ۾ پئجي ويندو آهي تہ شاعر جو پنهنجو اصل مفهوم ۽ مقصد ڇا آهي. شاعريءَ جي اهڙي صنعت کي "صنعت ايهام" چئبو آهي. اچو تہ امين 'فهيم' جي انهيءَ صنعت جي استعمال مان محظوظ ٿيون:

(1) هو تہ مڙني کان مٿاهون آسندءِ رهبر، امين،
خود خدا جنهن جو ٿيو آهي ثنا خوان، غم نہ ڪر.

هن شعر ۾ "قريب الذهن" اها ئي معنيٰ اُڀري اچي ٿي تہ "اي امين! تنهنجو رهبر مڙني کان مٿاهون آهي جنهن جو خود خدا ثنا خوان آهي، تنهنڪري تون پنهنجي رهبر ڪامل جي رهبريءَ تي مطمئن رهہ ۽ فڪر نہ ڪر."

هن شعر ۾ "بعيد الذهن" معنيٰ اها آهي تہ تنهنجو رهبر امين صلي الله عليه وآله وسلم ("امين" حضور صلي الله عليه وآله وسلم جو لقب آهي) مڙني کان مٿاهون آهي. مصرع اوليٰ ۾ "امين" لفظ اچڻ سان صنعت ايهام جو استعمال ٿيو آهي. جيڪو شاعر جو نالو ۽ تخلص بہ رهيو آهي. حضو سائينءَ صلي الله عليه وآله وسلم جو لقب بہ امين آهي.

(2) تون امين آهين 'فهيم'،
فيصلو ڪج لاجواب.

هن شعر ۾ ”قريب الذهن“ مفهوم آهي ته شاعر پاڻ کي چوي ٿو ته ”اي ’فهيم‘ تون منهنجي قرب جي ڪهاڻيءَ جو امين آهين، تون ئي فيصلو ڪري ٻڌاءِ، جنهنجي ٻڌڻ سان هر ڪو واهواه ڪري، ساڳئي شعر ۾ ”بعيد الذهن“ مفهوم آهي ته ”اي امين صلي الله عليه وآله وسلم تون ئي امانتدار ۽ سمجهدار آهين، تون ئي منهنجي سڪ ۽ صداقت جو لاجواب فيصلو ڪر.“ انهيءَ مفهوم سان هيءُ شعر نعتيه نظر اچي ٿو. تاهم شعر ٻڌندڙ کي اها پڪ ئي نه هوندي ته شاعر اهو شعر ڪهڙي مفهوم سان چيو آهي!
”صنعت ايهام“ جا ٻيا به شعر پيش ڪجن ٿا:

(1) ”محمد امين“ کي نه اڄ ۾ ڪڏهن ڪان،
زبان تي رڳو تنهنجو ئي نام آيو.

(2) دائما اي ”امين محمد“ جو،
عشق جهولي ۾ پائي جهلڻو آ.

**صنعت تضاد:**

شاعر، پنهنجي شعر ۾ ڪنهن ڳالهه تي زور پرڻ لاءِ ڪڏهن پنهنجي شعر ۾ اهڙا لفظ ڪم آڻي ٿو جيڪي هڪٻئي جا ”ضد“ (هڪٻئي جي اُبتڙ) هوندا آهن. شاعريءَ جي انهيءَ کي ”صنعت تضاد“ چئجي ٿو:

(1) وساري تون به وينين دلربا! دنيا ته مٺجي وئي.
”جفا“ سڀ ڪنهن ڪئي ڪنهن ڪان ”وفا“ ٿئي ها ته بهتر هو.

هن شعر ۾ هڪ ئي مصرع ۾ ”جفا“ ۽ ”وفا“ جا ٻه لفظ هڪٻئي جا ضد آهن، انهي صنعت کي ’صنعت تضاد‘ چئجي ٿو. ساڳئي شعر ۾ صنعت ”حسن طلب“ به ڪم آيل آهي. تنهنڪري هن شعر کي ”ذوالنوعين شعر“ چئبو. ازان سواءِ هن شعر ۾ ”صنعت تجنيس تام ناقص“ به ليااڪا پائي رهي آهي.

(2) نيٺ قسمت وانگي اڄ پڻ تون وئين هلندي ڇڏي!
”باوفا“ اڄ تون به ٿي وئين ”بيوفا!“ شابس ائئي!.

هن شعر ۾ صنعت تضاد سان گڏ ”ڏوراپو“ به ڏنو ويو آهي، تنهنڪري هيءُ شعر به ”ذوالنوعين شعر“ آهي.

(3) عجب قانون الفت جا ڏسي مون کي لڳي حيرت،
نه آهي ڪا به ”آساني“ وري ”مشڪل“ به ڪجهه ناهي!

هن شعر ۾ به ’صنعت تضاد‘ سان گڏ ’صنعت تعجب‘ استعمال ٿيل آهي، انهيءَ لحاظ کان هيءُ شعر به ”ذوالنوعين شعر“ آهي. ”صنعت تضاد“ جا ٻيا چند شعر:

(4) فڪر ڪهڙو حال جي ڪنهن جا ”فقيرانا“ هجن.
دل هجي زنده انهيءَ سان شوق ”شاهانا“ هجن.

(5) تون پاڻ نپائيندو اڄجان، هو پنهنجي رضا جو مالڪ آ.
تون”هار“ ۽”جيت“ جو ان سان ڪڏهن وهنوار نه ڪر واپار نه ڪر.

(6) سڄڻ سائين مان هر ڪنهن حال ۾ خوش آهيان هر دم،
ٻي ”آزادي“ ڪان هن تنهنجي پياري ”قيدخاني“ ۾.

(7) مڪين مون وٽ به جيڪر دلربا ٿئي ها ته بهتر هو،
هي ”بخت نارسا“ بخت رسا ٿئي ها ته بهتر هو.

## مراعات النظير:

شاعر، پنهنجي شعر ۾ ڪڏهن هڪ لفظ بيان ڪري پوءِ انهيءَ سان واسطيدار ٻيا لفظ به لڳاتار استعمال ڪري نفس مضمون کي مؤثر ۽ زوردار بڻائيندو آهي. اهڙي صنعت کي ”صنعت مراعات النظير“ چئجي ٿو. اسان جي شاعر امين ’فهيم‘ مراعات النظير جي صنعت جو به گهڻو استعمال ڪيو آهي، نموني طور چند شعر هيٺ ڏجن ٿا:

(1) امين جو ”سائين“ تون، ”رهبر“ به تون ۽ ”آسرو“ پڻ تون
قدم پنهنجا ڪڏهن اُن وٽ گهمائج يا رسول الله ﷺ!

هيءَ هڪ نعتيہ شعر آهي، انهيءَ ۾ ”رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم“ جو لفظ آڻي انهيءَ سان پنهنجي تعلق کي موثر بڻائڻ لاءِ واسطيدار لفظ لڳاتار استعمال ڪيا اٿس: سائين، رهبر، آسرو.

(2) هي حڪومت، بادشاهي، مال و دولت ڪجهه نہ آهه،
عاشقن جي لاءِ آهي وصل جو واپار بس.

هن شعر ۾ نفس مضمون اهو آهي تہ عاشق پنهنجي محبوب جي وصل کي هر چيز کان وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو. عاشق جي نظر ۾ ظاهري رعب تاب، جاه و جلال ڪجهه نہ آهي. انهيءَ سان تعلقدار يا واسطيدار شيون بيان ڪري مضمون کي پُراثر ۽ جاندار بنايو اٿس: حڪومت، بادشاهي، مال، دولت.

مراعات النظير جا ٻيا چند شعر:

(3) صراحي، ساغر و مينا، ڏٺم ميخوار ويڳاڻا،
سوا تنهنجي اي ساقي رونق محفل بہ ڪجهہ ناهي.

(4) جدائي، دردوالم منهنجي حصي ۾ آهن،
ڇڏي ڏي حال تي مون کي، قمر اداس نہ ٿي.

(5) هر شجر ۾، صبا ۾ ۽ گل ۾،
جستجو جابجا ڪري ڏسبي.

## حسن التّعليل

شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ڪاٿ بي ٺڪي ۽ بي سبب ڳالهہ نہ ڪندو آهي. ڪنهن بہ ڳالهہ بيان ڪرڻ سان انهيءَ جي وضاحت لاءِ ڪو نہ ڪو ”سبب“ يا ”دليل“ بيان ڪندو آهي. مثال:

(1) مورڪ مور نہ ٻجهڻا هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
”ڪنّر“ جنين اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.
(شاهہ ڪريم)

هن بيت ۾ پرين کي نہ ڏسي سگهڻ جو سبب بيان ڪيو ويو آهي تہ جن جي اکين ۾ ”ڪنّر“ (ٻيائي يا غير) آهي، سي پنهنجي دوست جو ديدار ڪيئن ڪري سگهندا؟

(2) دلِ بینا بھی کر خدا سے طلب،
آنکھ کا نور، دل کا نور نہیں۔
(اقبال)

هن شعر ۾ خدا کان ”دلِ بينا“ گهرڻ سبب بيان ڪيو ويو آهي ڇو تہ ظاهري اکين جي روشني، روشن ضمير جو دليل نہ آهي.

”پيغام“ جي شاعر امين ’فهيم‘ ”حسن التعليل“ کي بہ گهڻو ڪم آندو آهي:

جت خرد جو ٿيو ڪمال ات عشق ۾ رکيم قدم،
ٿي جڏهن هڪ انتها، هي ابتدا حاصل ڪيم.

جت خرد جي حڪومت جون حدون ختم ٿين ٿيون، اُتان عشق جي ملڪ جي شروعات ٿئي ٿي. اهڙي طرح هڪڙي شيءِ جي انتها ٻيڻ سان ئي ٻيءِ شيءِ جي ابتدا حاصل ٿي.

هن شعر جي ٻنهي مصرعن ۾ ”صنعت تضاد“ ٻ غالب آهي. لهٰذا هي شعر ”ذوالنوعين شعر“ آهي، ازان سواءِ هي ”سهل ممتنع“ شعر آهي، هن شعر ۾ ”صنعت متلائم“ ”صنعت سليس“ ۽ ”صنعت لف و نشر“ جون ٻ جهلڪيون نمايان آهن:

(2) اهائي خوش ادا ساقي جي برڪت جي نشاني آ،
جو هِرڪي نيڻ مولانا ڪي پڻ ميخوار ٿيٽو پيو.

هڪ پارسا مولانا ميخوار ٿي پيو؟! امين ’فهيم‘ ڪنهن قادر الڪلام شاعر وانگر بي سبب ۽ غير ذميدارانہ ڳالهہ ڪو نہ ٿو ڪري. هو انهي واقعي جو معقول سبب ٻڌائي ٿو تہ ؛ خوش ادا ساقيءَ جي هوش ربا حسن ۽ دلربا ادا جي اها برڪت سمجهڻ گهرجي، جو خشڪ زاهد پارسا ٻ سندس هٺ موٽائي نہ سگهيو ۽ پرت جو پيالو پي سرشار ٿي ۽ ميخوارن جي صف ۾ شمار ٿيو!

’صنعت حسن التعليل‘ جا ٻيا چند شعر :

(3) ساري دنيا ڪان گذاريان ٿو جدا، پرمست و خوش،
هي سبب آهي جــو دل درد آشنــا حاصل ڪيم.

(4) مون ڪان نہ ڪڏهن ڪو ڏوهہ ٿيو پر مست نظر مجبور ڪيو،
صهبا ڪان ڪڏهن ڪو ڪيف نہ ٿيو، ساقيءَ جي نظر مخمور ڪــيو.

(5) هوا اهڙي لڳي جنهن ڪو نہ ڇڏيو گل زماني ۾،
رهيا باقــي وجـي اڄ خار منهنجي آشياني ۾.

(6) گُلن سان گڏ رهڻ جي لاءِ مون ڪي خار ٿيٽو پيو.
تڏهن اُن جو ٿيس، جڏهين ٻين تي بار ٿيٽو پيو.

(7) فلڪ ڪي رشڪ ٿيو اهڙو زمين جي باريابي تي،
جو آخرڪار ان ڪي خاڪ پايءِ يار ٿيٽو پيو.

(8) هوا اهڙي تہ گلشن ڪي لڳي ناسازگــار آهي،
جو خوشبو ڪي ٻہ گلڙن ڪان جدا لاچار ٿيٽو پيو.

(9) پهريــن ســاقــي پــيــار واعــظ ڪـــي،
سرِ تـــان آفـــت ڪـــي تـــارٽـــو آهـــي.

## صنعت سوال جواب:

شاعر، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي طور تي ڪنهن سان نہ ڪنهن سان همڪلام ٿيندو آهي. اهي مڪالما شعر ۾ بيان ڪندو آهي. پنهنجي سوال سان انهيءَ جو مليل جواب گڏوگڏ پاڻ ٻڌائيندو آهي. انهيءَ ڪي ”صنعت سوال و جواب“ چئجي ٿو.

(1) اڄي ٿيو تنگ منهنجي ”شاعرانہ عرض“ ڪان سهڻو:
چيائين: ”وڃ هتان فوراً“ ! چيم ”دلــبر خدا حــافظ“!.

(2) پڇيم ”تنهنجي چمڻ لڇو هزارين منتظــر آهن؟“
چيئين ”ان لاءِ جو پــيارن سـنـدو پـيزار آهـيان مان.“

(3) جڏهـن مون روئــي ڪــئي پنهنجي يار ڪي پارت!
چيئين:- ”مون بس ڪــئي تو سان جفا وري نہ ڪبي.“

## مبالغہ

صنعت مبالغہ، شاعريءَ لاءِ مباح آهي. مبالغو (وڌاءُ) بظاهر تہ هڪ ڪوڙ يا ٺاهہ نظر ايندي پر انهي جي معرفت ئي صحيح طريقي سان بيان جي موقف يا مقصد جي اهميت جي خبر پوي ٿي:

چوڏهينءَ چنڊَ تون اُپرين، سهسين ڪرئين سينگارَ،
پلڪ پريان جي نہ پَرين، جي حيلن ڪرئين هزارَ،
جهڙو تون سڀ چمارَ، تهڙو دڙُ دوست جو.
(شاهہ رحہ)

شاهہ صاحب بہ مبالغي کان گهڻو ڪم ورتو آهي. ڪيترن ئي بيتن ۾ مبالغہ آرائي آهي. مبالغہ شاعر جو شاعرانہ حق آهي. عام ماڻهو سندس تخيل جي پرواز کي پهچي ۽ سمجهي نہ سگهندا جنهن هو مبالغہ سان انهن کي نہ سمجهائي. مندرجہ بالا بيت ۾ جيڪڏهن صرف ايترو بيان ٿيل هجي ها تہ منهنجو محبوب بيحد سهڻو آهي تہ عام ماڻهو سونهن جي ڪمال سمجهڻ کان قاصر رهجي وڃي ها، تنهنڪري ئي شاهہ صاحب فرمايو تہ چوڏهين جو چنڊ جيڪڏهن سراپا سينگارجي ظاهر ٿئي تہ بہ يار جي برابر ٿي نٿو سگهي. چوڏهين جي چنڊ جي سموري حياتيءَ جو حسن يڪجا ڪجي تہ بہ منهنجي محبوب جي هڪ جهلڪ برابر بہ پهچي نہ سگهندو.

امين 'فهيم' بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ مبالغہ آرائي ڪافي ڪئي آهي. چند شعر نموني طور پيش ڪجن ٿا:

(1) گردشِ ايّام کي روڪي ڇڏيو اي دوستو،
فڪرِ فردا ۾ جڏهن مصروف مستانا هجن.

(2) وفا پئي واٽ تان ويئي جهلي دامن وٺي آيس،
جو اُن کي واٽ ويندي ئي وفادارن ڏسي ورتو.

(3) سال سينگاريندي گذري ويا درو ديوار کي،
ڪنهن چيو هو آءٌ ٿيندس تنهنجو مهمان عنقريب.

(4) سڄڻ منهنجي لئي هڪڙو نئون جهان دل ۾ بنايو ٿم،
جتي شاخ و شجر ناهي، جتي شام و سحر ناهي.

(5) جي حياتي وفا ڪئي تہ "فهيم!"
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي!

## صنعت تعجّب!

راهِ محبت ۾ شاعر کي ڪڏهين اهڙيون عجيب واردات، محسوسات ۽ ڪيفيات معلوم ٿينديون آهن جو پاڻ بہ حيران ٿي ويندو آهي ۽ تعجب جو اظهار پنهنجي شعر ۾ ڪندو آهي. اهڙي صنعت کي "صنعت تعجب" چئجي ٿو:

(1) "فهيم" آهي تعجب هن جو مون کي!
اهو ٿي ويو نہ هو جيڪي گمان ۾!!

(2) ڏس "امين!" سيني ۾ ڪيئن سانڍيو هلين ٿو درد و غم،
ڪنهن نہ پر توکي سڃاتو! نيٺ مشڪل ٿي ويو.

(3) ڪو نہ موٽئين سجڻ! وجهہ ڪان وئين!
تو بہ وَهہ جا وفا ڪئي آهي!!
(4) ڪيم جنهن سان بہ اظهار محبت:
خدا جو شان! سو مغرور ٿي ويو.

## تجاهل عارفانہ:

ڪڏهن ڪڏهن شاعر پنهنجي شعر ۾ اهڙي صنعت استعمال ڪندو آهي جو سڀ ڪجهہ سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي باوجود پاڻ کي نهايت معصوميت سان ناسمجهہ يا اڻ ڄاڻ ظاهر ڪندو آهي. ڄاڻي ٻُجهي بہ اڻ ڄاڻائيءَ جي اظهار ڪرڻ کي ”صنعت تجاهل عارفانہ“ چئجي ٿو:

ٿُنهنجي هوندي بہ دل جي ڦٿڪڻ کي،
بيقراري، قرار؟ ڇا چئجي!

اوچتو من پسند محبوب اگڻ تي پير پري تہ بي پناهہ خوشي ۽ بي انتها پيار باعث دل جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي؛ شاعر اهڙي ڪيفيت کان باخبر هوندي بہ پاڻ کي بلڪل بي خبر محسوس ڪرايو آهي. امين ’فهيم‘ مذڪوره بالا شعر ۾ ”تجاهلِ عارفانہ“ کان ڪم ورتو آهي.

هر ڪَلي اشڪِ غم سان سينگاريم،
مالهي سمجهيو تہ ماڪ پئي آهي.

هن شعر ۾ شاعر جو بظاهر مقصد آهي تہ چمن جي هر مکڙيءَ کي اشڪِ غم سان مون سينگاريو آهي. حالانڪ هن کي اهو بخوبي معلوم آهي تہ مکڙين تي ماڪ جا ڦڙا آهن، تنهن هوندي بہ اڻڄاڻ بڻجي چوي ٿو تہ: اِهي منهنجي وچوڙيل اکين جا لڙڪ آهن. ”صنعت تجاهل عارفانہ“ سان گڏ هن شعر ۾ شاعر ”صنعت مبالغہ“ کان بہ ڪم ورتو آهي ڇاڪاڻ تہ چمن ۾ هر ڪليءَ کي اشڪ غم سان سينگارڻ مشڪل ڪم آهي. ٻن صفتن جي ڪم آڻڻ ڪري هي ”ذوالنوعين“ شعر آهي. ازان سواءِ هن شعر ۾ ”تشبيهہ“ بہ آيل آهي. اشڪ غم کي ماڪ جي ڦڙن سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. هن جاءِ تي بہ اسان جي شاعر تجاهلِ عارفانہ جي صنعت کان ڪم ورتو آهي. حالانڪ انهيءَ کي بخوبي علم آهي تہ اهي ماڪ جا ڦڙا آهن نہ کي غم جا لڙڪ! پر اتي اڻ ڄاڻ هئڻ جي ذميواري وڏي هوشياريءَ سان مالهي تي اڇلي ٿو!

هن شعر ۾ امين ’فهيم‘ پنهنجي باشريعت بزرگ حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي بيت جي چڱي طرح چٽي ترجماني ڪئي آهي:

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ ڀانئيو، ماڻهئا!
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي.
(حضرت مخدوم نوحؒ)

تجاهلِ عارفانہ جا چند مثال :-

(1) توکي ماڻهن جي روبرو جاني!
دوست، محبوب، يار؟ ڇا چئجي.
(2) بيوفائي وفا جي بدلي ۾،
شرم، ڪاوڙ يا آر ڇا چئجي.

اي ’فهيم‘ تون مون کي ٻڌاءِ ڪٿي تہ حقيقت ڪيئن آغاز ۾ هئي،
مون ڪنيو يا ٽٽي ڪنيو پنهنجو قدم، ڪجهہ ياد اٿر ڪجهہ وسري ويو.

## واسوخت

محبت، خلوص، وفا، قرباني، صبر و تحمل وغيره جي باوجود راهِ محبت ۾ جڏهن مسلسل سور، سختيون، نفرتون، ظلمتون، بيوفايون، ارڏايون، ذهني زخم، عزت نفس ۽ خلوص نيت تي شبهات ۽

شڪ حملا ۽ ڏڪ نصيب ٿين ٿا تہ عاشق صادق، اندر جو اندر ۾ پيو ڪڙهندو آهي. لبڪشائي نہ ڪندو آهي مگر پنهنجي بيزاري، ناراضگي، منمت ۽ بوريت جي احساس جو اظهار زيبِ نظم ڪندو آهي. اهڙي ڪلام کي ”واسوخت“ چئبو آهي.

امين ’فهيم‘ تي بہ اهي اوقات آيا جن ڪيس جهنجهوڙي ڇڏيو. واردات قلبي جو اظهار پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح ڪري ٿو:

(1) حسن وارن کي محبت جو صفا احساس ناهہ،
ڪوڙ ۾ هي آهي ڪاتو، نيٺ مشڪل ٿي ويو.
(2) محبوب بنا هي روشن راتيون چنڊ ۽ تارا ڪين ڪپن،
جي پيار ڏئي پو ڏار ڪندا سي سهڻا سهارا ڪين ڪپن.
(3) مان پنهنجي ۾ ئي پورو آهيان چو ڇيڙين ٿي تون بادِ صبا،
چو ساهہ سڏارڻ ٿي چاهين تنهنجا تہ سڏارا ڪين ڪپن.
(4) سحر هڪڙي طرح گذري، بدلجي شام آئي آ،
جهان جي هن دورنگي دور کان بيزار آهيان مان.
(5) انتقاماً ڇڏيم محبت کي،
پيار کي درد سر ڪري ورتم.
(6) ’فهيم‘ آه و فغان مان تہ ڪجهہ بہ ڪونہ وريو.
حضور يار ۾ هاڻي صدا وري نہ ڪبي.
(7) پنهنجي ماه لقا کان دور ٿيو،
زيست درد آشنا ڪري ڏسبي.
(8) رکو گلشن جي هر ڪا شيءِ سنڀالي،
اسان جو ڇا اوهان جي گلستان ۾!؟
(9) هٿن سان قرب جي ڪشتيءَ کي ٻوڙيم،
پوڻ چاهيم نئي ڪنهن امتحان ۾.

## شهر آشوب

شاعر، پنهنجي وقت ۽ حالات جو بهترين عڪاس هوندو آهي، محبت جي لوازمات ۾ مگن رهڻ جي باوجود هو گردونواح جي حالات کان بي خبر هرگز نہ هوندو آهي. پنهنجي شهر جي تباهي، زوال، ابتر حالت، ويراني يا گردشِ دوران، زماني جي بي ثباتي بي اعتدالي، مصائب و مشڪلات جي روئداد پنهنجي ڪلام ۾ هوبهو آڻيندو آهي، اهڙي نظم کي شهر آشوب چئبو آهي.

1955ع ۾ هالا پراڻا کان مست مهراڻ پاڻ شروع ڪيو. ڪيترا ڳوٺ غرقاب ٿي ويا. هالا پراڻا، هالا نوان جا ٻئي شهر مڪمل طور خالي ٿي ويا، بلڪل نظر ٿي آيو تہ هالا نوان بہ مڪمل طور غرقاب ٿيندو. دريا جو زور ڪنٻوءَ وٽ زبردست هو. اتان ڪلياڻ جو بچاءُ بند ڀڃي پيو ۽ مهراڻ، مست گهوڙي وانگر ڪيٻر، ڪنٻو، سيڪاٽ، مٽياري، هٽڙي ۽ حيدرآباد جي مشرق طرف تيزيءَ سان ٻوڙڻ لڳو. هالا نوان وٽان پاڻيءَ جو رخ بدلجي ويو. قومي شاهراهہ ڪيترا مهينا بند رهي. پاڪستان جي ”پورالي ندي“ (سنڌو ندي) جو اهو پُر خوف ”پُور“ هو. ڪيترن شاعرن انهيءَ واقعي تي ”شهر آشوب“ نظم لکيا.

امين 'فهيمؔ' جي انهيءَ وقت عمر تقريباً 18 سال هئي، پر حساس شاعر پنهنجي ابتدائي دور ۾ به انهيءَ واقعي کي هيئن بيان ڪيو آهي:

اسان جي شهر هالا کي بچائج يا رسول الله،
سيئي مشڪل غريبن تان هٽائج يار رسول الله.

**ريختي:**

ايراني شاعريءَ جو اثر، سنڌي شاعري تي نمايان آهي. عروضي شاعريءَ جي ڪم وبيش سڀني صنفن ۾ "مرداني زبان" استعمال ڪئي ويندي آهي.

سنڌي شاعريءَ جي مزاج ۾ انڪساري، عاجزي ۽ هيٺائيءَ جو اظهار ڪيو ويندو آهي جيڪو "ريختي" (زالاڻي زبان) ۾ استعمال ٿيندو آهي:

"هيٺي ڏسي ذات جيڪس جت ڇڏي ويا."

سنڌي شاعري جون اڪثر و بيشتر صنفون "عورت جي زبان" ۾ چيون وجن ٿيون.

بيت، وائي، ڪافي، سي حرفي وغيره صنفن ۾ "زالاڻي ٻولي" استعمال ڪئي ويندي آهي. جڏهن ڪا عورت ڳالهائي رهي آهي.

شاهه جي شاعري به ريختي جو اعليٰ ۽ معياري نمونو آهي، امين 'فهيمؔ' جي ڪافين ۾ به ريختي استعمال ڪيل آهي. اهڙي طرح مضمون جي طوالت جي خوف کان پيغام جي شاعر امين 'فهيمؔ' سائينءَ جي ڪلام جي "فني جائزي" جو انهن چند صنعتن جي نشاندهي تي اڪتفا ڪرڻي پوي ٿي. شاعريءَ جو فن بحرِ عميق آهي. انهي جي پاتار مان چند سپون(صنعتون) سوجهي ڪڍي انهن جي موتين جو نمونو پيش ڪيو ويو آهي. انهن صنعتن کان علاوه امين 'فهيمؔ' جي ڪلام ۾، صنعت ڪلام جامع، صنعت موقوف، صنعت تضاد، صنعت لف و نشر، ايجاز، اطناب، ڏوراپو وغيره جون جهلڪيون به واضح نظر اچن ٿيون.

پنهنجي ناقص علم مطابق جن به صنعتن جو جائزو ورتو ويو آهي انهن جو عام فهم انداز ۾ تعارف پڻ ڪرايو ويو آهي. جنهن مان مبتدي شعراء ڪرام جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو. هن جائزي ۾ صرف غزل جي زمين جو جائزو ورتو ويو آهي. اسان جي شاعر امين 'فهيمؔ' شاعري جي ٻين صنفن جهڙوڪ قطعات، مثنوي، بيت، ڪافي، وائي، مدح، مناجات، سلام ۽ سهرو وغيره جي صنفن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي.

قارئين ڪرام کي دست بستہ گذارش آهي تہ هن جائزي ۾ صرف شاعرانہ فني خوبين جو ذڪر ٿيل آهي. امين 'فهيمؔ' جي هر ڪاوش تي تاريخون لڳل آهن، انهن کي ڏسي علم، عصر ۽ شاعرانہ مشق کي مدنظر رکي قارئين ڪرام فني اوڻايون پاڻ ڏسن، امين ۽ منصف بڻجن. هي انساني ڪلام آهي، ڪنهن به انسان جو ڪلام اوڻاين کان آجو ٿي نٿو سگهي ڇو تہ ڪامل مطلق صرف الله جي ذات آهي ۽ اوڻاين کان آجو صرف الله جو ڪلامُ آهي.

امين 'فهيمؔ' سائين منهنجي محبوب محسن ۽ استاد قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ جو وڏو فرزند آهي. نندپڻ جي زندگيءَ جو ۽ شاعريءَ جو ابتدائي ۽ ارتقائي دور اسان ٻنهي جو گڏ گذريو. اجا ائين به انهيءَ سان اهو ئي دلي لڳاءُ، اها ئي وابستگي ۽ اهائي روحاني حب ۽ اُڪير آهي. تاهم ڪنهن به ذره برابر رعايت کان سواءِ مون بي ريائي ۽ بيباڪيءَ سان سنڌس شاعرانہ فن جو تنقيدي جائزو ورتو آهي. سنڌس دلي جذبات، ڪيفيات، تخيلات ۽ احساسات جو تجزيو ڪيو آهي. مختصر مدت ۾ مون پنهنجي فرض ادائي ڪيتري قدر پوري ڪئي آهي، سو فيصلو قارئين ڪرام تي ڇڏيل آهي.

ڪتاب "پيغام" تان ڪنيل



# تحرير خاص

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

مخدوم امين 'فهيم' منهنجو وڏو فرزند جنهن تي منهنجي پڙڏاڏي مرحوم مخدوم امين محمد صاحب "امين" جو نالو رکيل آهي، تنهنڪري اسين ۽ سروري جماعت توڙي اسان جو راڄ، کيس "ڏاڏا سائين" ڪري چوندا آهيون، مگر ٻاهرين دنيا ۾ پاڻ مخدوم امين 'فهيم' جي نالي سان سڃاتو آهي، کيس به پنهنجي خانداني ورثي ۾ شاعري ملي آهي يعني مخدوم نوح سرور عليه الرحمة شاعر هئا، سندن پوٽو لاڪو لطف الله به شاعر هو، ڳنانِ پوءِ به سروري خاندان ۾ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا، جن مان ڪن جو احوال مون پنهنجي تصنيف "يادِ رفتگان" ۾ ڏنو آهي.

مخدوم امين محمد صاحب "امين"، 12 سجاده نشين پنهنجي همعصرن ۾ سٺو شاعر هو، وري مخدوم مرحوم غلام محمد، 15 سجاده نشين به شاعر هئا ۽ تخلص "مغموم" هونِ. اهڙي طرح آءٌ (طالب المولىٰ) 16 سجاده نشين به پنهنجي وقت جي سٺن شاعرن مان هڪ شاعر آهيان. امين فهيم به پنهنجي هڪ جيڏن شاعرن ۾ سٺو شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ جديد ۽ قديم شاعريءَ جو رنگ موجود آهي، جو پڙهندڙن کي نهايت محظوظ ڪندو. پاڻ اڪثر غزل ئي لکيو اٿس ۽ بهترين لکيو اٿس.

مون کي هن ڳالهه تي خوشيءَ سان گڏ فخر به حاصل آهي ته پنهنجي وڏي فرزند امين 'فهيم' جي ڪلام جي مجموعي"پيغام" تي ڪجهه لکيو اٿم، دعا ٿو ڪريان ته"الله ڪري زورِ قلم خوب و زياده."

ڪتاب "پيغام" تان کنيل

◙



# ”پيغام“ جي ڇپائيءَ جو نوٽ

**ولي محمد رونجهو**
**(ويل سروري)**

شاعري اڪتسابي عمل ڪونهي پر الهام جو نمونو آهي. اِن جو ثبوت جناب مخدوم محمد امين ’فهيم‘ صاحب جن جي زير نظر ڪلام ”پيغام“ مان ملي سگهي ٿو.

مذڪوره بالا شخصيت نهايت مصروف عمل سياستدان آهي. سياست هر وقت متحرڪ رهڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي. سياست جا نشيب و فراز، محروميون ۽ حاصلات، سدائين هڪ جهڙو نہ رهڻ جي باوجود هڪ تسلسل رکن ٿا پر جيئن تہ اسان جي هن محترم سياستدان کي شاعريءَ ۾ بہ ملڪو حاصل آهي، جيڪو پنهنجي طبعي ۽ فطري عمل سان مصروف رهيو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ تخليق ڪندو رهيو آهي سو پيغام ۾ ”مشت نمونو خروار“ جي مصداق موجود آهي.


جناب مخدوم محمد امين ’فهيم‘ صاحب کي جيڪي ادبي ذوق جا ماڻهو بحيثيت شاعر جي سڃاڻن ٿا، تن جي اِها شڪايت بجا هئي تہ موصوف جي فرزند ارجمند جو ڪلام هن ڪان اڳ زيور طباعت سان آراستہ ٿي، داد حاصل ڪري چڪو آهي، مگر ”فهيم“ صاحب جو ڪلام انتظار ئي ڪرائيندو رهيو. ”اڪيڊمي ادبيات پاڪستان“ سنڌي ادبي بورڊ سان هن ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي رهي آهي ۽ ڪلام کي مجسم پيغام بنائي چار چنڊ لڳائي، سيبائتي نموني ڇاپڻ ۾ آزاد ڪميونيڪيشن وارن بہ گهڻايو ڪونهي.

آءٌ احسانمند آهيان، ادب پرور ۽ اديب نواز شخصيت قبلہ چيئرمن صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو ۽ سنڌن بورڊ آف گورنرس جي فاضل ميمبرن جو، جن جي خاص هدايتن ۽ رهنمائيءَ ۾، مون کي هيءَ سعادت حاصل ٿي. اسان ايئن چوڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ:

گهڻو دلبر لڪئين ليڪن ڏسڻ وارن ڏسي ورتو،
رخ انور کي سهڻا نيٺ مون پارن ڏسي ورتو.

3-ڊسمبر 1990ع

**ولي محمد رونجهو(ولي سروري)**
سيڪريٽري (اڳوڻو)
سنڌي ادبي بورڊ
ڪتاب ”پيغام“ تان کنيل



مخدوم جميل الزمان 'جميل'

# دستاربنديءَ واري تقريب ۾ خطاب

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اڄ کان 22 سال اڳ منهنجي والد صاحب اعليٰ حضرت مخدوم امين 'فهيم' سائين، جن اهو فرمايو هئو ته: "اڄ اسان جي مٿي تان آسمان ۽ پيرن جي هيٺان زمين نڪري ويئي آهي". انهيءَ جملي جو مقصد ڇا هئو ۽ انهيءَ جملي جي پاڻ ڪهڙي معنيٰ ڪڍيائون، پاڻ ڇا ٿي چوڻ فرمايائون، انهي جي مون کي اڄ خبر پئي آهي ته سر جي مٿان آسمان ۽ پيرن جي هيٺان زمين ڪيئن ٿي نڪري وڃي. پاڻ منهنجو ڇپَر ۽ ڇانوَ هئا، دنيا جا شاندار انسان هئا، بهترين ماڻهو هئا، عيبن تي پردو وجهندڙ هئا، منهنجا والد هئا. الله سائين دنيا ۾ جيڪي به والدين خلقيا آهن، اهي سڀئي والدين محترم آهن. وڏي احترام جي لائق آهن. مگر آئون چوندس ته منهنجي والد جهڙو ڪنهن جو به والد ڪونه هوندو. پاڻ هن دنيا ۾ مسافرن وانگر رهيا، دنيا کي ڪڏهن به پنهنجو مقام ڪونه سمجهيائون، الله سائين کين جنت ۾ جاءِ ڏيندو.

آئون سروري جماعت کي گذارش ڪندس ته منهنجي والد سائين جن لاءِ دعاگو رهن. الله سائين سندن درجات بلند ڪري کين جنت الفردوس ۾ پنهنجي والد صاحب اعليٰ حضرت قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رحمة الله عليه جن سان گڏ رکي.

قبله طالب المولیٰ سائين جن فرمايو ته جڏهن سندن والد صاحب جن جو وصال ٿيو، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ اسان جو ننڊپڻ ختم ٿي ويو. بابا سائين جن جي هوندي، آئون پنهنجي ننڊپڻ ۾ هوس. ڪڏهن مون پنهنجو پاڻ کي وڏو ڪونه سمجهيو، 21 تاريخ تي پوءِ منهنجو ننڊپڻ ختم ٿي ويو. وڏي ذميواري آهي، الله سائين جي در آئون دعا ڪندو رهندس، الله سائين مون کي توفيق ڏي ته آئون تنهنجي حڪمن تي هلان، منهنجي موڪليل نبي آخر زمان حضرت مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي حڪمن تي هلان. قيامت جي ڏينهن آئون جڏهن پنهنجي والدين جي سامهون هجان ته به سرخرو ٿي هجان.

آئون سروري جماعت کي چوندس ته آخرت جي لاءِ ذڪر ڪندا رهو، الله سائينءَ جي احڪامات جي پيروي، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي سنت تي هلو، قرآن شريف پڙهو، قرآن شريف ٻين کي پڙهايو، نمازون پڙهو. انهي کان پهرين جو دعا جو دروازو بند ٿي وڃي، الله سائينءَ کان دعا گهرو، الله سائين کان بخشش گهرو، الله سائين بخشڻ وارو آهي، اهو بخشيندو. مون کي خبر آهي ته مخدوم نوح سرور شاهه رحہ جن جي جماعت غريبن جي جماعت آهي. فقيرن جي جماعت آهي. انهن ۾ جهيڙو ڪونهي، انهن ۾ جهڳڙو ڪونهي، آئون چاهيندس ته الله سائين مون کي توفيق ڏي ته آئون پنهنجي جماعت مخدوم نوح رحہ جي جماعت جي خدمت ڪيان. اُهي خوشحال هجن، اُهي سکيا هجن، ستابا هجن. خيرت سان هجن ته آئون سمجهندس ته مون پنهنجي والد صاحب جن جو حق ادا ڪيو. آئون

چاهيندس تہ پاڻ گڏجي پنهنجي ملڪ ۾ هر وقت پنهنجي وطن سان گڏ رهون.

پاڻ ۾ جيڪي جهڳڙا جهيڙا هجن، آئون توهان سڀني کي هدايت ڪندس تہ اهي ختم ڪيو. جهيڙي جو ڪوبہ بنياد ڪونهي، جهڳڙي جو ڪوبہ بنياد ڪونهي، آئون سڀني کي چوندس تہ پنهنجن وڏن جو ادب ڪريو، جيئن آئون پنهنجي وڏن، پنهنجن چاچن جو ٿو ڪيان. پنهنجي والد صاحب جن جو ادب ٿو ڪيان، آئون چاهيندس تہ اوهين پنهنجن وڏن جو ادب ڪريو. قرب ڪريو، توهان کي بي انتها قرب ملندو.

دنيا جو اقتدار اچڻ وڃڻ واري شئي آهي. اقتدار فاني آهي، رهندو نالو الله جو. اقتدار الله جو آهي، اسان جو اقتدار اهو آهي جيڪو الله سائين جي طرفان اوهان جي دلين ۾ آهي، اوهان جي محبت ۾ آهي. حضرت طالب المولىٰ سائينؒ دلين تي حڪمراني ڪندو هو، جيئن قبلہ سائين مخدوم امين فهيم سائين جن دلين تي حڪمراني ڪئي. الله سائين توفيق ڏيندو تہ ماڻهو مون سان قرب ڪندا ۽ مون کي پنهنجي دلين ۾ جايون ڏيندا. انشاءالله، انشاءالله... انشاءالله جيڪو الله سائينءَ جو رستو آهي. قرآن شريف تي عمل ڪري پاڻ اڄ بہ سوڀارا ٿينداسين.

آئون آخر ۾ وري بہ الله سائين جي در اڳيان دعاگو آهيان. الله سائينءَ اسان گناهگار آهيون. الله سائين تون مالڪ آهين، تون رحيم آهي، تون ساهہ کان بہ ويجهو آهين، مددگار اسان جي مدد فرمائجان.

منهنجي والد صاحب هاسپيٽل جو اعلان ڪيو هو، جيڪا هينئر بہ اسان جي ايجنڊا ۾ آهي. انشاءالله انهيءَ کي پايہ تڪميل تائين پهچائينداسين. انشاءالله، الله سائين سوڀارو ڪندو. الله سائين سروري جماعت جا سڀئي مسئلا دور ڪندو. آئون هڪڙو دفعو وري اها ڳالهہ چوڻ ٿو چاهيان تہ دنيا جو اقتدار ڪجهہ بہ ڪونهي دنيا جو اقتدار ڪنهن نہ گهرو. انشاءالله الله سائين مدد ڪندو. جيڏو الله تيڏو آسرو.

## غزل

**آئون تنهن جي تار ۾ ڦاسي پيس،**
**عشق جي آزار ۾ ڦاسي پيس.**

**عشق جي اسرار ۾ ڦاسي پيس،**
**حسن جي واپار ۾ ڦاسي پيس.**

**گل پٽيندي خار ۾ ڦاسي پيس،**
**"ڇٽڪ دام يار ۾ ڦاسي پيس."**

**اشڪ اکين ۾ ۽ آهون دل اندر،**
**مان تہ عشقِ يار ۾ ڦاسي پيس.**

**تنهن جي اکڙين ۾ سڄڻ ڇا ٿو ڏسان،**
**هن عجب اسرار ۾ ڦاسي پيس.**

**تنهنجي آئون ديدار لءِ آيس مگر،**
**برهہ جي بازار ۾ ڦاسي پيس.**

**ڪنهن جي قيدي ٿي رهڻ جي لءِ "امين"!**
**ڄاڻي واڻي ڄار ۾ ڦاسي پيس.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

18، ڊسمبر 1954ع
هالا

# مخدوم امين 'فهيم' تاريخ جي آئيني ۾

(انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ـ پهريون جلد)

**امين 'فهيم'، مخدوم**: سنڌي ٻوليءَ جي قادرالڪلام شاعر، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو وڏو فرزند ۽ مخدوم نوح سرور جي درگاهه جو موجوده ۽ پندرهون نمبر سجاده نشين ۽ ناميارو شاعر، مخدوم محمد امين 'فهيم'، تعلقي هالا، ضلعي مٽياريءَ ۾ 4- آگسٽ 1939ع تي ڄائو. سندس نالو "محمد امين" رکيو ويو، جڏهن ته مخدوم محمد امين ثالث "پڪن ڏٽيءَ" جي نسبت سان کيس "ڏاڏا سائين" به چيو ويندو آهي. شروعاتي تعليم هالا مان ورتائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هن شاعريءَ جي شروعات 1953ع ۾ ڪئي. پهريائين "امين" تخلص اختيار ڪيائين، پر هاڻي مخدوم امين، شاعريءَ ۾ 'فهيم' تخلص اختيار ڪندو آهي. جناب غلام محمد گراميءَ جي چواڻي: "مخدوم امين فهيم جي شاعريءَ ۾ سوز و گداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن، جيڪي هڪ قادرالڪلام شاعر جي شاعريءَ ۾ ٿين ٿا." هن غزل جي عمدي شاعري ڪئي آهي، قومي شاعريءَ ۾ به بهترين ڪلام چيا اٿس. سندس ٻولي پختي، رسيلي ۽ مٺي آهي. پنهنجي والد بزرگوار جي صحبت ۽ هالا جي ادبي ماحول ۾ هيءُ رچي ريٽو ٿيو. سندس ڪلام جو مجموعو 'پيغام'، سنڌي ادبي بورڊ، ڊسمبر 1990ع ۾ شايع ڪري چڪو آهي. سندس جوانيءَ جي دور ۾، شاعريءَ ۾ وقتاً فوقتاً ڪجهه وقفو به نظر اچي ٿو، جنهن جو سبب سندس سياسي، فلاحي، قومي ۽ خانداني مصروفيتون آهن.

هن سياسي سفر جو آغاز 1970ع ڌاري پيپلزپارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر ٿيڻ سان ڪيو. ڪجهه وقت سنڌ جي گورنر جو صلاحڪار پڻ رهيو، پوءِ مرڪز ۾ وزير مملڪت جي عهدي تي فائز ٿيو. 1977ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي ڪابينا ۾ روينيو ۽ آبادڪاريءَ جو وزير ٿيو. 1983ع ۾ ايم.آر.ڊي تحريڪ دوران پيپلزپارٽي سنڌ جو صدر هو. 1988ع ۾ بينظير ڀٽو جي ڪابينا ۾ مواصلات جو وزير مقرر ٿيو. 1990، 1993ع ۽ 1997ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. انهن چونڊن ۾ جيئن ته پيپلزپارٽي، اقتدار ۾ نه آئي، ان ڪري کيس وزارت نه ملي، وري 2008ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو.

سياسي طور هن وقت پاڪستان حڪومت ۾ سينيئر وزير ۽ وفاقي وزير تجارت آهي. ان کان سواءِ پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جو صدر ۽ پيپلزپارٽيءَ جو سينيئر وائيس چيئرمن آهي. مخدوم صاحب پنهنجي والد وانگر معتدل سياستدان آهي.

# فهم ۽ فراست وارو هڪ قداور شاعر:
# مخدوم محمد امين ’فهيم‘



ڊاڪٽر غلام علي الانا

1- قبليٰ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. پاڻ پنهنجن بزرگن، خاص ڪري مخدوم غلام حيدر صديقي ۽ پنهنجي والد بزرگوار، قبليٰ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ وانگر، شريف النفس انسان، انسان دوست شخصيت، غريب پرور، شفيق والد، ڪرم فرما مرشد، ڪم گو، حليم ۽ صابرين انسان هئا. اهي سڀ خوبيون ڪين هڪ ذات طور، قدرت جي طرفان ورثي ۾ عطا ٿيون هيون.

سندن والد بزرگوار، قبليٰ سائين، مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ مون ڪي تمام گهڻو پائيندا هئا ۽ بي انتها عزت ڏيندا هئا. سائن منهنجون ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون هيون، ۽ هر اُن ملاقات ۾، سندن مُک مبارڪ مان نڪتل روح پرور گفتا، مصريءَ جي ٽڙن جيان هميشہ مٺا هوندا هئا. پاڻ بہ پنهنجن اُنهن گفتن کي، ’مصريءَ جون ٽڙون‘ جي عنوان سان شايع بہ ڪرايو هئائون.

قبليٰ سائين مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سان بہ مختلف موقعن تي، منهنجون ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. هر ملاقات ۾، مون سان ادب ۽ احترام سان پيش ايندا هئا. هڪ دفعي تہ پاڻ، ڪرم فرمائي، مون مسڪين جي تڏي تي تشريف فرما بہ ٿيا هئا.

ساڳئي ادب ۽ احترام سان، سندن فرزند ۽ خانقاهہ حضرت نوح سرورؒ جو موجوده سجاده نشين، قبليٰ سائين مخدوم جميل الزمان بہ مون مسڪين سان احترام سان ملندا آهن، ۽ هڪ دفعو، منهنجي پياري دوست، محترم سرفراز راڄڙ سان گڏ، منهنجي غريب خاني تي تشريف فرما بہ ٿيا هئا.

لطيف سائينءَ فرمايو آهي تہ:

چڱا ڪن چڱايون مَنايون مَنَن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

قبليٰ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سان منهنجي آخري ملاقات، مارچ 2004ع جي شايد 28 تاريخ تي، دهليءَ ۾ ٿي هئي، جتي ڀارت جي سنڌي اديبن طرفان، سنڌ ۽ هند جي سنڌي اديبن ڪي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ (Cross border Literary Convention) ڪنوينشن جو بندوبست ڪيو ويو هو. اُن ڪنوينشن جو انتظام ڪندڙ شري لڇمڻ ڪومل هو. هن ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سنڌ مان، محترم قمر شهباز جي اڳواڻيءَ ۾، ويهارو کن اديب، شاعر ۽ نقاد، دهلي پهتا هئا. اُنهن ۾ عطيہ دائود ۽ ٻيون اديبائون بہ شامل هيون. آءٌ ممبئيءَ کان، دهلي پهتو هوس. ممبئيءَ ۾، ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان، سنڌي ادب تي سيمينار رکيل هو، ۽

اُن سيمينار جي افتتاحي بيٺڪ ۾ منهنجي صدارت رکيل هئي.

قبليٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' اُنهن ئي ڏينهن ۾ پاڪستان جي ڪنهن سياسي وفد سان، دهلي آيل هئا ۽ دهليءَ جي تڏهوڪي چيف منسٽر، مس ڊڪشٽ وٽ، ڀارت جي مشهور سنڌي وڪيل، شري رام جيٺملاڻيءَ سان، سندن ملاقات ٿي هئي. اُتي شري رام جيٺملاڻيءَ ڪين مذڪوره ڪنوينشن جي باري ۾ ٻڌايو ۽ باقي سرگرمين ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪين دعوت به ڏني. اُن ئي رات، اُن ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪندڙ، اديبن، شاعرن ۽ ٻين مهمانن کي، شري رام جيٺملاڻيءَ دهليءَ جي هڪ ڪلب جي لان تي ڊنر جي دعوت ڏني هئي. انهيءَ دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شري رام جيٺملاڻيءَ قبليٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' کي به نينڊ ڏني هئي، بلڪ هُو قبليٰ سائينءَ جن کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو.

جنهن وقت قبليٰ سائينءَ جن ڊنر ۾ پهتا هئا، اُن وقت ڊنر لڳي وئي هئي، بلڪ کائڻ جو اعلان به ڪيو ويو هو. سڀ مهمان، پنهنجن هٿن ۾ پليٽون کڻي، کاڌي کڻڻ لاءِ ٽيبلن تي لڳل قطارن ۾ بيهي ويا هئا. آءٌ به کاڌو کڻڻ لاءِ، هڪ قطار ۾ وڃي بيٺس. ايتري ۾ پريان قبليٰ سائينءَ جن کي شري رام جيٺملاڻيءَ سان گڏ ايندي ڏسي، آءٌ پنهنجي پليٽ، ٽيبل تي ئي ڇڏي، اڳيان وڌيس ۽ وڌي وڃي سندن قدم بوسي ڪيم. پاڻ مون کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، گرم جوشيءَ سان ڀاڪر پائي مليا، ۽ پوءِ شري جيٺملاڻيءَ سان تمام سٺن لفظن ۾، منهنجو تعارف ڪرايائون. شري جيٺملاڻي به مون سان وڏي پاٻوهه سان مليو. پوءِ قبليٰ سائين، مون کي پنهنجن ڀاڪرن ۾ وٺي اڳتي لڳل ڊنر جي ٽيبلن تي وٺي آيا. پوءِ ساڻن سڀ اديب ۽ شاعر ملڻ آيا، ۽ آءٌ پنهنجيءَ پليٽ ۾ کاڌو کڻي منهنجي مرحوم دوست، نورمحمد پليجي جي فرزند، محترم عبدالحئي پليجي ۽ سندس ڪٽنب سان اچي ويٺس جتي آءٌ اڳي ئي ويٺل هوس. ڪجهه دير کان پوءِ قبليٰ سائين ۽ رام جيٺملاڻي به اچي اسان سان گڏ ويٺا.

شري جيٺملاڻي، جيئن ته اُن ڊنر جو ميزبان هو، تنهنڪري ٿوريءَ دير کان پوءِ هليو ويو، مون محترم پليجي سان قبليٰ سائينءَ جو تعارف ڪرايو. خوش خير عافيت ۽ ٻيءَ گفتگو کان پوءِ مون، قبليٰ سائينءَ جن کي عرض ڪيو ته قبليٰ سائين! هت اها عام ڳالهه پئي هلي ته سائينءَ جن جنرل پرويز مشرف جي حڪومت ۾ شامل ٿي رهيا آهن ۽ وزيراعظم ٿي رهيا آهن. قبليٰ سائينءَ، جن هميشه مطابق پنهنجي مبارڪ چهري تي مسڪراهٽ آڻيندي، فرمايو:

"الانا صاحب! اوهين ته اسان جي خاندان، ۽ خاص ڪري قبليٰ وڏن سائين جي قريب رهيا آهيو. قبليٰ سائينءَ جن جي طبعيت ۽ اصول پرستيءَ کان چڱيءَ طرح واقف آهيو، جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي، پاڪستان پيپلز پارٽي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو، تڏهن هنن سڀ کان پهرين، قبليٰ سائينءَ وٽ هالا اچي ڪين پيپلز پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏيڻ کان پوءِ، هالا مان ئي هن پارٽيءَ جي قائم ڪرڻ جو افتتاح ڪيو هو. قبليٰ سائينءَ جن پاڻ لکيو آهي ته اسان دوستن، احبابن سان مشوري ڪرڻ کان پوءِ، شهيد مرحوم کي هالا اچڻ جي دعوت ڏني ۽ پاڻ پيپلز پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو.

شهيد مرحوم جي شهادت کان پوءِ، جنرل ضياء جي دٻاءُ جي ڪري پارٽيءَ کي سرد ۽ گرم ڏينهن ضرور ڏسڻا پيا. شهيد مرحوم جا ڪيترائي دوست ۽ ساٿي ۽ سندن ويجها عزيز به، اُن وقت بيگم نصرت ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ساٿ ڇڏي،

ڪناره ڪش ٿي ويا ۽ ڪي جنرل ضياء سان ملي ويا، پر قبليٰ سائين جن پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيا، ۽ پيپلز پارٽيءَ ۽ شهيد محترمہ جا تاحيات وفادار ساٿي رهيا. اُن زماني ۾ قبليٰ سائينءَ جن کي بہ وڏيون آڇون ٿيون هيون، پر قبليٰ سائينءَ جن پنهنجي اٽل فيصلي تي قائم رهيا، ۽ شهيد محترمہ ۽ سندن والده محترمہ کان منهن نہ موڙيائون. اهڙيءَ طرح سروري جماعت جو هر فرد، شهيد محترمہ سان وفادار رهيو.

الانا صاحب! اسين بہ انهيءَ اصول پرست شخصيت جا خونِ جگر آهيون، اسان کي بہ پاڻ اهڙي تعليم ڏني هئائون، ها الانا صاحب! اهو بلڪل صحيح آهي تہ اسان کي جنرل مشرف دعوت ڏيئي ضرور گهرايو هو ۽ اسان کي اهڙي آڇ بہ ڪئي هئائين، پر اسان کيس صاف لفظن ۾ چيو تہ:

جنرل صاحب! آءٌ قبليٰ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو فرزند آهيان، اصول پرستي ۽ دوستي نباهڻ اسان جي خمير ۾ شامل آهي. قبليٰ سائينءَ جن شهيد مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ ۽ محترمہ بينظير ڀٽو سان تاحيات ساٿ ڏنو، ۽ اسان کي بہ جيستائين زندگي آهي، محترمہ بينظير ڀٽو سان بي وفائي هرگز نہ ڪنداسين، پوءِ چاهي اُن لاءِ اسان کي ڪيتري بہ قرباني چو نہ ڏيڻي پوي."

2- قبليٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' پنهنجي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مجيل شاعر، اديب ۽ ادب نواز شخصيت جا مالڪ هئا. هالا کان سواءِ سنڌ جي ڪنهن بہ ٻئي شهر ۾ ڪوٺايل ادبي ڪانفرنس يا مشاعري ۾، اگر وٽن وقت هوندو هو تہ ضرور شريڪ ٿيندا هئا. پاڻ نعت، غزل، ڪافي، نظم، بيت ۽ نغمن جي صنفن ۾ شاعري ڪيائون، ۽ ڪين قادرالڪلام شاعر طور مڃيو ويو آهي.

سندن شاعريءَ جو مجموعو، 'پيغام' جي عنوان سان شايع ٿيل آهي. انهيءَ مجموعي کي قبليٰ مخدوم جميل الزمان مرتب ڪيو هو. هن مجموعي لاءِ 'تحرير خاص' جي عنوان سان قيمتي رايو، سنڌ جي بلڪ بين الاقوامي شاعر، اديب، مفڪر، نقاد ۽ محقق، قبليٰ 'طالب المولیٰ' جن لکيا هئا، فرمايو اٿن:

> "امين 'فهيم' پنهنجن هڪجيڏن شاعرن ۾ سنو شاعر آهي، سندس ڪلام ۾، جديد ۽ قديم شاعريءَ جو رنگ موجود آهي، جو پڙهندڙن کي نهايت محظوظ ڪندو. پاڻ اڪثر غزل ئي لکيو اٿس ۽ بهترين لکيو اٿس." (ص سترهون)

قبليٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' جي ڪلام جي مجموعي 'پيغام' جا پيش لفظ، سنڌ جي هڪ سٺي شاعر ۽ نقاد، محترم محبوب سروريءَ لکيا هئا. محبوب سروري، پنهنجي دور جو هڪ باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. محبوب سروري صاحب، پنهنجي انهن پيش لفظن ۾ گهڻي ۾ گهڻا حوالا، مرحوم مولانا غلام محمد گراميءَ جي، ٽماهي "مهراڻ" رسالي جي 1969ع ۾ ڇپيل مقالي مان ڪنيا آهن. سروري صاحب، گرامي صاحب جي اُن مقالي جا حوالا بہ ڏنا آهن، محبوب سروري صاحب، قبليٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' جي ڪلام جي مجموعي 'پيغام' ۾ تعارفي ڪلمات ۾ لکي ٿو:

> "امين 'فهيم'، پنهنجيءَ شاعريءَ جي شروعات 1953ع کان ڪئي، پهرين 'امين' تخلص اختيار ڪيو هئائين، پر پوءِ سندس والد، قبليٰ مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' سائينءَ طرفان، سندس ذهانت، فهم

و فراست جي لحاظ کان 1960ع ۾، 'فهيم' تخلص عطا ٿيس."

مخدوم محمد امين 'فهيم' جي شاعريءَ ۾ سرگرم رهڻ واري زماني ۾، هالا شهر جي علمي ۽ ادبي سرگرمين جو ذڪر ڪندي، ڪتاب جي پيش لفظ ۾، محبوب سروري صاحب لکي ٿو:

"امين 'فهيم' اُنهيءَ دور ۾ شاعري شروع ڪئي جڏهن هالا نوان جو شهر سنڌي علم و ادب جي آسمان تي چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو. قبلهٰ محمد زمان 'طالب المولىٰ' سائين، 33 ورهين جي ڀرپور جوانيءَ ۾، سنڌي علم و ادب جو روح روان هو، سڄيءَ سنڌ جي شاعرن، اديبن، عالمن، محققن جو رُخ، هالا ڏانهن هو. هالا شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾، شاعرن جون بزمون ۽ انجمنون قائم هيون. زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو، ادب ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. اُهو دور امن و سڪون ۽ خوشحاليءَ جو دور هو. هالا جي علمي ۽ ادبي حلقن طرفان ماهانه ادبي سرگرمين ۽ مشاعرن جي ڌوم مچل هئي. اُنهن ۾ سڄيءَ سنڌ مان جيڪي شاعر حصو وٺندا هئا، انهن ۾ اختر هالائي، انجم هالائي، انور هالائي، منصور ويراڳي، غلام هالائي، سليم هالائي، غلام محمد گرامي، احسن الهاشمي، حيدر شاه 'حيدر'، ڊاڪٽر عطا محمد 'حامي'، سرشار عقيلي، شاه نواز شاه، عارف بلڙائي، راز بلڙائي، جمع خان 'غريب'، ڊاڪٽر اسدالله شاه 'بيخود' ۽ شبير 'هاتف' وغيره قابلِ ذڪر آهن.

اهڙيءَ طرح قبلهٰ 'طالب المولىٰ' سائينءَ جي اثر ڪري، سنڌ جي مختلف شهرن مان، ادبي رسالا ۽ نڪتا، ڌار ڌار شهرن ۾ ادبي انجمنون قائم ٿيون جن جي معرفت، سنڌ ۾ مشاعرا، ادبي مذاڪرا، ادبي بحث مباحثا ۽ ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون. اهڙي ادبي ماحول، سنڌ ۾ نوجوان ۽ اُسرندڙ اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا."

حيرانيءَ جي ڳالهه اها آهي ته سنڌي ادب جي تاريخ نويسن، گهري ويل ڇهن ڏهاڪن جي انهن ادبي سرگرمين ۽ خاص ڪري هالا شهر ۽ سروري خاندان جي طرفان سنڌي ادب جي انهن سرگرمين جو، پنهنجي طرفان لکيل، سنڌي ادب جي تاريخن ۾ گهٽ ذڪر ڪونه ڪيو آهي، ۽ نه ئي وري سنڌ جي ڪنهن ادبي ۽ ثقافتي اداري يا يونيورسٽين ۾ قائم ڪيل سنڌي ادب جي شعبن مان ڪنهن به، سنڌي ادب جي تاريخ جي هن اهم باب طرف ڪو توجهه ڏنو. البت سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي سابق پروفيسر ۽ چيئرمئن، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجيءَ تحقيق 'سنڌي ادب جي تاريخ' جلد ٻئي ۾، قبلهٰ مخدوم 'طالب المولىٰ' ۽ قبلهٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' جي ادبي خدمتن جي باري ۾ اڌ ڪن صفحو لکيو آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر جوڻيجي، سندس شاگرد، ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشيءَ کان، پي ايچ.ڊي جي سلسلي ۾ 'گلستان سروري' جي موضوع تي تحقيق به ڪرائي هئي.

3- اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم ته قبلهٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' کي شاعريءَ جي ڏات ورثي ۾ ملي هئي، اها ڏات، اڳتي وري سندن فرزند ۽ سروري خانقاهه جي موجوده سجاده نشين، قبلهٰ مخدوم جميل الزمان کي عطا ٿيل آهي.

قبلهٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' جو شمار، سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ سنڌي شاعريءَ ۾ جن جن صنفن ۾ شاعري ڪئي هئائون، انهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو ويو آهي. شاعريءَ ۾ سندن اُستاد، سندن والد بزرگوار، قبلهٰ مخدوم 'طالب المولىٰ' جن

هئا، يقيناً سنڌي شاعريءَ تي سنڌس استاد جو اثر لازمي هو.

محبوب سروري صاحب ۽ ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشيءَ، سنڌس ڪلام ۾ جيڪي شاعرانيون خوبيون بيان ڪيون آهن، اُهي هي آهن:

قوت مشاهده، فطرت نگاري، حقيقت نگاري، ماحول جي عڪاسي، سلاست، نفاست، تخيل جو پرواز، ٻوليءَ جي حسناڪي ۽ علم البيان جو استعمال.

قبليٰ مخدوم محمد امين 'فهيم' جي شاعريءَ جو مضمون، جتي رومانوي ۽ عشقيه شاعريءَ سان ڀريل آهي، اُتي پاڻ نعتيه ڪلام ۽ قومي نظم ۽ نغما به چيا اٿن. سنڌس ڪلام سنڌس ذوق جماليات جي به ڀرپور ترجماني ڪري ٿو.

سنڌس ڪلام جي مطالعي ڪان پوءِ، اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌس ڪلام ۾ اُهي سڀ فني ۽ شاعرانيون خوبيون نظر اچن ٿيون، جيڪي هڪ پختي ۽ بُاڪمال شاعر جي ڪلام ۾ هونديون آهن. محترم محبوب سروري، سنڌس شاعريءَ جي خوبين جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"هڪ معياري شاعر جڏهن قوت مشاهده ۽
پرواز تخيل جي ڪمال تي پهچي ٿو، تڏهن
سنڌس ڪلام ۾ بي ساخته 'علم بديع و
البيان' جون خوبيون ۽ صفتون شامل ٿي
وينديون آهن، جن سان شاعر بذاتِ خود
حيران ٿي وڃي ٿو، ۽ پنهنجي ڪلام کي
بار بار پڙهي ۽ حظ حاصل ڪري ٿو."

(ص چوئيتاليهه)

ڪلام ۾ علم البيان جون گهڻو ڪري سيئي صفتون، ڪم آنديون اٿن، جيئن: تشبيهه، استعاره، تجنيس حرفي، تجنيس تام، تجنيس لاحق، مجاز مرسل، قطار البعرين ۽ صفت ايهام وغيره.

4- مون اڳ ۾ اهو عرض ڪيو آهي ته سروري خاندان جو هي چشم و چراغ به غريب پرور، انسان دوست، حليم، صابر، ساپيا طبعيت ۽ اعليٰ ڪردار جا صاحب هئا. ساپيا طبعيت واري صاحب هئڻ جي ڪري سنڌس عشقيه ڪلام ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا هلڪڙائي يا اهڙي ڪا ٻي خامي نظر نٿي اچي. پاڻ جتي عشقيه شاعريءَ ڪئي اٿن، اتي سنڌس شاعريءَ جو وڏو حصو قومي شاعريءَ متعلق پڻ آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. سنڌس چيل نعتيه ڪلام ۽ قومي نظمن مان ڪن جا ڪي بند هيٺ نموني طور پيش ڪجن ٿا:

**سنڌس چيل نعتيه ڪلام:**

سڄڻ آهيان سنڌءِ نوڪر، انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي،
تون سائين ۽ سخي سرور، انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي.
مان پڻ تنهنجي ئي دامن کي، جهليو وينو آهيان داتا،
ڪيو قادر اٿئي اڪبر، انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي.
محمدﷺ مير مرسل سار لهه ساجهر اچي سائين،
مڙن جي آهين پيٽي ڀر، انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي.
مدد منهنجي "امين" آهي محمدﷺ جام سونهارو،
نه جنهنجو آهي ڪو همسر، انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي.

سنڌس چيل قومي ڪلام جا ڪي شعر:

اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان،
توتان صدقي مال دولت توتان قربان جسم و جان.
خاڪ تنهنجي کي چمڻ لءِ آسمان جهڪندو رهي،
شمس پڻ هر روز سڪ ۾ بي گمان جهڪندو رهي.
مهربان جهڪندو رهي نا مهربان جهڪندو رهي،
تنهنجي هستيءَ جي اڳيان، سارو جهان جهڪندو رهي
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان،
توتان صدقي مال دولت توتان قربان جسم و جان.

ليڪن حيرانيءَ جي ڳالهه آهي ته اهڙي باڪمال شاعر جي شاعريءَ ۽ اُن جي فني خوبين جي باري ۾ سنڌي ادب جي تاريخن ۾ ڪي چند سٽون ئي لکيل نظر اچن ٿيون. سنڌي ادب جا نقاد، اهو ڄاڻن ٿا ته

حضرت مخدوم نوحؒ کان وٺي، لاکو لطف الله، مخدوم امين پکن ڏٺيءَ کان سواءِ مخدوم غلام حيدر صديقي، مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘ سائين، مخدوم محمد امين ’فهيم‘ ۽ موجوده سجاده نشين، مخدوم جميل الزمان سميت، سڀني بزرگن جي شاعري بيشمار شاعرائين خوبين سان مالامال آهي، پر جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي ته سواءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي، ٻئي ڪنهن به اداري هن طرف ڪوبه ڌيان نه ڏنو آهي، جيتوڻيڪ مون ڪٿي ٻئي هنڌ اهو لکيو آهي ته هالا ۾ مخدوم هائوس خود، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي لحاظ کان هڪ ادارو آهي، جنهن جي باري ۾ محققن کي تحقيق ڪرڻ گهرجي.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جي ڪيل علمي ۽ ادبي خدمتن ۽ سنڌن شاعريءَ جي باري ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشيءَ پنهنجيءَ تحقيق، ’گلستانِ سروريءَ‘ ۾، صفحي 253 کان 267 تائين روشني وڌي آهي. ڊاڪٽر قريشي صاحب لکيو آهي ته:

”مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻ لاءِ ’بزمِ طالب المولیٰ سنڌ‘ جو بنياد وڌو، جنهن جون شاخون، سڄيءَ سنڌ ۾ قائم آهن.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘، هن اداري جي پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾، بزمِ طالب المولیٰ جي تنظيم لاءِ گهڻوئي ڪم ڪيو. پاڻ ادبي خدمتن سان گڏ هالا ۾ تعليم جي سلسلي ۾ به وڏيون خدمتون ڪيائون.“ (ص 225)

5- اڳ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته قبليٰ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ ڪهڙين ڪهڙين صنفن ۾ شاعري ڪئي، اُن جا ڪي مثال به اڳ ۾ ڏنا ويا آهن.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ غزل به چيا آهن. سنڌن چيل غزلن ۾ عشقيه مضمون گهڻو نظر اچي ٿو، سنڌن چيل غزلن ۾، تغزل جو رنگ به آهي ته ان سان گڏ اُنهن ۾ سنجيدگي ۽ بردباري به نظر ۾ اچي (عبدالرحمان قريشي، 2010ع، ص 257)

سنڌن چيل غزلن مان هڪ جا ڪي شعر هيٺ پيش ڪجن ٿا:

اچا اُن جي اڳيان اي يار! ليلائڻ نٿو چاهين،
رُئل کي رمز سان ريبي، تون ريجهائڻ نٿو چاهين.
در دولت تي ڪيئن بي گهر اچو ڪن ٿا اجهو حاصل،
جو تون پنهنجي دران ڪنهن کي به لوڏائڻ نٿو چاهين.
سڄڻ تنهنجي اِهائي مهرباني آهي ڪافي جو،
تون خود ماري سگهين ٿو، ٻئي کان مارائڻ نٿو چاهين.
’فهيم‘ آهين ڏکويل جو، انهيءَ جي ڪنهن کي ڪل ڪانهي،
۽ تون پڻ پنهنجيءَ حالت کي، سمجهائڻ نٿو چاهين.

قبليٰ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ ڪافيون به تمام گهڻيون چيون آهن، پاڻ جيئن ته راڳداريءَ جا به ڄاڻو هئا، انهيءَ ڪري پاڻ پنهنجون ڪافيون، موسيقيءَ جي طرز تي چيون اٿن. مثال طور: سر پيرويءَ ۾ چيل سنڌن هڪ ڪافيءَ جا ڪي بند هيٺ پيش ڪجن ٿا:

ٿل تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس،
انهيءَ رمز سان روح ريجهائيندس.
جيڪي چار گهڙيون توسان گهاريون اٿم،
ساريءَ عمر کان وڌ سي پياريون اٿم،
تو وساري ڇڏيون نه وساريون اٿم،
مان ته پنهنجي پرت پڄائيندس.
تنهنجو مرڪي ملڻ، منهنجو عرض ڪرڻ،
تنهنجي برهه ۾ سر جي بازي ڇڏڻ،
تنهنجي لاءِ جيئڻ، تنهنجي لاءِ مرڻ،
توسان ناتو نينهن نڀائيندس.

مطلب ته اهو دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته قبليٰ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ قداور شاعر ۽ اديب هو. شاعريءَ کان سواءِ پاڻ ڪي ٻين علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتن جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

# مخدوم امين 'فهيم' هڪ بااصول ۽ بيمثال جمهوريت پسند سياستدان




سيد خورشيد احمد شاهه

مخدوم محمد امين 'فهيم' جي وفات، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ جمهوريت پسند عوام جي لاءِ انتهائي ڏک وارو لمحو آهي، مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي اصول پسندي، وفاداري ۽ جرئت ذريعي جمهوريت، عوام ۽ پارٽيءَ لاءِ ڪيترائي بيمثال داستان جوڙيا آهن، هن پيپلز پارٽيءَ کي ڇڏڻ جي قيمت تي ڪيس وزارتون به آڇيون ويون، ايتري تائين جو ڪيترا ڀيرا وزير اعظم جي به آڇ ٿي، مگر هن اصول پسندي ۽ وفاداريءَ جو جهنڊو بلند ڪندي وڏن وڏن عهدن کي ٺڪرائي ڇڏيو.

مخدوم امين 'فهيم' آمرن ۽ ابن الوقت جي طرفان آرام و آسائش ۽ طاقت جي وڏن وڏن عهدن کي ٺڪرائي عوام سان گڏ جدوجهد جي مشڪل رستي کي اپنايو ۽ هر دور ۾ پوري طاقت ۽ جرئت سان پيپلز پارٽيءَ سان گڏ رهيو. مونکي ياد آهي ته 2002ع ۾ ڪيس پرويز مشرف جي طرفان وزيراعظم جي پيشڪش تي ته محترمه بينظير ڀٽو آزاد فيصلي ڪرڻ جي ڪيس اجازت ڏيندي چيو ته هُو چيئرمين پيپلز پارٽي پارليامينٽ جي حيثيت ۾ فيصلو ڪري سگهي ٿو. مخدوم صاحب منهنجي ۽ رضا ربانيءَ جي موجودگيءَ ۾ پرويز مشرف سان ملڻ ويو، ملاقات کان پوءِ واپسيءَ تي هن ٻڌايو ته هن سندس وزير اعظم ٿيڻ جي آڇ ڪئي، پر مون ان کي رد ڪري ڇڏيو آهي. جو ته وزير اعظم جي آڇ پيپلزپارٽي ڇڏڻ سان مشروط آهي ۽ هُو پيپلزپارٽيءَ سان غداري ۽ پنهنجي ضمير جي قيمت تي ڪابه آڇ قبول نٿو ڪري سگهي. ان جي باوجود اسان ڏٺو ته انهيءَ دور ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽن تي چونڊجي ايندڙ ڪجهه ميمبرن، پارٽيءَ جي اصولن تي سودو ڪري ننڍيون ننڍيون وزارتون ۽ حڪومتي عهدا قبول ڪيا، پر مخدوم صاحب جي اصول پسندي، جمهوري فڪر و عمل نه صرف اهو، پر هن عوام جي هر طبقي ۾ قابلِ احترام ٿي ويو ۽ ان عوام کي ئي عزت بخشي ۽ هو پنهنجي ڏگهي سياسي سفر ۾ هميشه ناقابل شڪست رهيو ۽ اهڙي طرح پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ منفرد رڪارڊ قائم ڪيو آهي.

جهڙي طرح مخدوم امين 'فهيم' صاحب جي والد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ به ضياءالحق جي طرفان وزارتن جي پيشڪش کي ٺڪرائي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ڀٽو شهيد ۽ بينظير شهيد سان عهد وفاداري نڀايو هو.

مخدوم امين 'فهيم' پيپلز پارٽيءَ جو قيمتي سرمايو هو، پيپلز پارٽيءَ جي تاريخ جي هر مشڪل موڙ تي ان جو سهارو بڻجندو رهيو ۽ اهڙي عظيم اڳواڻ جي مدبرانه ۽ سياسي بصيرت سبب پيپلز پارٽي هر آزمائش ۾ هميشه سرخرو ٿي نڪتي. مخدوم صاحب دنيا کان ڪاميابي، عزت ۽ وفاداري جو احساس کڻي رخصت ٿيو آهي. هُو زندگيءَ ۾ به پنهنجي پارٽيءَ ۾ وڏي مرتبي سان رهيو ۽ پنهنجي فوت ٿيڻ کان پوءِ به ان جون اعلىٰ خدمتون ماڻهن جي دلين ۾ هميشه زنده رهنديون. هُو نه صرف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پر پاڪستاني عوام جي دلين ۾ به سياسي بصيرت جي ڪري ڪيس احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. مان دعاگو آهيان ته الله تعالىٰ ڪيس جنت الفردوس ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي ۽ ان جا درجات بلند ڪري



# سنڌ جو سُلڇڻو پيرُ:
# مخدوم محمد امين ’فهيم‘

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

اڄ پرين تنهنجي رهي ٿي ياد دل ۾ هر گهڙي،
مون کي تون منهنجا ”امين“ هڪڙو به پل وسرين نٿو.
(فهيم)

درگاهه مخدوم سرور نوح جو 18- هون سجاده نشين مخدوم محمد امين ’فهيم‘ (4- آگسٽ 1939ع- 21- نومبر 2015ع) هڪ مثالي شخصيت جو مالڪ هو. سندس ئي هڪ غزل سان هن مقالي جي ابتدا ڪجي:

”تون رُسي وئين، اي رشڪِ لاله و گُل،
اڄ خزان کي بهارُ ڪير ڪري
تون سپاٽي چوين ٿو ملندس پر،
ايترو انتظار ڪير ڪري.
عمر چشم زدن مثل آهي،
ساهه تي اعتبار ڪير ڪري.
ڪوبه هت رازدان ناهي فهيم،
حالِ دل آشڪار ڪير ڪري“

شاعري سندس خانداني ورثو هو، جنهن جو پاڻ هڪ لائق وارث ثابت ٿيو. شخصي طور تي هڪ حيرت انگيز وڏو ماڻهو هو. سندس گهڻ رخي شخصيت جي هر رخ ۾ هڪ ڪامل شخص موجود هو. سياست، سچائي، جٺاداري، بهادري ۽ برد باري جي هڪ سرواڻ ۾ سموئجڻ جو هڪ انوکو مثال هو. سجي زندگي هڪ ئي سياسي جماعت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان وابسته رهيو ۽ وقت جي لڱندڙ طوفانن ۾ ڪڏهن سياسي مصلحت کان ڪم نہ ورتائين. وقت جي آمر حڪمران ڪيس وزيراعظم ٿيڻ جي آڇ ڪئي جيڪا مُرڪي موٽائي ڇڏيائين. پنهنجي مثالي والد محترم مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ (5- آڪٽوبر 1919ع- 11- جنوري 1992ع) جي نقش قدم ۽ تربيت تي قائم رهيو، جنهن سنڌ جي گورنري جي آڇ ائين چئي موٽائي ته ”اسان لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمني موزون آهي.“

مخدوم محمد امين فهيمؒ تمام اعلىٰ انساني خوبين سان سينگاريل هو. همدردي، خوش اخلاقي، برداشت ۽ بردباري، نيڪي ۽ نيڪ نيتي سندس خاص اوصاف هئا. وفا جي بدلي جفا کي خنده پيشانيءَ سان قبول ڪرڻ ۽ شڪايت نہ ڪرڻ جو شايد واحد مثال هو. شان شوڪت ۽ وضعداري سندس خانداني روايت هئي جنهن ۾ هن نهٺائي ۽ خوش مزاجيءَ جو اضافو ڪيو. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي:

مخدوم محمد امين فهيم ولد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ولد مخدوم غلام محمد گُل سائين ولد مخدوم ظهير الدين پريل ڄام ولد مخدوم امين ولد مخدوم محمد زمان سرڪار ولد مخدوم امين محمد ولد مخدوم محمد زمان رابع ولد مخدوم امين محمد ولد مخدوم پنيلتو ولد ميان منڻ ولد مخدوم محمد زمان 11هون سجاده نشين، مخدوم ميرل معصوم بن مخدوم محمد زمان حافظ 10

سجاده نشين هو، ولد مخدوم مير محمد ولد مخدوم محمد زمان (ثاني) ولد مخدوم مير محمد ولد مخدوم محمد زمان (اول) ولد مخدوم عبدالخالق ولد مخدوم ابو محمد ولد امين محمد ابوالخير ولد مخدوم سرور نوح لطف الله ولد مخدوم نعمت الله ولد مخدوم اسحاق پاٽوٺي ولد مخدوم شهاب الدين ولد مخدوم سرور ولد شيخ فخر الدين صغير ولد شيخ عزالدين ولد شيخ فخر الدين ڪبير ولد شيخ ابوبڪر ڪتاني ولد شيخ اسماعيل ولد شيخ عبدالله ولد شيخ نصيرالدين ولد شيخ سراج الدين ولد شيخ ابو نجيب القاهر ولد شيخ عبدالله ولد شيخ محمد ولد شيخ عمويه ولد سعد ولد الحسين ولد القاسم ولد النضر ولد القاسم ولد النضر ولد عبدالرحمٰن ولد القاسم ولد محمد ولد حضرت ابوبڪر صديقؓ.

(تاريخ باب الاسلام، ص 138-139)

**سوانح:** ولادت 4- آگسٽ 1939ع

گل خوش رنگ نمودار شد بگلشن نوح
هزار بار مبارڪ زرسيد شام و صبوح

(سينتو خان، صيد)

**شادي:** 21- جون 1957ع، عمر 19 سال

**شاعرن قطعه تاريخ لکيا:**

چڱي تاريخ 20 جون ۽ ذوالقعد 21 هين.

(محبوب سروري)

**اولاد:**

7 فرزند: مخدوم جميل الزمان جميل، مخدوم شڪيل الزمان، مخدوم عقيل الزمان، مخدوم نجيب الزمان، مخدوم خليل الزمان، مخدوم جليل الزمان ۽ مخدوم ابو محمد سنڌيار.

**مسند:**


سندن مسند تي وڏو فرزند مخدوم جميل الزمان جميل فائز آهي. هُو علم و ادب جي ميدان ۾ هڪ محقق، شاعر ۽ مصنف جي حيثيت ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ صاحبِ ديوان آهن ۽ سندن ڪلام جا 3 مجموعا شايع ٿي چڪا آهن: 1. ملاقات 2. اُتر لڳا آءُ پرين ۽ 3. محبت پائي من ۾. ازان سواءِ متعدد ڪتاب ڇپرايا اٿن جيڪي تمام تر علمي ۽ ادبي دنيا ۾ قابلِ قدر آهن. انهن ۾ جديد شاعريءَ جو انتخاب بعنوان "صبوحي"، ديوان طالب المولىٰ انتخاب بنام "دلربا دلربا" شاهه جي رسالي مان انتخاب "سامي سچ وڙاءُ"، مخدوم سعيد الزمان عاطف جي شاعري: "پاڻ مراديون ڳالهڙيون" ۽ "انت محبوبي" نعتيه شاعري خاص آهن.

**سروري جماعت:**

"سرور" خطاب هو حضرت مخدوم نوحؒ جو، جيڪو 22- فيبروري 1506ع کان 17- سيپٽمبر 1590ع تائين هڪ درخشان ستاره طور تاريخ ۾ نمودار ٿي گذريو. سندن مريدن پاڻ کي "سروري جماعت" ۾ ڳنڍيو ۽ ۽ اُها نوَ لک گودڙي سڏجڻ ۾ آئي يعني اُن وقت نوَ لک مريد انهي هدايت جي حلقي ۾ شامل هئا. زماني جي ستم ظرفي سنڌي قوم کي ڏتيڙي ڇڏيو ليڪن سروري جماعت جي فقيرن تي ڪنهن هٿ نه ڪنيو. اها هڪ عبرت انگيز تاريخي حقيقت آهي. اڄ به اها سروري جماعت قائم ۽ دائم آهي، سندس استحڪام، مرشد ۾ مڪمل اعتقاد ۽ پاڻ ۾ ٻڌيءَ تي منحصر آهي.

**شاعري:**

سندن تخلص 'فهيم' حضرت مخدوم طالب المولىٰ سندن والد محترم جو ڏنل هو. اڳ پاڻ 'امين' تخلص ڪندا هئا. هڪ مداح ڪين مخاطب ٿي چيو ته: "اوهان 'امين' به آهيو ته 'فهيم' به آهيو". هڪ "بزم امين" قائم ڪئي وئي. اهو سال 1955ع هو ۽ شريڪ شاعر حضرات ۾ خود پاڻ امين 'فهيم' کان علاوه جناب علي بهادر عڪس، علي احمد شاهه ساقي، امير علي شاهه امير، خورشيد شاهه ساغر، مهر علي تابع سروري ۽ ٻيا همعصر شاعر حضرات شامل هئا. انهن مان ڪجهه حضرات بعد ۾ شاعري ڇڏي ڏني. ليڪن مخدوم امين 'فهيم' مسلسل شعر چوندو رهيو. سندن ذهن ۾ رواني هئي: "اي وطن اي جانِ من....." هڪ قومي نظم، جڏهن 1965ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪونايل آل سنڌ قومي ترانن جي مشاعره ۾ پڙهيائون ته ڪين پهريون انعام ڏنو ويو. مٿس تنقيد ۽ الزام تراشي ٿي، تنهنڪري بعد ۾ قومي ترانا لکڻ ڇڏي ڏنائون.



# مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جون ساروڻيون

مدد علي سنڌي

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سان منهنجي تفصيلي ملاقات 27- جون 2014ع تي هالا شهر ۾ ٿي هئي، سندن ننڍي ڀاءُ مخدوم نويدالزمان جي وفات تي پاڻ دبئي مان هالا آيل هو، آءٌ به تعزيت لاءِ هالا پهتو هوس. ٻاهر اڱڻ ۾ مخدوم حبيب الله سندن فرزند وڏي هجوم ۾ ويٺو هو، فاتح پڙهي. ڪجهه دير بعد آءٌ هن کان موڪلائي ٻاهر نڪتس ته سامهون مخدوم ڊاڪٽر رفيق الزمان نظر آيو، هن سان وڏي وجهي مليس. پاڻ ٿورو مجي، چيائين: ”چو ”قبلا سائن“ سان ڪونه ملاقات ڪندؤ ڇا؟ هن جو اشارو مخدوم محمد امين ’فهيم‘ ڏانهن هو. مون ها ڪئي ته يڪدم سروري جماعت جي هڪ رڪن کي سڏي چيائين ته: ”بابا! سائين کي مخدوم صاحب وٽ وٺي وڃو“، آءٌ هن سان گڏ سامهون وراندي مان ٿي هڪ هال جو در کولي اندر ٿيس ته سامهون وڏي هال ۾ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ ويٺل هو، ٻيا به ڪيترا ماڻهو موجود هئا، مون کي ڏسي پاڻ اٿي بيٺو ۽ مون سان ڀاڪر پائي پنهنجي پر ۾ هڪ ڪرسيءَ تي ويهاريو.

حسبِ معمول، ڪچهري شروع ٿي. سندس سوال هو ته ڇا پيو ٿئي سياست ۾؟ مون جواب ڏنو، قبلا سياست ۾ اوهان کان وڌيڪ اصلوڪين حالتن جي ٻئي ڪنهن کي خبر هوندي، اسين به ڏسون پيا. ايتري ۾ سيد ذوالفقار شاهه ڄاموٽ جو فرزند سيد علي ڄاموٽ پنهنجن سائين سان فاتحه لاءِ آيو. هن دعا لاءِ هٿ کنيا ۽ پوءِ مخدوم صاحب کان مون موڪلائڻ چاهيو ته هن مهرباني ڪري مون کي چيو: اوهان ويهو. علي ڄاموٽ به ڪجهه گهڙيون ويهي هليو ويو ۽ ڪجهه رش به گهٽ ٿي ته پاڻ چيائون، ”اوهين به صحافي آهيو، سياست تي گهري نظر رکو ٿا، ڇا ٿا سمجهو؟“ مون جواب ۾ عرض ڪيو، ”قبلا سائين عرض آهي ته سياست هڪڙي سماجي سائنس آهي، اها ماڻهن جي عام ڀلائين لاءِ هئڻ گهرجي، ماڻهن جون وڏيون اميدون ٿين ٿيون ۽ حڪومتن جي بهتر حڪمراني (Good Governance) جو نه هئڻ، وڌندڙ دهشتگردي ۽ ٻيون اوڻايون ڪو سٺو مستقبل نه پيون ظاهر ڪن.“

پاڻ اهو ٻڌي ماٺ ٿي ويو، پوءِ چيائين، ”اوهين گهڻي قدر صحيح آهيو، يقينن ائين ٿي ٿيڻ گهرجي.“

ان وچ ۾ مون کين عرض ڪيو ته، مخدوم صاحب توهين پاڪستان جي سياست ۾ هڪ وڏي عرصي کان اهم رهيا آهيو، اوهان فيلڊ مارشل ايوب خان جو دور ڏٺو، پنهنجي والد سوڌو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان به گڏ رهيا، پوءِ جنرل ضياءُالحق جي مارشل لا ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا ساٿي رهيا، اوهين مهرباني ڪري پنهنجون يادگيريون Memoirs لکو، ان سان پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ شاندار ڪتاب، ماڻهن آڏو اچي ويندو.

پاڻ به ٿي منٽ چپ رهڻ کان پوءِ چيائين ته: ”ڳالهه اوهان جي تمام سٺي آهي، پر لکڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي!“

مون چيو ته، پوءِ سائين مهرباني ڪري ٽيپ رڪارڊ تي يادگيريون رڪارڊ ڪرايو بعد ۾ انهن کي Transcribe ڪرائي اتاري، پنهنجي نظر مان ڪيو ۽ آخر ۾ ڪنهن اداري کان اهو ايڊٽ ڪرائي ڇپرائڻ گهرجي. مون کين عرض ڪيو ته مثال طور: فيلڊ مارشل ايوب خان به پنهنجون يادگيريون رڪارڊ ڪرايون هيون، جن کي پوءِ الطاف گوهر Friends Not Masters (فرينڊز ناٽ ماسٽرز) جي نالي سان ڇپرايو هو. پاڻ کلي چيائون ته: ها اهو ڪتاب مون ڏٺو هو، پر ڇا ڪجي، ڪيتريون ڳالهيون ڏاڍيون تلخ آهن. وري به اوهان جي صلاح تي ضرور غور ڪبو!

مون چيو: مثال طور اوهين 27- ڊسمبر 2007ع تي محترمه شهيد بينظير ڀٽو سان ان گاڏيءَ ۾ گڏ هئا، اهو به انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو اوهان جي روبرو ٿيو. منهنجي ان ڳالهه تي پاڻ ڪوبه جواب نه ڏنائون ۽ خاموش ٿي ويهي رهيا.

ان وچ ۾ سردار ممتاز راهو به آيو. ڪيس ڏسي مون کان پڇيائون، ”مدد صاحب! اوهان جو دوست سردار مشتاق احمد راهوءَ سان ڪو رابطو ٿئي ٿو يا نه“؟

مون عرض ڪيو: جي سائين، مشتاق صاحب آمريڪا آهي، ساڻس ڪڏهن رات جو دير سان فون تي ڳالهه ٻولهه ضرور ٿيندي آهي. وڏيڪ اوهان کي سندن ڀاءُ ممتاز راهو ٻڌائيندو. پاڻ کلي چيائون، ”برابر ممتاز صاحب ته اسان جو پنهنجو آهي. ان وچ ۾ گهڻي دير ٿي وئي هئي، مون اٿي موڪلايو، چيائون ”اوهان جي وڏي مهرباني توهان سدائين ڏک جي مهل اسان وٽ ضرور ايندا آهيو، ماني کائي ضرور وڃو.“ مون کانئس معذرت ڪئي ۽ ٻڌايم ته گاڏي مقبول راهو کان وٺي آيو آهيان، ڪيس جمعي جي نماز کان پوءِ واپس ڪرڻي آهي، انڪري اوهان کان موڪلايان ٿو، ائين چئي آءٌ ٻاهر نڪتس.

جمعي جو ڏينهن هو، ٻاهر ڏاڍي رش هئي ۽ گرمي به تمام گهڻي هئي. رستي ۾ ايندي مون کي مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جون ڪيتريون يادگيريون ذهن تي تري آيون هيون.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سان منهنجي شروعاتي ملاقات، غالباً سال 1981ع ۾ ٿي هئي. قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سان نيازمندي هئي، ان ڪري جڏهن به پاڻ حيدرآباد پنهنجي لطيف آباد يونٽ نمبر-3 واري بنگلي تي ايندا هئا، تڏهن آءٌ حيدرآباد ۾ روزاني ”سنڌ نيوز“ جو ايڊيٽر هوس، حاجن فون تي ٻڌائيندو هو، قبلا سائين اوهان کي ياد پيا ڪن! ۽ پوءِ آءٌ به سمورا ڪم ڪار ڇڏي وڃي شام جو مخدوم صاحب سان ملاقات لاءِ پهچندو هوس. وٽن ڪچهري گهڻو ڪري فرش تي ٿيندي هئي، اتي ئي ويٺا هئاسين ته مخدوم امين ’فهيم‘ ساڻن ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو، شايد ڪراچي وڃڻو هو. مخدوم صاحب يڪدم منهنجو تعارف ساڻس ڪرايو ۽ پوءِ چيو ته مدد علي اسان جي خانداني لڳ لاڳاپن وارو اٿوَ، مرحوم ممتاز قريشي جو ننڍو ڀاءُ آهي. مخدوم امين ’فهيم‘ چيو ته: ها هوٽل ”سائينجيز“ ۾ ممتاز صاحب ۽ يوسف ٽالپر وارن سان گهڻيون ڪچهريون ٿينديون هيون. پوءِ مخدوم صاحب کيس ٻڌايو ته مرحوم گل حسن قريشي (مالڪ قيصر سئنيما) جو ماسات به اٿوَ! اوهان کي ضرور ياد هوندو ته اسين سندس وفات تي الهندي ڪڇي ۾ سندس گهر فاتحه لاءِ هليا هئاسين. مون کي چڱي طرح ياد آهي اوهين بعد ۾ سندس والده سان ملاقات لاءِ گهرجي اندر هليا هئا! مخدوم امين ’فهيم‘ ياد ڪندي چيو هو.

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي يادگيري توڙي سندن ڳالهيون ٻڌي آءٌ به ماضيءَ جي ڏند ۾ گم ٿي ويو هوس. ڪجهه دير کان پوءِ مخدوم امين ’فهيم‘ موڪلائي ڪراچي روانو ٿيو هو. اوچتو قبلا مخدوم صاحب پڇيو هو: ”اوهان کي يادگيري آهي، مرحوم گل حسن بابت؟“

چيو هوم: قبلا سائين! ادا گل حسن اسان جو آئيڊيل ماسات هو، بلڪ اسان جا نالا به هن رکيا هئا. هڪ انتهائي سخي مرد، دل جو ڪشادو نوجوان هو، سندس وفات جو زمانو مون کي ياد آهي. پاڻ ڪراچيءَ ۾ اسان جي وڏي ڀاءُ ممتاز کي انٽرنيشنل

فيئر ڏيکارڻ ويو هو، اتي نمائش جي آخري رات هڪ
سپاهيءَ خبر ناهي ڪهڙي جنون ۾ اچي ميلي ۾ آيل
ماڻهن جي هجوم تي ٽري ناٽ ٽري جي فائرنگ
ڪئي هئي. ان سپاهيءَ جي هڪ گولي هن کي
ڪلهي مان آرپار لنگهي وئي هئي. هُو ڪراچي جناح
اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾ هڪ مهينو حيات هو ۽
هڪ مهيني کان پوءِ اسپتال ۾ رات جو گذاري ويو
هو. اها ڳالهه 21- ڊسمبر 1962ع جي آهي، ڪيس گولي
20- نومبر 1962 تي لڳي هئي.

اسين ننڍا هئاسين، 21- ڊسمبر تي رات جو
12 وڳي هن جي تدفين ٿي هئي، وفات وقت هن جي
ڄمار فقط 33 ورهيه هئي ۽ اوهين غالباً ٻئي ڏينهن
هن جي گهر تعزيت لاءِ آيا هئا. ياد ان ڪري به اٿم جو
اوهان مرحوم جي والده سان ملاقات جي خواهش
ڏيکاري هئي، جنهن جي ڪري اتي ويٺل عورتن کي
ٻئي ڪمري ۾ موڪليو ويو هو. اوهان سان ملاقات
مهل هن جي والده جا سڏڪا مون کان اڃان به نه
وسري سگهيا آهن. مخدوم صاحب اهو ٻڌي چيو هو،
اوهان جي طبيعت ۾ تحقيقي عنصر شامل آهي،
دراصل، مرحوم گل حسن ۽ منهنجي والده جو
گدوبندر حيدرآباد وٽ رهائش کان وٺي پاڻ ۾ پيرن
جهڙو رستو هو، آءٌ پاڻ ننڍي هوندي حيدرآباد ايندو
هوس ته وٽس يا وري احسن الهاشمي وارن جي گهر
پروڃي رهندو هئس. اوهان کي تعجب لڳندو ته
مرحوم گل حسن جي والده جو اهو گهر چند مسلمانن
جي گهرن مان هڪ هو، جنهن ۾ بجلي هوندي هئي،
تڏهن چڱن چوکن گهرن ۾ لالٽين ڪونه هوندي هئي.

مون کين ٻڌايو ته سائين! مون کي ياد آهي
ته مرحوم گل حسن جي چنيءَ جي قميص به اوهان
وٽان آئي هئي، گلابي رنگ جي انتهائي نفيس
ڪپڙي جي، وٽن سانديل هوندي هئي. مخدوم
صاحب ٻڌايو هو ته، ”ها! اهو ته ڪپڙو هالن ۾ ٺهندو
هو، هاڻ بلڪل نٿو ٺهي، ان جو نالو ”موتيا“ هوندو
هو. ريشمي ڪپڙو به اهڙو، جو مُنڊيءَ مان لنگهي
وڃي، اوهان بلڪل صحيح ٿا چئو، مون کي ان ڳالهه
جي خبر آهي“

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ سان ڪيتريون
ملاقاتون جولاءِ 1988ع ۾ لنڊن ۾ به ٿيون، تڏهن اڃا
ڄام صادق علي لنڊن ۾ 1977ع کان وٺي جلاوطني
جي زندگي گهاري رهيو هو. نارٿ لنڊن
جي ”بيلسائيزپارڪ“ وارو ڪشادو گهر ڄام صاحب
جي دل وانگر سياسي ڪارڪنن جي لاءِ هر وقت
کليل هوندو هو. شام جو ڪنهن مهل به اتي پهچو،
ماني ۽ ٻه چار قسمن جا مشروب تيار ملندا هئا.
پيپلزپارٽي جا گهڻا جلاوطن ڪارڪن اتي شام جو
اچي گڏ ٿيندا هئا. اهو گهر، بيلسائيز پارڪ ٽيوب
اسٽيشن جي بنهه سامهون هوندو هو. مون ڄام
صاحب سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ڪيس پيجر تي ميسج
ڪيو هو، پيغام پهچڻ شرط فون ڪري چيو
هئائين: ”مدد! آءٌ اڃان يا تون اچي رات جي ماني مون
وٽ کاءُ ته ڪجهه حال احوال به ڪريون.“

پوءِ ”ارل ڪورٽ“ مان ٽيوب ۾ چڙهي
”چئرينگ ڪراس“ تي ناردرن لائين ريل ۾ چڙهي
وڃي شام جو وٽس پهتو هئس. گهر جي گهنٽي
وڄائڻ سان پاڻ اچي در کوليو هئائين. پوءِ ڏاڍي
پاٻوهه سان ڀاڪر پائي گهر ۾ اندر وٺي آيو هو، ان
وچ ۾ ٻڌايائين ته مخدوم امين ’فهيم‘ به آيل آهي،
مون ساڻس تنهنجو ذڪر ڪيو آهي، اجهو ٿو اچي.

ڄام صاحب سان ڪيل ڪچهري ڊيگهه
سبب هتي درج نٿو ڪريان، بهرحال مخدوم صاحب
به ڪجهه دير ۾ اچي پهتو هو، جيڪو ڄام صاحب
جي گهر ۾ رهيل هو. حضرت علي ڪرم الله وجهه
جو قول آهي: ڪنهن ماڻهو کي پرکڻو اٿوَ ته هن سان
گڏ سفر ڪري ڏسو، يا ساڻس ڪاروبار ڪريو، سو
مولا علي جي قول مطابق، مخدوم امين ’فهيم‘ سان
گڏ ان ڏينهن جو سفر ضرور ڪيو اٿم.

آءٌ تڏهن هلال پاڪستان ڪراچي جو چيف
ايڊيٽر هوس، سنڌ جو وزيراعليٰ ڄام صادق علي هو،
عمرو ڪرڻ لاءِ سعودي عرب وڃڻو هو، نومبر 1990ع
کان پروگرام ٺهيا پئي ۽ ڪينسل پئي ٿيا. آخرڪار
مارچ 1991ع ۾ ڄام صاحب عُمري لاءِ دبئي روانو
ٿيو. وفد ۾ پير صاحب پاڳارو، مخدوم محمد امين

فهيم، الاهي بخش سومرو، چوڌري احمد سعيد، علي نواز وفائي، خليفو عاقل، عثمان علي چانهيو ۽ ڄام مدد علي، علي احمد بروهي، سليم ميمڻ، اڳوڻو ڪمشنر ۽ چار صحافي، هر هڪ اظهر سهيل، محمود شام، مجيد عباسي ۽ آءٌ شامل هئاسين.

ايمريٽس ايئر لائين جي فلائيٽ صبح جو دبئي لاءِ رواني ٿي، رمضان جو مهينو هو، پر ايئر لائين وارين ماين (Air Hostess) هر ڪنهن کان پئي پڇيو "آر يو فاسٽنگ، آرنات" Are you Fasting Or Not? ۽ ڪيترن سائين کي روزو ڪونه هو، پر پوءِ به "نو" چئي جند ٿي ڇڏايائون، پر مون کي روزو ڪونه هو، انڪري مون "نو" نه چيو. تنهن تي ايئر هوسٽيس مون لاءِ ٽري کڻي آئي، پرسان مخدوم محمد امين 'فهيم'، پير صاحب پاڳارو، ڄام صادق علي وينل هئا. مخدوم صاحب اتي مون وٽ هلي آيو ۽ چوڻ لڳو مدد صاحب اوهان ۾ اخلاقي جرئت آهي، ماڻهوءَ کي سچ ڳالهائڻ گهرجي. اها ئي ماڻهوءَ جي اخلاقي جرئتمندي هئڻ گهرجي! اهو ٻڌي پير صاحب پاڳاري به ارشاد فرمايو هو ته، "خطرناڪ! ڪٽي ته باز اينڊو ڪر!" آءٌ مرڪي چپ ٿي ويو هوس، جو پير صاحب پاڳارو ۽ سيد ذوالفقار علي شاهه ڄاموٽ اڪثر مون کي انهيءَ نالي سان سڏيندا هئا.

1982ع ۽ 1983ع ۾ گهٽو ڪري پير صاحب پاڳارو حيدرآباد ۾ ڄاموٽ هائوس ۾ اچي ترسندو هو، ان وقت پير صاحب سان رات جو دير دير تائين ڪافيءَ جي ڪيترن ڪوپن تي ڏکي ڪچهري ٿيندي هئي، پر منهنجي اختلافي ڳالهين جي ڪري هن مون کي اهو لقب ڏنو هو.

خير، جهاز دبئي پهتو ۽ اسين وڃي هوٽل "حيات ريجنسي" ۾ ترسياسين، اتي اسان کي به ڏينهن رهڻو هو. دبئيءَ جو اهو هوٽل اڄان به شاندار آهي. وڏا وڏا لائونج، هيٺ اسڪيٽنگ روم هو. ڇت تي ريوالونگ ريسٽورنٽ. لابيءَ ۾ دنيا جي مشهور چينس Chains جا دڪان. شام جو هيٺ لهندو هوس ته مخدوم صاحب سان ملاقات ٿيندي هئي ۽ مخدوم صاحب مون کي هوٽل جي لابيءَ ۾ وٺي هلندو هو، اتي مشهور گڇي شاپ Gucci تي پرفيومز، ٽايون ۽ پيو سامان ڏسندو هو. ڪڏهن وري ريوالونگ ريسٽورنٽ وٺي هلندو هو، پر شام جو سج لٿي مهل ريوالونگ ريسٽورنٽ ۾ سموري دبئي شهر جون جڳ مڳ ڪندڙ بتيون سمنڊ ۾ ترنديون ڏسڻ ۾ اينديون هيون.

هڪ ڀيرو حسب معمول پاڻ مون کي لابيءَ ۾ وٺي هليو، مختلف شاپنگ اسٽورن تان ٿيندو وري وڃي سندس من پسند گڇي شاپ تي بيناسين، ڪيس هڪ ٽاءِ پسند آئي پر پوءِ خبر ناهي ڇو اها خريد نه ڪيائين. ايتري ۾ اظهر سهيل اچي شاپ تي نڪتو، اسان سان عليڪ سليڪ ڪري يڪدم سيلزمين کي چيائين ته هوءَ ڪالهه جيڪا ليڊيز شاپنگ بيگ پسند ڪري ويو هوس. اها پيڪ ڪري ڏي، ايتري ۾ سيلزمين هڪ انتهائي سهڻي ليڊيز شاپنگ بيگ کڻي هن کي ڏيکاري، مخدوم صاحب ڏسي وري واپس ڪئي، اظهر سهيل بل ادا ڪيو ۽ چيائين پنهنجي زال لاءِ ورتي اٿر، پاڪستاني 75 هزار رپين جي آهي، اسان مرڪي کڻي ماٺ ڪئي ۽ هُو اتان هليو ويو، ايتري ۾ مخدوم صاحب ٻڌايو ته اظهر سهيل صبح جو سويل ڄام صاحب وٽ به آيو هو، پير صاحب کان ڪجهه پئسا گهرڻ لڳو، يڪدم ڄام صاحب ڪيس هڪ لفافي ۾ درهم ڏئي ڇڏيا.

دبئي مان اسين ٽئين ڏينهن شام جو دبئي جي حڪمران شيخ راشد جي ذاتي فالڪن جهاز ۾ مديني منوره روانا ٿياسين. مديني پهچندي اسان جي منزل "پاڪستان هائوس" هو. پاڪستان هائوس پهتاسين ته مون کي چيائين ٽيهري جي نماز جو وقت آهي، پاڻ هتي ويهڻ بدران ڇو نه مسجد نبويءَ هليا هلون. منهنجي لاءِ عمرو پهريون ڀيرو هو، انڪري مان مديني شهر کان لا علم هوس پر ڪين خبر هئي، هيٺ لٿاسين. اتان ڪار ۾ وڃي پنجن منٽن ۾ مسجد نبويءَ پهتاسين. ان سال 1991ع ۾ اڃا مسجد نبويءَ جي توسيع جو ڪم هلي رهيو هو، پرپاسي جون ننڍيون ننڍيون عمارتون ۽ هوٽل ڊهي رهيا هئا ۽ مسجد ۾ ڪم هلي رهيو هو. پاڻ مون کي

اندر وڃي هليو ۽ اتي پاڻ سان گڏ عمري جي نماز پڙهائي، بعد ۾ اندر روضي رسول وٽ وڃي وڃي حاضري ڀرايائين، اتي مون کي سختيءَ سان منع ڪيائين تہ رسول جي روضي وٽ دعا گهرڻ تي سخت منع آهي ۽ پوءِ مون پهريون پيرو مخدوم محمد امين 'فهيم' سان گڏ رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي روضي مبارڪ جو ديدار ڪيو ۽ واپس اچي اگهڻ ۾ ويناسين. ڪجهہ دير کان پوءِ سانجهيءَ جي نماز ٿي هئي، ايتري ۾ مديني جي ماڻهن اسان لاءِ دسترخوان وڇائي ڇڏيا. اتي ڪجور، قهوو، ڏهي، ڊبل روٽي جا سلائيس آڻي رکيائون. مخدوم صاحب چيو تہ جنهن جا مهمان آهيون، هن هتي پاڻ کي خالي هٿين هرگز نہ ڇڏيو آهي. هي هتان جو معمول اٿوَ. اهڙي طرح وري مڪي شريف ۾ ڪعبي ۾ عمرو پير صاحب پاڳاري ۽ پاڻ سان ڪرڻ جو شرف عطا ٿيو. -

9 ڀيرا ملڪ جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر شپ وارو شرف حاصل ڪندڙ مخدوم محمد امين 'فهيم' پيپلزپارٽيءَ جو اهم اڳواڻ هو، ساڳئي وقت هو صاحب سروري جماعت جو 18 هون روحاني پيشوا بہ هو. پاڪستان جي سياست ۾ تہ پاڻ 1966ع کان وٺي پنهنجي والد مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي ڪري سرگرم رهندو آيو، جو مخدوم صاحب مارچ ۾ 1962ع ۾ پهريون پيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو هو. 1970ع ۾ عملي طور پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ 1977ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ ٻيو پيرو پيپلزپارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبلي جو ميمبر بڻ ٿيو، پر 5- جولاءِ 1977ع تي مارشل لا لاڳو ٿيڻ سبب اها اسيمبلي ڪم نہ ڪري سگهي.

1977ع کان پوءِ مارشل لا جي هڪ ڊگهي آمريت واري خوفناڪ دور ۾ بہ مخدوم خاندان کي اهو ڪريڊٽ لازمي طور تي وڃي ٿو، تہ هنن ڪڏهن بہ پيپلزپارٽيءَ جو ساٿ هرگز نہ ڇڏيو. خود مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ بہ هڪ اڏول شخص هو، سندس هڪ مربي پٽ مخدوم خليق الزمان پيپلز پارٽيءَ جي ڪري ڪيترا ڀيرا جيلن جون مشڪلاتون برداشت ڪري آيو، ويندي بلوچستان جي مچ جيل جهڙي سخت جيل ۾ بہ هن بهادريءَ سان جيل ڪاٽي هڪ مثال قائم ڪري ڇڏيو، اهو ايم.آر.ڊي جي هلچل وارو دور هو. ضياءالحق جي مارشل لا دوران زندانن جا در سدائين ڪليل، ڦٽڪن جا ڪوڙڪا، قيد با مشقت سزائون ان دور جا ڪڏهن بہ نہ وسرندڙ واقعا آهن.

مخدوم محمد امين 'فهيم' کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي 1970ع وارين چونڊن ۾ ڀٽي مان ڪٽيل قومي اسيمبلي جي پنهنجي سيٽ بعد ۾ ڪيس ڏني هئي ۽ پاڻ اتان ڪامياب ٿيو هو. چوٿين چونڊ ۾ سيد قادرڏني شاهہ سندس مقابلو ڪيو هو.

گهڻ ماڻهن کي خبر آهي تہ پاڻ هڪ اهلِ دل، اهلِ ادب شخص هو. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "پيغام" گهڻو وقت اڳ 1990ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پاڻ ادبي محفلن ۾ گهڻ شرڪت ڪئي، پر سندن والد قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ادبي محفلن جو روح روان هو.

مخدوم محمد امين 'فهيم' تي نالو بہ سندس جد امجد جو رکيل هو. شاعريءَ جو ذوق بہ سندن خاندان ۾ سالن کان هلندو پيو اچي. هت سندس شاعريءَ مان فقط هڪ بند ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان.

هن جهان ۾ رنگ و بوءِ ۾، واهہ جو سودو ٿيو،
پاڻ، قيمت ۾ ڏئي، هڪ باوفا حاصل ڪيم.

يا وري

بي وفا سان وفا ڪڏهن نہ ڪجي،
دوستو هيءَ خطا ڪڏهن نہ ڪجي.
سور سيني کي نيٺ صاف ڪندا،
درد دل جي دوا ڪڏهن نہ ڪجي.

جيڪڏهن آءٌ غلط نٿو چوان تہ اها هڪ حقيقت آهي تہ 1970ع ۾ ۾ مخدوم امين 'فهيم' ئي پنهنجي والد مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ کي پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي درخواست ڪئي هئي. اها ڳالهہ پاڻ هڪ پيرو مون کي ٻڌائي هئائين. اها

ڳالهہ ٻڌائيندي مون کي چيائين تہ لنڊن ويل هوس، اتي ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ شام جو جناب ذوالفقار علي ڀٽي سان ملاقات ٿي، ڀٽي صاحب کي ڊارڪ ڪلر جو سُوٽ ۽ ڊارڪ ڪلر جي نهايت ئي سهڻي ٽاءِ ٻڌل هئي ۽ هُو ان وقت ڏاڍو خوبصورت پئي لڳو. مون ملاقات ۾ سندس انهي سهڻي ٽاءِ جي تعريف ڪئي هئي. هونئن بہ ڀٽو صاحب انتهائي خوش پوش ۽ بهترين ڊريس اوڍيندو هو. ان ئي ملاقات ۾ مون کي چيو هئائين تہ منهنجي خواهش آهي تہ مخدوم طالب المولىٰ صاحب اسان جي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿئي. پوءِ مان جڏهن واپس وطن آيو هوس تہ هالن ۾ مون مخدوم صاحب کي اهو نياپو عرض ڪيو هو، مخدوم صاحب تڏهن اجان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل نہ ٿيو هو، بعد ۾ هن فيصلو ڪيو ۽ نتيجي ۾ هالا ۾ 1970ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن ٿيو هو.

مون چيو هو: جي سائين، اهو ڪنوينشن پهرين جون 1970ع تي هالن جي "محفل سئنيما" ۾ ٿيو هو. مون کي ياد اچي رهيو آهي، مخدوم محمد امين 'فهيم' جو هيءُ شعر:

خطا بارها ڪري ڏسبي،
هن جو لطف ڪرم وري بہ ٿئي،
گويا بيهر خطا ڪري ڏسبي،
هر شجر ۾ حيا ۾ جام ۽ گل ۾،
جستجو جابجا ڪري ڏسبي.
جي حياتيءَ وفا ڪئي تہ 'فهيم'،
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

## غزل

**پڙهيو مون قرب جو جيئن پئي ڪتاب آهستہ آهستہ،**
**وِيس ٿيندو انهيءَ مان فيضياب آهستہ آهستہ.**

**گنهگاري جي حد تي مان جڏهن يارو وڃي پهتس،**
**ٿيو پيدا تڏهن شوقِ ثواب آهستہ آهستہ.**

**گلن جي بُو، مئي محفل، صبا جي هِير تڏڙيءَ ۾،**
**"هلايو يار اج دورِ شراب آهستہ آهستہ."**

**لبن تي مُرڪ سهڻي جي مون کي، اينهين نظر آئي،**
**ٽڙي مکڙيءَ منجهان جڻ پيو گلاب آهستہ آهستہ.**

**ڪيم اقرار لءِ حيلا هزارين ميڙ ۽ منٿ،**
**مليو انڪار جو آخر جواب آهستہ آهستہ.**

**رقيبن ٿي وڏا رولا مگر بيسود سڀ ٿي ويا،**
**"امين" جو عشق ٿي ويو ڪامياب آهستہ آهستہ.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

19، نومبر 1953ع
3:30 رات

# اڄ پڻ اڪثرين سڄڻ پنهنجا ساريا



نذير ناز

اڄ سنڌ جي معزز مخدوم خاندان جي انهيءَ قابل احترام گادي نشين شخصيت تي لکان ويٺي، جيڪي نہ رڳو سڄي سنڌ ۾ مقبول ترين هئا، بلڪ پاڻ سڄي پاڪستان ۽ پڻ هند سنڌ جا نيڪ سيرت، ۽ روشنيءَ جي سفر جا راهي هئا. محترم مخدوم امين فهيم جي شخصيت تي ڪجھ لکان، ڇا لکان! مان ڪيئن لکان ۽ منهنجي قلم ۾ ايڏي سگھ آهي، جو آءٌ سنڌ جي اهڙي مهان شخصيت جي باري ۾ ڪجھ اظهار ڪري سگهان!؟

ان مهان شخص، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ کي ...ڻاريو، جيڪو شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو ٻانهن ٻيلي هو، جيڪو هر وک تي محترمہ جو ساٿي هو، همدر هو، همراز هو.

مطلب جيئن شهيد راڻي پارٽيءَ جي پنهنجي خون سان آبياري ڪئي، ان سان گڏوگڏ محترم مخدوم امين 'فهيم' پڻ پنهنجي محنت، وفاداري، فهم فراست ۽ خلوص سان پيپلزپارٽيءَ کي پروان چاڙهيو. مخدوم خاندان پيپلزپارٽيءَ جو بنيادي طور کان ساٿ ڏنو ۽ اڃا تائين ساٿ نڀائي رهيو آهي.

جڏهن محترم ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪيو ويو، انهيءَ شهادت کان پوءِ ڊپ ۽ خوف کان پيپلزپارٽيءَ جا اڪثر ميمبر پارٽي جو ساٿ ڇڏي ويا، پر قبلہ سائين مخدوم طالب المولىٰ شهيد محترمہ جو ساٿ نہ ڇڏيو، حالانڪ قبلہ سائين مخدوم طالب المولىٰ کي وفاداريءَ مٽائڻ لاءِ آفر ڪئي وئي، پر قبلہ سائين شهيد محترمہ جو ساٿ نہ ڇڏيو، بلڪ قبلہ مخدوم طالب المولىٰ ۽ مخدوم امين 'فهيم' پيپلزپارٽيءَ جا وفادار ساٿي رهيا.

جڏهن محترمہ بينظير کي شهيد ڪيو ويو، تڏهن بہ مخدوم امين فهيم محترمہ سان گڏ هئا، محترمہ جي شهادت کان پوءِ بہ پيپلزپارٽيءَ کي سنڀاليو ۽ شهيد محترمہ جي پارٽيءَ ماڻهن کي حوصلو ڏنو.

مخالف ڏر چاهيو پئي تہ مخدوم صاحب پيپلز پارٽي کي ڇڏي ڏين، کيس هر طرح جي لالچ ڏني وئي. سبز باغ ڏيکاريا ويا، پر جس هجي مخدوم امين 'فهيم' کي جنهن انهن جي هر آفر کي ٺڪرائي ڇڏيو. پوءِ طرح طرح جا الزام پڻ لڳايا ويا، ڪوڙا ڪيس ڪيا ويا، پر وفاداري انهيءَ کي چئبو آهي، ساٿ ۽ توڙ نڀائڻ انهيءَ کي چئبو آهي. پاڻ مخدوم طالب جهڙو نالو آهي "امين"! آخري گهڙيءَ تائين پارٽيءَ جا "امين" ئي رهيا. مخدوم صاحب شهيد محترمہ جي شهادت کان پوءِ خاموش رهيا. هر الزام جو وار پنهنجي دل ۾ سانديو. ڪيس ڪوڙن ڪيسن جي ذريعي پريشان ڪيو ويو، پر مخالفتون جا سڀ وار سهندا رهيا. پاڻ ڪنهن بہ الزام جو جواب نہ ڏنائون، بلڪ جواب طور، پاڻ جلد ئي رحلت فرمائي ويا ۽ ائين پاڻ قبلہ سائين شهيد ڀٽو ۽ شهيد محترمہ وٽ پهچي ويا.

مخدوم صاحب جو موت هڪ اڻ وسرندڙ واقعو آهي، موت انسان کي ماريندو آهي، پر مخدوم

امين 'فهيم' مرڻ کي ماري، پاڻ زنده جاويد ٿي ويا آهن.

اسان جي دلين ۾، پيپلزپارٽيءَ جي ورڪرن جي دلين ۾، هالا جي شهرين ۾، مريدن ۽ خاندان ۾ چاڪاڻ ته پاڻ هر دل عزيز انسان هئا. سندن شخصيت ۾ هڪ دٻدٻو هو. پاڻ پارٽيءَ کي جيئاريو سنواريو، پاڻ هڪ ئي نظر سان سڀ ڪنهن جا مسئلا حل ڪندا هئا. جيڪا اڄ پارٽي سنڌ تي ڇانيل آهي، ان پارٽيءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجهه ۾ مخدوم صاحب جو وڏو هٿ آهي. پاڻ پارٽيءَ کي منتشر ٿيڻ نه ڏنائون ۽ پ پ اڄ به زنده آهي. پاڻ برجسته سياستدان، پارٽيءَ جي نشيب و فراز کان چڱيءَ طرح واقف هئا. اهو ئي سبب هو جو محترمه بينظير ڀٽو، هميشه مخدوم صاحب سان گڏگڏ هوندي هئي. شهيد محترمه کي مخدوم صاحب تي بي پناهه اعتماد هو، محترمه جي هر فيصلي ۾ سندن راءِ ضرور شامل هوندي هئي. پاڻ هڪ ذهين ۽ نيڪ شخص هئا. پاڻ تمام سنا شاعر پڻ هئا. شاعريءَ جي ڏات ڪين ورثي ۾ مليل هئي، شاعر جي دل ۾ جيڪا بيقراري هوندي آهي، اها محبت جي، امن ۽ ڀائيچاري جي هوندي آهي.

پاڻ شاعريءَ جي ذريعي پيار جو پيغام ڏنو اٿن. جيئن فرمائين ٿا ته منهنجو شعر فقط محبت آهي:

بي ته هر شيءِ ويئي آ،
تون به وئين ته وفا به وئي!

پاڻ جهڙا بردبار ليڊر هئا، تهڙا ئي رک رکاءُ وارا بهترين شاعر پڻ هئا. سندن شاعريءَ جو موضوع محبت آهي. انهي ڪري سندن شاعريءَ جو پيغام به محبت آهي. سندن شاعري، سماجي، علمي ۽ ادبي شعور جو اهو روشن چنڊ آهي، جنهن جي روشنيءَ سنڌ ته ڇا، پر سڄي پاڪستان جي ڪنڊڪڙڇ کي منور ڪيو آهي.

اها ڳالهه ته مڃيل آهي، ته شاعر جي شاعريءَ جو مرڪز، محبت ۽ صرف محبت جو جذبو ئي هوندو آهي. اها محبت ئي آهي، جيڪا انسان کي، ٻي انسان سان انسانيت جا لاڳاپا نڀائڻ جو سبق ڏئي ٿي. دنيا محبت جي ڪري ئي وجود ۾ آئي آهي.

هر شاعر شاعريءَ جي ذريعي محبت جو پيغام ڏنو آهي. مخدوم صاحب جي هر شعر ۾ پيغام محبت ملندو. سندن شعري مجموعي "پيغامِ محبت" سان گڏ وفاداريءَ کي به اجاگر ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب شاعريءَ جي ذريعي محبت کي امرتا ڏئي ڇڏي آهي، پاڻ فرمائين ٿا:

"جي حياتي وفا ڪئي ته "فهيم"،
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

واقعي پاڻ وفا ۾ ڀٽو خاندان سان انتها ڪري ڇڏيائون، بلاول ڀٽو زرداريءَ جي جوان ٿيڻ تائين، جڏهن بلاول ڀٽو زرداري صاحب پارٽيءَ جون واڳون سنڀالڻ جهڙو ٿيو ته پاڻ هن فاني دنيا مان رخصت ٿيا.

دل کي اها تسلي هوندي ته پارٽي هاڻي اصلي حقدار جي هٿن ۾ هوندي، ڇاڪاڻ ته پارٽيءَ جو حقدار بلاول ڀٽو زرداري آهي.

مخدوم صاحب کي پيپلزپارٽيءَ سان تمام گهڻو پيار هو، هن پيپلزپارٽيءَ کي پروان چاڙهڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪيو هو، پر منهنجي نظر ۾ اهو عشق هو، پاڻ ته فطرت جا شاعر هئا، شاعريءَ جي شروعات ئي عشق آهي، انتها وفا آهي، وفا کان پوءِ فنا آهي، جيئن ته سندن نظريو ئي وفا آهي سو پاڻ تاحيات پنهنجي اصولن سان وفا ڪيائون، جيئن شعر ۾ فرمايو اٿن ته "عشق ۾ انتها ڪبي" واقعي انتها ڪري ويا.

عوام سان ناانصافي، شور شرابو، سنڌ جي ابوجهه عوام سان ارڏايون ۽ سندن ئي ڪردار تي الزام تراشي، ڪوڙا ڪيس، انهن مڙني ڳالهين سندن ڪردار ۽ معصوميت تي ايترو ته اثر ڇڏيو، جو پاڻ، محترمه جي شهادت کان پوءِ واريون حالتون برداشت نه ڪري سگهيا، ۽ جلد ئي هيءَ فاني دنيا ڇڏي، ابدي دنيا ۾ سک جو ساهه کنيائون، جيئن پاڻ فرمائين ٿا:

بي قدر انسان کان پاسو ڪرڻ آ چڱو،
قرب وارن جي اڳيان سرڙو سٽڻ آهي چڱو،
دل ڏيڻ، توڙي وٺڻ مان ڇا ٿو حاصل ٿئي "امين"!؟

هن جهان فانيءَ جو لاڳاپو چنڊ آهي چڱو.

هن قطع تي غور ڪريو! ان ۾ ڪيتري نه روحانيت سمايل آهي! پاڻ اهو سمجهي ويا ته دنيا رڳو نڳيءَ جو ناهه آهي، ماڻهن جي جذبن جو ڪوبه قدر ڪونهي، ان ڪري پاڻ دنيا کان پاسو ڪرڻ ئي بهتر سمجهيائون.

دنيا ۾ انسان جي عظمت ۽ جذبن جو ۽ اعليٰ مقام جو، هن شعر ذريعي ذڪر ڪيو اٿن:

تنهنجي قدمن جي خاڪ جو عاشق،
آسمانن تي برتري ٿو رکي،
تنهنجي آڏو پلي هو ڪجهه نه هجي،
۾ فرشتن سان همسري ٿو رکي

اسان جهڙا ذهن انهيءَ شعر جي بلندين کي نٿا سمجهي سگهن. هر انسان پاڻ کي اعليٰ ٿو سمجهي، ٻين کي حقير سمجهي ٿو، بلڪ سمجهي ٿو ته اهو هن جو پيار آهي، ۽ ڪيس پنهنجي قدمن ۾ جهڪائڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري. اها هڪ پيار واري جي غلطي آهي، هو پيار جو ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

مگر هيءُ شعر ٻي معنيٰ ۾ جمهوري نظام جي عڪاسي ٿو ڪري، اهي انسان جا برابر حق آهن، ٻين انسانن کي ڪمتر سمجهڻ ناداني آهي، جڏهن سڀ انسان هڪجهڙا آهن، ته پوءِ پاڻ کي وڏو سمجهڻ ۽ ٻين جي تذليل ڪرڻ اِها سنگين غلطي آهي. انسان جي عزت ته فرشتا به ڪن ٿا، پوءِ انسان کي ڪمتر سمجهڻ، حقارت سان پيش اچڻ، اهو عمل بلڪل ئي غلط آهي، هاڻ ٻيو شعر پڙهي ڏسو:

چڱو جو مون کي درد مليو پنهنجي دلبر جو،
انهيءَ سبب گهڻو، گهٽيو انتظار محشر جو،
ڪٽي ڪٽي به هجان، مون سان تون ملين نه ملين،
تڏهن به ورد زبان هوندو نام همسر جو.

هي جيڪي بند شعرن جا آهن، انهن ۾ ڪيڏي گهرائي ۽ وسعت سمايل آهي! محبت جي جذبي جي، پاڻ محبت جي سوز و فراق کي پاڻ لاءِ نعمت سمجهن ٿا فرمائين ٿا محبت جو مون کي درد مليو، انهي سبب جيڪو محبوب جي جدائي ۽ انتظار رهندو هو ۽ اهو گهٽجي ويو آهي. ٻيو جيڪو انسان کي محشر قيامت جو خوف رهندو آهي، محبت ۾ ايڏو ته سرور، مزو آهي، جو هاڻي اهو خوف به ختم ٿي ويو آهي. بس عجيب درد آهي، اهو درد جڻ مون لاءِ دوا آهي، مان انهي درد جي ڪيفيت ۾ مست رهان ٿو، ٻي ڪنهن به ڳالهه جو هاڻي خوف رهيو ناهي.

انهن شعرن جو ٻيو مطلب اهو پڻ آهي، ته جيئن ته انسان کي محشر جي عذاب جو خوف پريشان ڪندو رهندو آهي، پر انهيءَ خوف کي عوام جي خدمت ڪري ۽ انهيءَ خدمت جي جذبي ۾ ايڏو ته سرور آهي، جو هر خوف وسري ويندو آهي، ۽ ٻين جا غم ڏسي، انسان پنهنجا غم وساري ڇڏيندو آهي.

ٻين سان همدردي ڪندي پريشاني دور ڪندي، دل کي تمام گهڻو سڪون ملندو آهي، انهي سڪون سان سڀ خوف، پريشاني ۽ درد دور ٿي ويندا آهن. الله تعاليٰ انسان کي پيدا انهي ڪري ڪيو آهي، ته هو ٻين جي خدمت ڪري، اها ئي ته انسان جي آزمائش آهي، ته هو دنيا ۾ ڇا ٿو ڪري؟

مخدوم صاحب پنهنجي اولاد سان، پنهنجي عزيزن سان ۽ مريدن جي خدمت ۾ ايترا ته مصروف رهندا هئا، ۽ ٻيون ڳالهيون وسري وينديون هين. اهو به سبب آهي جو جڏهن سچي محبت دل ۾ ديرو ڄمائيندي آهي، تڏهن پوءِ اها محبت ئي آهي جو انسان پنهنجا سڀ غم وساري، رڳو هڪڙي غم ۾ مست رهندو آهي. هن شعر ۾ پنهنجي دل جي ترجماني ڪئي اٿن:

خزان کي ڪنهن جي، خوشين سان ڇا؟ ۽ غمن سان ڇا؟
فغان بلبل جي پرَسان ڇا؟ گلن سان ڇا؟
هي هڪڙي موسم آهي، جا ايندي رهندي آ،
انهي کي حسن يا ويرانيءَ چمن سان ڇا؟

محبت جو جذبو آهي دل ۾، انهيءَ جي لهر دل ۾ ايندي رهندي آهي.

لهر ويندي ڪانهي، اها موسم آهي پيار جي، جيڪا انسان کي هر غم کان آجو ڪري، پنهنجي وس ۾ ڪندي آهي.

مخدوم صاحب جو سنڌ جي سرزمين سان ڪيڏو پيار آهي، ۽ سنڌ تي فخر اٿن. سنڌ لاءِ فرمائين ٿا:

سنڌ جي خاڪ جو جواب نہ آ،
هن جي خوبين جو ڪو حساب نہ آ،
ذرو ذرو سندس گران قيمت،
جنهن جو مٽ ماھ و آفتاب نہ آ.

اهو پنهنجي ڌرتيءَ سان اظهار محبت اٿن، رڳو اهو ناهي تہ پاڻ رڳو صنم جي محبت جو ذڪر ڪيو اٿن، يا محبوب جي جدائيءَ ۾ شاعري ڪئي اٿن، ڏسو، ڇا ٿا فرمائين:

صنم تہ پهلوءَ ۾ آهي، تڏهن بہ اي همدم!
الائي ڇا جي ڪري اڄ بہ اشڪبار آهيان،
نہ اکيون نم ۽ نہ آھ و بڪا نہ جوش و جنون،
جهان ڇا سمجهي تہ اڄ پڻ مان بيقرار آهيان.

يعني سڀ ڪجهہ هوندي بہ غمگين آهيان چو ۽ ڇا جي ڪري!؟ اهو سڀ دنيا جي ماڻهن جي سلوڪ، ماڻهن جا رويا، حالانڪ ڪين الله تعاليٰ سيني نعمتن سان نوازيو هو، پر ڇو جو پاڻ هڪ حساس دل شاعر هئا، لاغرض مزاج نہ هئا، هنن سنڌ جي ماڻهن جي حالت زار ۽ ٻين جي ڏکن کي محسوس ڪندي پريشان هئا، اندر ۾ اها اُٿُڻ هين تہ، ڇا ڪريان!؟ ڪيئن ڪريان؟ انهيءَ دلي جذبي جو اظهار هن طرح ڪيو اٿن:

ڪير ڪنهن جو نہ ڪير ڪنهن جو آھ
فڪر هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو آھ
ٻي جي مشڪل کي حل ڪرڻ گهرجي،
سُور پنهنجو سلڻ تہ سهنجو آ.

پنهنجي غمن جي اپٽار تہ هرڪو ڪري ٿو، پر ٻين جي تڪليف دور ڪرڻ تہ نهيو، پر ٻڌڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ آهي! پاڻ سوچين ٿا، ائين نہ هُئڻ گهرجي. مخدوم صاحب جن کي اسلام سان محبت آهي، تڏهن تہ ائين غور فڪر ڪن ٿا، پر پاڻ رسول پاڪ سان محبت ۽ دلي عقيدت جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪن ٿا:

مديني ڏي جيڪر وڃان مان اُڏامي،
محمد جي دَرَ جي چڱي آ غلامي،
ٿيان هوند نوڪر، سندن درجو دربان،
شب و روز اُن جي پريان مان سلامي،
ٿيو ان جي هڪ ٿي نظر سان سارو،
مدينو "امين" آهي، نامي گرامي.

ٻي شعر ۾ رسول پال جو هن ريت ذڪر ڪيو اٿن:

مون کي تنهنجو غلام ٿيڻو هو،
منهنجو اعليٰ مقام ٿيڻو هو،
نيڻ تنهنجي نگاھ ٿي حاصل،
ڪنهن جو پورو ڪلام ٿيڻو هو.

پاڻ مخدوم صاحب هڪ باڪمال، باشعور شاعر هئا، انساني محبت ۽ اُنهيءَ جذبن جو پورو پورو ادراڪ رکندا هئا، پر پاڻ انهيءَ ڳالهہ تي يقين رکندا هئا، تہ وفا، وفا ڪبي، اگر ڪير رُٺل بہ آهي، انهيءَ کي راضي ڪبو، حالانڪ هنن تصور ۾ مومل آهي. مومل ڪان راڻو ناراض ٿي هليو ويو آهي، انهيءَ ڳالهہ کي ائين فرمايو اٿن:

رندن تي روزو شب روئي، اڙي، وَر کي ورائيندس،
خدا گهريو تہ ناتو، نينهن جو، نيئي نڀائيندس.

انهيءَ جو مطلب ائين ٿي سگهي ٿو، تہ رستن وٽ، ورن تي، روڄ راڙو ڪري، رب پاڪ چاهيندو، تہ ناتو، يعني توڙ نڀائيندس.

وري انهيءَ ڪافيءَ جو ٻيو بند فرمائين ٿا:

جدائيءَ ۾ جلڻ لاءِ، ڇڏي مٺيءَ کي ويا آهن،
امر جيڪو، عجيبن جو، مان وينئي جيءَ جلائيندس،

جدائيءَ ۾ جلي جلي مٽي ٿي ويا آهيون.
جيئن شمع جلي جلي رک ٿي ويندي آهي.

وري رب پاڪ مان آسرو نٽا لاهين، اهو درد قدرت طرفان سمجهي، جدائي ۾ پاڻ کي وينو ساڙيو.

هاڻي مومل سرتين کي چوي ٿي، پنهنجي هن هيٺي حال جي ڪنهن کي ٻڌايان، سواءِ هن سر

جي، سائين کان سواءِ، حال ڪنهن ڪين ٻڌائيو،
ڪافيءَ جو ٽيون بند پيش آهي:

وطن، مولا، منيءَ جي حال جو حامي ڪڏهن موٽي،
ورائي ڪاڪ تہ ڪرهو تہ مان گهورون گهمائيندس،

مومل چوي ٿي سرتين کي تہ هو پرديس ۾ آ، مولا هن کي واپس وطن ۾ آڻيندو تہ ڪاڪ تي خوشيءَ مان گهورون گهمائيندس، يعني پئسا مٿان گهوريندس.

خطا بخشائيندس پنهنجي، ڳچيءَ ڳل پانڌڙو پائي،
اميد آهي رنل راڻي کي منٿن سان مڃائيندس.

پيار جي انتها چئجي يا بيوسي، مومل چوي ٿي:

مومل کي پنهنجي پيار تي اعتماد آهي. چئي ٿي مون کان جيڪا خطا ٿي انهيءَ لاءِ ڳچيءَ ڳل پانڌڙو يعني رئو وجهندس، اميد اٿم تہ رنل کي روئي پرچائيندس، هو يقيناً مڃي ويندو. يعني ناراضگي ڇڏيندو.

هي بند ڪافيءَ جو ڪيڏو درد وارو آهي، مومل رب کي التجا ڪري ٿي:

يا رب العالمين! وَر پنهنجو مون کي ڏي وطن واري!

راڻو موٽي وطن اچي، يعني ڪاڪ تي اچي، مان مهربانيون مڃيندس، سمجهندس.

آخري بند ۾ فرمائين ٿا:

انهيءَ جي آهيان، توڙي وساري ويو سڄڻ مون کي،
"فهيم" آئون تہ ساري عمر سهڻل جي سڏائيندس.

انهيءَ بند ۾ ترجماني مومل جي دل جي ڪئي وئي آهي.

مان اهوئي آهيان، حالانڪ هو مون کي وساري وينو آهي، پر فهيم! مان تہ هن جي ئي آهيان، اُهو ئي سڏائيندس،

سڄي ڄمار انهيءَ جو انتظار ڪندس.

عشق جي جذبن جو اظهار آهي، قافين ۽ لفظن جي ذريعي حسن، تاثر ۽ موسيقيت پيدا ٿي وئي آهي، جنهن ڪري اُهي شعر شاهڪار بڻجي ويا آهن.

مخدوم صاحب جي شاعريءَ ۾ روحانيت ۽ تصوف جو رنگ جابجا نظر اچي ٿو. هر جاءِ هڪ نئون موڙ نظر اچي ٿو. ڪٿي پاڻ پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪن ٿا، ڪٿي سونهن سان لبريز لفظن ذريعي محبت ۾ لاچارگيءَ جو اظهار پڻ ڪن ٿا. اهو ئي تہ سچي دل جي بيان جو طريقو آهي.

هن شعر ۾ ڇا تہ لاجواب محبت جي باري ۾ خيال جو اظهار ڪيو اٿن:

ڏاڍو ثواب ٿيندو محبت جي راهہ ۾،
هڪ تشنہ لب کي جام محبت پيار جي.

محبت جي اجايل دل کي جامِ محبت پيار جي، ڇا تہ انداز آهي، محبت جي اڪير جو! هنن جي نظر ۾ محبت هڪ ثواب آهي، سڪون آهي، دل جو قرار آهي.

فاني دنيا جو احساس اٿن، فرمائين ٿا تہ:

دنيا تہ فاني آهي مٿس ڪهڙو پروسو،
ڏاڍو ڇڱي ٿئي جي گهڙي گڏ گذارجي.

ڇا تہ انداز آهي! مختصر زندگيءَ جو احساس بخوبي اٿن، چون ٿا دنيا فاني آهي، وقت جو ڪهڙو پروسو!؟ اچو ڪجهہ وقت گڏ گذاريون! ڪيڏو نہ سوز آهي، انهن لفظن ۾! ڪجهہ وقت بہ گڏ گذارڻ بهتر سمجهن ٿا، پر سمجهڻ وارا نٿا سمجهن.

پر جن وڇوڙو ڏنو آهي، پيار ۾ بي پرواهي ڏني آهي، اُهي هڪ گهڙي پيار جي پنهنجي لاءِ وڏي نعمت سمجهن ٿا. آخر ۾ چون ٿا:

پنهنجي "فهيم" عاشق مهجور کي پرين!
جي دل جاءِ ناهِ تہ پر ۾ ويهارجي.

انهيءَ جو مطلب آسان آهي فهيم تہ تنهنجو آهي، اگر انهيءَ لاءِ دل ۾ جاءِ ناهي تہ پوءِ ڇا! بس پاسي ۾ ورهايو تہ بہ دل کي تسڪين ملي ويندي، ڪيڏي گهرائي ۽ وسعت آهي، انهن لفظن ۾! انهيءَ ۾ روحانيت سمايل آهي، رب پاڪ کي التجا ڪئي

اٿئي مان تہ توهان جو ئي بندو آهيان، جهڙو بہ آهيان، تنهنجو ئي آهيان، بس مون کي پنهنجو سمجهو، انهيءَ ۾ تسڪين ٿي ويندي، وطن پاڪستان سان عقيدت جو اظهار ائين ڪن ٿا:

اي وطن اي جان من اي غيرت هفت آسمان،
توهان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان،
تنهنجي خدمت ۾ رهن ٿيون، عظمتون ئي عظمتون،
تنهنجي ديوانن ۾ آهن جرئتون ئي جرئتون،
طاقتون ئي طاقتون ۽ همتون ئي همتون،
آزمائي ڪو پلي پنهنجون انهن سان قسمتون،
اي وطن اي جان من اي غيرت هفت آسمان.

وطن سان محبت، ۾ انتها ڪري ڇڏي اٿن!

جان مال جسم و جان سڀ قربان اها هتي مخدوم صاحب جي وطن سان محبت، آخري گهڙيءَ تائين قائم دائم رهي، اها محبت سندن خاندان جي هر فرد جي دل ۾ موجزن آهي، ۽ رهندي (انشاالله)!

مون کي مخدوم صاحب سان بہ ٽي دفعا ملاقات نصيب ٿي، اهي جهڙا تہ حسين ۽ نفيس ڏسڻ ۾ ايندا هئا، اهڙو ئي ڳالهائڻ انداز ۽ لهجي ۾ مناس، پر غرور نہ! هڪ پراعتماد لهجو، انداز ڳالهائڻ جو نهايت پيارو، پر انداز ۾ اهڙو جادو، جو ٻڌڻ وارو انهي سحر ۾ ونجي ويندو هو.

مخدوم صاحب جو هر فرد سان ڳالهائڻ جو انداز ائين رس پريو ۽ محبت وارو ۽ هڪ نماڻائيءَ وارو هو، اهو انداز، مخدوم خاندان جو تہ آهي، پر هالا شهر جي هر شهريءَ جو اهو ئي نماڻائي وارو لهجو، نہ ڪي تڪبر، نڪي غرور! هالن جي شهري اهو انداز پنهنجي مرشد مخدوم خاندان ڪان ورثي ۾ مليل آهي.

مخدوم صاحب هڪ تاريخ ساز شخصيت هو. سدا بهار، سندن ساروڻيون ۽ اڻ ڳڻت يادگيريون، آءٌ هڪ عقيدتمند جي حيثيت ۾ سندن ملاقات ياد ڪندي ٻڌايان، تہ جڏهن محترم قبلہ سائينءَ جي وفات ڪان پوءِ، مان ۽ ادي زرينہ بلوچ بہ ٻيون خواتين تعزيت تي گڏ وياسين، تہ پاڻ غاليچن سان سينگاريل پٽ تي ويهي، اُڪير مان روايتي ڪِل ڪيڪار ڪان پوءِ حال احوال وٺي، پنهنجي موهيندڙ انداز ۾ گفتگو ڪندا رهيا، پوءِ ٻيا مهمان آيا. اسين سڀني سان گڏجي محترم مخدوم صاحب مانجهاندو ڪيو هو.

مون کي ڪاليج جي دعوت تي ٻين ٻن ٽيچرس سان ۽ 6 عدد چوڪرين سان اسلام آباد جي ڪاليج جي طرفان دعوت مليل هئي. مان جڏهن اسلام آباد ويس تہ پاڻ سان گڏ آيل ٽيچرز کي ٻڌائي، ٽيڪسي ڪري، منسٽر ڪالوني پهچي ويس. ملازم کي ٻڌايم تہ حيدرآباد سنڌ ڪان آئي آهيان، مخدوم صاحب سان ملاقات ڪرڻي آهي.

ڪجهہ دير ۾ پاڻ آيا، ماشا الله! ڇا تہ سحر انگيز شخصيت هئي! سڄو ڪمرو خوشبوءِ سان مهڪجي ويو، روايتي انداز ۾ ڪيڪار ڪان پوءِ پڇيائون تہ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

مون ٻڌايو تہ مان ڪاليج گروپ سان آئي آهيان، توهان سان ملاقات ڪرڻ ضروري هئي، منهنجي پٽ عرفان علي پوليس ۾ ڊي.ايس.پي جي امتحان ۾ ويٺو ۽ فرسٽ پوزيشن آئي. اهڙيءَ ريت انڪم ٽيڪس جي امتحان ۾ پوزيشن آئي اٿس، پر عرفان عليءَ کي سيٽ نٿي ملي، مخدوم سائين وٽ انهي ڪري آئي آهيان. پاڻ غور سان منهنجي ڳالهہ ٻڌي پوءِ چيائين توهان دير ڪئي آهي، محترمہ بينظير هڪ، هڪ سيٽ منسٽرز کي ڏني آهي، هاڻي ڪجهہ نٿو ٿي سگهي. انهن سيٽن کي ماڻهن جوائن ڪري ڇڏيو آهي. مون لاءِ چانهہ وغيره تہ آئي هئي، مان پي چڪي هيس، لنچ لاءِ چيو ويو پر انهيءَ ۾ ڪجهہ دير هئي ۽ مون کي جلدي سيمينار ۾ وڃڻو هو. منهنجي وڃڻ مهل مخدوم سائين پڇيو ڪيئن آيا آهيو؟ چيم ٽيڪسيءَ ۾ آئي آهيان. مخدوم سائين پاڻ اتي حڪم ڪيائون تہ گاڏيءَ ۾ آپا کي جتي چوي، اُتي ڇڏي اچو. مان مخدوم صاحب ڪان موڪلائي ڪانفرنس ۾ پهچي ويس.

منهنجي ٻي ملاقات مخدوم صاحب سان ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي پروگرام تي ٿي هئي، پاڻ مخدوم صاحب اسٽيج تي تشريف فرما هئا. مون پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب "غزل چو نہ چوان" ٻار

۾ عرض ڪيو تہ قبلا ان شعر جو ايڊيشن بہ تيار آهي. فرمايائون تہ اهو شعر ايڊيشن سميت ٻڌائجي. مون اهو شعر ايڊيشن سميت پڙهيو.

اوهان جي دل گهري جڏهن، بنا دستڪ هليا اچجو،
اسان جي دل جا دروازا ڪليل آهن ڪليل رهندا.

**ايڊيشن:**

اوهان پڻ پنهنجي ديوارن مٿان ائين لکي ڇڏجو،
اسان جي دل جا دروازا ڪليل آهن ڪليل رهندا.

ان شعر تي مشڪيا ۽ مشڪندا ئي رهيا.

پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي مرڪز تي نعتيہ مشاعرو هو، ان لاءِ پروڊيوسر نواب مهديءَ امين فهيم صاحب جن کي بہ ياد ڪيو هو، آءٌ ۽ نصير مرزا موجود هئاسين. ڪمپيئرنگ جا فرائض نصير جي ٻلي هئا سو پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ نصير مون کي سائينءَ جو ڪو نعتيہ شعر ٻڌائڻ لاءِ چيو، مون کي سندن هيءُ شعر ياد آيو سو نصير لکي ورتو. نصير، سائين جن جو اهو شعر پڙهي کين اسٽيج تي سڏيو.

فهيم آهن اميدون تہ هزارين بخششون ٿينديون،
محمد مصطفيٰ کي اڄ گنهگارن ڏسي ورتو.

سائين امين فهيم، سائين وڏن جي مشاعري وارو هيءُ شعر پڙهيو هو:

گلشن کي حڪم ٿيو تہ سيئي گل ٽڙي پون،
مولا ڏنو تہ طالب المولىٰ اچي پيو.

امين سائين جن بلند پايہ شاعر تہ هئا، پر مشاعري ۾ اختصار سان پڙهندا هئا ۽ ڳالهائيندا بہ نهايت مختصر هئا. هڪ ٽي.وي انٽرويو ۾ ڪانئن پڇيو ويو تہ اوهان مختصر گفتگو ڪندا آهيو، ان جو ڪو سبب؟ فرمايائون تہ مان گفتگوءَ کي مختصر ڪرڻ جو قائل آهيان ۽ ايترو ڳالهائيندو آهيان جيترو موضوع جي ضرورت هوندي آهي. پوءِ سنڌيءَ جي اها چوٽي ٻڌايائون.

واءُ ڪري تہ ڪري جهڪ، ٻني ڪري تہ ڪري اڪ،
گهوڙو ڪري تہ ڪري ٻڪ، ماڻهو ڪري تہ ڪري ٻڪ

سو مان مختصر ڳالهائڻ جو قائل آهيان.

سائين امين فهيم جن هالا ۾ گهٽ رهندا هئا، عيد براد يا ڏينهن وار تي ئي هالا ۾ ايندا هئا. سو مون پنهنجي عرضداشت جناب انورهالائيءَ جي معرفت موڪلي، جنهن ۾ لکيو هوم تہ هالا پراڻا واري بزم جي شاخ کنهن ٻئي کي ڏجي. ان جي جواب ۾ انور صاحب سندن هٿ چٺي ڪٺي آيو جنهن ۾ لکيو هئائون تہ: "سوز جهڙي روشن خيال شاعر ۽ اديب کي اهڙي اجازت ڏيئي نہ ٿي سگهجي." سائين جن جا اهڙا الفاظ پڙهي حيران ٿي ويس تہ سائين جن مون ناچيز لاءِ ڪهڙا نہ جذبا رکن ٿا.

منهنجو ڪتاب "ڪارون وس ڪيام"جيڪو استاد محمد جمن جي فن ۽ شخصيت بابت لکيل قبلا سائين طالب المولىٰ جن کي منسوب ڪيل آهي. مخدوم شفيق الزمان آڊيٽوريم ۾ ڪٺي ويس، پاڻ وڃي رهيا هئا، آءٌ بہ وڃي پهتس، پاڻ کي گهڙيون رڪجي، اهو ڪتاب وصول ڪيائون ۽ گڏ فوٽو بہ ڪيرايائون ۽ "سنڌ جا شاعر" چئي مصافحہ ڪيائون. سائين جڏهن بہ ملندا هئا تہ "سنڌ جا شاعر" چئي مخاطب ٿيندا هئا.

هڪ عيدالفطر تي سائين جن ڳوٺ آيل هئا سو آءٌ بہ کي گذارشات ڪٺي حاضر ٿيس. حال احوال پڇيائون تہ هيءُ شعر پڙهي ٻڌايم.

پنهنجون خواهشون ننڍڙيون ٿي ويون،
هاٿي ٻار وڏا ٿي ويا آهن.

مشڪيا چيائون تہ درخواست ڏيو. مون تنوير حسين جي ڪلارڪي لاءِ درخواست ڏني ۽ CV بہ پيش ڪئي، ويندي چيائون تہ خدا مڙئي چڱي ڪندو. ٻن ڏينهن بعد اسلام آباد کان سائين سڪندر شاهہ اطلاع ڏنو تہ سائينءَ جن فرمايو آهي تہ سوز جي ڊبل ايم-اي ۽ لا گريجوئيٽ فرزند لاءِ ڪلريڪل پوسٽ مناسب ڪونهي سو ان لاءِ اسٽيٽ لائيف انشورنس ۾ 16 گريڊ جي اسسٽنٽ مينيجر جي پوسٽ لاءِ Recommend ڪيو ويو آهي، سو پنهنجي فرزند تنوير حسين کي چئو تہ ڪراچي وڃي جنرل مئنيجر مغل بيگ صاحب سان ملي. تنوير حسين ڪراچي وڃي مغل صاحب سان مليو. ضروري ڪاغذات بہ پيش ڪيائين، ڪيس چيو ويو تہ ٻن ڏينهن بعد انٽرويوز ٿيندا سو تيار ٿي اچجو. مقرر ڏينهن تي تنوير حسين تيار ٿي انٽرويو لاءِ ڪراچي ويو تہ ڪيس معلوم ٿيو تہ چيف اليڪشن ڪمشنر مقررين تي اليڪشن تائين بندش وجهي ڇڏي آهي، اهو نادري



# سنڌي غزل جي اڏ ۾ رهجي ويل ڪٿا
## (مخدوم امين 'فهيم' جي ياد ۾)

رڪيل مورائي

سنڌي غزل جو هڪ نرالو ۽ روايتن جو امين نانءُ مخدوم امين 'فهيم' 4- آگسٽ 1939ع تي هڪ اهڙي علمي، ادبي، ۽ روحاني بزرگ گهراڻي ۾ ڄائو، جنهن جا سنڌ تي الڳ حوالن سان لکين احسان آهن. هن خاندان جو سلسلو، حضرت مخدوم سرور نوح عليہ سان ملي ٿو. هن خاندان جيڪا سنڌ جي خدمت ڪئي آهي، اها وسارڻ جهڙي ناهي. هيءُ اهڙو خاندان آهي جنهن وٽ خدمت ڪرڻ عبادت آهي، تڏهن ئي تہ قبلہ سائين طالب المولیٰ پنهنجي خاندان منصب ڪان خدمت واري منصب کي مٿانهون رکيو هو. 21- نومبر 2015ع تي ان ديس ڏانهن روانو ٿيو، جتان هو آيو هو. دراصل هيءُ اهو ديس آهي، جتان هر ساهوارو آيو آهي ۽ هر ساهہ وارو واپس وڃڻو آهي، دنيا جي سڀني مذهبن ايئن ٻڌايو آهي ۽ سڀني مذهبن جا مڃيندڙ ايئن قبول ڪن ٿا، اسان بہ ايئن قبول ڪريون ٿا.

4- آگسٽ 1939ع کان 21- نومبر 2015ع تائين عمر جا ڇاهتر سال مخدوم صاحب هن جهان ۾ گذاريا ۽ انهن ڇاهتر سالن ۾، هن نصابي تعليم پرائي، سياستڪار بڻيو، چار شاديون ڪيائين، اڻ ڳڻيا عشق ڪيائين، يارنهن ٻار، ست پٽ ۽ چار نياڻيون اولاد ۾ ٿيس. اڻ پيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو، ڪيترائي پيرا وزير ٿيو. چون ٿا تہ هڪ ڪان وڌيڪ پيرا وزيراعظميءَ کي ٺڪرايائين، سنڌي اساسي شاعريءَ جي اهم شاعر مخدوم سرور نوح جي گاديءَ جو اڙهون سجاده نشين ٿيو، لکين مريدن جي مرشد هجڻ جو مرتبو ماڻيائين ۽ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ پنهنجي هڪ زندگيءَ ۾ حاصل ڪيائين، پر سچ اهو آهي تہ هڪ زندگيءَ ۾ هن جيترين محبتون ماڻيون، انهن جو اظهار 21- نومبر تي ظاهر ٿيو، جو هن ملڪ جا لکين ماڻهو سندس جدا ٿيڻ تي اوڇنگارون ڏئي رنا، هزارين ماڻهو سندس جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا ۽ لکين آلين اکين الڳ الڳ هنڌن تي ڳوڙها ڳاڙيا ۽ کيس ياد ڪيو.

سندس وفات تي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن تعزيتي بيان ڏنا، ڪيترن سياستدانن سياسي بيان ڏنا. اڄ جي سياست جي نالي ۾ ڏنل بيان جيڪي هر طرح ڪوڙ تي ٻڌل هئا، اُهي بہ جاري ٿيا، جن کيس اندران اندران ڏنپي ڏنا. هڪ عمر ۾ ايترين حاصلاتون جن شخصن جي ڪاتي ۾ ويندڙيون آهن، ڀڪ سان اُهي اهم انسان هوندا آهن جن مان هڪ سائين مخدوم امين 'فهيم' بہ هو.

سمجهڻ گهرجي تہ مٿي ڄاڻايل سڀ حوالا هڪ شخص جا سنساري حوالا آهن. منهنجي هنن

سڄڻ لکڻ جو مقصد ڪو به سنساري حوالو ڪٿڻ نه آهي، مان مخدوم صاحب جي سنسار ڪي ڪجھ ڄاڻان ٿو ۽ ٻيا به ڪيترائي سندس هن سنسار کان واقف آهن، پر سندس هڪ اهڙو سنسار به آهي، جيڪو هِن سنسار کان الڳ آهي جيڪو هڪ تخليقي سنسار آهي، آدرشي سنسار آهي، رومانوي سنسار آهي جيڪو سندس شاعراڻي دفتر "پيغام" ۾ محفوظ آهي.

مخدوم امين 'فهيم' صاحب جي حوالي ۾ اهو سنسار مون جيان، جيڪي روحاني دنيا ۾ يقين رکن ٿا، انهن ڪي هيءَ به يقين هجڻ گهرجي ته اسان جيڪي شاعر آهيون، اهي شاعري ڪريون ٿا پر مخدوم خاندان اهڙن شاعرن جو خاندان آهي جن تي شاعري نازل ٿيندي آهي، جن ڪي يقين نه اچي، انهن ڪي هي ننڍڙا تفصيل ضرور پڙهڻ کپن.

سنڌي اساسي شاعريءَ جو هڪ اهم شاعر جيڪو سندس جدِ امجد آهي، مخدوم سرور نوح رحمت الله عليه جنهن جو هڪ هڪ بيت، سون کان وڌيڪ قيمتي، ذاتوءَ ۾ مڙهائڻ جهڙو آهي.

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ ڀانيو ماڻهنا،
روئي ڇڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.

۽

ماڙيون ڀانيان ٿي ماتام،
ماروئڙن لئه هيءَ دل ماندي،
ورهيه وهايم راتڙي.

هن ڪافيءَ جو خالق، مخدوم امين محمد "پکن ڏٺي" جنهن خاندان جو ٽڙ ڏاڏو، جنهن شاعر جو والد قبلہ مخدوم طالب المولىٰ، سنڌي شاعريءَ جو هڪ فڪري اسڪول، جنهن جي علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن جي داستان لکڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب گهرجن جيڪو مخدوم نوح سرورؒ جي گاديءَ جو سترهون سجاده نشين ۽ اهو هن ڀاهرئين سنسار کي نڪرائڻ وارو فقير منش طبعيت رکڻ وارو سنساري اميري کي پيرن هيٺان رکڻ وارو مخدوميءَ تي خادميءَ کي فوقيت ڏيڻ وارو ۽ هيءَ اظهار ڪرڻ وارو ته:

**اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ،**
**ته پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.**

مخدوم امين فهيم صاحب ان شخص جو اولاد ۽ گهر ۾ سندس سڀ ڀائر شاعر، اديب، ادب دوست، علم دوست، موسيقيءَ جا دوست ۽ ڄاڻو جيستائين سياست عبادت هئي، ڪندا رهيا، جڏهن سياست واپار بڻي ته سڀن لڳ ڀڳ سياست ڇڏي ڏني ۽ اهڙي وقت مخدوم امين 'فهيم' فرمايو:

هن سان ٻيهر وفا ڪري ڏسبي،
پاڻ سان هڪ دغا ڪري ڏسبي

اهڙو خاندان، جنهن تي لطيف سائينءَ جي هيءَ سٽ بلڪل پوري اچي ٿي ته:

جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سڀا ساٿ جي.

اهڙي خاندان جو هڪ حسين شاعر مخدوم امين فهيم اسان کان جدا ٿي ويو. جنهن پنهنجي جوانيءَ ۾ فرمايو هو ته:

تعلق آهي اهڙو ئي، نظر جو ناز وارن سان،
رهي ٿو ربط جهڙي طرح، لهرن جو ڪنارن سان.

ڪڏهن ايئن ڪونه ٿيو آهي، ته گل دامن ۾ اٽڪي پئي،
مگر اٽڪيو پوي دامن، گلن هوندي به خارن سان.

پڪ سندس زندگيءَ ۾ ڪيترائي خار رهيا هوندا، ڇاڪاڻ ته سندس زندگيءَ ۾ گلن جو مقدار به ايترو آهي جنهن جو ڳاڻيٽو نه آهي، جنهن جو اظهار سندس شاعريءَ ۾ گهٽ ئي هنڌن تي آيو آهي. ڪي ٽڪڙا مثال هي آهن:

آ، سنڌ ۾ انتظار ڪافي آ
دل تي بيدرد بار ڪافي آ.

راز ڪنهن کان لڪائيندي تون "امين"
ٿي ويو آشڪار ڪافي آ.

جو دست چاڪ ٿو ڪري، دامن ڪي اي " امين"
سوئي بچائي ٿو وٺي، دامن ڪڏهن ڪڏهن.

آئون تنهنجي تار ۾ ڦاسي پيس،
عشق جي آزار ۾ ڦاسي پيس.

گل پٽيندي خار ۾ ڦاسي پيس،
چٽڪ دامِ يار ۾ ڦاسي پيس.

ڪنهن جي قيدي ٿي رهڻ لئہ اي "امين"
ڄاڻي واڻي ڄار ۾ ڦاسي پيس.

۽ انهن کان سواءِ ڪيترن ئي گلن ۽ خارن جو ذڪر ڪندڙ هڪ حسين غزل لکندڙ شاعر هاڻ سنڌ وٽ نہ رهيو آهي. سنڌي غزل جي تاريخ هن کي ڪيئن وساري سگهندي؟ البت اها تاريخ سندس ذڪر کان اڻ پوري ليکي ويندي.

اهو سچ آهي تہ ڪيس سياست جي سنسار تخليقي سنسار کان پري ڪري ڇڏيو هو، پر پوءِ بہ هن جي ڳالهائڻ مان، اٿڻ ويهڻ مان ۽ مرڪڻ مان هڪ شاعر جو درشن ٿيندو هو. هُو سراپا شاعر محسوس ٿيندو هو. ڪيس ڏسڻ سان محسوس ٿيندو هو تہ هُو نہ رڳو پاڻ شاعر آهي، پر شاعري ڪرڻ جهڙو شخص بہ آهي، هن سياست جي خاردار رستي تي هلي جتي سڪ پرايا، اتي اذيتون بہ سٺيون ۽ ڏک بہ ڏٺا. ان موڙ تي قبول ڪرڻو ٿو پوي تہ ڪيس سياستدان جو دماغ تہ ضرور هو، پر هن وٽ دل فقط ۽ فقط شاعراڻي هئي، اڄ سنڌي شاعري پنهنجي هڪ محبوب شاعر کان محروم ٿي ويئي. اها دل بيهي وئي جيڪا ڪنهن حسين چهري کي ڏسي بار بار ڌڙڪندي هئي.

اهو ڏک رڳو شاعريءَ جو نہ آهي، پر اسان سڀني سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جو بہ آهي، جيڪو شايد اسان کان گهڻو وقت وسري نہ سگهي. ٻيءَ طرح سندس سڪيلڌي شاعراڻي ڪتاب "پيغام" کي سنڌي شاعراڻو ادب ڪيئن وساري سگهندو؟

مخدوم سرور نوح رحمت الله عليه جي خانداني گاديءَ کي اٺويهون سجاده نشين مليو. هڪ محبوب شخص ۽ هڪ محبت جو پرچار ڪندڙ خوبصورت غزل جو شاعر، ٻن درجن ڪتابن جو ليکڪ ۽ مرتب، جميل سائين! پر سنڌي غزل جي ڪٿا اڌ ۾ رهجي ويئي جيڪا شايد ڪڏهن بہ مڪمل نہ ٿي سگهي. جميل سائينءَ سان نہ فقط سندن سجاده نشينيءَ جو سلسلو قائم ٿيو، پر سنڌي شاعريءَ سان بہ سندن سلسلو قائم رهيو. سنڌ لاءِ اهو سڀاڳ جو ڏينهن آهي. جميل سائينءَ جي سجاده نشيني جي خوشي ۽ ڏاڏا سائين مخدوم امين 'فهيم' جي وڇوڙي جي غم ۾ ورتل سنڌ کي سندن شاعري تہ آٿت ڏيندي ئي سهي، پر سندن دعائن جي گهرج بہ آهي، جيڪي پڪ سان ڪڏهن بہ سنڌ کان جدا ٿيڻون ئي نہ آهن، آمين.

◙



# هڪ تاريخ ساز شخصيت
# مخدوم امين ’فهيم‘

ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

هالا شهر ۾ مخدوم نوح رح جي خاندان ۾ بزرگ هستيون پيدا ٿيون آهن، جن نه صرف ماڻهن جي ديني خدمت ڪئي، پر ملڪ جي آزاديءَ لاءِ اهڙي سوچ ڏني ۽ درس ڏنو جو اڄ به اهو خاندان ’نوَ لکي گودڙي‘ وارو سڏجي ٿو، سندن مريدن ۽ معتقدن جي هن خاندان لاءِ محبت ۽ اعتماد ڏسي عقيدت کان اکيون هيٺ ٿي وينديون آهن.

هِن خاندان جو هڪ چشم و چراغ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ انگريزن جي دور حڪومت يعني British Period in India 4- آگسٽ 1939ع تي مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ جيڪو سروري جماعت جو روحاني پيشوا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنيادي ميمبر بڻيو، جي گهر هالا ۾ جنم ورتو. چوندا آهن: ”سدورو ٻار پينگهي ۾ پترو“. مخدوم امين ’فهيم‘ سهڻي صورت جو مالڪ پنهنجي سدورائپ کڻي هن دنيا ۾ آيو، سندس شخصيت اعليٰ، ڳالهائڻ ۾ ڌيرج ۽ مُنهن ۾ مٺيا هوندي هئي.

سندن والد صاحب، ڀُٽي صاحب جو سچو ساٿي ۽ وعده وفا هو. اهوئي سبب آهي جو ڪيترين لاهين چاڙهين جي باوجود سندن خاندان اڄ به پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ٻانهن ٻيلي ۽ سچو ساٿي آهي. جڏهن ته وڏا وڏا گڙنگ پئسي يا سرداريءَ جي زور تي وجي پنهنجي پنهنجي بينڪ جوڙي، اڪيلا ٿي رهجي ويا ۽ عوام جي دلين تان ميسارجي ويا پر ذوالفقار علي ڀٽي جي سحر انگيز شخصيت جا ديوانا اڄ به اوچو ڳاٽ ڪنيو بيٺا آهن.

مخدوم طالب المولىٰ، ڀُٽي صاحب سان گڏ 1967ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو هو، هڪ اعليٰ تعليم يافته نوجوانن جو ٽولو هو. مخدوم طالب المولىٰ جيستائين زنده هئا، پنهنجي پارٽيءَ سان ئي محبت ڪيائون. ضياءالحق جي آمرانه دور ۾ جڏهن کين پيغام مليو ته هو مخدوم صاحب سان ملڻ ٿو چاهي، ته پاڻ ڪانئس ملڻ کان انڪار ڪيو، چاڪاڻ ته جنرل ضياءُ، شهيد ڀُٽي جو قاتل هو، غاصب هو، جنهن ڪروڙين انسانن کي هڪ اهڙو غم ڏيئي ڇڏيو هو، جنهن جو ماتم اڄ تائين پيو هلي.

مخدوم امين ’فهيم‘ 1955ع ۾ ميٽرڪ ۽ 1958ع ۾ انٽرميڊيئيٽ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي جهڙي عظيم درسگاهه جي (Political Science) مان 1961ع ۾ بيچلر جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ خاندان ميراث مطابق، سياست ۾ حصو ورتو ۽ 1970ع واري اليڪشن ۾ ميمبر صوبائي اسيمبلي چونڊيا ويا ۽ جيستائين حيات رهيا، تيستائين ملڪ ۾ ٿيندڙ هر اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي طرفان اليڪشن لڙيا. يعني 1977ع، 1988ع، 1993ع، 1997ع، 2002ع ۽ 2008ع ۾ هميشه ڪاميابي حاصل ڪئي. ضياءالحق جي فوجي دور ۾ ٿيندڙ 1985ع واري اليڪشن ۾ پارٽيءَ جي فيصلي مطابق ٻاءِ ڪاٽ

ڪيو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽي جي دور اقتدار ۾ مخدوم صاحب وفاقي وزير رهيو.

مارچ 1989ع ۾ ڊسمبر 1988ع ۽ مارچ 1989ع ۾ منسٽر ريلوي، نومبر 1996ع، جون 1994ع ۾ منسٽر هائوسنگ ورڪ رهيا، ان سان گڏ مخدوم صاحب پنهنجي والد بزرگوار وانگر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا سينيئر ڪوچيئرمن بہ رهيا، 2008ع واري اليڪشن ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ هو وزير ڪميونيڪيشن رهيا.

شهيد ڀٽي جي شهادت کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ڀٽي خاندان جي وارثي گهٽو ٽٺو مخدوم خاندان حوالي ٿي، ڀٽي خاندان کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ ۾ مخدوم امين 'ڏهير' ۽ سندن فيملي جو وڏو ڪردار آهي. ضياءالحق، مخدوم امين 'فهيم' جو سياسي ڪردار ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو اهم پايو سمجهندي، کيس اُتان هٽائڻ جي ڪوشش ۾ ڪڏهن گورنريءَ ڪڏهن وفاقي وزير جا عهدا آڇيا، پر پاڻ اُهي سڀ آڇون ٺڪرائي پنهنجي پارٽيءَ سان وفادار رهيا.

محترمہ بينظير ڀٽي جي جلاوطنيءَ کان پوءِ مخدوم صاحب جنهن نموني پارٽيءَ کي سنڀاليو ۽ مقبول رکيو، اُن جو مثال تاريخ ۾ سونهري لفظن ۾ ياد رکيو ويندو. مشرف جي مارشل لا ۾ کين وزيراعظم جو عهدو آڇيو ويو، پر پاڻ انڪار ڪيائون. 2002ع ۾ جنرل پرويز مشرف جي وار کان بچڻ لاءِ نئين پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جا باني چيئرمين مقرر ٿيا ۽ تاحيات رهيا، ڇاڪاڻ تہ وفا جو اهو قدم جيڪو سندن والد صاحب کنيو هو، سندن خون ۾ سمايل هو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽي کي مخدوم امين 'فهيم' تي وڏو اعتبار ۽ اعتماد هوندو هو، ڇاڪاڻ تہ هُو وفا جو اهو هيرو هو جو هر حالت ۾ جَرڪندو هو، سندن شخصيت غيرمتنازع هئي. اختلافن کي ڊائلاگ يا ڳالهين ذريعي حل ڪندا هئا. وفا جي هن مجسمي اڳيان ڪيئي تڪليفون، مارشلائون، پريشانيون آيون، پر هن وفاداريءَ جو مانُ رکيو. ليڊر سان محبت بہ عجيب محبت آهي جيڪا سڀ کان اونچي ۽ مٺي آهي. محترمہ سان گڏ هلندي مخدوم صاحب جي چهري تي جيڪا عقيدت ۽ محبت جو نکار هوندو هو، اهو هر باشعور ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. محترمہ سندس بي انتها عزت ڪندي هئي، هر صلاح مشوري لاءِ کيس دبئي گهرايو ويندو هو.

محترمہ بينظير ڀٽو جڏهن جلاوطني ختم ڪري پاڪستان پهتي هئي، ان جو استقبال جنهن شان ۽ مانُ سان ٿيو، اسين انهن جا اکين ڏٺا شاهد آهيون. سندس جلوس ۾ بمباري، ٻئي ڏينهن تي مزار قائد تي سندس حاضري، اسپتال ۾ زخمين جي عيادت، انهيءَ سموري سرگرميءَ دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو. اسان ڏٺو تہ هرهنڌ مخدوم صاحب هن سان گڏ رهيو. 27- ڊسمبر 2007ع ۾ جيڪا راولپنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ شامِ غريبان رونما ٿي، تنهن ۾ محترمہ جي هر جملي ۾ مخدوم صاحب جي عقيدت ۽ اعتماد پئي ظاهر ٿيو، تقرير کان پوءِ محترمہ تي فائرنگ ۽ بمباريءَ دوران ۽ سندس شهادت واري اذيت کي مخدوم صاحب اکين سان ڏٺو. شهادت جي سانحي کان پوءِ مخدوم صاحب تي صبر جو هڪ پردو چڙهي ويو ۽ معمولي واري سڀاءَ ۾ نمايان تبديليون ڏسڻ ۾ آيون، هُو شايد محترمہ جي شهادت جو ڏک ۽ پيڙا کي اندر ۾ برداشت ڪندو رهيو.

هُو هڪ پُرخلوص، باوقار، پنهنجي پارٽيءَ سان نيڪ نيت ۽ وفادار شخص هو. هو شهيد ڀٽي، شهيد محترمہ ۽ بلاول ڀٽي زرداريءَ جو ساٿي رهيو. شهيد محترمہ جي ٽيجهي تي بلاول ڀٽي زرداريءَ جي چيئرمين طور مقرريءَ وقت جڏهن بلاول ڀٽي هڪ تاريخي جملو (Democracy is the best Revenge) جنهن دنيا کي روئاري ڇڏيو. بلاول ڀٽي زرداريءَ جو

ضبط سندس آلين اکين کي مخدوم صاحب ڏسندو رهيو ۽ صبر سان ويٺو رهيو.

مخدوم صاحب فطرتاً شاعر هو. شاعر جو سماج جي نبض تي هٿ رکيل هوندو آهي، سندس چوڻ (Poetry is my first Love) هن ان دور ۾ شاعري شروع ڪئي، جڏهن هالا نوان جو شهر، سنڌي علم و ادب جي آسمان تي چنڊ وانگر پئي چمڪيو. سندن والد محترم سنڌي علم و ادب جو روح روان هو. سڄيءَ سنڌ جي شاعرن، اديبن ۽ عالمن جو رُخ هالا ڏانهن هوندو هو تڏهن مخدوم امين 'فهيم' جي شاعريءَ معراج ماڻي ورتو هو:

بيوفا سان جفا ڪڏهن نه ڪجو،
دوستو هي خطا ڪڏهن نه ڪجو،
سوز سيني کي نيٺ صاف ڪندا،
درد دل جي دوا ڪڏهن نه ڪجو.

هُو چوندو هو ته ڪيس رومي، شاهه ڀٽائي ۽ سچل جي شاعريءَ متاثر ڪيو، هنن جي شاعري سندس زندگيءَ تي اثرانداز ٿي چاڪاڻ ته مٿيان شاعر امن ۽ محبت جو درس ڏيڻ وارا شاعر هئا.

مخدوم صاحب جي شاعريءَ جو مجموعو "پيغام" ڪتابي صورت ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1990ع ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو ويو، سندس شاعريءَ جا غزل ۽ گيت، ڪيترن فنڪارن جي آواز ۾ نشر ٿيندا آهن، هُو جيترو سياست ۾ دلچسپي رکندو هو، شاعريءَ ۾ به سندس ايترو حصو هو، پر سياست جو ته هُو وارث هو ۽ شهيد ڀٽي جي سحرانگيز شخصيت جو مٿس اثر هو، سندس چوڻ هو ته هن جو ان ڳالهه ۾ يقين ناهي ته هُو عوام تي راڄ ڪري، پر ڪيس اهو يقين آهي ته هُو ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪري. اهوئي سبب هو جو نه صرف هن جي حلقي جا ووٽر، پر سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جي سڀني صوبن ۾ هُو مقبول شخصيت رهيو. ماڻهو هن کي ڪامياب ڏسڻ چاهيندا هئا. سندس ان حُسن سلوڪ، الله طرفان ڪيس ڏنل ڏات، سندس ڪومل جذبا ۽ شاعراڻي تخليق، پنهنجي پارٽيءَ سان سچائي، وفا شعاري ۽ ڪاميابين جي ڪري سندس ذات ۽ شخصيت تاريخ ۾ هڪ اهم جاءِ والاري آهي. الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪندو.

سندس ڪجهه شاعري جا مصرع پيش خدمت آهن:

توسان اڄ همڪلام ٿيٺو هو،
دردِ فرقت تمام ٿيٺو هو،
اوچتو وئين ملي اي ماهِ لقا،
مون تي هي لطف عام ٿيٺو هو.

چڱو جو مون کي مليو درد پنهنجي درد جو،
جو ان سبب ٿي گهٽيو انتظار محشر جو،
ڪٿي ڪٿي به هجان مون سان هو ملي نه ملي،
تڏهن به وردِ زبان هوندو نام سرور جو.

يا مون کي علمبردار نه ڪر
يا منهنجو ڪو خالي وار نه ڪر،
هي عرض آ توکي منهنجا خدا،
ڪنهن غير اڳيان لاچار نه ڪر.
محبوب مٺا سر پنهنجو تريءَ تي،
پاڻ وڏي ٿو پيش ڪيان،
تون مون کي ڪُهڻ جي ڪوشش ۾،
تڪليف نه وٺ ۽ وار نه ڪر.
هت ڇا جو "فهيم" اڄ فڪر ڪبو،
لاڳاپا ڇڏي تون ڪاهي پئو،
هن عشق جي درياهه منجهه گهڙي،
ڪو عار نه ڪر انڪار نه ڪر.



# گل خوش رنگ

ڊاڪٽر محمود مغل

سرد هوائن ۾، ٿڌي سڀاءَ وارو سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' صديقي، جهان مان رخصت ٿيو آهي. اِناالله واِنا اِليه راجعون. بردباري، متانت تي، سليقي ۽ سڀاءَ جو هڪ باب بند ٿيو ۽ هاڻي وقت ان ڪتاب جي جِلدسازي ڪندو. مخدوم امين 'فهيم'، ڪالهه 21- نومبر 2015ع، بروز ڇنڇر، بمطابق 9- صفر المظفر 1437هه جي، صبح جو سوير فاني جهان مان موڪلايو. هاڻي اسان وٽ ڪي قادرالڪلام شاعر آهن الائي ڪونه، پر بهرحال 6- آگسٽ 1939ع تي، هالا ۾ سندس جنم تي، مرحوم سينڌي خان 'صيد' قطع تاريخ پيدائش ڪجهه هيئن لکي هئي:

گُلِ خوشرنگ نمودار شد بہ گلشن نوح،
هزار بار مبارڪ ز "صيد" شام و صبوح.

اهو گلِ خوشرنگ ڪالهه شام جو، مخدوم نوح سروري رحمة الله عليه جي مقبري مبارڪ جي پاڪر ۾، والدِ گراميءَ مرتبت مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' جي پاسي ۾ آرامي ٿيو. خاڪ وجي خاڪ سان ملي، مٽيءَ جي خوشبوءِ ۾ هڪ دور واسجي ويو.

الائي ڪهڙو حال آهي دل جو! خواب نگر جي حاضري ترتيب سان هوندي آهي. موضوع بہ هو، شروع بہ ڪيو هئم جو، اوچتو ٽيڪسٽ اچي ويو، تہ مخدوم صاحب جهان ڇڏي چڪو آهي. الائي ڇو، اندر ڪي ڄڻ ڪنهن مُٺِ ۾ جڪڙي ورتو. ڏک جي شديد ڪيفيت اندر ۾ لهي آئي. هي فقير، سياسي قطعي نہ آهي، ان ڪري علم و حڪمت جي انهن 'خزينن' ڪان پري پڄندو آهي. مخدوم صاحب ۾ ٻيو الائي ڇا هو، الائي ڪهڙي ڇڪ هئي، الائي سندن روح جي ڪهڙي تاثير هئي، جو سڀ ڪجهه الائي ڪيتري دير مهمل رهيو. ٽي چار دفعا مٿن لکڻ جي ڪوشش ڪيم، ڪو چيڙو ئي هٿ نہ پيو اچي. آخرڪار يارن دوستن ڪي منٿ ڪئي، تہ هڪ ڏينهن اضافي عنايت ڪيو. ذاتي لائبريريءَ ۾ مخدوم صاحب جو هڪ انٽرويو رکيل آهي، ان ڪي ٽرانسڪرائيب ڪري پيش ڪرڻ ٿو گهران ۽ قدرت خدا جي، اڌائي ٽي ڪلاڪ ساندهہ ڳوليو اٿم، سڀ انٽرويوز پيل آهن، رڳو مخدوم صاحب جو انٽرويو ئي نٿو ملي. نصيب جي ڳالهہ هوندي آهي، شايد اهو انٽرويو في الوقت ڪاغذ تي اُتارڻ نصيب ۾ نہ هو.

پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام 'اڄ جو مهمان' ۾ مخدوم صاحب، مهمان جي حيثيت ۾ آيا هئا. نواب مهدي لغاري صاحب پروگرام پروڊيوسر هئا، جن جو مخدوم صاحب سان ويجهي نيازمنديءَ جو تعلق هو، ۽ هُن جي ئي اصرار تي مخدوم صاحب وٽان وقت عنايت ٿيو هو. انٽرويو جي هن سلسلي ۾، مون ڪل 83 رڪارڊنگس ڪيون هيون، قدرت خدا جي هڪ هڪ محفوظ ڪئي هئم، پر هنن ساعتن ۾ هٿن مان واريءَ جان ترڪيل محسوس ٿي رهيون آهن.


ذاتي حوالي سان، سندن شخصيت مون

ڪي بيحد دلپذير لڳي هئي. سندن متانت، ملڻ جلڻ جو انداز، پاڪر جي گرمي، خنده پيشانيءَ سان سوال جي موٽ، ۽ زيرِ لب مُرڪ جو هٽيار، ڪمال هئا. ائين بہ ٿيو هو، جو پروگرام جي شروعات ۾، مون سندن خدمتن ۾ سوالن جي فهرست پيش ڪئي هئي. ڪجهہ سوالن ٻڌڻ تي هنن خاموشي اختيار ڪئي هئي، ٻين تي 'ٺيڪ آهي' ۽ 'درست' اُچاريا هئا. مطلب خاموشيءَ جو اهو پئي نڪتو، تہ جي اهو سوال نہ پڇيو وڃي تہ بهتر آهي. هنن سنئون سڌو روڪ نہ پئي ڪئي، پر اها خاموشي گهڻو ڪجهہ ٻڌائي پئي. منهنجي بہ جوانيءَ جا ڏينهن هئا. ڪو ڏيوڊ فراستّ تہ ڪونہ هئس، پر پنهنجيءَ پَر ۾، ڪجهہ سوالَ وچان ڪري ويو هوس، جن جي موٽ ۾ اها زيرِ لب مُرڪ ۽ چشمي پٺيان نگاهن جي تيزي، اهو اشارو ڏئي رهي هئي، تہ "اِهو سوال، لکت واري حساب ۾ تہ ڪونہ هو"، پر وري بہ هنن بي انتها خوش دليءَ سان سڀ ورنديون ڏنيون ۽ پروگرام پورو ٿيڻ کان پوءِ اهو قطعي بہ احساس نہ ڏياريائون تہ، "اهي سوال وچان ڇو ٿيا هئا؟"

تقريباً ڏيڍ ڪلاڪ جي ان مختصر گڏجاڻيءَ، منهنجي اندر ۾ عجيب تاثر ڇڏيو هو. صاحبِ مسند سان فقير جي ڪهڙي نسبت ۽ سياست ڪار زار خارزار... سو پريان سفر ئي چڱو آهي، پر الائي ڇو 23- مارچ 2008ع تي خواب نگر ۾، مون هنن کي وزارت عظميٰ نہ ملڻ تي "چنچ صبا سڄڻن کي" لکي ڇڏيو. مان سمجهان ٿو تہ پنهنجي هن سفر ۾، محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ تي، 'ادي' ۽ مخدوم صاحب تي ان ڪالم لکڻ کان علاوه، هي غريب سياستدانن جي ويجهو ئي نہ آيو آهي. سياست منهنجي چانهن جو ڪوپ ناهي رهي. الائي ڇو مخدوم صاحب تي اندر کي درد ٿيو هو. اهڙو ئي جهڙو اڄ پرچي آيو آهي، اخبارون پريون پيون آهن، 'پيغام' نالي ڳٽڪي جو شاعر، امين فهيم...پنهنجي سياست تدبر، وفاداريءَ، پاڻ سان ٽيل ويساهہ گهاتين، محبتن، مرڪن، رنجن ۽ پاڪرن کي ڪٽي زمين جي تهہ ۾ لهي ويو آهي.

1953ع کان 'امين' جي تخلص سان شروعات ڪندي، قبلا طالب المولىٰ سائينءَ کان اصلاح ڪرائيندي، 'فهيم' تخلص ماڻيائين ۽ ڏٺيءَ مني ڪيس آخر تائين 'فهيم' ئي رکيو. پنهنجي دؤر جو جڳ مشهور ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي 'مهراڻ' جي 1969ع جي ٻهرئين ۽ ٻئي شماري 'شاعر نمبر' ۾ صفحي نمبر 396 تي لکي ٿو: 'فهيم' سائينءَ جو سارو ڪلام هڪ شڪستہ ساز جو آواز آهي. ان ۾ نيازمندانہ جذبات موجود آهن. 'فهيم' سائينءَ جي ٻولي، پختي، رسيلي، سُريلي، مني ۽ من موهڻي آهي، جا شاعريءَ جي لباس ۾ اچي وڌيڪ دلڪش ۽ رنگين بڻجي پئي آهي." اهو صرف گرامي صاحب جو خيال ئي نہ هو. جي مخدوم محمد امين 'فهيم' جي ڪلام تي نگاهہ وجهجي تہ سڀ ڪجهہ پڌرو ٿي وڃي ٿو. 12- جنوري 1959ع تي هالا نوان ۾ مخدوم صاحب طبع آزمائي ڪن ٿا.

گهڻو دلبر لِڪئين ليڪن، ڏسڻ وارن ڏسي ورتو،
رخ انور اي سهڻا، نيڻ مون پارن ڏسي ورتو،
لِڪي شبنم کان، بلبل کان، ۽ پوُنرن جي نگاهن کان،
سُنگهيم خوشبو گلِ تر جي، مگر خارن ڏسي ورتو،
سڄي دنيا جا واعظ، محتسب سڪندا رهيا هردم،
۽ ساقيءَ جي رخ تابان کي منخوارن ڏسي ورتو،
نمازِ عشق ۾ هڪڙي جي بدران سَوَ ڪيم سجدا،
پراهن ڪونہ تاڙيو، مون کي پر وارن ڏسي ورتو،
ويو پئي قيس ليلا ڏي، مگر ڏاڍو ڏکيو رسندو،
جي ويندي واٽ تي ان کي ڪٽي ٻارن ڏسي ورتو.
شبِ فرقت گذاري ڪيئن، پلا هڪ عاشق مضطر،
نہ ڪنهن سمجهيو، نہ ڪنهن سوچيو، مگر تارن ڏسي ورتو،
وفا پيي ملڪ مان وئي پر، جهلي دامن وئي آيس،



# تُنهنجون ڳالهيون سڄڻ....!

نصير مرزا

اسان جا مخدوم محمد امين 'فهيم' سائين...
تازو ئي هڪڙي پرڏيهي سفر تان، وطن واپس وريا ۽ ايندي ئي سدائين لاءِ، هڪڙي ٻئي ڏورانهين ڏيهه ڏانهن روانا ٿي ويا! مولاءِ ڪائنات فرمايو آهي: "دنيا سراءِ آهي، مسافرخانو.... جنهن ۾ ماڻهو اڄ آهي، سڀاڻي نه هوندو." ڀٽائي بادشاهه به فرمائيندا هئا: "هي سڀ هلڻ هارا.... ڪو نه رهندو ڪو هڪ جيڏو" ۽ ائين به چوندا هئا: "دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس" ته بس مخدوم امين فهيم سائينءَ جي سياءُ، شخصيت، شاعري ۽ سياست جو تصور ٿو وينو ڪريان ته ڄڻ موتئي جي خوشبوءِ سان واسجيو ٿو وڃان. ڇا ته وڻندڙ شخصيت، خوبصورت انسان، خوش لباس، خوش خلق، خوش گفتار ۽ فوٽو جينڪ هستي.... سدائين سنجيده ۽ باوقار....

4- آگسٽ 1939ع تي، جنهن صبح سندن ولادت ٿي، گواليار گهراڻي نامي گرامي گائڪ خان صاحب سينڌي خان گلدستي سان گڏ طالب المولىٰ سائينءَ جي خدمت ۾ هي سنيهو به موڪليو هو: "گل خوش رنگ، نمودار شد، به گلشن نوحؑ" يعني "ڇا ته خوش رنگ گل، نوح جي سروري خاندان جي باغ ۾ ٽڙيو آهي، جنهن لاءِ لک لک دلي واڌايون." چوڏهن ورهين جا ٿيا ته جمال پسنديءَ ۽ شاعريءَ امين 'فهيم' سائينءَ کي پنهنجي روح ۾ لاٿو. تڏهن بي اختيار چيائون: "چئج صبا، سڄڻ کي، ڪا منهنجي به لهجو سار" اجهو اجا ارڙهن ورهين جا الهڙ نوجوان ئي هئا، جو پرڙيا، پر حُسن، عشق ۽ شاعريءَ ڏانهن سندن لاڙي کي ڏسي مخدوم سائينءَ کين 1960ع ڌاري باقاعده تخلص عطا ڪيو: فهيم.... حسين بخش 'خادم' جي آواز ۾ هيءَ مشهور ڪافي.... "ڪهڙي سبب مون کي وينين وساري" سندن ان ئي ابتدائي زماني ۾ چيل هڪ مشهور ۽ شاهڪار ڪافي آهي. 1958ع ۾ سندن هن غزل کي ته ان ڪافيءَ کان اڳي ئي شهرت ملي چڪي هئي:

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هيءَ خطا بارها ڪري ڏسبي،
جي حياتيءَ وفا ڪئي ته فهيم،
عشق جي انتها ڪري ڏسبي.

1970ع ڌاري سياست جي دنيا ۾، پير پائڻ کان اڳ، جڏهن پاڻ بزم طالب المولىٰ جا پريزيڊنٽ هئا، بزم جي مشاعرن ۾ سندن هيءُ غزل ٻڌا ويا:

گهڻو دلبر لڪئين ليڪن، ڏسڻ وارن ڏسي ورتو،
رخ انور، اي سهڻا نيٺ، مون پارن ڏسي ورتو.

يا

نظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو،
خزان رسيده بهارن وڏو فريب ڏنو.
حياتي ساري ٻُتن جي پيار ۾ ئي گذري،
"فهيم" نقش نگارن وڏو فريب ڏنو.

1971ع محمد حسين ٽالپر عرف مولانا هيپي صاحب، جڏهن سنڌي فلم سوچي پئي، تڏهن ان تي نالي جي ڳولا به ڪئي پئي. تڏهن ايسٽرن فلم اسٽوڊيو ۾ خوبصورت ۽ نوجوان امين 'فهيم' صاحب کين پنهنجي هيءَ ڪافي ٻڌائي هئي: "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس". مولانا هيپي صاحب اها ڪافي ٻُڌڻ سان پنهنجي فلم جو اهوئي نالو تجويز ڪيو هو: "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ..." ۽ گڏوگڏ بلاول بيلجم جي موسيقيءَ ۾ بلبلِ مهراڻ روبينه صاحبه جي آواز ۾ اها ڪافي رڪارڊ پڻ ڪرائي ۽ فلم ۾ ان کي شامل رکيو.

2006ع ڌاري امين 'فهيم' سائين جڏهن سياست جي دنيا جا ناميارا شهسوار بڻجي چڪا هئا، ڪنهن ڪنهن محفل ۾ مون ساڻن ادبي حال احوال اوريا هئا، تڏهن پاڻ ڪيڏو نه باوقار انداز ۽ سنجيدگيءَ سان ٻُڌائڻ لڳا: "ڇا نه سٺو زمانو هو، مشاعرن ۾ وڃبو هو، شيخ اياز ۽ امداد حسيني جهڙن شاعرن سان ملبو هو، پر پوءِ سياسي محفلن ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ ڏينهن رات سياسي مصروفيتن سبب ادبي محفلن کان پري ٿيندو ويس..." پوءِ ڪجهه سوچي ٻڌائڻ لڳا: "1970ع ڌاري وڪيشن دوران ٽوڪيو هئس جو، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ سان خاندان جي شموليت سبب ترت ئي اتان موٽي اچڻو پيو ۽ پوءِ ته سياست سان اهڙي جند جڙي، جو بيا ذوق شوق سڀ پويان ئي رهجي ويا." پوءِ مرڪي ٻڌائڻ لڳا: "سٺ ستر جي وچ واري عرصي دوران اسان کي سازن سکڻ جو به ايترو ته چاهه ٿيو، جو هارمونيم ۽ پيانو وڄائڻ اسان باقاعده سکي وياسين، خاص ڪري پرڏيهي مهمان ايندا هئا، ته انهن کي پيانو تي دما دم مست قلندر ٻڌائي، جهومائي ڇڏيو هو." پوءِ ٻڌائڻ لڳا: "غالب، فيض، ساحر، جوش، فراز، داغ ۽ ذوق اسان جا پسنديده شاعر رهيا آهن. خاص ڪري ذوق ته ڏاڍي ذوق شوق سان پڙهيو هو. ڪلاسيڪل گائڪن ۾ استاد بڙي غلام علي خان، برڪت علي خان، پوءِ مهدي حسن، نورجهان به وڻيا، پر لتا منگيشڪر جو جوڙ دنيا اڄ تائين پيدا نه ڪري سگهي آهي." تڏهن امين سائينءَ جو موڊ خوشگوار ڏسي، ساڻن مون فلمي ڳالهيون ڇيڙيون ته ٻڌائڻ لڳا: "راج ڪپور، دليپ ڪمار، نرگس، صبيحه خانم، مسرت نذير، صوفيه لارين، ٽوني ڪرٽس، ايلزبيٿ ٽيلر جون فلمون ڏاڍي چاهه سان اسان ڏٺيون.... دليپ جي 'ديوداس' ۽ نرگس جي 'جوگن' ڏسندي، ايئن به ٿيو ته، انهن جي مختلف منظرن تي اکيون پرجيو پرجيو پئي آيون...."

۽ الاس..... اڄ جڏهن حرف جي حرمت ڄاڻندڙ، نوَ لکي گودڙيءَ جا وارث، مخدوم نوح سرور خاندان جا سجاده نشين ۽ سخن شناس، هي مخدوم محمد امين 'فهيم' سائين جن ساريءَ سنڌ کي سوڳوار ڪري پنهنجي بزرگن جي پير ۾ وڃي ابدي آرامي ٿيا آهن، تڏهن دنيا بي ثباتيءَ بابت سندن هي شعر ياد اچي ويو اٿم:

"فهيم" آخر نه ڪجهه وريو، وڏائي ۾ اميريءَ مان،
ڇڏي شاهي، گداءِ ڪوچئه دلدار ٿيڻو پيو.

سان ڪنڌ لوڏيائين، ڪم ٿي ويو ۽ هن فقير وڃي هوائن جي شهر حيدرآباد جا وڻ وسايا.

ڪتابن ۽ ڪتاب دوست ماڻهن سان پيار ڪندڙ اهو باوقار ۽ خوبصورت شخص امين 'فهيم'، جنهن کي عوامي اڪثريت هڪ باوفا سياستدان جي حيثيت سان سڃاڻي ٿي، سچ تہ اهو اسان جي ملڪ جي سياسي منظر جو اهڙو ڪردار هو جنهن وٽ سياستدان بجاءِ دل فقط ۽ فقط شاعر واري ئي هئي. 1953ع ۾ شاعريءَ جي ابتدا ڪندڙ هيءُ خوش لباس ۽ گفتار شخص، سياست جي خاردار دنيا ۾ سدائين ڪنهن منفرد گل جيان ئي نظر آيو. سندن ئي هڪ غزل جي سٽ ۾ سندن شخصيت جي ڪيڏي نہ ٺڙ عڪاسي ٿيل آهي، "گل پٽيندي خار ۾ ڦاسي پيس!"

شاعريءَ جي گل رنگ راهن جي هن مسافر سياست جي خاردار پيچري تي پير رکيو تہ پوءِ هُو تاحيات ناقابلِ شڪست رهيو. 1970ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ئي ۾ خالي ڪيل سيٽ تي پهريون پيرو چونڊجي آيو ۽ اٺ پيرا ايم.اين.اي ۽ هڪ دفعو ايم.پي.اي چونڊجڻ باوجود سندس سياست تي هن جو شاعراڻو مزاج حاوي رهيو ۽ ڪتابن سان سندس دوستي سدائين برقرار رهي. شرافت، وفاداري ۽ سچائي هن باوقار شخصيت جو شيوو رهي. اهوئي سبب آهي تہ هن بي وفائي ڪندڙن سان بہ وفا ڪئي، جو وفاداري ۽ سچائي سندس سوچ جو محور هئي، هن جي اهڙي مزاج جي عڪاسي سندس شاعريءَ ۾ بہ ملي ٿي:

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هيءُ خدا بارها ڪري ڏسبي،
جي حياتيءَ وفا ڪئي تہ 'فهيم'،
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

مون کي خبر ناهي تہ امين 'فهيم' صاحب اهي سٽون ڪڏهن ۽ حياتيءَ جي ڪهڙي حصي ۾ لکيون هيون پر عمر جي آخري ڏينهن تائين هُو پنهنجي وفا نڀائيندو رهيو. هن جي وفاداريءَ جي وڏي قيمت لڳائي ۽ سندس وفاداريءَ کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش بہ ٿيندي رهي، پر وزيراعظم جي عهدي جي آڇ بہ هن کي لوڏي نہ سگهي ۽ هن ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي سچائيءَ جو سودو نہ ڪري پاڻ کي املهہ ثابت ڪيو. اها سچائي، اها شرافت، اهو وقار ۽ اها وفا، جيڪا هن کي پنهنجي وڏن کان ورثي ۾ ملي هئي. انهن خوبين تي ثابت قدم رهي، حقيقت ۾ هن سڄي عمر پنهنجي والد بزرگوار سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي پيروي ڪئي. سندن نقش قدم تي هلي زندگيءَ جا چار ڏينهن پورا ڪيا ۽ ڪڏهن بہ شرافت ۽ صبر جو دامن نہ ڇڏيو.

بہ ڏينهن گذري ويا، بہ ڏينهن گذري ويندا فهيم،
ڪڏهن نہ صبر جي دامن کي داغدار ڪبو.

سائين امين 'فهيم' جي وفات کان پوءِ، سندن گادي نشين فرزند مخدوم جميل الزمان جو چوڻ آهي تہ: مخدوم اهو آهي، جيڪو عوام جي خدمت ڪري جيڪو عوام جي خدمت نٿو ڪري، اهو فقط نالي جو مخدوم هوندو. انهن لفظن سان مخدوم جميل الزمان انهيءَ ساڳئي سوچ ۽ فڪر جي پيروي ڪئي آهي، جنهن سوچ ۽ فڪر جو اظهار سائين طالب المولىٰ صاحب ڪيو هو:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي، طاقت طالب المولىٰ،
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

منهنجو ذاتي تجربو ۽ مشاهدو بہ آهي تہ امين 'فهيم' صاحب هر ماڻهوءَ جي مسئلن کي بنا ڪنهن تفريق جي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هُو احسان ڪري وساري ڇڏيندا هئا پر مون نہ ڪڏهن سندن احسان کي وساريو ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪين وساري سگهندس.

افسانہ حيات ڪبو ختم اي فهيم!
يادن جي داستان جي حفاظت ڪري ڪري.



# مخدوم محمد امين 'فهيم' صديقي

ٻگهيو رسول بخش

اڄ تون ئي امين اڄ منهنجي اڳڻ، ڪر روشن روح اچي رهبر،
پَرَ تون ئي ڏتارين دلڙي، ٻيا دل جا دلارا ڪين ڪپڻ.

پيرن فقيرن جي هيءَ سنڌڙي سونهاري صدين کان سچن ۽ املهه ماڻڪ ماڻهن ڪي جنم ڏيندي رهي آهي، ۽ اُهي جن خاندانن مان پيدا ٿيا آهن، تن مان ڪي اصل کان سنڌ ڌرتيءَ تي آباد هئا ته ڪي وري ٻاهران اچي سنڌ ديس ڪي امن ۽ محبت جو خطو سمجهندي هميشه لاءِ هتي سڪونت اختيار ڪري ڇڏي ۽ نه صرف پاڻ ڪي سنڌي جامو پهرايائون، پر سنڌ ڌرتيءَ، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي بي لوث خدمت ڪئي ۽ پنهنجي ديس ۾ عوامي راڄ ۽ جمهوريت قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، اهڙن خاندانن مان مخدوم محمد امين 'فهيم' جو خاندان نمايان حيثيت رکي ٿو.

**مخدوم امين 'فهيم' جو خانداني پسمنظر:**

مخدوم محمد امين 'فهيم' جن جو جداعليٰ حضرت مخدوم فخرالدين ڪبير عرب ملڪ مان هجرت ڪري ڪوٽ ڪروڙ (ديره غازي خان) ۾ رهيا، ۽ ڪجهه وقت بعد اتان لڏي اچي ضلعي دادوءَ جي ٻوبڪ شهر ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائون، جتان پوءِ مخدوم فخرالدين صغير جن عزالدين بن مخدوم فخرالدين ڪبير لڏي اچي هالاڪندي ۾ رهيا جنهن ڪي هاڻي هالا پراڻا سڏيو وڃي ٿو.

مخدوم فخرالدين صغير جي اولاد مان سنڌ جو ڪامل بزرگ ۽ ولي الله حضرت مخدوم لطف الله المعروف مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جن 911هه ۾ پيدا ٿيا ۽ 998هه ۾ واصل باالله ٿيا. جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا عالم دين، قرآن پاڪ جا قاري ۽ حافظ ۽ مفسر هئا. پاڻ نهايت عابد زاهد، ۽ وقت جا غوث و قطب هئا. مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جن سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ برصغير هند و سنڌ ۾ سڀ کان پهريان قرآن پاڪ جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

مخدوم محمد امين 'فهيم' جن جو سلسلهٔ نسب حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن سان ملي، مٿي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن سان ملي ٿو، انڪري ڪين صديقي پڻ سڏيو وڃي ٿو.

**سلسله نسب مخدوم محمد امين کان حضرت ابوبڪر صديق تائين:**

مخدوم محمد امين 'فهيم' بن حضرت محمد زمان سادس "طالب المولیٰ" بن حضرت مخدوم غلام محمد عرف 'گلڻ جام" بن حضرت مخدوم ظهيرالدين عرف "پريل جام" بن حضرت مخدوم امين محمد (ثالث) عرف "پکن ڏٽي" بن حضرت مخدوم محمد زمان (رابع) بن حضرت مخدوم امين محمد (ثاني) بن حضرت مخدوم پنيلڻو (مخدوم محمد زمان (ثاني) جو پوٽو) بن حضرت مخدوم منن (ثاني) بن مخدوم محمد زمان (ثاني) بن حضرت مخدوم مير محمد (ثاني) بن حضرت مخدوم منن اول بن مخدوم مير محمد (اول) بن حضرت مخدوم ابوالخير محمد بن حضرت مخدوم امين محمد (اول) بن حضرت

مخدوم لطف الله عرف حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه بن نعمت الله بن محمد اسحاق بن شهاب الدين بن فخرالدين صفير بن عزالدين بن مخدوم فخرالدين كبير بن ابوبكر كتاني بن محمد اسماعيل بن عبدالله بن نصرالدين بن سراج الدين بن خيرالدين بن ابي اعصم بن محمد بن وحيدالدين بن محمد مسعود بن محمد قاسم بن محمد بن عبدالله عرف حضرت ابوبكر صديق (خليفہ اوّل رضي الله تعاليٰ عنه).

**مخدوم امين 'فهيم' جي ولادت ۽ تعليم:**

مخدوم محمد امين 'فهيم' رابع جن مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا وڏا فرزند هئا. جيڪي سائين طالب المولىٰ جن جي پهرين شريڪِ حيات مان پيدا ٿيا، جنهن سان سائين طالب المولىٰ 19 سالن جي عمر ۾ 1938ع ۾ شادي ڪرڻ فرمائي هئي. بيبي صاحبہ "اچ" (ٽنڊوباگو) جي صديقي پيرن مان هئي ۽ پير امام علي صديقيءَ جي همشيره هئي. هن حرم مان 6- آگسٽ 1939ع تي مخدوم محمد امين تولد ٿيا، (رسالو مهراڻ، شاعر نمبر 1990ع ڇپيل سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو) ليڪن مخدوم محمد امين جي شاعريءَ جي مجموعي "پيغام" جيڪو پڻ 1990ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل آهي، ان ۾ مخدوم امين 'فهيم' جي تاريخ ولادت 4- آگسٽ 1939ع مطابق 17 جمادي الثاني 1358ھ بروز جمعة المبارڪ لکيل آهي. منهنجي (راقم) خيال مطابق 6- آگسٽ 1939ع ئي درست آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي انگن مطابق 6 انگريزي انگ 4 مطابق ئي لکيا وڃن ٿا، انڪري 6 (ڇهن) کي انگريزي چار سمجھي 4 (چوٿين) تاريخ ئي لکي وئي آهي. اهڙو تضاد سائين طالب المولىٰ جي تاريخ ولادت ۾ پڻ موجود رهيو آهي، سندن حياتيءَ ۾ ئي مون (راقم) سائين طالب المولىٰ تي مختلف ليکڪن جا مضمون پڙهيا تہ انهن ۾ سندن هڪ تاريخ ولادت 6- آڪٽوبر 1919ع لکي تہ بي 4- آڪٽوبر 1919ع لکي تہ ڪن وري سيپٽمبر 1919ع لکي، پوءِ مون (راقم) ڪين خط لکي صحيح تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو تہ سائين طالب المولىٰ جن مون ڏانهن خط لکيو ۽ درستگي ڪندي 6- آڪٽوبر 1919ع لکيائون. ليڪن افسوس جو پوءِ بہ اڪثر ليکڪ اڄ تائين ساڳيو تضاد ڪندا اچن ٿا، جڏهن تہ مون (راقم) هڪ مضمون ۾ اها ڳالھ واضح لکي ليڪن منهنجي ڳالھ بلڪ لکيل 6 تاريخ کي وري بہ 4 تاريخ لکي ڇپي وئي. اهڙيءَ طرح مخدوم محمد امين 'فهيم' جي ولادت جي 6- آگسٽ کي 4- آگسٽ ڪري لکيو ويو هوندو. (والله اعلم)

مخدوم محمد امين 'فهيم' جن جڏهن ڄاوا تہ مخدوم مولانا غلام حيدر سائين جن ڪنن ۾ اذان ۽ اقامت ڏني ۽ پاڻ ئي مٿن نالو "محمد امين" رکيو هو. "مخدوم امين محمد ثالث" دستار 13هين جي نالي سان نسبت جي ڪري مخدوم محمد امين کي "ڏاڏا سائين" بہ چيو وڃي ٿو. سندن ولادت وقت شاعرن قطعاتِ تاريخ ولادت لکيا، ان دور جي مشهور شاعر ۽ گلوڪار سينڌي خان "صيد" جو هڪ شعر عرض رکجي ٿو:

گلِ خوش رنگ نمودار شد بگلشد نوح
هزار بار مبارک ز "صيد" شام و صبوح.

جيستائين تعليم جو تعلق آهي تہ اسان جي سنڌ ۾ ڪي اهڙا امير خاندان آهن جيڪي علمي ۽ ادبي خاندان بہ هوندا آهن يا انهن جي وسيع تعلقات ۽ سياست جي ڪري قديم خواه جديد تعليم پرائڻ لازمي هوندي آهي، انڪري هُو پنهنجي اولاد کي خانگي طرح تعليم ڏياريندا آهن، تہ جيئن هُو دنيا ۾ اٿڻ ويهڻ ۾ هوشيار رهي، باقي انهن کي سرڪاري نوڪري ڪرڻ لاءِ ڊگرين جي ضرورت نہ هوندي آهي، اهڙي طرح مخدوم محمد امين کي بہ خانگي طرح قرآن پاڪ، سنڌي، عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏني ويئي ۽ ساڳي وقت مخدوم محمد امين کي اسڪول ۾ پڻ داخل ڪيو ويو ۽ چار درجا سنڌي پاس

ڪرڻ بعد مخدوم غلام حيدر صديقي هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، جتان مئٽرڪ پاس ڪري پوءِ سروري ڪاليج هالا ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ بعد ۾ وڪالت جو امتحان پڻ پاس ڪيائين.

**روحاني مَسندَ تي ويهڻ:**

جڏهن مخدوم محمد امين جن جي والد بزرگوار مخدوم طالب المولىٰ جن 11- جنوري 1993ع تي وفات ڪئي تہ سندن چاليهي جي موقعي تي فيبروري 1993ع تي کين (مخدوم محمد امين) مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جن جي روحاني مَسنَدَ تي 17هين سجاده نشين طور ويهاريو ويو ۽ کين دستار مبارڪ ٻڌائي ويئي.

مخدوم نوح سرورؒ جن جو روحاني ۽ سجاده نشينيءَ جو سلسلو هن طرح مخدوم محمد امين 'فهيم' تائين پهچي ٿو:

(1) مخدوم امين محمد (اول) (2) مخدوم ابوالخير محمد (3) مخدوم عبدالخالق (4) مخدوم محمد زمان (اوّل) (5) مخدوم مير محمد (ثاني) (6) مخدوم محمد زمان (ثاني) (7) مخدوم مير محمد (ثالث) (8) مخدوم محمد زمان (ثالث) (9) مخدوم مير محمد (رابع) (10) مخدوم امين محمد ثاني (11) مخدوم محمد زمان (رابع) (12) مخدوم امين محمد (ثالث) (13) مخدوم محمد زمان (خامس) (14) مخدوم ظهيرالدين (15) مخدوم غلام محمد (16) مخدوم زمان (سادس) طالب المولىٰ (17) مخدوم محمد امين.

**مريد ڪرڻ جو طريقہ ڪار:**

سندن مريد ڪرڻ جو طريقہ ڪار هن طرح آهي تہ:

مريد ٻئي هٿ ڏيندو ۽ مرشد بہ ٻئي هٿ ڏيندو، هڪ هٿ مريد جي هٿ جي هيٺان ۽ ٻيو هٿ مٿان، هڪ خليفو بہ اتي موجود هوندو آهي جيڪو مريد کي سڄي ڳالهہ سمجهائيندو، جنهن ۾ ڪيس مذهب ۽ طور طريقي متعلق ڄاڻ ڏني ويندي، مريد کي ڪلمون طيب ۽ ٻيا ضروري ڪلمات پڙهايا ويندا. پوءِ کيس قرآن پاڪ ۽ سنت پاڪ تي هلڻ جي تلقين ڪئي ويندي آهي، پوءِ ذڪر ۽ فڪر جو طريقو کيس سمجهايو ويندو آهي ۽ ان سان گڏ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ چند ڳالهيون وغيره سمجهايون وينديون آهن. ان ڪان پوءِ جڏهن بہ هُو اچي ٿو تہ ان کان عمل جي باري ۾ پڇاڳاڇا ڪئي وڃي ٿي، کيس درس وري ياد ڏيارجي ٿو تہ هن کي ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن.

**مخدوم محمد امين جي شادي:**

سندن شادي 21- جون 1957ع تي 19 ورهين جي عمر ۾ ٿي، سندن شاديءَ تي پڻ هڪ زبردست مشاعرو ڪرايو ويو، ڪيترن شاعرن شادي جي سال مبارڪ تي قطعہ تاريخ لکيا جن مان ڪي هي آهن:

سندس خوش قسمتي جو ڇا بيان ڪوئي ڪري سگهندو،
ٻڌا اڄ جنهن جي آهن سِر تي هي "سائين وڏن" سهرا،
چڱي تاريخ ويهين جُون ۽ ذوالقعد ايڪيهين،
مبارڪ منهن تي خاص آيو ٻڌي محبوبِ هِن سهرا.

1957ع (محبوب سروري)

(نوٽ: محبوب سروري 20 جون لکيو آهي جڏهن تہ سندن ولادت جي تاريخ 21 جون لکي وئي آهي).

تقريب شادي است "اديبا" چوبهرِ عشق،
تاريخ گير هر توز "عيشي وَ عشرتي.

1376هہ

(مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي)

نور صبوح عظيم هجري سال
شاد باشم ڪ نوبهار آمد
هاتفم گفت نور خضر امين

1957ع

عيسوي سال باوقار آمد.
(مولوي محمد بنوي خادم)

**مخدوم امين فهيم جا فرزند:**

(1) مخدوم جميل الزمان "جميل" سنو شاعر آهي، صاحبِ ديوان آهي.

(2) مخدوم شڪيل الزمان، (3) مخدوم عقيل الزمان، (4) مخدوم نجيب الزمان، (5) مخدوم خليل الزمان، (6) مخدوم جليل الزمان، (7) مخدوم ابومحمد سنڌيار.

**مخدوم امين فهيم جي شاعري:**

هن شاعري 1953ع ۾ چوڏهن سالن جي عمر ۾ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پنهنجو تخلص "امين" اختيار ڪيائين، پر پوءِ سندن والد بزرگوار مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پنهنجي فرزند جي ذهانت مُهر و فراست ڏسي ان لحاظ کان سندن تخلص ''فهيم'' مقرر ڪيس. جڏهن محمد امين 'فهيم' شاعري شروع ڪئي تہ ان وقت هالا ۾ علمي ادبي حلقن طرفان ماهانہ ادبي سرگرمين ۽ مشاعرن جا ميلا متل هئا. 1953ع کان شروع ٿيل عالمن اديبن ۽ شاعرن جي ماحول ۾ مخدوم محمد امين 'فهيم' جي ڪلام ۾ صنايع بدايع جون شاعرانہ صنعتون ۽ خوبيون سمائجي ويون، سائينءَ جي ڪلام جي ٻولي پختي، سريلي، رسيلي ۽ نهايت فني ۽ من کي موهيندڙ ۽ دل کي سڪون پهچائيندڙ آهي.

1969ع ۾ 'سماهي "مهراڻ" شاعر نمبر' ۾ مشهور عالم، صحافي، اديب ۽ شاعر مولانا غلام محمد گراميءَ جي راءِ مطابق: "امين سائين جن جي فن ۾ ذوق جماليات جي ڀرپور ترجماني آهي، ڪلام ۾ سوز و گداز محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ پرگو پختہ ۽ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا. سندس تغزل، فني لحاظ کان رمزيت، معنويت، اشاريت، ايمائيت تي مشتمل آهي ۽ سندس پيرايہ بيان رنگين ۽ دلڪش آهي. ڪافيون درد انگيز ۽ رقت خيز آهن. قومي شاعريءَ ۾ بهترين ڪلام چيو اٿس."

اڳتي گرامي صاحب لکي ٿو تہ: "امين سائين جي فن جي تنقيدي جائزي وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ هڪ روشن ضمير انسان جڏهن پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي بيان ڪرڻ تي اچي ٿو، تڏهن ان ۾ ڪيڏي نہ اصليت ۽ روح آفرين ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، جا تڪلف ۽ تنصع سان پيدا ڪرڻ مشڪل ۽ ناممڪن آهي. شاعري جذبات جي فراواني مان پيدا ٿئي ٿي ۽ جذبات جي حدت ۽ حرارت لاءِ لازم آهي تہ دل جي ساز جون تارون تپن ۽ وڄڻ شروع ڪن. اهڙي ڪلام ۾ سوز ۽ ساز، حرارت ۽ گداز جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي."

مخدوم محمد امين 'فهيم' جن جو شاعري ۾ استاد سندن والد بزرگوار ۽ مرشد سائين طالب المولىٰ جن ئي آهن، سندن شاعريءَ جو مجموعو "پيغام" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو طرفان 1990ع ۾ ڇپجي چڪو آهي. ڪتاب جو نالو "پيغام" مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ جن تجويز فرمايو هو.

**سندن شاعريءَ جو ڪجھ نمونو:**

هڪ عاشق رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي حيثيت ۾ جڏهن ڪين ديدارِ مصطفيٰ نصيب ٿئي ٿو تہ چئي ٿو تہ:

سڀڳوري رات سونهاري ۽ هئي ڪا مهل موچاري
ڪيم جنهن رات تنهنجو خواب ۾ ديدار بسم الله.

ڏئي شل پاند پنهنجي لطف سان ڊولڻ ڊکين مون کي
امين تون ئي اجهو آڌر انهي ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.

خدا جو لطف ٿيو هي خوشنصيبي تن جي سمجهي وئي
شفيع المذنبين کي اڄ گنهگارن ڏسي ورتو.

هينين بيت ۾ پنهنجي محبوب کي اچڻ لاءِ حيرت ۾ وجهڻ جهڙي التجا ڪندي چئي ٿو تہ:

ستارن ۽ شمس و قمر کان لڪي آ،
فلڪ کان ۽ شام و سحر کان لڪي آ،
لڪي آ جنُ و بشر کان لڪي آ،
سڄڻ تون سِڻ جي نظرن کان لڪي آ.

امين سائين حقيقي محبوب کان سواءِ ٻين سڀني عارضي ۽ مجازي سونهن جو انڪاري آهي چئي ٿو تہ:

محبوب بنا هي روشن راتيون، چنڊ ۽ تارا ڪين کپن،
جي پيار ڏئي پو ڏار ڪندا، سي سهڻا سهارا ڪين کپن.
وچ تون بہ تہ گس پنهنجي سان قمر مون ساڻ ڀلا تنهنجو ڇا هي؟
تنهنجي تہ ضرورت ڪانهي ڪا، هي تنهنجا نظارا ڪين کپن.
مان پنهنجي ۾ ئي پورو آهيان ڇو چورين ٿي تون بادِ صبا.
ڇو ساهہ سڏارڻ ٿي چاهين تنهنجا تہ سڏارا ڪين کپن.
ڀل طوفان ۽ گرداب ۾ اڄ مون کي بہ هلي ڇڏ پاڻ سنو،
هي ظلم، ستم ۽ سورن سان ڀرپور ڪنارا ڪين کپن.
پو چاهي ڀلا جي مان بہ هليس تون شاد هجين آباد هجين،
شل روح کي هردم ياد هجين ٻيو قبر و منارا ڪين کپن.
ڏس رنگ جهان جا ڪيئن بدليا الله جو نالو ياد نہ آهہ،
هي دنيا فانيءَ جا مون کي رنگين نظارا ڪين کپن.
بيڪار زماني وارا سهارا مهروفا يا لطف و ڪرم،
پس ڪين کپن ڇڏ ڪين کپن، ڇڏ مون کي خدارا ڪين کپن.
اڄ تون ئي "امين" اڄ منهنجي اڱڻ ڪر روشن روح اچي رهبر،
ٻَرَ تون ئي ڌتاريندي دلڙي ٻيا دل جا دلارا ڪين کپن.

مخدوم طالب المولىٰ جن مخدوم امين 'فهيم' جي شاعري متعلق چئي ٿو تہ:

"امين 'فهيم' پنهنجي هڪجيڏن شاعرن ۾ سٺو شاعر آهي، سندن ڪلام ۾ جديد ۽ قديم شاعريءَ جو رنگ ڀريل آهي."

**مخدوم محمّد امين 'فهيم' جي سياسي زندگي:**

* "امين" حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو لقب آهي، تنهنڪري شاعر حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي پڪاري رهيو آهي.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ هڪ بااصول، باوقار ۽ سنجيده قسم جو سياستدان هو، پاڪستان جي سياست ۾ صف اول ۾ شامل هو، سندس خلوص ۽ پارٽيءَ سان وفاداري ۽ فهم و فراست سبب هر دور ۾ حزبِ اقتدار خواه حزبِ اختلاف جي ايوان ۾ عزت ڀريو مقام ماڻي چڪو هو.

هالن جي هن مخدوم خاندان جا ڀڙيان بزرگ منهنجي خيال مطابق مخدوم غلام حيدر صديقي جن هئا، جيڪي سياسي اُفق تي اُڀري آيا. مخدوم غلام حيدر صديقي جن مخدوم ظهيرالدين چوڏهين سجاده نشين جا ننڍا فرزند ۽ مخدوم غلام محمد 15هين سجاده نشين جا ننڍا ڀاءُ ۽ مخدوم طالب المولىٰ جا چاچا هئا. مخدوم غلام حيدر پنهنجي ڀاءُ مخدوم غلام محمد کان ئي دنيا جا ڪاروهنوار پاڻ هلائيندا هئا. مخدوم غلام حيدر صديقي جن تعليم سان گهڻي دلچسپي رکندا هئا. ان سلسلي ۾ دل کولي رقم خرچ ڪندا هئا. پاڻ هاءِ اسڪول هالا ۽ سروري ڪاليج هالا قائم ڪيائون. درگاهه ۽ مسجد جي آڏو وراندو نهرايائون. ادب سان به سندن گهرو لاڳاپو هو، سندن ڪجهه ڪتاب ڇپيل ۽ اڻڇپيل آهن. ميونسپل جا پريزيڊنٽ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جا بااثر ميمبر پڻ رهيا. پاڻ 9- جون 1953ع تي وفات ڪيائون. کين ڪوبه اولاد ڪونه هو، انڪري مخدوم طالب المولىٰ گادي سنڀالڻ سان گڏوگڏ دنيا جو ڪاروهنوار پڻ پاڻ سنڀالڻ لڳا. مخدوم غلام حيدر صديقي، مخدوم طالب المولىٰ جن جي سياسي تربيت 1951ع کان ڪئي ۽ مخدوم طالب المولىٰ 1953ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ صدر ايوب خان جي دور ۾ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر بڻيا ۽ جڏهن 1967ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي، مسلم ليگ ڪي ڇڏي صدر ايوب جي خلاف تحريڪ هلائي ۽ عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو ته سائين طالب المولىٰ به مسلم ليگ ڪي ڇڏي پاڪستان پيپلز پارٽي جيڪا حقيقت ۾ عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي ڀڙين درسگاهه هئي، ان ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا بنيادي ميمبر ۽ سينيئر وائيس چيئرمين بڻيا ۽ آخري عمر تائين پيپلز پارٽيءَ جا سينيئر وائيس چيئرمين رهيا.

1970ع ۾ يحيىٰ خان اليڪشن ڪرائي، غلط فوجي پاليسي ۽ ڪردار جي ڪري اوڀر پاڪستان جدا ٿي ويو ۽ هڪ نئون ملڪ بنگلا ديش وجود ۾ اچي ويو. هن اليڪشن ۾ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ پهريون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. اهڙي طرح هر اليڪشن ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ پنهنجي تڪ مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر وڏي اڪثريت سان چونڊبو آيو ۽ 2008ع واري اليڪشن ۾ پنجون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو.

اسان جي ملڪ جي بدقسمتي پئي رهي آهي جو ڪنهن به عوامي حڪومت کي پورو مدو حڪومت ڪرڻ جو موقعو نه ڏنو ويو آهي، هميشه فوجي ڊڪٽيٽرن پئي حڪومت ڪئي آهي، ايوب خان، يحيىٰ خان کان پوءِ جنرل ضياءالحق فوجي ڊڪٽيٽر دنيا جي عظيم ڏاهي ۽ مدبر سياستدان عوامي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو. ٻئي فوجي ڊڪٽيٽر پرويز مشرف جي حڪومت ۾ جڏهن ظلم و تشدد جي انتها ٿي وئي ته بينظير ڀٽو صاحبه فوجي جنتا سان ٽڪر کاڌو. مشرف کان فوجي وردي لهرائي، سخت حالتن سان منهن ڏنو ۽ نواز شريف کي پاڪستان ۾ آندو، (جيڪو جلاوطن هو). اليڪشن جو اعلان ڪرايو ۽ جيئن ئي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ 27- ڊسمبر 2007ع تي ڪامياب جلسو ڪري ٻاهر نڪتي ته هڪ بم ڌماڪي کان پوءِ گوليءَ سان دنيا جي هن عظيم رهنما، جنهن پنهنجي عقلمندي، علم ۽ سياسي تصوف جي ذريعي آمريڪا، برطانيه سميت پوري دنيا

جي سربراهن کي دنيا ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ جمهوريت، گڏيل اتحاد ۽ ڀائيچاري قائم ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪارگر ڳڻ ٻڌائي پنهنجي وطن ۾ مٽين ڳالهين ؟ ، حاصل ڪرڻ لاءِ آئي هئي، تنهن کي شهيد ڪري ڇڏيو.

منهنجو (راقم جو) شاگرديءَ واري دور جو دوست سيد شاهه محمد شاهه عوامي آواز اخبار جي "سنڌي مئگزين" 27- ڊسمبر 2015ع جي صفحي 5 تي پنهنجي مضمون "ڳالهه اڙانگي پنڌ جي جي قسط نمبر 26 ۾ بعنوان "عالمي ثقافتن جو پاڻي پيتل مخدوم امين 'فهيم'".جنهن چوٿين ڪالم جي آخر ۾ رقمطراز آهي ته:

مخدوم فيملي جي هڪ هڪ ذميدار شخصيت جڏهن جڏهن وقت.آيو ته بنا مشهوريءَ جي انهن اهو سڀڪجهه ڪري ڏيکاريو، جنهن جي ڳُهرج هئي مجدوم محمد زمان طالب المولىٰ مرحوم سياست جي ڪنڊن ڀريي رستي تي ان نموني هلڻ بدران ماٺ ميٺ ۾ جيڪي اهم ڪم ڪيا سي پڻ وقت جي ڳُهرج آهن ته تاريخ ان تي لکي. اهڙي نموني مخدوم محمد امين 'فهيم' جنهن سياءَ ۽ سلوڪ کي ڀرپور ڏينهن پاڻ سان ڪنيو، ان کي هٿان نه ڇڏيو. هن جي سڄي سياسي ڄمار ۾ جيڪي تدبر هو، جيڪي سياءُ هو، جيڪي ڳالهه ٻڌڻ ۽ مسلسل ٻڌڻ جي روايت هئي. گهڻ وڌ ڳالهه ٻڌڻ کي هضم ڪرڻ جي جيڪا عادت هئي ۽ پاڻ کي ڳوٺ ۽ شهر سان ملائي، دنيا جي ثقافتن مان پاڻي پي جنهن نموني شاهوڪار ڪيو، اهو هڪ وڏو داستان آهي. هن (امين) جو 27- ڊسمبر 2007ع تي ان گاڏيءَ ۾ ويهڻ به هڪ نه وسري سگهڻ جهڙو واقعو آهي، جنهن گاڏيءَ کي گولين ۽ بمن سان وهنجاري محترمه بينظير ڀٽو کي قتل ڪيو ويو ۽ سنڌس (بينظير صاحبه جو) بنا ساهه جي چهرو مخدوم امين 'فهيم' مرحوم جي هنج ۾ ڪريو هو، تاريخ ۾ سياسي اڳواڻ انهن گهڙين کي قلمبند ڪن ته جيڪر اصل سچايون گهڻو اڳ معلوم ٿي وڃن. شل! ان گهڙيءَ کي مرحوم محمد امين 'فهيم' صاحب ڪنهن نه ڪنهن سان ضرور سلي ويو هجي!

سيد شاهه محمد شاهه صاحب جن جي لکت ڪيتري نه پُرڪشش ۽ حقيقت تي مبني آهي جو جڻ ته هيءُ هڪ اهم راز ڏانهن اشارو ڪندڙ عبارت الهامي نثر پيو لڳي جو سنڌس اندر مان اُدما ڏئي نڪتو آهي جيڪا ڳالهه مخدوم امين 'فهيم ' جي اعلىٰ منزل ۽ مقام کي ظاهر ڪري ٿي:

"اڄ نيٺ ويس گلشن ۾ هليو ڪنهن جذبهٔ دل کان بيخود ٿي،  
چو مون کي ڏسي ٿي رنو شبنم، ڪجهه ياد اثر ڪجهه وسري ويو."  
"اي 'فهيم' تون مون کي ٻڌاءِ ڪٿي ته حقيقت ڪيئن آغاز ۾ هئي،  
مون ڪنيو ٿي يا نه ٿي ڪنيو، پنهنجو قدم ڪجهه ياد اثر ڪجهه وسري ويو."

"هوا اهڙي لڳي جنهن ڪونه ڇڏيو گل زماني ۾،  
رهيا باقي وڃي اڄ خار منهنجي آشياني ۾.  
(امين 'فهيم')

مخدوم امين 'فهيم' لاءِ 2002ع وارين چونڊن کان پوءِ واري صورتحال نهايت مشڪل هئي، جنهن ۾ محترمه بينظير ڀٽو کيس جنرل مشرف سان ڳالهين جا مڪمل اختيار ڏنا هئا ۽ کيس ان وقت به وزيراعظم بڻائڻ لاءِ چيو ويو، پر جڏهن ڳالهيون تمام گهڻيون اڳتي وڌي ويون ته هڪدم کيس

پوئتي ڪيو ويو، مخدوم صاحب تہ پوئتي ٿيو ۽ پارٽيءَ سان گڏ رهيو ۽ پارٽيءَ جي فيصلي جو احترام ڪيو.

جناب خالد ڪوڪر صاحب پنهنجي هڪ آرٽيڪل ”اليڪشن 2008ع حڪومت سازي ۽ قيادت جون ذميواريون“ ۾ لکي ٿو تہ:

”مون کي ياد آهي جڏهن 18- آڪٽوبر 2007ع تي مون کي محترمہ بينظير ڀٽو سان گڏ دبئي کان ڪراچيءَ اچڻو هو ۽ هڪ ڏينهن اڳ يعني 17- آڪٽوبر 2007ع تي دبئي جي هڪ هوٽل ۾ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد پريس ڪانفرنس ڪئي هئي، مان (خالد ڪوڪر) ان پريس ڪانفرنس ۾ موجود هئس، محمد امين 'فهيم' جو ٻالو ڪنيو تہ ”آج“ ٽي وي جي رپورٽر سوال ڪيو تہ محترمہ جڏهن توهان هاڻي مخدوم صاحب کي مشرف جي موجودگيءَ ۾ وزيراعظم بنائيندا تہ پوءِ ڏ سال چو وڃايا. جنهن ۾ ڪارڪنن هيٺرو پوڳيو. بهرحال محترمہ جي شهادت بعد ٽيجهي وازي ڏينهن بہ جيڪا سينٽرل ايگزيڪيٽو ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي ۽ اتي پريس ڪانفرنس ۾ جڏهن بلاول ڀٽو زرداري چيئرمين ۽ آصف علي زرداري شريڪ چيئرمين جو اعلان ٿيو تہ آصف علي زرداري چيو هو تہ محترمہ جي خواهش موجب مخدوم امين 'فهيم' ئي وزيراعظم جو اميدوار هوندو. (هفتيوار 'سنڌو' ڊائجسٽ 4 کان 10- مارچ 2008ع، ص 7)

آصف علي زرداري صاحب جن جي طرفان، مخدوم امين 'فهيم' جي وزيراعظم جي اميدوار هئڻ جي اعلان بعد ساڳئي رسالي جي صفحي 23 ۾ رسول بخش ٻگهيو گچيرائي (راقم) پنهنجي آرٽيڪل ”وزيراعظم جو اميدوار مخدوم محمد امين رابع ''فهيم'' ۾ لکي ٿو تہ:

”جيئن تہ هن وقت جيڪي چوندون ٿيون آهن سي بينظير ڀٽو صاحبہ جن جي ڪوشش جوئي نتيجو آهن، پر اڄ (پاڻ) ظاهري طرح اسان ۾ نہ آهن جو وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويهن، انڪري شهيد سنڌ راڻي جي ٽيجهي تي ايگزيڪيٽو ڪميٽي (سينٽرل) ۾ سندن وزيراعظم جي ڪرسي تي ان شخصيت جو اعلان ڪيو ويو، جيڪا شخصيت 1967ع کان لڳاتار پارٽيءَ سان وفادار رهي ۽ ڪڏهن بہ هٽڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، بنا ڪنهن لالچ جي. مسلسل هن جمهوري قافلي ۾ ڪم ڪندي رهي. اها شخصيت آهي مخدوم امين رابع 'فهيم' جي گچيرائي (راقم) اڳتي لکي ٿو تہ:

”مخدوم امين 'فهيم' کي جيتوڻيڪ هن کان اڳ چار ڀيرا وزيراعظم ٿيڻ جي آڇ ڪئي ويئي هئي، پر پاڻ ان آڇ کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو، بلڪ هڪ ادنيٰ ڪارڪن جي حيثيت ۾ صبر و تحمل سان پيپلز پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪندا رهيا. ۽ آخري دم تائين جيئن مخدوم صاحب بينظير ڀٽو سان ويجهڙائپ ڏک سک ۾ رهي ائين ڀٽي ڪنهن بہ پارٽي اڳواڻ ۾ ويجهڙائپ نہ رهي. جيترا بہ بينظير صاحبہ تي حملا ٿيا تہ ان ۾ مخدوم امين 'فهيم' ساڻن گڏ هئا.“

مخدوم امين 'فهيم' هڪ طرف ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏ رهي، سياسي تربيت حاصل ڪئي ۽ ڀٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ بينظير ڀٽو سان گڏ نهايت وفاداري سان رهي ڪانئن اعليٰ سياسي گڻ حاصل ڪيا ۽ سچائي، بردباري ۽ وفاداري پنهنجي والد بزرگوار مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کان حاصل ڪيائون تہ ٻئي طرف حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه سان خانداني نسبت ڪري بہ هن بزرگ سياستدان ۾ صديقي سياسي صلاحيتون ۽ حڪومت ڪرڻ جو ڏانءُ پڻ نظر اچي ٿو. مخدوم

صاحب جن کي پنهنجي مورث اعليٰ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جن جي خلافت (حڪومت) ملڻ وقت ڪيل پهريون خطاب به ياد آهي، جنهن ۾ صديق اڪبر جن فرمايو هو ته:

”اي انسانو! مون کي توهان جو حاڪم بنايو ويو آهي پر توهان کان بهتر ۽ برتر نه آهيان جيڪڏهن مان نيڪ ڪم ڪيان ته انهن ۾ منهنجي مدد ڪجو ۽ جيڪڏهن ڪو اجايو ڪم ڪيان ته مون کي ٽوڪيو (روڪيو). صدق امانت آهي ۽ ڪذب خيانت. توهان مان ڪمزور شخص منهنجي ويجهو قوي (طاقتور) آهي، جيستائين آئون ان کي ان جو حق نه ڏياريان ۽ توهان مان قوي شخص منهنجي ويجهو ڪمزور آهي جيستائين ان ڏانهن جنهن جو حق آهي، ان حقدار کي ان قوي شخص کان حق وٺي نه ڏيان. جا قوم الله جي رستي ۾ جهاد ترڪ ڪري ٿي، ان تي الله ذلت ۽ خواري مسلط ڪري ڇڏي ٿو. (يعنيٰ جيڪا قوم الله پاڪ جي بندن جي حقن ۽ الله پاڪ جي حقن جي پاسخاطري نه ٿي ڪري سا تباهه ٿي وڃي ٿي)، ۽ جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ بي حيائي هلي ٿي ته الله ان تي مصيبتون ۽ عذاب عام ڪري ڇڏي ٿو.“ (وڌيڪ صديق اڪبر فرمايو ته:

”توهان منهنجي اطاعت ڪريو، پر جي مون کا ڪوئي اهڙو ڪم سرزد ٿئي جنهن سان الله پاڪ ۽ ان جي رسول مقبول صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نافرماني جو پهلو نڪري ته توهان تي منهنجي اطاعت واجب نه آهي، هاڻي نماز لاءِ اٿي بيهو الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي.“

اها هئي صديق اڪبر جي حڪمران بنجڻ بعد پهرين تقرير جنهن صديق اڪبر سان مخدوم محمد امين 'فهيم' جو سلسلہ نسب 35هين پيڙهيءَ ۾ ملي ٿو.

مخدوم محمد امين 'فهيم' هڪ مدبر سياستدان، هڪ اعليٰ نسب سان تعلق رکندڙ، درگاهه عاليہ حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جا سجاده نشين، هڪ بهترين اديب ۽ شاعر، نهايت سباجهي طبعيت وڪندڙ، لاِطمع ۽ بي لوث خدمت جو جذبو رکندڙ، بردبار، شاڪر، صابر ۽ عادل انسان هئا ۽ بنا ڪنهن فرق جي هرڪنهن کي عزت ڏيندڙ، هميشہ سرخرو رهندڙ، خنده پيشانيءَ سان پيش ايندڙ، منصف ۽ واقعي امين ۽ 'فهيم' هئا. انڪري هر طبقي ۽ پارٽيءَ جا ماڻهو سندن مداح آهن، مخدوم صاحب جون پارٽيءَ لاءِ خدمتون نمايان حيثيت رکن ٿيون. وفاداري ۽ مسلسل جدوجهد ڪرڻ ۽ پنهنجي خاندان سان والهانہ محبت رکڻ ڪري پوري دنيا ۾ چاتا سڃاتا وڃن ٿا، ڪيترن ملڪن جا دورا پڻ ڪيائون.

1989ع ۾ ملائيشيا ۾ ٿيندڙ ڪامن ويلٿ جي ٿيندڙ ليڊرن جي گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪيائون، انگليند جي راڻي ايلزبيٿ ۽ ملائيشيا جي بادشاهه ازلان سان خصوصي ملاقاتون ڪيائون. سٺي سياسي بصيرت رکندڙ، مخدوم محمد امين 'فهيم' 21- نومبر 2015ع تي اسان کان ظاهري طور جدا ٿي واصل بالله ٿي ويا. الله پاڪ جون مٿن اڻ ڳڻيون رحمتون هجن (آمين).

ڪيون هيون. مخدوم خاندان جون، سنڌ ڌرتيءَ ۽ پنهنجي مريدن لاءِ ڪيل روحاني، علمي ۽ سياسي خدمتون، تاريخي حيثيت رکن ٿيون.

انسان جي هڙ ڪاوش يا هر تصور ارتقا پذير آهي، انهيءَ ارتقا جي نتيجي ۾ ئي هي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دؤر سڏجي ٿو. اڄڪلهه جتي هر فن بي انتها ترقي ڪئي آهي، اتي انساني ذهن به تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي، پر ڪي پختا ذهن اهڙا به آهن جيڪي زماني جي انقلابن ڪي ڏسندي به پنهنجون وفاداريون نه بدلائي سگهيا آهن. انهن ۾ مخدوم خاندان، خاص اهميت رکي ٿو. هن گهراڻي جون سموريون صلاحيتون، محبتون، وفاداريون صرف سنڌ واسين ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ سان آهن.

پيپلزپارٽيءَ سان پيار جا پيچ ڪيئن لڳا، ان لاءِ هنڙيءَ جي پاسي محبوب سروري وڏا داستان بيان ڪري ٿو ته:

”وڏي مخدوم صاحب وٽ جماعت اسلاميءَ جو هڪ وفد آيو، جنهن ۾ شڪارپور وارو پروفيسر محمد سليم، مولانا جان محمد عباسي، ڪريم بخش نظاماڻي ۽ ٻيا ويٺا هئا. مخدوم وڏا، جهڙوڪر پارٽي Join ڪرڻ وارا هئا ته لنڊن مان صاحبزادو امين ’فهيم‘ آيو ۽ والد صاحب سان گڏجي جيڪو سياسي فيصلو ڪيائين، آخري دم تائين، ان تي قائم رهيو. پاڻ پنهنجي والد سان تمام گهڻو ويجهو رهندا هئا. ٻهرين موهيي پٽ هئڻ جي ناتي، پوري خاندان جو لاڏلو فرد هو. والد جي تربيت جو مٿن گهرو اثر هو. اهوئي سبب هو جو پيپلزپارٽيءَ تي ڪيترو به ڏکيو وقت آيو، پر سندن وفاداريءَ ۾ ذرو به فرق نه آيو، سندن زندگيءَ جو هر پهلو قابلِ رشڪ رهيو، ڪيس حسين موسم، حسين منظر ۽ حسين ماڻهو ڏاڍا وڻندا هئا. مخدوم صاحب، شاهيءَ کان گدائيءَ کي وڌيڪ پسند ڪندو هو.“

قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو بنياد وجهندڙ محترم ذوالفقار علي ڀٽي جو بااعتماد ۽ وفادار ساٿي جهڙو ڀٽي صاحب ذهانت، شخصيت ۽ جادوئي ڪردار جي اثر کان پاڪستان جو هر ماڻهو متاثر هو، ائين ئي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ مخدوم امين فهيم جي ڪردار کان به هر ماڻهو متاثر هو.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘، جتي هالا ۾ تعليم، صحت ۽ ٻين زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن جي پورائي لاءِ وڏا ڪارنامه ڪيا، اتي صاف سٿري سياست ۾ پڻ شاندار ڪردار ادا ڪيائون. سچي عمر، اصولن تي ڪابه سودبازي نه ڪيائون. قوم جي ترقيءَ لاءِ جدوجهد جاري رکيائون

مون کي چڱي طرح ياد آهي ته پيپلزپارٽيءَ جو بنياد 1970ع ۾ هالا ۾ رکيو ويو. 1 ۽ 2- جولاءِ 1970ع ۾ جڏهن هالا ۾، پارٽي جي پاران، ”هالا ڪانفرنس“ جو پروگرام رکيو ويو هو ته ان ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرائڻ جون سڀ ذميداريون مخدوم امين ’فهيم‘ تي رکيون ويون هيون. ان ڪانفرنس ۾ اولهه ۽ اوڀر پاڪستان جي پارٽي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. مخدوم سائين ان ڪانفرنس کي اهڙو ته شاندار طريقي سان ڪامياب ڪيو جو ته اها پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي وائيس چيئرمن مخدوم محمد زمان جي سڌ تي هالا ۾ رکي وئي هئي. ڪانفرنس جي خاص ايجنڊا هي هئي ”روٹی، کپڑا اور مکان، لے کے رہے گا انسان“ ۽ ٻيو ته جمهوري ادارن کي مضبوط بنائڻ ۽ عوام کي انصاف، تعليم، صحت ۽ روزگار ڏيڻ لاءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪجي، انقلاب يا انتخاب!؟

1- جولاءِ 1970ع تي وفاقي حڪومت ون يونٽ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اهڙي طرح اولهه پاڪستان جا چار نئي صوبا، سنڌ، پنجاب، اتر اولهه سرحدي صوبو ۽ بلوچستان بحال ٿيا. ان ڪانفرنس ۾ ٻهرين چونڊن ۾ حصو وٺي انقلاب جي راهه هموار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان ڪانفرنس ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ هر ڳالهه جو جائزو وٺي سياست ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي والد سائينءَ جي زير نگرانيءَ وڏا وڏا فيصلا ڪيائين. پاڻ مدبرانه طريقي سان هر فيصلو ڪندا هئا. بردبار طبعيت جا مالڪ هئا. پاڻ هڪ ڀيرو ايم.پي.اي ۽ ست ڀيرا ايم.اين.اي چونڊجي آيا.

پيپلزپارٽيءَ لاءِ سندن وفاداري ڪنهن کان بہ ڳجهي ناهي. وڏن وڏن آسرن باوجود، وزارت عظميٰ جي عهدي تائين ڪين دلاسو ڏنو ويو، پر هن مانجهي مڻيادار ماڻهو، ڪنهن بہ لالچ کي نہ قبوليو، هر لالچ کي ٺُڏي ڇڏيو، نہ پارٽي ڇڏيائون ۽ نہ ئي پارٽي خلاف ڪو قدم کنيائون، کيس صاف شفاف سياست ورثي ۾ ملي هئي. هو انتهائي ساجاهہ وند ۽ داناءُ ماڻهو هو. سندس جهڙو سياسي ڪردار آئيني وانگر صاف ۽ شفاف هو، تهڙو روحاني ڪردار بہ اڇو اجرو هو. سروري جماعت جا روحاني پيشوا هئا ۽ درگاهہ حضرت مخدوم نوح سرورؒ جا 18 سجاده نشين پڻ، سروري جماعت جي بهتري ڀلائي، تعليم، صحت ۽ سماجي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اُپاءَ ورتا هئائين. پاڻ، هالا شهر کي ترقي وٺرائڻ ۾ بہ سڀ کان اڳڀرا هوندا هئا. هر ماڻهو پنهنجو مسئلو بنا هٻڪ جي وٽن کڻي ويندو هو ۽ حل وٺي موٽندو هو.

مخدوم امين 'فهيم' تقريباً 22 سالن واري پنهنجي سجاده نشيني واري دؤر ۾ شاندار علمي، ادبي ڪم جي سرپرستيءَ ۽ ترقيءَ ۾ گذاريا. پاڻ خوش لباس، خوش گفتار، اعليٰ پائي جو سياستدان، بهترين شاعر، اعليٰ فهم وادراڪ جو مالڪ هو. هالا جي علمي، ادبي، تاريخي، تعليمي ۽ تحقيقي ڪمن جو جائزو وٺجي تہ معلوم ٿيندو تہ سائين وڏي فراخدليءَ سان اهڙا علمي ۽ ادبي ڪم ڪرايا جو انهن کي ڏسي سائينءَ جي شخصيت جا روشن پهلو سامهون اچن ٿا. سائينءَ جي 76 سالن جي زندگي هڪ روشن مشعل وانگر اسان جي سامهون آهي.

شاعريءَ جي ميدان ۾ وري ڏسنداسين تہ سائين، شاعريءَ جي ميدان ۾ بہ وڏي مڃتا ماڻي. پاڻ احساسن ۽ جذبن وارو شاعر هو. شعور سان ٽمٽار شاعري، سندن اعليٰ ذهن جو ثبوت آهي. تخليقي سگهہ تہ منجهس بي انتها موجود هئي، سندس شاعري ۾ عظيم ڌرتيءَ جو عظيم شاعر، دانا ۽ دورانديش هو.

سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي اعليٰ ثقافت، تهذيب ۽ تاريخ جهلڪندي نظر اچي ٿي. شاعري پڙهندي ائين لڳندو هو ڄڻ ڪائنات جا سڀ راز خودبخود کُلندا ٿا وڃن. پڙهندڙ ائين گم ٿي وڃي ڄڻ تہ ڪو سندس وجود ئي نہ آهي. هر طرف شاعريءَ جي گلن جي مهڪار ۽ هٻڪار محسوس ٿيندي هئي. ٻولي بہ اهڙي معيار جي، جن جي سائين سان ملاقات نہ بہ ٿي هوندي، اهي سندن اعليٰ شخصيت سان خيالن ۾ ملاقات ڪري وٺندا هئا.

سائينءَ جي شاعريءَ ۾ لفظ، چنڊ وانگر چمڪندڙ ۽ گلاب وانگر مهڪندي نظر ايندا هئا. شاهہ لطيفؒ، سچلؒ وانگر سائين جي شاعري، پڙهندڙن کي شعور ڏئي، بيوسيءَ جي حالت مان ڪڍي ٿي. شاعريءَ جي سڀني اصولن، قاعدن مطابق هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائون. سندن والد صاحب وانگر وائي، ڪافي ۽ غزل تہ لاجواب لکيا. سندن شاعري، سنڌ جي مشهور گلوڪارن ڳائي بہ آهي ۽ تمام گهڻي پسند ڪئي وئي. هر پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي ان شاعريءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو ئي عڪس نظر ايندو.

## ڪافي

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس،
انهي رمز سان روح ريجهائيندس.
جيڪي چار گهڙيون توسان گهاريون اٿم،
تو وساري ڇڏيون، نہ وساريون اٿم.
تنهنجو مرڪي ملڻ منهنجو عرض ڪرڻ،
تنهنجي لاءِ جيئڻ تنهنجي لاءِ مرڻ،
تون اچين بہ نہ ٿو، مان وڃان بہ نہ ٿي،
جيڪا تو آ ڪئي، ڪنهن سان بہ نہ ٿي.
منهنجو تون ئي سڄڻ، تو لئي ڀيون بہ گهٽيون،
نہ ٿي توکي وٽان، پر تون تہ وٽيون.

وجي ويهي رهين مون کان ڏاڍو پري،
تون "امين" ٿي اڄ انصاف ڪري.
ساري عمر کان وڌ سي پياريون اٿر،
مان تہ پنهنجي پريت پڄائيندس،
تو ڇڏي بہ ڏنو مان ڇڏيان بہ نہ ٿي،
اهو سڀ ڪجهہ پاڳ کان پائيندس.
ڇا ڇا هار سينگار، ڇا ڇا تيل ڦٽيون،
ڪيئن زوري پاڻ وڃائيندس.

*

جمهوري دور هجي يا غير جمهوري ڊڳر هجي، سائين جي شاعري اسان کي همٿ ڏيارينڌڙ ۽ دلين کي موهيندڙ ملندي. سنڌ جو ڪو مسئلو هجي، ان تي بہ گهري نظر هوندي هُين. پوري زندگي، سنڌ ڌرتيءَ جي ترقيءَ لاءِ آواز بلند ڪيائون. حڪومت جي اعليٰ ايوانن ۾ سنڌ جي مسئلن تي وڏي بهادريءَ سان ڳالهايائون. سنڌ جي تعليمي ترقي، صحت ۽ روزگار بابت سندن مضبوط گواهيون تاريخي حيثيت رکن ٿيون.

سروري خاندان، اسان جي ڌرتيءَ جو اهڙو تہ باوقار، بااصول ۽ باشعور خاندان آهي، جنهن جي هر فرد، سنڌ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. موت تہ برحق آهي سو تہ اچڻو آهي، هر نفس کي ان جو ذائقو چکڻو آهي. ڌرتيءَ کي تہ اڃان سائين جهڙي بهادر ۽ باشعور فرد جي ضرورت هئي پر قدرت کي شايد ائين منظور نہ هو ۽ سائين جو ۽ اسان جو 76 سالن جو ساٿ هڪ پل ۾ ٽُٽي پيو.

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(شاهہ)

## غزل

**جدائي گهڻو آهي جيءَ کي جلايو،**
**خدارا وطن ڏانهن واڳون ورايو.**

**ڪڏهن منهنجا ايوان آباد ٿيندا،**
**۽ ڇڻبو تہ اڄ محب مولا ملايو.**

**سندم دل ٿي واجهائي جنهن لاءِ هر دم،**
**نہ تنهن کان سوا اڄ بہ آرام آيو.**

**وساري نہ تنهن کي تون ڇڏجان اي سهڻا!**
**جو وينو آ تو لاءِ سڀ ڪجهہ لُٽايو.**

**عجب آهي، افسوس ڇو ڪونہ ٿيندو،**
**جو ڪاري ڪکر آ قمر کي لڪايو.**

**بدلجي وري نيٽ اُن ڏي ئي وربو،**
**اٿئون عشق جنهن سان ازل کان اڙايو.**

**اچي اوچتو نيٽ صيّاد ٻيهر،**
**اڳي وانگي هي آشيانو جلايو.**

**محمّد ﷺ امين کي نہ اڄ، پر ڪڏهن کان**
**زبان تي رکو تنهنجو ئي نام آيو.**
(مخدوم محمد امين 'فهيم')

8، سيپٽمبر 1956ع
1:12 رات- هالا



# پيغامِ ’فهيم‘

**ميرزا فياض علي بيگ**

سنڌ ۾ سنڌيءَ جي مشهور مرثيه گو شاعر ميرزا بدل بيگ جو سندس پيڙهي بہ پيڙهي شاعر هئڻ بابت شعر آهي:

پيءُ ڏاڏي کان هيءُ پيشو اسان جو هليو اچي،
پيڙهي بہ پيڙهي سخن جو سودو لڳو اچي.

انهيءَ شعر کي پڙهڻ کان پوءِ جڏهن سنڌ جي ايوانِ شاعريءَ ڏانهن نظر ڪجي ٿي، تہ اسان کي سنڌ جي ڪن خاندانن ۾ پيڙهي بہ پيڙهي شاعرَ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهڙن ئي پيڙهي بہ پيڙهي خانداني شاعرن جي سلسلي ۾ هالا جو مخدوم خاندان بہ صدين کان ايوان شاعريءَ ۾ نمايان نظر اچي ٿو، جن جو سلسلو مخدوم نوح عليه الرحمة کان شروع ٿي، اڄ مخدوم جميل الزمان ارڙهين سجاده نشين تائين پهتو آهي. هن خاندان ۾ پشت بہ پشت شاعريءَ جو سلسلو هلندو اچي ۽ هر شاعر پنهنجي پنهنجي دؤر جو بهترين شاعر ٿي گذريو آهي. انهيءَ سلسلي جي لڙهيءَ جو جناب مخدوم طالب المولىٰ بي بها گوهر هو، جنهن شاعريءَ جي ڪيترن صنفن تي طبع آزمائي ڪندي ايوان شاعري ۽ ادبي ميدان ۾ وڏي مڃتا ماڻي ورتي ۽ اِهوئي سلسلو هلندي اچي مخدوم محمد امين ’فهيم‘ تائين پهتو، جنهن پڻ سياست سان گڏوگڏ ايوانِ شاعريءَ ۾ سنو نالو ڪييو.

مخدوم محمد امين، مخدوم طالب المولىٰ جو وڏو پٽ هو، جنهن هالا جهڙي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ مردم خيز شهر ۾ 4- آگسٽ 1939ع تي جنم ورتو. پاڻ مخدوم طالب المولىٰ جهڙي شفيق پيءُ ۽ يڪتاءِ زمانہ شاعر جي گود ۾ پليو، سندس ڪَنن ۾ اذان کان پوءِ شاعري گونجڻ لڳي ۽ سندس ڪنن تي شاعريءَ جا پڙلاءَ پوندا رهيا. پوءِ جڏهن اُڪتي هلي هيءُ ڪجهہ وڏيرڙو ۽ سمجهہ پريو ٿيو، تہ هيءُ بہ مشاعرن جي سايہ ۾ اُسرڻ لڳو. هيءُ اُهو زمانو هو، جنهن ۾ هالا کان علاوه سنڌ جي ڪيترن ماڳن، مڪانن، ڳوٺن، واهڻن، وستين ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي زيرِ صدارت ڪيترين علمي ۽ ادبي بزمن طرفان مشاعرا ٿيڻ لڳا. انهن ئي مشاعرن ۾ مخدوم محمد امين ننڍپڻ کان ئي پنهنجي والد سان گڏ شريڪ ٿيندو هو، جتي هر شاعر جو شعر غور سان ٻڌندو ۽ هينئين سان هنڊائيندو رهيو.

مخدوم طالب المولىٰ وٽ سندن حيدرآباد ۽ هالن وارن بنگلن ۾ هر وقت شاعرانہ محفلون متل هونديون هيون، جن ۾ اعلىٰ پايہ جا ڪُهنہ مشق شاعر شريڪ ٿيندا هئا. هر شاعر جو اندازِ بيان ۽ فڪر بي پرواز پنهنجي هوندو آهي. مخدوم محمد امين جيڪو هميشہ انهن مشاعرن ۾ موجود هوندو هو ۽ اتي موجود شاعرن جا شعر ٻڌندو ذهن نشين ڪندو رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترن شاعرن جي شعر هن کي متاثر ڪندي هن کي شاعريءَ ڏي راغب ڪيو ۽ هن مخدوم طالب المولىٰ جو هيءُ شعر پڙهي ميدان شاعريءَ ۾ قدم رکيو:

شاعر ذهن جي احساس جو نالو آهي،
مون وجي آهي ڏنو حُسن بشر جي ويجهو.

مخدوم محمد امين سال 1953ع ۾ 14-15 سالن جي عمر قريب جي هو، جو هن باقاعدگيءَ سان شعر چوڻ شروع ڪيو ۽ 'امين' تخلص سان شعر چوڻ جي ابتدا ڪئي، پر جيئن تہ هن خاندان ۾ اڳ بہ امين نالي ۽ تخلص سان شاعر ٿي گذريا هئا، جنهنڪري مخدوم طالب المولىٰ سندس تخلص 'فهيم' تجويز فرمايو. ان بعد هيءُ ايوانِ شاعري ۾ مخدوم امين 'فهيم' سڏجڻ لڳو. محمد امين نالي جي نسبت سان 'فهيم' تخلص موزون ۽ مناسب ٿو لڳي. چاڪاڻ تہ امين هميشہ 'فهيم' هوندو آهي، جيڪو پنهنجي صحيح حقيقي فهم مطابق امانتدار هوندو آهي ۽ ڪيس سونپيل امانتون انهن جي حقدارن تائين پهچائڻ جو فهم هوندو آهي. بلڪل انهيءَ طرح مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي ابي، ڏاڏي کان وٺي، حضرت مخدوم نوح؇ تائين جي بهتر روايات جو پاسدار ۽ انهن جي علم و ادب، شعر و شاعري ۽ رشد و هدايت جو حقيقي وارث ۽ امانتدار بڻجي انهن جي بي بها علمي، ادبي اثاثي کي پنهنجي فهم و فراست سان امين بڻجي سنڀاليندو ۽ ايوانِ ادب ۾ مشتهر ڪندو رهيو.

مخدوم امين 'فهيم' جو فنِ شاعريءَ ۾ استاد ڪامل سندس والد محترم هو، جنهن کيس مڪمل طور فنِ شاعري ۽ شعر چوڻ جي سِکيا ڏني ۽ پاڻ پنهنجي ذهانت ۽ محنت سان فنِ شاعري ۽ شعر چوڻ تي مڪمل دسترس حاصل ڪري ورتي.

مخدوم امين 'فهيم' پنجاهہ سالن کان بہ مٿي مخدوم طالب المولىٰ جهڙي بهترين شاعر جي سايہ ۾ گذاريا. هتي پڙهندڙ خود اندازو لڳائين، تہ جنهن شاعر پنجاهہ سال 'طالب المولىٰ' جهڙي اعلىٰ پايہ شاعر جي سايہ ۾ گذاريا هوندا ۽ سٺيهہ سال ان جي زير نگراني شاعري ڪئي هوندي، تہ پوءِ انهيءَ شاعر جي شاعريءَ جي منزل ڪيڏي نہ اعلىٰ ۽ بلند و بالا هوندي.

مخدوم امين 'فهيم' جو جيڪو مجموعو ڪلام "پيغام" نالي سال 1990ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي منظرِ عام تي آيو، اُن ۾ "تحرير خاص" جي عنوان سان مخدوم طالب المولىٰ جن لکن ٿا تہ:

> مخدوم امين 'فهيم' منهنجو وڏو فرزند، جنهن تي منهنجي پڙڏاڏي مرحوم مخدوم امين محمد جو نالو رکيل آهي، تنهنڪري اسين ۽ سروري جماعت توڙي اسان جو راڄ کيس "ڏاڏا سائين" ڪري چوندا آهيون، مگر ٻاهرين دنيا ۾ پاڻ مخدوم امين 'فهيم' جي نالي سان سڏبو آهي، کيس بہ پنهنجي خانداني ورثي ۾ شاعري ملي آهي، يعني مخدوم نوح سرور عليه الرحمة شاعر هئا، سندن پوٽو لاکو لطف الله بہ شاعر هو، ۽ ان کان پوءِ بہ سروري خاندان ۾ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا، جن مان ڪن جو احوال مون پنهنجي تصنيف 'يادِ رفتگان' ۾ ڏنو آهي.
>
> مخدوم امين 'فهيم' صاحب امين 12 سجاده نشين پنهنجي همعصرن ۾ سنو شاعر هو، وري مخدوم غلام محمد 15 سجاده نشين بہ شاعر هئا ۽ تخلص مغموم هونِ، اهڙي طرح آءٌ (طالب المولىٰ) 16 سجاده نشين بہ پنهنجي وقت جي سٺن شاعرن مان هڪ شاعر آهيان، امين 'فهيم' بہ پنهنجي هڪ جيڏن شاعرن ۾ سنو شاعر آهي، سندس ڪلام ۾ جديد ۽ قديم شاعري جو رنگ موجود آهي، جو پڙهندڙ کي نهايت محظوظ ڪندو. پاڻ اڪثر غزل ئي لکيو اٿس ۽ بهترين لکيو اٿس. مون کي هن ڳالهہ تي خوشي سان گڏ فخر بہ حاصل آهي تہ پنهنجي وڏي فرزند امين 'فهيم' جي ڪلام جي مجموعي 'پيغام' تي ڪجهہ لکيو اٿم، دعائون ٿو ڪريان تہ "الله ڪري زور قلم خوب و زياده".

هاڻي جڏهن مخدوم طالب المولىٰ، مخدوم امين 'فهيم' کي بهترين غزل چوندڙ جي سَنَدَ عطا ڪري چڏي، تہ پوءِ هاڻي کيس ٻي ڪنهن شاعر يا اديب کان سٺي غزل لکندڙ جي سَنَدَ وٺڻ جي ضرورت ئي نہ آهي.

اُهو پُٽ ڪيڏو نہ خوش نصيب هوندو، جنهن جي مجموعہ ڪلام تي سندس والد پنهنجي نيڪ خيالات جو دعائن سان اظهار ڪري. اُهو خوش نصيب پُٽ آهي مخدوم امين 'فهيم' ۽ دعاگو پيءُ آهي مخدوم طالب المولىٰ صاحب.

سال 1946ع ۾ مخدوم طالب المولیٰ پنهنجي رباعين جو ڪتاب "رباعيات طالب" نالي ڇپايو، جنهن ڪتاب کي شايع ٿيندي اڄ 70 سال ٿيا آهن ۽ اُن جو ٻيو ڇاپو سال ۱۹۹۱ع ۾ شايع ٿيو هو. سال ۱۹۸۷ع وارو ڇپيل ڪتاب، مون کي پنهنجي انتهائي پياري بزرگ دوست محبوب سروري عنايت فرمايو هو: سو تڏهن جڏهن آءٌ رباعي تي ڪتاب لکي رهيو هئس ۽ پاڻ مون کي اهو ڪتاب ڏنائون، جنهن ڪتاب تي سندس هٿ اکر هي دلچسپ شعر لکيل آهي:

جڏهن منهنجي جنون ڳولي لڌو محب مٺي کي،
ناصح جا ڇپن ساڻ اتي ڏند لڳي ويا.

محبوب

10- جنوري 1953ع

مخدوم صاحب "رباعياتِ طالب" پنهنجي فرزند مخدوم امين 'فهيم' جي نالي منسوب ڪندي، هيٺ ڏنل دعائيه اشعار ڏنا آهن:

منسوب هي اشعار آءٌ توسان ڪريان ٿو — تون تن تي محمد امين شل هوندي ڪمربند
الله عطا توکي ڪري علم و ولايت — پيغام عمل ساڻ وڃي تنهنجو ٿي پيوند
هر چيز ۾ تون حُسن ازل جو ڏسين جلوو — هر تلخيءِ دوران ۾ اچي توکي نظر قند
تون پنهنجي خيالات تي هردم رهين قادر — ۽ عشق حقيقي جو هميشه هجين پابند
تنهنجي نه نظر ارض و سما جي رهي محتاج — اسبابِ جهان توڙي اچن تو اڳيان هر چند
دل تنهنجي هجي دائما سرچشمه اُلفت — تسليم و رضا تي تون هميشه هجين خورسند

جو 'طالب المولیٰ' کي آهي علم عطا ٿيو
الله ڪري تنهنجي به سيني ۾ اوهو بند

پيءُ جي دعا پُٽ لاءِ بارگاهه الاهي ۾ بيشڪ مقبوليت جو درجو رکي ٿي. مٿيون شعر ان جو بَيِن ثبوت آهي. ان شعر جو حرف بحرف وقت ايندي سچ ثابت ٿيو، جو الله پاڪ مخدوم امين 'فهيم' کي علم و ولايت عطا ڪيو. جيڪو پيغامِ عمل سان پيوند ٿي چڪو هو ته ڪيس هر چيز ۾ حُسن ازل جو جلوو ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو، پوءِ ته تلخيءِ دوران به ڪيس قند جو ذائقو محسوس ٿيڻ لڳو. تڏهن ئي هي پنهنجي خيالات تي قادر رهندي هميشه لاءِ حقيقي عشق جو پابند ٿي ويو، ته پوءِ سندس نظر ارض و سما جي محتاج نه رهي، پوءِ سندس آڏو کهڙا به سبب هجن تڏهن به پنهنجي دل دائما سرچشمه اُلفت ٿيندي هميشه تسليم و رضا تي خورسند رهي ٿو. هاڻي آخر ۾ مخدوم صاحب دعا ٿو ڪري ته جيڪو علم طالب المولیٰ کي عطا ٿيو آهي، الله ڪري ته اهو تنهنجي سيني ۾ بند ٿئي. مخدوم صاحب جي اها دعا بارگاهه الاهي ۾ اگهاڻي، جو سندس وارو علم الله پاڪ مخدوم محمد امين 'فهيم' جي سيني ۾ بند ڪيو، جنهن علم جا فواره جڏهن ايوان شاعريءَ ۾ جاري ٿيا، تڏهن انهيءَ علم جي فوارن حمد، نعت، غزل، ڪافي، بيت وغيره جي صورت ۾ جيڪو پيغام ڏنو، سو "پيغام" جي صورت ۾ پڙهندڙن جي آڏو آهي.

مخدوم امين 'فهيم' جي ڪلام ۾ اهي سڀ شاعرانه خوبيون نمايان آهن، جيڪي هڪ استاد شاعر جي ڪلام ۾ هئڻ گهرجن. سندس هر صنف وارو شعر متاثر ڪندڙ آهي. هيءُ جڏهن حمد ٿو لکي، تڏهن حامد بڻجي پنهنجي ممدوح جي شايانِ شان حمد ٿو لکي. وري جڏهن نعت ٿو لکي، تڏهن اعليٰ نائت بڻجي حضور پاڪ جي اعليٰ شان جهڙا اعليٰ اشعار رقم ٿو ڪري. وري جڏهن غزل ٿو لکي، تڏهن جنهن طور طريقي سان غزل ايجاد ٿيو، جيڪو عشقيه مضمون سان لاڳاپيل آهي، ان تحت بهترين انداز ۾ غزل ٿو لکي. غزل توڙي جو ايرانين جي ايجاد آهي، جيڪا اڳئين دؤر ۾ فارسي جي ترڪيبن، استعارن، ڪناين ۽ الفاظن سان مُزين هوندي هئي، پر وقت آئي غزل نج سنڌي شاعريءَ جي صنف بڻجي ايوانِ شاعريءَ ۾ پيهي ويو. امين 'فهيم' جو غزل، ان سلسلي جي نمايان اهم ڪڙي آهي، سندس غزل ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ کي متاثر ڪندڙ آهي.

مخدوم امين 'فهيم' کي مون فقط هڪ ڀيرو روبرو ڏٺو ۽ غزل پڙهندي ٻڌو، سو تڏهن جڏهن 27- جولاءِ 1974ع ۾ اسان جي امام بارگاهه علي آباد ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي ڏنل مصرع طرح: "لڳون ٿيون پئجي ويون منهنجي زبان ۾" تي سندن ئي صدارت ۾ مشاعرو ٿيو، جنهن ۾ مخدوم صاحب پاڻ پنهنجي فرزندن سان گڏ شريڪ ٿيا ۽ مشاعري ۾ پنهنجا پنهنجا طرحي غزل پڙهيا. مخدوم امين 'فهيم' پنهنجو غزل پڙهيو:

ن بخشيو نيٺ دنيا جي رواجن — وجون پيا غرق ٿيو رسم جهان ۾
هٽن سان قرب جي ڪشتيءَ کي ٻوڙيم — چوڻ چاهيم نٿي ڪنهن امتحان ۾
طريقو آهي ٿيندو پنهنجو پنهنجو — سو فرق اينو نظر هر مهربان ۾
رکو گلشن جي هر ڪا شيءِ سنڀالي — اسان جو ڇا؟ اوهان جي گلستان ۾
محبت کي ڇڏيوسون فرق خاطر — اهوئي عيب ظاهر ٿيو اسان ۾
ڇڏيو جهڙا سڄڻ تهڙائي آهيون — ڪو فرق آيو ن ڪو اينو اسان ۾
اسان جي پيار جون ڳالهيون ڪندو جڳ — اسان جو تذڪرو ڪون و مڪان ۾
اسان جي پيار جي اڄ رسم قل آ — ڪيون ٿم بجليون گڏ آشيان ۾
'فهيم' آهي تعجب هن جو مون کي — اهو ٿي ويو ن هو جيڪي گمان ۾.

مخدوم امين 'فهيم'، مخدوم نوح عليه الرحمة جي گاديءَ جو سترهون گادي نشين هو ۽ هن وقت انهي گاديءَ جو ارڙهون گادي نشين جناب مخدوم جميل الزمان آهي، جيڪو پنهنجي والد ۽ ڏاڏي وانگر اعلىٰ پايہ جو شاعر ۽ اديب آهي. مخدوم خاندان، مخدوم سرور نوح کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سڄي سنڌ ۽ هند ۾ مشهور، قابلِ عزت و احترام، وڏي مان ۽ مرتبي ۽ وڏي مجوتي وارو رهندو اچي. هن خاندان جي مريدن ۽ خادمن جو تعداد نون لکن کان بہ وڌيڪ آهي. نون لکن مريدن هئڻ سبب هي نوَ لکي گودڙ سڏبي آهي. ايڏي وڏي گادي ۽ ايڏي تعداد ۾ مريدن ۽ خادمن جي مرشد ۽ گادي نشين کي هر وقت پنهنجي مريدن جي مشڪلن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ اڪ جي ماکي لاهڻي ناهي. جڏهن تہ مريدي خادمي جي سلسلي ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ راڄن جا راڄ سندن مريد آهن، جن وٽ شادين، غمين جي موقعن تي شريڪ ٿيڻ ۽ انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ هيءُ خاندان هميشہ پيش پيش رهندو آيو.

مخدوم نوح عليه الرحمة کان مخدوم غلام محمد تائين هن خاندان جو گهڻو ڌيان ۽ توجہ رشد و هدايت مرشد ۽ مريدن جي وچ ۾ هلندو آيو. پوءِ وقت ڦريو، تڏهن مخدوم غلام حيدر سياسي ميدان ۾ نڪري آيو ۽ قومي ۽ سماجي ڀلي خاطر ڪائونسل جو ميمبر بہ چونڊيو ويو. هن هالا ۾ پرائمري ۽ هاءِ اسڪول کولايا. پوءِ اڳتي هلي هالا ۾ ڪاليج پڻ کُليو. حيدرآباد جا ميمڻ مخدوم خاندان جا مريد آهن، انهن ميمڻن مان خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ ٻين سنڌي مسلمانن مخدوم غلام حيدر جي ڀرپور ساٿ سان ميمڻ محلي حيدرآباد ۾ زناني تعليم خاطر مدرسة البنات نالي اسڪول کوليو، جنهن ۾ سنڌي مسلمانن جون نياڻيون تعليم حاصل ڪري وڏي منزل ۽ وڏن عهدن تي پهتيون.

مخدوم خاندان جا اڳوڻا بزرگ وقت جي حساب سان صاحبِ علم و عمل هئڻ سان گڏوگڏ سياسي سوچ رکندڙ هئا. جيڪي وڏا زمانہ شناس هئا، پر سياسي چڪرن ۾ ڪون آيا. مخدوم غلام حيدر جي خواهش ۽ چوڻ تي مخدوم طالب المولىٰ پاڪستان بڻجڻ کان اڳ عملي طور باقاعده سياست ۾ حصو ورتو لڳو ۽ اليڪشن ۾ اميدوار ٿي ناميني‌شن پيپر ڀري اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو. پاڻ صفِ اول جو بهترين عالي صفت، خوددار ۽ باهمت سياستدان جي حيثيت ۾ سياسي ميدان ۾ ڪامياب ٿيو. سندس سياسي سوچ هميشہ اعلىٰ ۽ بلند و بالا رهي.

اسڪندر مرزا ۽ جنرل ايوب خان هميشہ مخدوم صاحب جي حُسن اخلاق، بهتر سياسي بصيرت جا معترف هوندا هئا. هنن جي ڏينهن کان ئي ذوالفقار علي ڀٽي جا مخدوم صاحب سان دوستاڻا تعلقات هوندا هئا.

ذوالفقار علي ڀٽي جڏهن پنهنجي الڳ پارٽي ”پيپلز پارٽي“ نالي ناهي، تڏهن اُن ۾ مخدوم طالب المولیٰ جهڙي اعليٰ شخصيت، بهترين سياستدان ۽ وڏي هلندي پڄندي ۽ اٿي ويٺي جي مدِنظر ان جي پي پي ۾ شموليت ضروري ڄاڻي، کيس ان پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. جيئن ته مخدوم صاحب سياسي ساڄاهه رکندڙ، وڏو زمانه شناس ۽ ايندڙ وقت جي پرک رکندڙ هو، جنهن ڀٽي صاحب جي ان آڇ کي قبول ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. سال 1970ع ۾ ملڪ ۾ چونڊون ٿيون، پاڻ قومي سيٽ تان اميدوار بيٺو ۽ ڪامياب ٿيو ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ ميمبر منتخب ٿيو. گڏوگڏ سڄي پاڪستان ۾ پي پي جو نائب صدر چونڊيو ويو، جنهن عهدي تي پي پي جي حڪومت تائين رهندو آيو.

سال 1977ع ۾ ڀٽي صاحب جي حڪومت پنهنجي پڄاڻي تي پهتي ۽ ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ٿي فوجي راڄ قائم ٿيو. سڄي ملڪ ۾ ڏاڪوڙا پئجي ويا، ڪيئي سياسي سهاسيسون سسائيندا لڪندا وتيا. 1977ع کان 2016ع تائين هڪبئي پويان ڪيئي حڪمران آيا ۽ پنهنجو وارو وڄائيندا ويا، انهن سڀني حڪمرانن جي هر دؤر ۾ اِهائي منشا هئي ته مخدوم خاندان وارا سندن حڪومت ۾ شامل ٿين. جنهنڪري هنن جي فردن کي وڏن وڏن عهدن ۽ اعليٰ منصبن جون لالچون ڏنيون ويون ۽ وزارتن ۽ وڏ وزارت (وزيراعليٰ) تائين جا ڏاڻا ۽ دم دلاسا به ڏنا ويا، ته جيئن هُو پيپلز پارٽي کي ڇڏي سندن ساٿ ڏيئي سندن حڪومت ۾ شامل ٿين. پر هنن انهن عهدن، منصبن ۽ ڪرسين ڏي ڪابي اک به کڻي نه ڏٺو ۽ انهن کي ٺوڪرون هڻندي انڪاري جواب ڏنو. جڻ نوَ لک گوڏڙي جي مالڪن جي نه ڪي، نوَ ڪوٽ اچي ويا.

وقت آئي ڪيئي وڏا وڏا نامور پي پي تان جان قربان ڪرڻ جا دعويدار وزير، سفير، مير، پير، سيد بلڪ ڏهيسر پي پي کي ڇڏيندا، پي پي جي سربراهه ڀٽي خاندان کان منهن موڙيندا ويا، پر مخدوم خاندان جيئن پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تي پير رکيو، تيئن آخري دم تائين ان تي ثابت قدم رهي قدم ڄمائي بيٺا رهيا ۽ هڪ قدم به پٺتي نه هٽيا. حڪام وقت جڏهن ڏٺو ته هيءُ خاندان وڏين لالچن ڏيڻ جي باوجود به پنهنجي قول ۽ فعل تي قائم رهندو اچي ۽ هي نه پي پي کي ٽا ڇڏين ۽ نه ئي ان جي سربراهن جو ساٿ ٽا ڇڏين، تڏهن حڪمران وقت ڪنهن حد تائين جبر ۽ ڏاڍ واري راهه اختيار ڪرڻ چاهي، پر جيئن ته هن خاندان جي هر فرد جو دامن داغدار نه هو ۽ هٿ به بلڪل صاف سٿرا هئا، جنهنڪري حڪمران ٻي واهه نه ڏسي وقتي سور ٻي مات ڪري ويندا هئا.

جيئن مخدوم خاندان پي پي کان علحدگي اختيار نه ڪئي، تيئن پي پي جا ٻيا به ڪيترائي ڪارڪن پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تي پي پي جا پلاند مضبوط جهلي بيٺا. اهڙن پي پي جي جانبازن ڪارڪنن ۾ سيد قائم علي شاهه، پير مظهرالحق، مولا بخش چانڊيو ۽ ٻيا اڄ به پي پي جي پلاند کي مضبوط جهليو اچن ۽ هميشه پي پي جو جهنڊو هٿ ۾ کڻي پاڪستان پيپلز پارٽي زنده باد، ذوالفقار علي ڀٽو زنده باد، بينظير ڀٽو زنده باد جا فلڪ شگاف نعرا هڻندا، پي پي کي پاڪستان جي پاڪ سرزمين تي تادير قائم رکڻ خاطر جان جي بازي لڳائي ڪوششون ڪندا اچن.

محترم امين ’فهيم‘ سال 1970ع واري اليڪشن ۾ صوبائي ٽڪيٽ تي اميدوار هو ۽ اليڪشن ۾ کيس ڪاميابي حاصل ٿي. پاڻ اليڪشن کٽي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبر منتخب ٿي آيو ۽ ان بعد مخدوم صاحب مڪمل طور سياسي ميدان ۾ گامزن ٿي ويو.

مخدوم امين ’فهيم‘ اڳيان، سڪندر مرزا، جنرل ايوب خان، جنرل يحييٰ جي حڪومت وارا دؤر سامهون هئا، وري ذوالفقار علي ڀٽي واري دورِ حڪومت جا ڏينهن به نظر ۾ هيس. انهيءَ سڄي دؤر ۾ هن ڪيئي سياسي لاها چاڙها ڏٺا، وري جنرل ضياءُالحق جو يارهن ساله دؤر جيڪو جبر ۽ ڏاڍ وارو دؤر هو. وري بينظير جو دؤر حڪومت آيو، ان جي حڪومت کي ختم ڪري نيون چونڊيون ڪرايون ويون، هاڻي دؤر آيو نواز شريف جو، جلدي ان جي حڪومت جو به خاتمو باالخير ٿيو ته وري حڪومت بينظير جي قائم ٿي، جيڪا دائم رهي نه سگهي، ترت اُها پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي ته وري نواز شريف جي حڪومت آئي، جنهن جي حڪومت کي ان وقت جي جنرل مشرف پڄاڻي تي پهچائي پاڻ ملڪ جو صدر بڻجي، صدارت جي ڪرسيءَ تي براجمان ٿي، ڏهن سالن کان به مٿي حڪومت

ڪندو رهيو، هن جي ئي دؤر حڪومت ۾ محترمه بينظير ڀٽو جامِ شهادت نوش ڪري وڃي جنت الفردوس ۾ جاڳير ٿي: آسمان هن جي لحد تي شبنم افشاني ڪئي... انهيءَ سڄي عرصي ۾ مخدوم امين 'فهيم' اڳيان ڪيئي تلخ و شيرين ڪڙا مٺا موقعا ايندا رهيا، جيئن ته ڪيس اڳ ئي اهڙن ڪڙن مٺن موقعن جا تجربا هئا، جنهنڪري هي اهڙن موقعن تي، نه مايوس ٿيو ۽ نه دل شڪسته ٿي همت هاري سياست کان ڪناره ڪش ٿيو.

مخدوم امين 'فهيم' تمام انتهائي گهري سوچ رکندڙ سياستدان هو، جنهنڪري هن جو محترمه بينظير ڀٽو جي ٻنهي حڪومت واري دؤر ۾ ان سان مڪمل ساٿ رهيو، ايستائين جو محترمه جي شهادت ويل به ان سان گڏ ئي گڏ رهيو.

مخدوم امين 'فهيم' ٻئي اليڪشنون صوبائي ۽ قومي ڪاميابيءَ سان کٽيون، پاڪستان ۾ 2008ع ۾ چونڊون ٿيون. چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪامياب ٿي ۽ ملڪ جو صدر آصف علي زرداري ٿيو، تڏهن عام خيال اِهو ڪيو ويو ته زرداري صاحب، مخدوم امين 'فهيم' کي مرڪز ۾ وزيراعظم ڪندو، پر جڏهن يوسف رضا گيلاني پاڪستان جو وزيراعظم مقرر ٿيو، تڏهن ماڻهن ۾ اهو تاثر ۽ سندن خيال هو ته هاڻي مخدوم امين 'فهيم' پي پي کي خيرآباد چئي، پي پي کان علحدگي اختيار ڪندو. پر ماڻهن ڏٺو ته مخدوم صاحب تي ان جو ذرو به اثر ڪونه پيو، ۽ هن نه صبر جو دامن هٿان ڇڏيو ۽ نه ئي شڪوه شڪايت ڪئي. ڇاڪاڻ جو هن ڄاتو پي، ته سندس خاندان جي حيثيت، عزت و عظمت ۽ ناموري اڳيان وزارت عظميٰ ڪابه حيثيت نٿي رکي، ڇاڪاڻ جو پاڻ جنهن گاديءَ جو ارڙهون گادي نشين آهي، ان کي پاڪستان ته ڇا، پر پوري دنيا جي بادشاهي ملي، ته اها به ان گاديءَ جي اڳيان ڪابه حيثيت نٿي رکي. جنهنڪري پاڻ پنهنجي موقف تي قائم رهيو ۽ ڪنهن به موڙ تي مصلحت پسندي مفاهمت پاليسي اختيار نه ڪئي ۽ نه ئي پي پي جي پلاند مان هٿ ڪڍيا ۽ نه وري محترم آصف علي زرداري جو ساٿ ڇڏيو.

سياسي ميدان هميشه خاردار رهيو آهي ۽ سياست کي ڪنڊن ڀري سيج تصور ڪيو ويندو آهي. سياسي ميدان جنهن ۾ چوڌرف ڪنڊا پنهنجون نوڪدار نوڪون ڪڍيو بيٺا هوندا آهن، پوءِ جيڪو سياستدان ان واديءَ ۾ آيو، ته ان کي انهن ڪنڊن جون نوڪدار نوڪون رهڙون ڏيئي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏينديون، پوءِ اهڙي خاردار واديءَ مان پنهنجي دامن ۽ هٿن کي بچائي صحيح سلامت نڪرڻ لاءِ وڏي باهمت پُرعزم دلير ماڻهو جو ڪم آهي.

هتي بيشڪ ميڄٺو پوندو ته انهيءَ خاردار وادي مان مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي دامن ۽ هٿن کي انهن ڪنڊن کان بچائي ڪاميابي و ڪامراني سان نڪري پار پيو. جيئن ته سياستدانن جي مٿان هميشه سورن جو سڄ سايه فگن هوندو آهي، جيڪو سياستدان کي پنهنجي تپش جي سيڪ سان ساڙيندو رهندو آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته مخدوم امين 'فهيم' کي وقت جا وڏا وڏا لات و منات و عزا ته جهڪائي نه سگهيا، جو هر وقت سندس زبان تي "سرداد نه داد دست در دست يزيد" جي صدا هوندي هئي، پر افسوس جو پنهنجي پارٽي وارن ئي سورن جي سڄ جي روپ ۾ هن کي وقت به وقت اهڙا ته سيڪ ڏنا، جي هن جي همت، دليري ۽ خودداريءَ کي ته پست نه ڪري سگهيا، پر اهي جان ليوا ضرور ثابت ٿيا ۽ هيءُ سونهاري سنڌ جو سپوت هميشه جي لاءِ سنڌ جي مردم خيز زمين ۾ سمائجي هميشه هميشه لاءِ امر ٿي ويو: خدا رحمت ڪند اين عاشقان پاڪ طنيت را...

آسمان ان جي قبر تي شبنم افشاني ڪري، جنهن جي دم ئي موج هئي آڻي ڇڏي مهراڻ ۾.

## پيغام فهيم

خدا جي بارگاهه ۾ سندس ناچيز بندي جي التجا:

ياخدا! او مهربان!! منهنجا خدا!!!! منهنجا خدا!!!!

پنهنجي هڪ ناچيز بندي جي به سڻ اڄ التجا

مان پريشان حال آهيان ڪر ڪٽي منهنجي مدد — تو سوا ڪنهن ڏي مان ڪاهيان ڪر ڪٽي منهنجي مدد

ڇا ڪجي ٻي واٽ ڪانهي ڪا رهي توکان سوا



# مخدوم محمد امين ”فهيم“ صديقي

مخدوم سليم الله صديقي

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جي ولادت باسعات 4- آگسٽ 1939ع تي هالا نوان ۾ ٿي. پاڻ حضرت مخدوم طالب الموليٰ جا وڏا فرزند آهن، ته نالي رکڻ مهل به گهري سوچ، سڄڻن جي صلاح ۽ دل جي لاڙي وڏي ڏاڏي سائين مخدوم امين محمد ”پکن ڏڻيءَ“ جي نالي کي نروار ڪيو جيڪو مٿن ٻانگ ڏئي رکيو هو.

اسان جي سنڌ سونهاريءَ جي اها روايت آهي ته ڄڏهن ڪنهن وڏي جو نالو ورجائي رکندا آهن ته ادب وچان ٻار کي ٻار ٻار ان نالي سان نه پڪاريندا آهن، اهڙيءَ طرح ڪو ٻيو نالو زبان عام تي ويندو آهي. ڪيترا دفعا اهو به ڏٺو ويو آهي، ته اصل نالي کان ڪيترا ماڻهو اڻ واقف رهجي ويندا آهن. مخدوم صاحب کي به ننڍپڻ ۾ جد امجد جي نالي هئڻ ڪري ”ڏاڏا سائين“ ڪري سڏيندا هئا، جيڪو وڏي عمر تائين جاري رهيو.

ڪي ادب سين آيا، ڪي قرب وچان ڪوٺين،
اسم تنهن ابي جو، سينگاري سوچين،
سي لهن جي لوچين، ڏاها سڄڻ ڏيهه ۾.
(سليم)

سندن نالي رکڻ متعلق هڪ روايت عام آهي ته ڄمر کان ڪجهه مهينا اڳ وقت جا ٻه ولي صفت انسان محترم گل سائينؒ ۽ حضرت مخدوم طالب الموليٰؒ جن ڪرڙي جي مڪان ۾ موجود هئا، مستقبل قريب ۾ ڄمندڙ ٻار جي نالي رکڻ متعلق ذڪر هلي رهيو هو ته گل سائينؒ فرمايو ته: ”انشاءالله پٽ ڄمندو ۽ ڏاڏا سائين جو نالو رکنداسين“



ساڄي کان ٻهريون شهيد عبدالغني صديقي جنهن جي دفتر يوني پلازه آءِ.آءِ چندريگر روڊ ڪراچي ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ سان 1982ع ۾ سياسي ميٽنگ ۾ مصروف.

**شجره نسب:**

(1) مخدوم محمد امين فهيم بن (2) مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ بن (3) مخدوم غلام محمد عرف گل سائين بن (4) مخدوم ظهيرالدين پريل ڄام بن (5) مخدوم امين محمد پکن ڏڻي بن (6) مخدوم محمد زمان رابع بن (7) مخدوم امين محمد ثاني بن (8) مخدوم ميان پنيلتو (9) بن مخدوم ميان عثمان عرف مٺن بن (10) مخدوم محمد زمان ثاني بن (11)

مخدوم مير محمد اول بن (12) مخدوم ميان مٺن ڪلان بن (13) مخدوم مير محمد بن (14) مخدوم ابو محمد ابوالخير (15) مخدوم امين محمد اول بن (16) حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمة السرورية، السهروردية الصديقة.

**ابتدائي تعليم:**

مخدوم صاحب جي ابتدائي تعليم ۽ پرورش قرآن حڪيم جي پڙهڻ سان ٿي، جنهن ڪان پوءِ سنڌيءَ جا ابتدائي چار درجا پڙهيائون. مخدوم صاحب جو دور عجب خصوصيتن سان مالامال هو، جنهن دور ۾ قابل ۽ لائق فائق استاد نہ رڳو شهري اسڪولن ۾ موجود هئا، پر واهڻن ۾ موجود درسگاهون بہ علم ۽ عمل جو اعليٰ نمونو هيون.

مون پڻ پسيا پوتر، ماڻهو مٺيادار،
عجب تن اندر، شيشو هجي جار،
سندا سي گفتار، جيڪر قلمبند ڪجن.
(سليم)

هنن جو علم محض سرٽيفڪيٽ وٺي سياسي سفارش سان نوڪري وٺڻ ۽ پيٽ پالڻ نہ هو، بلڪ هڪ خوبصورت معاشري جي تشڪيل ڪي نظر ۾ رکندي، اعليٰ ڪردار ۽ گفتار جي تعليم کي اوليت ڏنائون. حتاڪ انهن استادن جي پنهنجي شاگردن جي وارن ۽ ننهن تي بہ نظر هوندي هئي. مخدوم صاحب بہ اهڙن ئي مهان استادن وٽ هالا ۾ مئٽرڪ ۽ انٽر ڏني، هالن جو سرورية اسلامي ڪاليج اهي يادون پنهنجي اندر ۾ سانديون پيو اچي.

مون پڻ ڏٺا سي، ڪتابي ڪردار،
اوڍڻ ۽ اوڇڻ، سهڻا ۽ سچار،
پسي پڻ ٻار، مخدوم ٿين معاشري جا.
(سليم)

**علم ۽ ادب:**

مخدوم صاحب جو علم ۽ ادب سان لڳاءُ ٻلي ڪٽي چئجي تہ اردگرد جي ماحول سبب اُهاءُ ئي ظاهر ٿيو جو پاڻ صغير سنيءَ ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائون. حقيقت ۾ اندر ۾ اُهاءُ بہ انهن ڪي ٿيندو آهي جن جي سيني ۾ ڏيئو، وَٽِ ۽ تيل اڳئي موجود هوندا آهن، رڳو تيلي ڏيڻ جي دير هوندي آهي:

پڙڪي اٿي باهہ، برهہ بند لڳايا،
جي اڳي ائين جايا، ظاهر ٿين ظهور سان.
(سليم)

سندن شاعريءَ جي شروعات 1953ع ۾ ٿي. جنهن ۾ وقت بہ وقت والد محترم ڪان رهنمائي حاصل ڪندا رهيا. ابتدا ۾ ان امانت کي سانديندي ”امين“ جي لقب سان نروار ٿيا، پر سندن فهم ۽ فراست جو ڪاٿو ڪندي حضرت مخدوم طالب المولىٰ صاحب ڪين 1960ع ۾ ”فهيم“ جو لقب پڻ ڏنو. سندن ڪلام ڪافين، بيتن، غزلن ۽ نظمن تي مشتمل آهي. پاڻ جتي وطن جي محبت ۾ هنجون هاريون آهن، اتي عشقيہ ڪلام ۾ بہ پاڻ ملهايو اٿن. سندن پهريون شعري مجموعو ”پيغام“ نالي سان نروار ٿيو. هن مجموعي ۾ قطعات، نظم، ڪافيون، بيت ۽ متفرقہ شاعري ڏنل آهي. سندن گيت رونا ليليٰ ۽ عابده پروين ڳايا. سندن روزمره شوق ۾ بہ شاعريءَ سان گڏ اسلامي ڪتابن جو مطالعو هوندو هو، تفريح لاءِ پاڻ شڪار ۽ والي بال ڏانهن دلي لاڙو رکيو.

مخدوم صاحب علم، ادب ۽ سماجي خدمتن سان گڏ سياسي هلچل ۾ پڻ حصو ورتو. پاڻ ”بزمِ طالب المولىٰ“ جو بنياد وڌو ۽ اهلِ قلم ماڻهن کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪيو. سرورية اسلاميہ ڪاليج ۽ سرورية اورينٽل ڪاليج هالا جا وائس پريزيڊنٽ رهيا. سماجي لحاظ ڪان ٽائون ڪاميٽي هالا جا چيئرمن ۽ ڊويزنل ڪائونسل حيدرآباد جي ميمبر جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنائون. مخدوم صاحب سماجي معاملن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ سان گڏ گهر ۽ اولاد جي معاملي ۾ پڻ ذاتي دلچسپي ۽ نظر رکندڙ نظر آيا. 84-1983ع وارن سالن ۾ ٻنده جي

رهائش ٽرڊ نارٿ اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ هئي، ساڳي گهٽيءَ ۾ هڪ خانگي اسڪول هو، جتي اڪثر صبح جو سير ڪندي مخدوم صاحب سان ملاقات ٿيندي هئي، جو هُو پنهنجي ٻار کي پاڻ گاڏي هلائي اسڪول ڇڏڻ ايندا هئا. جيڪا ڳالهه ڪچهريءَ جو سبب پڻ بڻبي هئي. انهن ئي ايامن ۾ M.R.D جي تحريڪ پڻ زور ورتو، برادرم شهيد عبدالغني صديقي جنرل سيڪريٽري سنڌ پيپلز پارٽي ۽ سرگرم رڪن تحريڪ هئڻ ڪري باربار نظربند ڪيو ٿي ويو، مخدوم صاحب سان پارٽيءَ جي مرڪزي رهنما هئڻ ڪري پڻ قريبي تعلق رهيو. انهن ڪچهرين ۽ گڏجاڻين ۾ سنڌ جو هڪ علمي فرد مرحوم علي نواز وفائي پڻ شامل رهيو. مرحوم ادبي ڪچهرين کان سواءِ جڻ سياسي تحريڪ جو صلاحڪار پڻ هو. سندس دفتر وفائي پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ ڪراچي ۾ هو.

عڪس اکين آڏو، ويني ائين ورسيام،
جنهن سين جيءَ جڙيام، سيئي ساهه سانديا.
(سليم)

هالا جي هن صديقي مخدوم خاندان جو پيپلز پارٽيءَ سان تعلق جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، جو شهيد ڀٽي پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن ئي هالا ۾ رکيو، مخدوم صاحب جڻ باني ميمبر طور ظاهر ٿيو. انهن ئي سالن ۾ سنڌن سياسي هلچل جو آغاز ٿيو ۽ پاڻ 1970ع ۾ ٽائون ڪميٽي هالا جا چيئرمن ٿيا. ان کان علاوه 1972ع ۾ صوبائي ڪابينا ۾ خوراڪ، زراعت ۽ امداد باهمي کاتن جي وزير مشير طور خدمتون سرانجام ڏنائون. پاڻ سنڌ ايگريڪلچرل سپلاءِ آرگنائيزيشن جا چيئرمن پڻ رهيا، 1988ع ۾ ايم.اين.اي چونڊجي ويا ۽ مواصلات جا وفاقي وزير بڻيا، اهڙي طرح 1993ع ۾ وفاقي وزير هائوسنگ تعميرات ٿيا، 2009ع ۾ پڻ وفاقي وزارت ماڻيائون. مطلب تہ آخري ايامن ۾ بہ وفاقي ڪابينا ۾ اهم وزارتن تي رهيا، سياسي دنيا ۾ پاڻ نہ رڳو ملڪ جي اندر بلڪ چين، آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ بہ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي.

آخر ڏکهي علالت کان پوءِ 21- نومبر 2015ع بمطابق 8 صفر 1437هه تي هن دارالفنا کي الوداع چئي، لکين آلين اکين کين هالا ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو.

ماٺهو ماٺهوءَ مڙن، مڙس ملهائن پاڻ،
جيءَ لهن جايون، قرب سندن ڪاڻ،
جيڪي لهن جاڻ، مُئي پڄاڻان ياد ڪن.
(سليم)

## غزل

**چڱو جو واعظِ بي پير نڪتو،**
**هي منهنجي آه جو تاثير نڪتو.**
**ٿڃئين مسڪين جي واهر اي دلبر،**
**جو تنهنجي در اچي دلگير نڪتو.**
**وري اڄ آيو رشڪِ مهرِ تابان،**
**پراڻي خواب جو تعبير نڪتو.**
**هزارين ٿي ويا بسمل گهڙيءَ ۾،**
**"نگاهِ ناز ٿي هڪ تير نڪتو."**
**سڄڻ مونيو ٻڌي آهون ۽ دانهون،**
**اسان لءِ اشڪِ غم اڪسير نڪتو.**
**اچا خط مس پڙهي پورو ڪيو مون،**
**اچي خود صاحبِ تحرير نڪتو.**
**همہ گير آهين تون اي ناز وارا،**
**بچي تو کان نہ ڪو نخچير نڪتو.**
**ڪيم جنهن سان مقدّر جي شڪايت،**
**اهو ئي ڪتابِ تقدير نڪتو.**
**"فهيم" آخر محبّت راهبر ٿي،**
**وڃي منزل تي اڄ ره گير نڪتو.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

9، نومبر 1958ع
سري مڪان ٿاٽو بولان خان.
ڳوٺ وڏيرو انڙ خان

# حضرت مخدوم محمد امين ’فهيم‘

ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي

ٽئي درجي ۾ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا ۾ پڙهندا هئاسين، محمد امين فهيم جنهن کي هالا جا سڀ ماڻهو ”ڏاڏا سائين“ ڪري سڏيندا هئا، اهو اسان جو ڪلاسي هو. جناب غلام رضا پنهور صاحب جيڪو ڪاليجن جي ڊائريڪٽر جي منصب تان رٽائرڊ ٿيو، اهو اسان جو هيڊ ماستر هو. اسڪول ۾ پڙهائي توڙي رانديون ۽ فنڪشن ساليانا جلسا جلوس شاندار نموني سان ٿيندا هئا. جن ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ باقاعدي حصو وٺندو هو. ساليانه جلسن ۾ ”سلو سائيڪلنگ“ ۾ ٻين سان گڏ مخدوم امين محمد ’فهيم‘ به حصو وٺندا هئا. هن راند ۾ سنڌن اهڙي ڪا مهارت هوندي هئي جو سائيڪل زمين مان اصل ڇهنڻي چنبڙي بيهي رهندي هئي مجال جو ذرو به چُري ۽ هميشه پهريون نمبر انعام کٽيندو هو جيڪو چڙ ته هن لاءِ مختص هوندو هو.

مخدوم غلام حيدر کي نه صرف هالا، پر هن تر جي ماڻهن جي تعليم پکيڙڻ ۾ تمام گهڻي دلچسپي هوندي هئي، اڃا اسڪول جي بلڊنگ پئي تيار ٿيندي هئي ته مخدوم غلام حيدرؒ هفتي ۾ ضرور اچي چڪر هڻندا هئا. مدرسي کان سروري ڪاليج تائين مخدوم غلام حيدر جو اهو سلسلو جاري هوندو هو. اهو ذڪر هتي انڪري ڪجي ٿو جو سائن گڏ ڪار ۾ ماستر نارائڻ داس گڏ هوندو هو ۽ سائينءَ سان ڪار ۾ هڪ ننڍڙو نينگر شهزادو جنهن کي ’ڏاڏا سائين‘ چوندا هئا، سو سائين حضرت مخدوم غلام حيدر سان ضرور گڏ هوندو هو. استاد محمود ابڙيجو تڪڙو تڪڙو اچي ڪار جو دروازو کوليندو هو ۽ سڄي هفتي جي تعميرات جي ڪم جو احوال سائينءَ جن کي تفصيل سان ٻڌائيندو هو ۽ ڪانئن مزيد هدايتون وٺي ٺيڪيدار کي سمجهائيندو هو.

مخدوم غلام حيدرؒ ديوبند جو فارغ تعليم عالم هو. وٽس وڏا وڏا عالم ملاقات لاءِ ايندا هئا، جن ۾ علامه آءِ.آءِ.قاضي، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، علامه قاسمي صاحب، ۽ ٻيا به اهڙا وڏي پايي جا عالم ملاقات لاءِ سِگها سِگها ايندا هئا ۽ انهن ملاقاتن ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ به مخدوم غلام حيدرؒ سان همنشين هوندا هئا.

ڪتابن جو ڏاڍو احترام ڪندا هئا، ايتري قدر جو صاف سفيد ڪپڙو فرش تي پکيڙي ان تي ڪتاب رکندا هئا.

انهن ڏينهن ۾ فوٽو اسٽيٽ مشينون ڪونه هيون. مخدوم غلام حيدرؒ جن وٽ ٻه ٽي ڇٽا ڪاتب مستقل طور موجود رهندا هئا جيڪي ڪتابن جا نقل تيار ڪندا هئا ۽ شڪسته ڪتابن جي مرمت ۽ بائيڊنگ به ڪندا هئا، هنن ڪاتبن کي پگهار به ڏيندا هئا ۽ ڪين ماني به ملندي هئي.

مخدوم غلام حيدرؒ جي صحبت مان مخدوم امين ’فهيم‘ گهڻو پرايو ۽ گهڻو ديني علم حاصل ڪيو ۽ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي جو امتحان پاس ڪيو. مخدوم غلام حيدرؒ خوش طبع عالم

هوندا هئا. هڪ دفعي هالا هاءِ اسڪول ۾ شام جي وقت آيا، سچو اسڪول جو گرائونڊ شاگردن سان ڀريل هو جيڪي ڪرڪيٽ جي راندين لاءِ مقرر استاد به ضرور شام جو گرائونڊ تي نظرداري ۾ هوندا هئا. سائين محمود ابڙيجو ۽ سائين ظفر ارباب به موجود هوندا هئا، جيڪي خود به وڏا رانديگر هئا. سائين غلام رضا پڻو به سٺو ڪرڪيٽ جو رانديگر هو، اهو به شام جو گرائونڊ تي موجود هوندو هو. هڪ دفعي شام جو مخدوم غلام حيدر گرائونڊ تي راندين ڏسڻ آيا ته سندن ڪار مان هڪ ڀيانڪ ۽ خوفائتو جانور رڇ نما وارد ٿيو ۽ شاگرد ۽ ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي ۽ شاگرد وڃي ڪلاسن ۾ لڪا يا گرائونڊ مان نڪري ويا، سچو گرائونڊ سُڃ ٿي ويو. پر ۾ مخدوم صاحب جو مدرسو ۽ مسجد هئي، اتان ٿي جڏا ڊوڙندا آيا، تن اچي رڇ کي پڪڙيو ۽ معلوم ٿيو ته اهو رڇ نه پر سائينءَ جو شيدي ملازم هو.

مخدوم امين ’فهيم‘ سٺو اديب، شاعر ۽ سياسي رهنما هو. هُو جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي پهرين وزارت ۾ وزير جي عهدي تي فائز هو، ان کان وٺي سندن وفات تائين وزير جي عهدي تي قائم رهيا. ان کان سواءِ سڀني سروري مريدن جو مرشد هو. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن جي وفات کان پوءِ 18 نمبر گادي نشين ٿيا. ڪئين ڀيرا MNA جي عهدي تي بنا مقابلي چونڊيا آيا ۽ مرڪزي وزارت ۾ وزير تجارت به رهيا.

مخدوم امين ’فهيم‘ هڪ شاندار قومي ترانو تحرير ڪيو:

”اي وطن، اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان“

هن تراني مان مخدوم امين ’فهيم‘ جي وطن دوستيءَ جي خوشبوءِ پئي ايندي هئي. مرڪزي حڪومت کين پهريون نمبر انعام ڏنو ۽ اهو ترانو اڪثر ريڊيو تان نشر ٿيندو رهندو هو.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ صاحب جي شاعري جو مجموعو سنڌي ادبي بورڊ وڏي اهتمام سان ڇپائي ”پيغام“ جي نالي سان پڌرو ڪيو.

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ شڪار جو گهڻو شوقين هوندو هو. مخدوم طالب الموليٰ وٽ جيڪي ملڪي ۽ غير ملڪي اهم شخصيتون ملاقات لاءِ هالا اينديون هيون، انهن لاءِ شڪار جو اهتمام مخدوم امين ”فهيم“ ڪندا هئا. پير اعجاز حسين ٻڌايو ته سڀني شڪارين ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ جو نشانو پڪو هوندو هو. گهڻو ڪري گهمڻ ڦرڻ لاءِ توڙي شاعريءَ ۾ شرڪت لاءِ دعوت نه موٽائيندا هئا.

هڪڙي دفعي ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري ۾ ’والدين جو ڏينهن‘ جي موقعي تي هڪ وڏو فنڪشن ٿيو. ڪرنل ڪومبس ڪاليج جو پهريون پرنسپال هو ۽ هُو شاگردن کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندو هو، هن فنڪشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسان جناب محمد امين ’فهيم‘، مان (عبدالرحمان قريشي) ۽ عبدالغفار ابڙو، پيٽارو پهتاسين. اعليٰ درجي جو فنڪشن هو. مهمانن لاءِ شاندار دعوت جو بندوبست ڪيل هو. اسان ان فنڪشن مان مغرب کان به پوءِ واپس آياسين ۽ مخدوم امين ’فهيم‘ سان سٺي ڪچهري ڪندا آياسين. پاڻ ڪچهري ۽ ملاقات جو اهو تاثر اصل نه ڏنائون ته پاڻ وزير يا مرشد يا عظيم شخصيت جا مالڪ ۽ اسان غريب ساڻن همنشين ۽ هم ڪلام آهيون. شعر و شاعري ۾ سندن تخلص ”فهيم“ هوندو هو.

پاڻ پهرين شادي پنهنجي عزيزن مان اچ شريف مان ڪيائون ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ سندن ٻي شادي مشرقي پاڪستان (بنگلاديش) مان رونا ليليٰ جي ڀيڻ دينا ليليٰ سان ٿي.

مخدوم امين ’فهيم‘ جي شاعري هميشه ياد رهندي. سندن مجموعہ ڪلام ”پيغام“ مان ٻه ٽي مصراعون پيش ڪجن ٿيون:

”چڱو جو واعظِ بي پير نڪتو،
هي منهن جي آه جو تاثير نڪتو
ڪَير جنهن سان مقدر جي شڪايت،
اهوئي ڪاتبِ تقدير نڪتو.“



# مخدوم محمد امين 'فهيم'
## پيغام هڪ جائزو

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

مخدوم محمد امين 1939ع جي 4 تاريخ، مطابق 17- جمادي الثاني 1358هه بروز جمعة المبارڪ تي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندن نالو "محمد امين" رکيو ويو، ڪانئن اڳ سندس همنام سروري خاندان ۾ ٿي سجاده نشين ٿي گذريا آهن، خاندان جي اهم بزرگن جي نالن جي سبب کين "ڏاڏا سائين" به چوندا هئا. سندن والد محترم هڪ اعلىٰ پايي جي شخصيت طور سڃاتا وڃن ٿا. جن کي "تمغهء پاڪستان"، "هلالِ امتياز"، "لطيف ايوارڊ" ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ مليل هئا. پاڻ سنڌ جي هڪ اعلىٰ پايي جي شاعر، سياستدان ۽ نوح سروري سلسلي جي (16) سجاده نشين طور مشهور هئا. سنڌي ادب ۾ مخدوم محمد امين جي والد سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جون وڏيون خدمتون آهن، خاص طور شاعريءَ جي حوالي سان سندن ڇپيل 22 ڪتابن ۾ به وڏو انگ شاعريءَ جي ڪتابن جو آهي، طالب المولىٰ جي شاعري ناصحانه ۽ نيڪيءَ ڏي سڏيندڙ آهي، هرهڪ جي ڪم اينڊر هڏڪي ۽ لالچ کان پري رهندڙ طالب المولىٰ عوام الناس جي خدمت کي ئي شعار بنايو تڏهن ته چيائون ته:

**اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ،**
**ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب نه ڪونهي.**

پنهنجي آل عيال کي پڻ اهائي تلقين ڪيائون. مخدوم محمد امين 'فهيم' سندن وڏو پٽ هو ۽ هُو کين گهڻو پيارو هو. امين 'فهيم' جي تربيت ۽ تعليم تي سندن خاص نظر رهي. پنهنجي والد جي زير سايہ مخدوم امين کي به شاعريءَ جو ذوق ۽ شوق پيدا ٿيو. سندن ٻين ڀائرن مخدوم خليق الزمان "خليق"، مخدوم رفيق الزمان، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم سعيدالزمان ۽ مخدوم نويدالزمان مان مخدوم خليق ۽ سعيدالزمان شاعر آهن.

امين 'فهيم' جي ستن پٽن: مخدوم جميل الزمان "جميل"، مخدوم شڪيل الزمان، مخدوم عقيل الزمان، مخدوم نجيب الزمان، مخدوم خليل الزمان، مخدوم جليل الزمان، مخدوم ابو محمد سنڌ يار مان مخدوم جميل الزمان "جميل" پنهنجي ڏاڏي طالب المولىٰ جيان پختو شاعر ۽ صاحب ديوانِ شاعر آهي. مخدوم جميل جا ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ "ملاقات"، "اُتر لڳا آءٌ پرين"، "محبت پائي مَنَ ۾"، "ديوانِ جميل"، پورين ٻن ڪتابن جا عنوان شاهه لطيف جي شاعريءَ مان سِرجيل آهن.

مخدوم امين جو نالو سنڌ جي سياسي ۽ ادبي ميدان ۾ اهميت جوڳو آهي، مخدوم خاندان سياسي طور شروع ۾ مسلم ليگ سان واڳيل هو، ۾ پوءِ مخدوم امين 'فهيم' جي خواهش تي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. 14- اپريل 2016ع جي عبرت اخبار ۾ محمد حيات بلوچ لکيو آهي ته:

”مخدوم خاندان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ مسلم ليگ سان وابسته هو جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو نئين پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو تہ خاص ڪري نوجوان طبقو سندن مقناطيسي شخصيت کان متاثر ٿي وڏي ۾ وڏي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لڳو، سروري جماعت جو ولي عهد مخدوم امين ’فهيم‘ ان وقت ڀرپور جوانيءَ ۾ هو، سندس لاڙو بہ نئين پارٽيءَ ڏي ڇڪجي ويو ۽ ائين پنهنجي موڀي پٽ جي راءِ جو احترام ڪندي مخدوم طالب المولىٰ صاحب پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. اڳتي هلي پوءِ مخدوم خاندان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان هر وقت نڀايو، توڙي جو کين ڪي شڪايتون بہ رهيون، پر هُو خانداني طور وضعدار، بااصول سنجيده ۽ باوقار رهيا آهن.

امين ’فهيم‘ جو شمار پاڪستان جي هر دلعزيز سياستدانن ۾ ٿئي ٿو. 1988ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجڻ کان پوءِ مختلف کاتن جو مرڪزي وزير ٿي رهيو، سندن سياسي ڪردار بي لوث ۽ بي داغ رهيو، سندس فهم ۽ فراست اعلىٰ درجي جي هئي. هُو ڏکين حالتن ۾ پڻ پنهنجي پارٽيءَ سان سچو رهيو، کين پوري پاڪستان ۾ پنهنجي خلوص، نيڪ نيتي ۽ هر دلعزيزيءَ باعث مقبوليت رهي.

امين ’فهيم‘ صاحب جي سنڌ جي ادبي وايومنڊل ۾ سڃاتپ هڪ سٺي شاعر طور آهي. هن 1953ع کان شاعري شروع ڪئي، سروري اسلاميہ ڪاليج هالا جنهن مان پاڻ گريجوئيشن ڪيائين، ان ڪاليج مان سروري مئگزين باقاعدگيءَ سان نڪرندو رهيو ۽ ٻيا بہ ڪيترائي رسالا ۽ اخبارون، هالا ۽ حيدرآباد مان انهيءَ وقت جاري هيون، جن ۾ سندن ڪلام ڪجهہ ڇپيو ۽ کين هالا جي علمي ادبي محفلن ۽ مشاعرن مان اُتساهہ مليو، ”انجمن علم و ادب هالا“، ”بزمِ طالب المولىٰ“، ”بزمِ سروري“، ”بزمِ رفيق“، ”بزمِ سروري“ جي طرفان ٿيندڙ مشاعرن ۽ محفلن ۾ سنڌ جا چوٽيءَ جا شاعر پنهنجو ڪلام ٻڌائيندا هئا ۽ انهن محفلن ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ باقاعدگيءَ سان شرڪت ڪندڙ رهيا ۽ انهيءَ ئي دور ۾ هُن شاعري شروع ڪئي. پاڻ محبوب سروري ۽ پنهنجي والد کان شاعريءَ ۾ اصلاح ورتائون، شروع ۾ ”امين“ تخلص اختيار ڪيائين ۽ پوءِ مخدوم طالب المولىٰ جن کين ”فهيم“ تخلص عطا ڪيو.

امين ’فهيم‘ صاحب جو هڪ شعري مجموعو ”پيغام“ جي عنوان سان شايع ٿيل آهي، جو سنڌي ادبي بورڊ، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرز جي تعاون سان 1990ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب جي شروع ۾ نعت ۽ پوءِ غزل، قطعات، نظم، ڪافيون ۽ بيت آهن. جنهن ۾ 101 غزل، 25 قطعات، 5 نظم، 34 ڪافيون، 13 بيت ۽ متفرق شاعري ڏنل آهي، جنهن ۾ مناجات، مثنوي ڏنل آهن. ڪتاب جي انڊيڪس ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جي ترتيب ڏنل آهي، تحرير خاص طور ۾ مخدوم طالب المولىٰ لکيو آهي تہ:

”سروري خاندان ۾ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن، امين ’فهيم‘ پنهنجي هڪ جيڏن شاعرن ۾ سنو شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ جديد قديم شاعريءَ جو رنگ موجود آهي، جو پڙهندڙن کي نهايت محفوظ ڪندو، پاڻ اڪثر غزل ئي لکيو اٿس ۽ بهترين غزل لکيو اٿس.“ (ص18)

مخدوم امين شاعريءَ جو تفصيلي فني جائزو محبوب سروري ڏنو آهي، سندن موجب تہ هڪ باڪمال شاعر جي شاعريءَ ۾ جيڪي خوبيون هجڻ گهرجن سي امين ’فهيم‘ جي ڪلام ۾ موجود آهن، جن ۾ تشبيهہ، استعاره، ڪنايہ، مجازِ مرسل، تجنيس تام، تجنيس لاحق، تجنيس حرفي، صنعتِ موقوف، صنعت ايهام، صنعت تضاد، مراعات النظير، مبالغہ، صنعتِ تعجب، تجاهل عارفانہ، شهرِ آشوب ۽ ٻين خوبين مطابق سندن شاعري سرجيل آهي.

مخدوم امين جي شاعريءَ ۾ ڪهڙيون خوبيون

آهن، اها خبر پڙهندڙن کي سندن ڪتاب ”پيغام“ مان پوندي، پر هتي چند مثال پيش ڪيان ٿي ته جيئن سندن شاعريءَ جي موضوعن، مواد ۽ تخيل جي پرواز جي پڙهندڙن کي ڪجهه ڄاڻ ملي.

23- نومبر 1954ع تي لکيل هڪ نعت ۾ غمن ۽ ڏکن مان نڪرڻ جي هدايت ڪندي چون ٿا ته:

”امين“ مشڪل اچي ڪوئي ته پڙهه صلواة سيد تي،
غم و اوندهه مان ٿي ويندا، بيڙا پار بسم الله.
(ص3)

اُمتِ مُحمدي کي يقين جي قوت ڏيندي چون ٿا ته:

مدد منهنجي ”امين“ آهي مُحمّد ڄام سونهارو،
نه جنهن جو ڪو آهي همسر، انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي.
(ص5)

مخدوم امين پنهنجي طبع ۾ حُسن خلق، انڪساري، رواداري ۽ خير خواهيءَ جا جذبا رکندڙ هئا، جنهن جو اثر سندن شاعريءَ تي گهرو آهي، هيٺين ڪافيءَ ۾ چون ٿا ته:

مان هيٺي، هو حاڪم، ڪا حجت ناهي،
سگهان ڪيئن ٿي، ساڄن اڳيان سينو ساهي
ڪري قرب پنهنجو اچن شل اوطاري،
سڄڻ ساڻ هردم هئين جوڙ آهي،
محبت مٺي محب لئي ڪوڙ آهي،
سندس ويس ٿيس مان جياري جي ماري.
(ص 214)

سندن شاعريءَ ۾ نيازمندي آهي ته رنگيني ۽ دلڪشي پڻ. ڪٿي پاڻ زماني جي بي قدريءَ کان شڪوه ڪنان آهن ته ساڳئي وقت قرب وارن وٽ سر به قربان ڪرڻ لاءِ آتا آهن:

بي قدر انسان کان پاسو ڪرڻ آهي چڱو،
قرب وارن جي اڳيان سرڙو سٽڻ آهي چڱو،
دل ڏيڻ توڙي وٺڻ مان ڇا ٿو حاصل ٿئي امين،
هن فاني جهان جو لاڳاپو ڇنڻ آهي چڱو.
(ص 168)

”پيغام“، ڪتاب ۾ غزلن جو ڳاٽيڻو جهجهو آهي، جن مان ڳچ امين صاحب جي شروع جي دور جي شاعريءَ جون آهن، جيئن 21- ڊسمبر 1957ع تي لکيل هڪ غزل جو مطلع ۽ مقطع هن ريت آهن:

يا مون کي علمبردار نه ڪر،
يا ڪو منهنجو خالي وار نه ڪر،
هي عرض آ توکي منهنجا خدا،
ڪنهن غير جي اڳيان لاچار نه ڪر.
هت ڇا جو ”فهيم“ اڄ فڪر ڪيو،
لاڳاپا ڇڏي تون ڪاهي پئو،
هن عشق جي درياهه منجهه گهڙي،
ڪو ڪار نه ڪر انڪار نه ڪر.
(ص 159)

مٿي چند مثال ڏنا ويا آهن، جن مان اها خبر پوي ٿي ته سندن جذبن ۾ ڪيتري بي ساختگي، سادگي ۽ خيالن جي اوچائي آهي. ”پيغام“ ڪتاب کي سندن ملازم مهر علي ”تابع سروري“ مختلف اخبارن ۽ رسالن تان گڏ ڪري محفوظ ڪيو ۽ سندن وڏو فرزند جيڪو پاڻ پڻ سٺو شاعر آهي، يعني مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ هن نهايت شوق ۽ جذبي سان ڪتاب ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو. اجا به سنڌي شاعري آهي ته اردو ڪلام به آهي جنهن جي لاءِ هن ڪتاب ۾ مخدوم امين صاحب خود لکيو آهي ته جدا شايع ڪيو ويندو.

مخدوم امين ’فهيم‘ هڪ همدرد ۽ پُرخلوص انسان هو، جنهن سنڌ، سنڌ واسين جي وڏي خدمت ڪئي. سندن علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي خدمتون نه وسارڻ جوڳيون آهن ۽ تاريخ ۾ قائم دائم رهنديون.

اي دلِ ناشاد هرگز تون ڏکن کان غم نہ ڪر،
تنهنجي دردن جو ڪو ٿيندو نيٺ درمان غم نہ ڪر.
چند روز آهن خزان جا باغبان غمگين نہ ٿي،
"فصلِ گل ايندو، وطن ٿيندو گلستان غم نہ ڪر."
جو ڊِڪڻ وارو آ، هر ڪنهن کي ڊِڪي ٿو پاڻ ڏئي،
ڪڻ ڇڏيندو سو پلا هڪ توکي عريان غم نہ ڪر.
صاحبِ ڪون و مڪان جي در پيو تون دانهنجا،
سو ڪندو سڀ تنهنجا مشڪل آخر آسان غم نہ ڪر.
دل جي ڪشتيءَ جو اگر تو ناخدا مرسلﷺ ڪيو،
خاطري ڪر پوءِ آهين پار، انسان غم نہ ڪر.
توکان منزل دور ناهي ۽ نہ آ مشڪل رَسڻ،
تنهنجو رهبر آهي اعليٰ، اي مسلمان! غم نہ ڪر.
هو تہ مڙني کان مٿاهون، آ، سنڌ رهبر "امين"،
خود خدا جنهن جو ٿيو آهي ثنا خوان غم نہ ڪر.

مٿين سِٽن ۾ شاعر عام انسان کي ڏک ۽ غم واري ڪيفيت ۾ دلبري ۽ آسرو فراهم ڪري ٿو ڪين منزل جو ڏس ۽ حد نشان ڏيکاري ٿو، جيڪا برجستو شاعر ئي ڏيکاري سگهي ٿو.

وري ڏسو! رومانس! وڪ وڪ تي امين 'فهيم' جي شاعري وچن جي وراڪن جيان ۽ ڪنوڻ جي تجلن جيان، رومانس سان پري پئي آهي. ڏسو! ڇا ٿو چئي!

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هي خطا بار ها ڪري ڏسبي.
تنهنجي هر دم ثنا ڪندو ئي رهيس،
هاڻي پنهنجي ثنا ڪري ڏسبي.
پنهنجي ماه لقا کان دور ٿيو،
زيست درد آشنا ڪري ڏسبي.

اسان جو شاعر انتهائي برجستو شاعر آهي.
جيڪي احساسن کي چڱي ريت سمجهي ٿو،
تنهن لاءِ هُو ڏکندڙ رگ تي هٿ رکي ٿو.

دنيا جهان جا شاعر ۽ اديب شيڪسپيئر کان جان ڪيٽ تائين، هيمنگوي کان وانگ ٽروئي تائين شاهہ لطيف کان شيخ اياز تائين، قديم کان جديد شاعريءَ جي سڀني چمڪندڙ ستارن انقلاب ساڻ رومانس کي پنهنجي شاعري ۽ ڪلام جو اهم حصو بڻايو آهي، ڪين مخدوم امين 'فهيم' بہ پنهنجي شاعريءَ جو مرڪزي ڪردار رومانس (Romantic) رکيو آهي.

شاعري انساني احساسات ۾ تبديلي ۽ تعبير آڻڻ جو هڪ ذريعو (Source) آهي، اها تبديلي جيڪا انسانيت کي سينگاري ۽ سنواري سنئين دڳ تي آڻي ماڻهو ۾ ماڻهوءَ لاءِ مثبت سوچي، شاعري ڪڏهن ڪڏهن پڙهندڙ لاءِ وڏي وٿ ۽ وڏي تبديليءَ جو مُحرڪ ٿئي ٿي.

وفادارين جو سلسلو ڏکيو ٿئي ٿو جو ماڻهو ٽڪي جي مفاد لاءِ اعليٰ ۽ شاندار مقصدن تان هٿ کڻي خسيس ٿي اعليٰ آدرشن کي پٺي ڏيئي ڇڏين تاريخ اهڙين مثالن سان ڀري پئي آهي. آمريڪا جو جڳ مشهور اسڪالر ٿامس پين جنهن انساني آزاديءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن دور ۾ انسان اجا غلام ٿي وڪامندا هئا، پنڊت ۽ پادرين جي يورپ ۽ آمريڪا ۾ اجاره داري هئي، ماڻهو ماڻهوءَ جو غلام هو، ڪارن شيدين کي گورن جهڙا برابر حق حاصل نہ هئا، اهڙي ڀاڻ اونداهي دور ۾ ٿامس پين (Thoms pen) پريس جي برڪتن ذريعي انساني آزاديءَ جي پرچار ڪئي جو هن کي سخت مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو نہ صرف خاص سياستڪار بلڪ هن جو پٽ بہ هن جي خلاف ٿي بيٺو، پر هن سچ کان منهن نہ موڙيو عام انسان جي حقن لاءِ وفاداريءَ سان جدوجهد جاري رکيائين.

مخدوم خاندان جو ايوب شاهي واري دور کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ پيپلزپارٽي سان سياسي رشتو جڙيو تہ مخدوم امين 'فهيم' کان هيل تائين ڪئين لاها چاڙها آيا، پر هن خاندان جو سنگ پيپلزپارٽيءَ کان نہ ٽٽو جڏهن ٿامس پين واري وفاداريءَ جي سُتي هنن جي خونِ ۾ شامل آهي.

◙



# مخدوم امين ’فهيم‘ جي غزل گوئي

مرزا ڪاظم رضا بيگ

شاعريءَ ۾ غزل، اها من موهيندڙ ۽ سُرور آفرين صنف آهي، جنهن لاءِ ائين ڪٿي چئجي ته محبت جي زبان، دل جي صدا آهي. هونئن ته شاعريءَ جي هر صنف، محبت ۽ دل جي ترجمان ٿئي ٿي، پر غزل ان جي چٽي ترجمانيءَ لاءِ مخصوص آهي. غزل جي مقبوليت جو هڪ وڏي ۾ وڏو سبب به ان جي اها خصوصيت آهي. غزل تي اعتراض به ٿيندا رهيا آهن، تنهن هوندي به ان جي پذيرائي جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ آهي. هيءَ اهڙي صنف ئي نه آهي، جنهن کان ڪو تاحيات نفرت ڪري سگهي! ان کي ڌڪاريندڙ به ڪيترن موقعن تي هِن جي زلفن جي ٿڌڙي ڇانوَ لهڻ لاءِ بيوس ٿيو ٿا پون.

عشق، شاعريءَ ۾ خصوصاً غزل جو وڏو محرڪ آهي، تنهنڪري ڪابه قوم ۽ ڪوبه ملڪ، عشقيه شاعريءَ کان خالي نه آهي. سنڌ جيڪو سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل راڻو، ليلا چنيسر جي عشقيه رومانن جو وطن آهي، ان ۾ جڏهن غزل ايران مان ڪهي آيو، ته هِتان جي حساس شاعرن ان جو کُليءَ دل سان استقبال ڪيو. شروع ۾ فارسي دان شاعرن ان ۾ نغمه سرائي ڪئي، پر وقت گذرڻ سان ان فارسي جامو مٽائي. سنڌي ٻوليءَ جو لباس زيب تن ڪيو.

عام طور تي، غزل جي معنيٰ، عورتن سان عشق ۽ محبت جون ڳالهيون ڪرڻ، سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي تائيد عربيءَ جون لغتون غياث اللغات ۽ القاموس المحيط به ڪن ٿيون، فرهنگ آنند راج به ائين ئي ڄاڻائي ٿي. خواجه الطاف حسين حالي پڻ لکي ٿو ته: غزل جي لغت ۾ معنيٰ، عشق بازي ڪرڻ ۽ عورتن سان مخاطب ٿيڻ آهي. اردو غزل جو مصنف ڊاڪٽر يوسف حسين خان لکي ٿو ته: غزل محبوب سان محبت جي گفتگو آهي. ڊاڪٽر عبادت بريلوي لکي ٿو ته: غزل جي صنف جو بنيادي موضوع، عشق جي معاملن جي مختلف ڪيفيتن جي ترجماني آهي. شبلي نعماني ’شعر العجم‘ ۾ ايران جي عشقيه شاعريءَ تي بحث ڪندي فرمائي ٿو ته: قصيدي ۾ ممدوح جي تعريف ٿيندي آهي ۽ غزل ۾ معشوق جي. علامه آءِ.آءِ.قاضي غزل جي تشريح ڪندي فرمائي ٿو ته: غزل لفظ، عربيءَ مان نڪتل آهي ۽ ”تغزل“ جي معنيٰ آهي، عشق جون ڳالهيون ڪرڻ، خاص طرح سهڻن سان، تنهن هوندي به غزاله (هرڻي) جي چال ۽ غزل گو شاعرن جي پرواز ۾ ڪافي مناسبت آهي.

مٿي بيان ڪيل غزل جي تشريحن مان بلڪل واضح ٿي وڃي ٿو، ته غزل جي معنيٰ آهي: محبوب سان يا محبوب بابت محبت جون ڳالهيون ڪرڻ. عشق ۽ ان جي معاملن جي مختلف ڪيفيتن جي ترجماني ڪرڻ. غزل جي صنف جو بنيادي موضوع آهي، ڇاڪاڻ ته انسان جي زندگيءَ ۾ عشق ۽ محبت جا جذبا وڏي اهميت ۽ بنيادي حيثيت رکن ٿا. غزل، عشق ۽ محبت جي سمورينارداتن ۽ ڪيفيتن، اسرارن ۽ رمزن کي پنهنجي دامن ۾ سميٽي ڇڏيو آهي، اهوئي سبب جو سخت دل کان سخت دل انسان به بي اختيار غزل ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو. غزل جي لغوي مفهوم جي مدِنظر عام طرح غزل چوڻ لاءِ هي اصول مقرر ڪيا ويا آهن:

1. غزل ناز ۽ نياز جي ڪيفيتن ۽ حسن و عشق جي وارداتن سان سينگاريل هجي، 2. غزل جي ٻولي وس آهر نرم ۽ شيرين بيان، دلڪش ۽ دلپذير هئڻ گهرجي، 3. غزل ابتذال ۽ هلڪڙائپ کان پاڪ هجي ۽ 4. محبوب سان خطاب، نيازمندانه هئڻ گهرجي.

غزل، لغوي معنائن ۽ تشريحن جي اعتبار کان صرف، عشق ۽ محبت جي جذبن جو نفيس نموني ۾ اظهار هوندو آهي ۽ غم دنيا جو ذڪر نه پر غم محبوب جو بيان هوندو آهي. مگر ان جي وسعتن جي مدِنظر، ان ۾ عشق جي موضوعن سان گڏ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو احساس ۽ انهن جي ترجماني به آهي. ان ۾ فلسفي جي اونهائي به آهي ته پنهنجي سماج ۽ معاشري جو عڪس به. ان ۾ تصوف ۽ طريقت جا راز ۽ اسرار به نهايت دلنشين انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن ته اخلاق جا سبق به سهڻي طريقي سيکاريا ويا آهن. مطلب ته غزل چوندڙ شاعرن پنهنجي غزلن کي رڳو حسن ۽ عشق، ناز ۽ نياز، سوز ۽ گداز تائين محدود نه رکيو آهي، بلڪ زندگيءَ جي سمورن پهلوئن ۽ خارجي دنيائن جي سمورن واقعن تائين وسيع ڪري ڇڏيو آهي. غزل، ذهني ۽ فڪري تقاضائن کي پوري ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي. هن اشارن ۽ ڪناين ۾ اهو ڪجهه چيو آهي، جيڪو وڏين تقريرن ۾ به بيان نٿو ڪري سگهجي. ڪيترا اهڙا آهن جن ۾ ذڪر جانان گهٽ ۽ ٻيا موضوع وڌيڪ آهن، جهڙوڪ: مخدوم محمد امين 'فهيم' پنهنجي ڪيترن غزلن ۾ فرمائي ٿو:

نه غفلت ۾ ڪو دم به خالي وڃايان،
خدايا اها خاص ٿئي مهرباني.

صاحبِ ڪون و مڪان جي در پيو تون دانهجان،
سو ڪندو سڀ تنهنجا مشڪل آخر آسان غم نه ڪر.

هو ته مڙني کان مٿاهون، آ سنڌ رهبر امين،
خود خدا جنهن جو ٿيو آهي ثناخوان غم نه ڪر.

اڄ هر ڪو پکي عرش تي پهچڻ جي ڪري ٿو،
افسوس جو ميدان ۾ شهباز نه آهي.

قرب تنهنجي آهي مون کي اي قريشي! قيد ڪيو،
دور توکان يا مُحمّد مصطفيٰ مان ڪيئن رهان.

ڪعبي منجهان به ڪونه مليو گوهرِ مراد،
ٿڪجي پياسون نيٺ عبادت ڪري ڪري.

ڪوڙ ۽ ڪلفت جا آخرڪار ٿيندا دربدر،
سچ اچي پنهنجو سنڀاليندو قلمدان عنقريب.

ظلم ۽ زوري جا هٿ ڪاٽي ڇڏڻ لئي دوستو!
ڪو نڪو اڳتي هلي ايندو اسان مان عنقريب.

منهنجي اعمالن کي ڪر تون درگذر،
يا الاهي ڪر عطا لطف و ڪرم.

شل ٿئي هيءَ آرزو پوري سندم،
جو ٿيان مان صاحب سيف و علم.

مهراڻ

**حال جهڙو آهي تهڙو اي امين!**
**پر لکڻ ۾ تيز آ تنهنجو قلم.**

•

غزل ۾ نغمگي ۽ غُنائي خاصيتون نهايت دلفريب ۽ وڻندڙ آهن. هيءُ غزل جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ حسن ۽ عشق جي داخلي جذبن ۽ قلبي وارداتن جي بيان سان گڏ، غُنائي رعايت پڻ ملحوظ رکي وڃي ٿي. اهڙي ريت غزل ۽ موسيقيءَ جو پاڻ ۾ روح ۽ جسم وارو لاڳاپو آهي. غزل جو وجود، موسيقي ۽ ان جي حسن غنائيت سان ئي قائم آهي. غزل جا بحر ۽ قافيا ۽ ان جي موسيقي ۽ غُنائي اثرن ۾ وڏي اهميت رکن ٿا، ۽ ان ۾ ترنم ۽ نغمگي پيدا ڪن ٿا. ڊاڪٽر عبدالاحد خان خليل "اردو غزل کے پچاس سال" ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: موسيقي جي فن جي گهڻن ماهرن جو خيال آهي تہ اصولي طرح فن موسيقي ۾ غزل جي لفظن جي مقبوليت ۽ هر دلعزيزيءَ جو سڀ کان وڏو سبب، اهو آهي تہ غزل ۾ جيڪي لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن لاءِ جيڪي بحر چونڊيا وڃن ٿا، انهن ۾ اها خاصيت هوندي آهي تہ هڪ فن (موسيقي) جو ماهر ان جي لفظن کي نهايت سولائيءَ سان، فني حدن جي دائرن ۾ رهي، موسيقيءَ جي سر ۽ تار ۾ سمائي سگهي ٿو ۽ لفظن جي مفهوم ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق پيدا نٿو ٿئي، غزل جا بحر گهڻو ڪري اهڙا ترنم وارا ٿين ٿا جو آسانيءَ سان موسيقيءَ جي مقرر ڌنن ۾ ٺهڪي اچن ٿا ۽ موسيقي جي تاثير کي وڌائي ڇڏين ٿا.

غزل، پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا، نفاست ۽ نزاڪت، خوبين ۽ خاصيتن، نغمگي ۽ ترنم سان ايران کان سنڌ جي سرزمين تي پهتو تہ هن ڌرتيءَ، ان کي پنهنجي دامن ۾ جاءِ ڏني جتي پنهنجي سمورين سرمستين ۽ جلوَن سان وڌيو ۽ ويجهيو. شروع شروع ۾ سنڌس خدو خال اباڻا (ايراني) هئا، پر آهستي آهستي هن ڌرتيءَ جي آب و هوا، رهڻي ڪهڻي، زندگيءَ جي نشيب و فراز سياسي ۽ سماجي حالتن، تهذيب ۽ تمدن، ٻولي ۽ محاورن جو مٿس رنگ چڙهڻ لڳو. هاڻي ان جو ڍانچو تہ اهو ساڳيو ئي ايراني آهي، باقي رنگ ۽ روپ نسورو مقامي ٻڌجي ويو آهي. خاص طور ٻوليءَ جو مٿس وڏو اثر ٿيو آهي. اڳ غزل جي جيڪا فارسي آميز ٻولي هوندي هئي سا جيئن پوءِ تيئن صاف ٿيندي ويئي آهي. هاڻي غزل ۾ نہ فارسي ترڪيبون ۽ بندشون آهن ۽ نہ محاورا ۽ اصطلاح، تشبيهون ۽ استعارا، سڀ مٽجي مقامي ٿي چڪا آهن، پر سنڌ جا ڪي اهڙا شاعر بہ آهن جن جي غزلن تي ايراني رنگ نمايان آهي، جن مان مخدوم امين 'فهيم' بہ هڪ آهي.

دنيا ۾ بعض حالتن، جهڙوڪ: عشق ۽ محبت يا ٻين اهڙن غير معمولي حادثن پيش اچڻ سبب انسان جي دل ۾، جيڪي حالات پيدا ٿين ٿا، تن کي جذبات چئبو آهي. وري انهن جذبن کي موزون لفظن ۾ پيش ڪرڻ آهي شاعريءَ جي اصلي تصوير. مخدوم محمد امين 'فهيم' کي شاعريءَ جو ذوق ۽ شوق ننڍي هوندي کان ئي دامنگير هو. شاگرديءَ واري زماني ۾ پڻ ڪئين موزون خواهہ غير موزون اشعار لکندو رهيو. حقيقت ۾ ان وقت کان وٺي سندس شاعريءَ ۾ استاد سندس والد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ هو، جيڪو هر وقت پنهنجي بحر بي پايان علوم سان مخدوم امين 'فهيم' جي رهبري ڪندو رهيو. ان کان اصلاح وٺندو رهيو. آخرڪار ڪم و بيش 1955ع ڌاري مخدوم امين 'فهيم' جي شاعريءَ جو آفتاب سرزمين هالا تي "ڪا الشمس في النصف النهار" تابان ۽ درخشان ڏسڻ ۾ آيو. سنڌ جي هر طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۾ سندس شرڪت، ڪيس سنڌ جي نامور شاعرن جي صف ۾ شمار آڻي بيهاريو.

اين سعادت بزور بازو نيست،
تا نہ بخشد خدائي بخشنده.

•

سنڌ ۾ اگرچہ سوين شاعر هئا ۽ آهن جن جي شاعري بلڪل قابلِ داد آهي، مگر پهرين ڳالهہ جا شاعر کي پنهنجي معاصرين ۾ سڀ کان وڌيڪ ممتاز بڻائي ٿي، سا آهي سخن جي سادگي ۽ سچائي، جنهن ۾ ڪوبہ وٽ، پيچ يا ڪنهن بہ مبالغي جي مونجهہ نہ هجي ۽ جيڪي چوي سو سچ، جيڪي لکي سو انصاف. سندس سخن، صحيح حقيقت جو سورنهن آنا انڪشاف ۽ روحاني راز جو اصلي آئينہ دار هجي.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جن عرب جي سيني شاعرن امرء القيس، نابغہ وغيره کان زهير جي شعر و سخن کي وڌيڪ پسند ڪندا هئا. حضرت عمر فاروقؓ کان جڏهن زهير جي پسنديءَ جو سبب پڇيو ويو، تڏهن چيائون تہ: ”زهير، پنهنجي شعر ۾ نامانوس لفظن جي تلاش نٿو ڪري، تنهنڪري سندس ڪلام ۾ ڪا پيچيدگي ڪانهي ۽ هُو اهو مضمون آڻيندو آهي، جنهن ڳالهہ مان سچ پچ واقف هوندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن جي تعريف ڪندو آهي تہ اها بہ ايتريقدر جو جيترو اڳيون ان جو لائق هجي.“

بنا خوف و ترديد هيئن چوڻ کان هرگز رهي نٿو سگهجي تہ مخدوم امين ’فهيم‘ جي شاعريءَ ۾ پڻ اهي اديبانہ اوصاف موجود آهن، جيڪي هڪ بهترين نقاد ۽ جوهر شناسي جي اعلىٰ راءِ موجب سڀ کان اعلىٰ درجي جي شاعر لاءِ انتخاب ۾ آندا وڃن. هن رفيع درجي جي شاعر ۾، هڪ خاموش شاعر، جي سخن ادائي پڻ سليس مضمون، نهايت شفاف رنگ ۾ پيش ٿيل آهي، جنهن کي ڏسيو ۽ پڙهيو اکين کي فرحت ۽ دل کي مسرت پئي حاصل ٿئي. مخدوم امين ’فهيم‘ جي شاعرانہ شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي. سندس نالو سنڌ جي نامور شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪلام جي سادگي ۽ پختگي، سنڌي ادب جي هر شيدائي کان خراج تحسين وصول ڪري چڪي آهي. مخدوم امين ’فهيم‘ جي ڪلام جو معيار گهڻو بلند آهي. فلسفہ، اخلاق، مذهب ۽ روحانيت سندس شعر ۾ موجود آهي. پاڻ شعر جي هر فن، نعت، غزل، قطع، ڪافي، قومي گيت وغيره جو ماهر استاد ليکيو ويندو. اچو تہ ان ڏس ۾ سندس شاعريءَ، خاص طور تي غزل جو جائزو وٺون.

**تضمين:**

ادبي لحاظ کان تضمين جي لغوي معنىٰ آهي: ٻئي ڪنهن جي مشهور شعر يا ڏنل مصرع طرح سان پنهنجي مصرع ملائڻ. جاڪاڻ جو اڳتي هلي، ان مفهوم ۽ معنىٰ ۾ وسعت پيدا ٿي جو ادبي محفلن ادارن پاران منعقد ڪرايل مشاعرن ۾ حصو وٺندڙ سيئي شاعر پنهنجو ڪلام جوڙي موڪلي ڏيئي شريڪ ٿيندا هئا. ان ڏنل مصرع طرح تي لڳايل ٻي مصرع کان پوءِ اها تضمين ليکجڻ ۾ آئي ۽ اڄ تائين اهڙو رواج هلندو پيو اچي. پهرين معنىٰ جو اسان وٽ مشهور مثال آهي ”مسڪين“ واري سانگي جي مشهور شعر تي ڪيل تضمين، سانگيءَ جي مصرع آهي: ”نمائي نار آهيان، پر وڏن جا وڻ وڃائيندس“. مسڪين، پنهنجي مصرع هن ريت ملائي: ”ادا مسڪين کي وهہ وهہ وٽي سانگي سندي مصرع“. اهڙي طرح شعر پورو ٿيو:

ادا مسڪين کي وهہ وهہ وٽي سانگيءَ سندي مصرع،
نمائي نار آهيان پر، وڏن جا وڻ وڃائيندس.

مخدوم امين ’فهيم‘ بہ انيڪ شعرن جي تضمين ڪئي آهي، جهڙوڪ:

1. هلايو يار اڄ دور شراب آهستي آهستي
2. نگاه ناز ٿي هڪ تير نڪتو
3. مدت کان پوءِ اڄ وري محفل ڪئي اٿئون.
4. جو آيو عشق جي مقتل ۾ ان جو سر قلم ٿي ويو.
5. ايندو ايندو غيرت رشڪِ غزالان عنقريب.
6. يا الٰهي ڪر عطا لطف و ڪرم
7. جي ٻرندي شمع محفل ۾ تہ پروانا ليي پوندا.

8. وساريم گهڻو ئي مگر ياد آيو
9. يار جا زلفِ دوتا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف
10. ڪريا جي اشڪ اکين مان تہ ويا لعل گوهر بنجي
11. ايترو انتظار ڪير ڪري
12. چئين، مون بس ڪئي توسان جفا وري نہ ڪبي
13. زماني ۾ سچائي ۽ صداقت ڪانہ ٿي ڏسجي
14. سڄي رات روئي وهائي اٿم
15. اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو
16. آبرو منصور بخشي دار کي
17. صهبا ڪان ڪڏهن ڪو ڪيف نہ ٿيو ساقي جي نظر مخمور ڪيو
18. اچ منهنجي اڱڻ تي پير ڀري اي يار سڄڻ! انڪار نہ ڪر
19. زلف جڻ شام رخ سحر آهي
20. ساقي گلفام آندو جام خاص
21. اميد آهي تہ اهڙي خطا وري بہ ڪبي
22. شبنم بہ ٿي جلائي گلستان ڪڏهن ڪڏهن
23. ڇٽڪ دامِ يار ۾ ڦاسي پيس
24. رسائڻ خوب ڄاڻين ٿو ۽ پرچائڻ نٿو ڄاڻين.
25. صنم جي رخ اڳيان يارو مہِ ڪامل بہ ڪجهہ ناهي.
26. شراب عشق پي مخمور ٿياسين
27. ايترو ڪنهن جو انتظار نہ ڪر
28. فصل گل ايندو وطن ٿيندو گلستان غم نہ ڪر.

مٿي ڏنل مصرع طرحن تي، مخدوم امين 'فهيم' جا تضمين ڪيل شعر پيش ڪجن ٿا:

گلن جي بو، مني محفل، صبا جي هير ٿڌڙي ۾،
هلايو يار اڄ دور شراب آهستي آهستي.

هزارين ٿي ويا بسمل گهڙي ۾،
نگاهہ ناز ٿي هڪ تير نڪتو.

فڪرِ جهان ڇڏي وڃي ويناسين ڪنڊ ۾،
مدت ڪان پوءِ اڄ وري محفل ڪئي اٿئون.

ڪئين مهميز ماريا دلربا تلوار ابرو سان،
جو آيو عشق جي مقتل ۾، ان جو سر قلم ٿي ويو.

ڪو ڪندو پورا سمورا عهدو پيمان عنقريب،
ايندو ايندو غيرتِ رشڪِ غزالان عنقريب.

منهنجي اعمالن ڪي تون ڪر در گذر،
يا الٰهي ڪر عطا لطف و ڪرم.

سڄڻ! جو ٿو خفا ٿين مجمعِ عشاق کان اهڙو،
جي ٻرندي شمع محفل ۾ ته پروانا ليي پوندا.

هو پرديسي جو پيار ڏئي ڪسي دل،
وساريم گهڻو ئي مگر ياد آيو.

ڪيئن بچي نڪران پلا، مان هڪ ڇڻو، هو سو هزار،
يار جا زلفِ دو تاڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

سجايم دامن اميد ارمانن جي موتين سان،
ڪريا جي اشڪ اڪين مان ته ويا لعل گهُر بنجي.

تو سياڻي چئين ٿو ملندس پر،
ايترو انتظار ڪير ڪري.

جڏهن مون روئي ڪئي پنهنجي يار کي پارت،
چئين، مون بس ڪئي توسان جفا وري نه ڪبي.

نڪو احساس آهي ڪنهن جي الفت جو هتي ڪنهن کي،
زماني ۾ سچائي ۽ صداقت ڪانه ٿي ڏسجي.

امين! اهڙي نيبهه محبت ٿيم،
سڄي رات روئي وهائي اثر.

جنت منجهان شرابِ طهورا ڪٿي اچو،
اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو.

دار ڪي منصور بخشي آبرو،
آبرو منصور بخشي دار کي.

مون ڪان نه ڪو آهي ڏوهه ٿيو پر مست اکين مجبور ڪيو،
صهبا ڪان ڪڏهن ڪو ڪيف نه ٿيو ساقي جي نظر مخمور ڪيو.

عصر پڙهندي ئي فجر ٿي وئي قضا،
زلف ڄڻ شام رخ سحر آهي.

تنهنجي راهه ۾ نيڻ وڇايان ۽ سر ساهه ڏيان مان نذرانو،
اڄ منهنجي اڱڻ تي پير پري اي يار سڄڻ! انڪار نه ڪر.

ٿيو پيئڻ ڪان اڳ ئي مستانا وجون،
ساقي گلفام آندو جام خاص.

سڄڻ جو نقش قدم بار بار چمندو رهيس،
اميد آهي ته اهڙي خطا وري به ڪبي.

ڪمندِ زلف ۾ قابو اچي ٿيس از خود،
اميد آهي تہ اهڙي خطا وري بہ ڪبي.

آهن اگرچہ اشڪ روان پر نري نہ دل،
شبنم بہ ٿي جلائي گلستان ڪٿهن ڪٿهن.

گل پٽيندي خار ۾ ڦاسي پيس،
جٽڪ دامِ يار ۾ ڦاسي پيس.

نہ آهي جائي حجت جي مان ڪيئن گستاخ ٿي چوندس،
رسائڻ خوب ڄاڻين ٿو ۽ پرچائڻ نٿو ڄاڻين.

ضرورت ناهي مون کي ڪابہ تعريفن ڪرڻ جي اڄ،
صنم جي رخ اڳيان يارو! مہِ ڪامل بہ ڪجهہ ناهي.

'فهيم' آهي محبت راهبر ٿي،
شرابِ عشق پي مخمور ٿياسين.

جنهن مان جيءَ جان کي رسي جوکو،
ايترو ڪنهن جو انتظار نہ ڪر.

چند روز آهن خزان جا باغبان غمگين نہ ٿي،
فصل گل ايندو، وطن ٿيندو گلستان غم نہ ڪر.

•••

طرحي مصرعن جا اهي مثال جيڪي مخدوم محمد امين 'فهيم' پنهنجي والد مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي صدارت ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿي پڙهيا. اهڙا مشاعرا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اڪثر و بيشتر ٿيندا رهندا هئا. مطلب تہ شاعريءَ ۽ مشاعرن جو ذوق شوق، چوٽ چڙهيل هوس. مخدوم صاحب نہ رڳو مشاعرن ۾ شريڪ ٿي پنهنجو ڪلام پيش ڪيو، پر هالا ۾ بزم طالب الموليٰ پڻ قائم ڪئي، جنهن ۾ بہ پاڻ بذات خود ۽ سندس همعصر شاعر شريڪ ٿيندا رهيا. هيءَ بزم اڄا تائين هالن ۾ قائم آهي.

عام طور تي اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ، مخدوم امين 'فهيم' سياست ۾ گهڻو گهيريل رهندو هو، پر مخدوم صاحب جي ڪلام کي پڙهي اها راءِ بدلائڻي ٿي پوي. آءٌ تہ ائين چوندس تہ، مخدوم صاحب، سياست سان گڏوگڏ غزل گوئي جو دلداده آهي. اچو تہ ان ڏس ۾ سندس شاعريءَ، خاص طور تي غزل جو جائزو وٺون.

**باغ جي پچار:**

غزل ۾ باغ، بلبل ۽ گل جو ذڪر ٿيندو ئي رهيو آهي، سو مخدوم امين 'فهيم' جو ڪلام بہ ان حسن کان خالي ڪونهي، هو چوي ٿو:

هر شجر ۾ صبا ۾ ۽ گل ۾،
جستجو جابجا ڪري ڏسبي.

ڪلي جا گل ٿيڻ کان اڳ گلستان مان چني ورتئون،
انهيءَ جي آرزوئن جي بهارن کي خبر ڪهڙي.

'فهيم' ان جي ئي آمد جي ڪري پنهنجو ڪڪائون گهر،
خزان ۾ اڄ بدلجي آهي ويو باغِ اِرم ٿي ويو.

گلستان ۾ ڪيترو رهندا پلا زاغ و زغن،
ايندو ايندو غيرتِ رشڪِ غزالان عنقريب.

اڄ نيٺ ويس گلشن ۾ هليو ڪنهن جذبہ دل ڪان بيخود ٿي،
چو مون کي ڏسي ٿي رنو شبنم ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

انهيءَ باغ کي آباد ڪرڻ جي خواهش ڪندي هو هن ريت غزل سرا ٿئي ٿو:

چند روز آهن خزان جا باغبان غمگين نہ ٿي،
فصل گل ايندو، وطن ٿيندو گلستان غم نہ ڪر.

•••

مطلب تہ باغ ۾ راغ ۾، آهُن ۽ حيرانيءَ کان سواءِ ٻيو رکيو ڇا هي، جي آهي تہ پياري پرينءَ جي ڳولا آهي، ازان سواءِ گلاب جي گل جي اجهو هيءَ حالت آهي:

لبن تي مرڪ سهٽي جي مون کي اينهين نظر آئي،
ٽڙي مکڙيءَ منجهان جڻ پيو گلاب آهستي آهستي.

•••

گلاب جي گل جي ٽڙڻ جو هن کان وڌيڪ منظر، ٻيو ڇا هوندو!

**مئخاني جي رونق:**

شاعرن ڪنهن بہ ڏس ۾ گهٽتائي ڪانہ ڪئي آهي. مخدوم امين 'فهيم' بہ ان ڏس ۾ گلفشاني ڪئي آهي:

صراحي، ساغر و مينا ڏٺم مئخوار ويٺا،
سوا تنهنجي اي ساقي! رونق محفل بہ ڪجهہ ناهي.

گلن جي بو، مٺي محفل، صبا جي هير ٿڌڙيءَ ۾،
هلايو يار اڄ دور شراب آهستي آهستي.

ساقي رڳو شراب پيارڻ ۾ محوَ آ،
ڇا ڄاڻي اي امين تہ وفادار آهي ڪير.

ڏاڍو ثواب ٿيندو محبت جي راهہ،
هڪ تشنہ لب کي جام محبت پيار جي.

جڏهن محفل منجهان نڪتس تہ دل مان انهن هيءَ آئي،
اي مئخانا! صراحي! ساقيا! ساغر! خدا حافظ.

پيارين نہ پيارين! مگر پيو صدا ڪندسي،
ساقي! پيار جام محبت وري وري.

کاروبار مئڪده هلندو مدام،
مئي آگر ملندي رهي مئخوار کي.

منهنجو تون ساقي ۽ تنهنجو آءُ هڪ مئخوار بس،
پر ڪري پيالن تي پيالا پيو پيارا پيارا بس.

'فهيم' آهي محبت راهبر ٿي،
شراب عشق پي مخمور ٿياسين.

**سجڻ نت سوجهرو:**

سجڻ جي وصفن جي ساراهه تہ سڀ ڪو ڪندو آهي، سو مخدوم محمد امين 'فهيم' بہ انهيءَ رمز ڪان ناآشنا نہ آهي. هيءُ انوکو خيال آهي تہ ڀانگو جيڪو سدائين سحر ويل ڀين کي سجاڳ ڪندو آهي سوبہ ان وقت ڀنيجي ويو جو اجا رات پئي سمجهائين تہ سحر ٿي وئي آهي مچاڻ جو اها سجڻ جي گهر جي ڪڏ تي چڙهي اچڻ جي ڪري روشني هئي، جيڪا اصل ۾ سجڻ جي سونهن جي روشنيءَ جي جهلڪ هئي. هتي مخدوم محمد امين 'فهيم' جي اهڙي غزل خوانيءَ جو چس وٺڻ گهرجي:

شرمائي گلن کي ٿي سندس رخ جي گلابي،
غنچن بہ سجڻ کان ئي سکيو ناز نقابي،
شرمندو جنهن اڳيان قمر آهي.

ان جي آڏو شرم سار،
ماهتاب و آفتاب.
منهنجو رشڪِ ماهتاب
اڄ وري ٿئي بي نقاب.

سجڻ کي ڏئم ۽ قمر ياد آيو،
نهاريئين تہ برق و شرر ياد آيو

سجڻ جي سونهن جي ساراهه سان گڏ ان جي زلفن تي مخدوم امين 'فهيم' بہ ڪافي قلم فرسائي ڪئي آهي. اهو ڪو ورلي شاعر هوندو جنهن يار جي زلفن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهہ نہ ڏني هجي. ان ڏس ۾ مخدوم صاحب بہ پاڻ ملهايو آهي چئي ٿو:

تو ڦٽي دلڙي منا هڪ ئي نظر جي تير سان،
قيد هر دم ٿو ڪرين تون زلف جي زنجير سان.

ڪمندِ زلف ۾ قابو اچي ٿيس ازخود،
اميد آهي تہ اهڙي خطا وري بہ ڪبي.

نگاهِ ناز سان دل آشنا وري بہ ڪبي،
اسير زلف ٿيو هيءَ خطا وري بہ ڪبي.

ڪمندِ زلف دوتا جي گلا وري نہ ڪبي،
گلا ڪجي نہ ڪجي پر ثنا وري نہ ڪبي.

سيهه زلف دلبر جاءِ رخ منور،
ڏسڻ ساڻ وقتِ سحر ياد آيو.

ليلي شب جوش مان ڪولي چڏي شايد 'فهيم'،
ماٺ جي ماحول ۾ زلفِ پريشان عنقريب.

گهٽئي وساريم نہ وسري سا رنگين محفل 'فهيم' جنهن ۾
ڪمندِ زلف دوتائي دلبر وڪوڙي ورتو هو پنهنجي ور ۾.

اهڙيءَ ريت يار جي حسن، زلفن ۽ انهن جي سياهي، وارن ۾ ڦاسڻ، ليل و شب، وقت سحر سان تشبيهہ ڏيڻ جهڙي ڪار ڪندي مخدوم صاحب غزل سرائيءَ جو حق ادا ڪيو آهي ۽ تغزل کي اوج تي رسايو آهي، جيڪو هڪ ڪمال آهي.

**يار جي ياري ۽ پچار:**

مخدوم محمد امين 'فهيم' هوندئن تہ يارن جو يار رهيو آهي، پر پنهنجي دل گهرئي سان رهاڻ ۽ پور پچائڻ واري زندگي ڪا ٻي شيءِ ٿئي ٿي. هن جي چوڻ موجب جڏهن سندس محبوب جي نظر مٽس پئي تہ پوءِ ڪيس زندگيءَ جو لطف حاصل ٿيو ۽ اهو لطف هن ڪيئن ماڻيو، تنهن جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي:

آ سجڻ سائين فقط تنهنجو رهيو ٿم آسرو،
تو سوا ٻيو ڪير ٿيندو منهنجي آڌر ۽ اُجهو.

سهڻو ٿئي ٿو منهنجو بد مهمان ڪڏهن ڪڏهن،
منهنجي بہ گهر ٿئي ٿو چراغان ڪڏهن ڪڏهن.

تون فقط هڪ مهربان ٿي، غير جي پوءِ ڪاڻ ناهہ،
ڇا ڪندا اغيار مون کي تو اگر پنهنجو ڪيو.

ان هوندي بہ هو دلبر کي پنهنجي اڳيان هر وقت موجود ٿو ڏسي ۽ محبوب جي عشق ۾ سرشار ٿي دارا ۽ سڪندر کي بہ گهٽ ٿو سمجهي:

قرب واري جي برابر ڪير آ دنيا اندر،
هيچ آهن اي امين دارا سڪندر مون اڳيان.

ان هوندي بہ هو هر وقت کي ياد پيو ڪري ۽ پرينءَ جي پور ۾ پيو گذاري:

اسان جي دردِ دل جي حسن وارن کي خبر ڪهڙي،
گل پرمرده جي رنگين بهارن کي خبر ڪهڙي.
دل پريشان، حال ابتر، چشم گريان دربدر،
تو بنا اي دلربا شايد وڃان ٿي مان چريو.
منهنجي دل جي خبر اٿئي سهڻا،
تنهنجي لئي بيقرار ڪافي آ.
رقيبن ٿي وڏا رولا مگر بيسود سڀ ٿي ويا،
امين جو عشق ٿي ويو ڪامياب آهستي آهستي.
اوهان جي اٿم ياد، شب روز جاني،
ڪڏهن ڪا اچڻ جي ڪريو مهرباني.

جيئن مجي پاڻيءَ بنا ڦٿڪيو ٿي ڦٿڪي دلبر،
تو سوا منهنجي بہ حالت اها مان ڪيئن رهان.

•

۽ حقيقت اها آهي تہ:

هر ڪلي اشڪِ غم سان سينگاريم،
مالهيءَ سمجهو تہ ماڪ پئي آهي.

خدا ڄاڻي تہ پورو هجر وارو غم ڪڏهن ٿيندو،
سڄڻ هن خانہ دل ۾ مڪين هر دم ڪڏهن ٿيندو.

روان اشڪِ مسرت، تومان چشم نم ڪڏهن ٿيندو،
خبر ڪانهي دل مجروح جو مرهم ڪڏهن ٿيندو.

هو آهي مهربان، بخشي سگهي ٿو هر خطا تنهنجي،
مگر اي بوالهوس تون پاڻ بخشائڻ نٿو ڄاڻين.

پڇاڙي وري بہ هيءُ اٿس:

تنهنجي راهہ ۾ نيڻ وڇايان ۽ سر ساهہ ڏيان مان نذرانو،
اڄ منهنجي اڱڻ تي پير پري اي يار سڄڻ انڪار نہ ڪر.

آخري دم پڻ نہ ڇڏيئي، حيف توکي درد دل،
ان جي هڪ نالي ونڻ جي واندڪائي ڏين نہ ها.

•

مخدوم امين 'فهيم' جو غزل، غزل جي جديد روايتن جو آئينہ دار هوندي بہ پراڻي روايت ڪان پري ڪونهي. ان سلسلي ۾ چند شعر پيش ڪجن ٿا:

نہ مٽ سج سندس ۽ نڪي چنڊ همسر،
پلا ڪير سهٽي جو ٿي سگهندو ثاني.

عجيب مستي ۽ رنگ سان، هر گهڙي تصور ۾ آئين مون وٽہ
نظر تون هر شيءِ ۾، هر ستاري ۾ آئين توکي ڏٺم شجر ۾.

هر شجر ۾ صبا ۾ ۽ گل ۾،
جستجو جا بجا ڪري ڏسبي.

ڀلا سا ڪهڙي محفل جنهن ۾ هو رشڪِ قمر ناهي،
انهيءَ کي هڪ شب تاريڪ چئو جنهن جي سحر ناهي.

سڄڻ پنهنجي لئي هڪڙو نئون جهان دل ۾ بنايو اٿم،
جتي شاخ و شجر ناهي جتي شام و سحر ناهي.

'فهيم' آهي محبت جو اثر ميدانِ الفت ۾،
زمين جي خاڪ هوندي گڏ رهون ٿا ماهہ پارن سان.

همہ گير آهين تون اي ناز وارا
بچي توکان نہ کو نخچير آهي.

راحتِ جسم و جان راحت زندگي تنهنجو مرڪي ملڻ جا نقرا جا نقرا
تنهنجو شيرين تبسم ٿو بخشي سڪون تنهنجون آهن اکيون ڪيف زا ڪيف زا

'فهيم' آخر نہ ڪجهہ وريو وڏائي ۽ اميري مان،
ڇڏي شاهي گدائي ڪوچہٴ دلدار ٽيٺو پيو.

سچي دنيا جا واعظ، محتسب سڪندا رهيا هر دم،
۽ ساقي جي رخ تابان ڪي ميخوارن ڏسي ورتو.

جيتوڻيڪ مخدوم امين 'فهيم' جي شاعري وڏي هاڪ رکي ٿي، پر تنهن هوندي بہ ڏسبو تہ ان ۾ فارسي ٻوليءَ جو اثر، صاف نظر ايندو، هيٺ ڏنل شعرن تي نظر ڪبي تہ اها ڳالهہ صاف نظر ايندي:

دل، رشڪِ لاله زار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم،
هڪ راز آشڪار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

نگاهہ ناز سان دل آشنا وري بہ ڪبي،
اسيرِ زلف ٿيو هيءُ خطا وري بہ ڪبي.

داغ دل داغ جگر،
هجر ۾ ٿيا ديده ور.

ڪئين مهميز ماريا دلربا تلوار ابرو سان،
جو آيو عشق جي مقتل ۾، ان جو سر قلم ٿي ويو.

**محاوره بندي:**

هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ پنهنجا پنهنجا محاورا، اصطلاح ۽ پهاڪا آهن، جيڪي ٻوليءَ جي سونهن ۽ سوڀيا، اشاري ۽ ڪنايي سان ٿوري ۾ گهڻو ڪجهہ سمجهائي ڇڏيندا آهن. ادب ۽ عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ انهن کان ڪافي ڪم ورتو وڃي ٿو. مخدوم محمد امين 'فهيم' جو ڪلام پڻ اهڙي محاوره بندي کان وانجهيل ڪونهي. چند مثال پيش ڪجن ٿا:

ڏينهن راتيون موسمون بدليون، فضا بدلي مگر،
ڪجهہ تفاوت ناهي آيو، تو ۾ ڪو تر جيترو.

ڇو ٿو تيغ و تبر تون ڪم آڻين،
تنهنجي ابرو جو وار ڪافي آ.

آهِ تنهنجي تار ۾ ڦاسي پيس،
عشق جي آزار ۾ ڦاسي پيس.

ماٺ جي ميدان ۾ اهڙو ڪو هنگامو ڪجي،
پرهہ جي باهين اڳيان پرجوش پروانا هجن.

اڄ رات ڏکي گذري اڄ رات چڱي گذري،
دلبر جي اڳيان ساعت هيهات چڱي گذري.

اک پنڻ کان اڳ ٻه آهين منهنجا دلبر مون اڳيان،
هر گهڙي هر وقت ۾ موجود هر هر مون اڳيان.

ٻئي نيڻ جهٽ پٽ ۾ ٿي وينديون فاني،
عجب آهي دنيا عجب زندگاني.

نه ڪنهن تي ڪجئين يار! تون ڀروسو ڪو،
زمانو به فاني، جواني به فاني.

مون ڏي سهڻا منهن ڪري گهورن ڏئي گهائي وڌئي،
دل ڪسي بي دل ڪيئي پوءِ دلربا! مان ڪيئن رهان.

تون پاڻ نڀائيندو اڄجان هو پنهنجي رضا جو مالڪ آ،
تون هار ۽ جيت جو ان سان ڪڏهن وهنوار نه ڪر واپار نه ڪر.

رهيا نه مون سان جدائي ۾ همدم و غمخوار،
سحر ٿي ويئي ستارن وڏو فريب ڏنو.

مون بيقرار کي خالي ڏنائون دلداري،
وري به پنهنجي ئي يارن وڏو فريب ڏنو.

غمن ۾ ڪلندو رهيس پر خوشين رئاري ڇڏيو،
هميشه آهي بهارن وڏو فريب ڏنو.

حياتي ساري بتن جي ئي پيار ۾ گذري،
'فهيم' نقش و نگارن وڏو فريب ڏنو.

هت ڏنل شعرن ۾ فضا جو بدلجڻ، ته جيترو تفاوت، ابرو جو وار، عشق جو آزار، برھ جي باھ، تار ۾ ڦاسڻ، اک پنڻ، جهٽ پٽ، عجب دنيا عجب زندگي، زمانو به فاني جواني به فاني، دل ڪسڻ، بيدل ڪرڻ، وهنوار نه ڪرڻ، واپار نه ڪرڻ، خالي وار ڪرڻ ۽ فريب ڏيڻ جهڙن محاورن، شعر جي معنيٰ ۽ ٻوليءَ جي سونهن کي وڌيڪ اجاگر ڪيو آهي، اها مخدوم امين 'فهيم' جي ٻوليءَ بابت ڄاڻ ۽ زبان داني ليکبي.

**ڪافي جو رنگ:**

مخدوم امين 'فهيم' لکيو ته غزل آهي، پر ڪٿي ڪٿي سندس غزلن ۾ رنگ، ڪافيءَ جو اختيار ڪيو اٿس، مطلب ته هن غزل ۾ ڪافي کي ڇٽڪ ملائي ڇڏيو آهي. هتي هڪ غزل جا شعر مثال طور پيش ڪجن ٿا:

سڄڻ توسان دلڙي ملائي ڇڪس،
اکين کي به توسان اڙائي ڇڪس.
ڏتارين، ڏڪارين مڙئي تنهنجي وس،
مگر توکي پنهنجو بنائي ڇڪس
تون منهنجو ٿئين ڪين سهڻا سڄڻ!

خدا وٽ بہ ڪل زور لائي چڪس
سنڌءِ واٽ تي مان نهاريان پيو
ٻيا پيچرا پنڌ پڄائي چڪس
الف، ميم، بي، نون، جي ٻڌ صدا،
متا جان جنڊڙي جلائي چڪس.

**نظم نمائي:**

مخدوم امين 'فهيم' جا ڪيترا غزل، نظم جو تاثر ڏين ٿا، جهڙوڪ هي غزل ملاحظہ ڪجي:

محفل جو مير مرتبت اعليٰ اچي پيو،
اڄ باادب تي ٻيهو معليٰ اچي پيو،
بيشڪ ٿيا ڀاڳ پنهنجا ڀلارا اچي پيو.
گلشن کي حڪم ٿيو تہ سيئي گل ٽڙي پون،
مولا ڏٺو تہ طالبِ مولا اچي پيو.
ٿي دست بستہءِ سر تسليم خم ڪري،
خادم اوهان جي حڪم تي قبلہ اچي پيو.
گهر منهنجو رشڪِ جنت فردوس ٿو لڳي،
مون وٽ رهڻ لئي طالبِ مولا اچي پيو.
جنت منجهان شراب طهورا کڻي اچو،
اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو.
هي آهي رشڪ ديرو حرم ٿي ويو 'فهيم'،
اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو.

**صنعتون:**

صنعت، شاعريءَ جي سونهن کي وڌيڪ جرڪائي ٿي ڇڏي. اها صنعت جيڪا پاڻمرادو اچي ويندي آهي، سا تہ ڪلام کي جرڪائيندي آهي، پر جيڪا صنعت، خيال ۾ رکي ڪلام ۾ آندي ويندي آهي سا سونهن کي جرڪائي نہ سگهندي، ويتر ڪڏهن ڪڏهن ان کي ڪُجسو ۽ ڀُسو ڪري ڇڏيندي آهي. شاعريءَ ۾ اهڙي اهڙي رَوَش کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هت مخدوم امين 'فهيم' جي چند شعرن جو ذڪر ڪجي ٿو، جن ۾ آيل صنعتن جي ڪري شعر جي معنويت ۾ واڌارو اچي ٿو ۽ شاعريءَ جي لطف ۽ ٻوليءَ جي نزاڪت ۽ سونهن ۾ واڌارو آيو آهي.

**تشبيهہ:**

قيمتي شيءِ فقط محبت آ،
ٻي تہ هر چيز ڄٽڪ رئي آهي.

**استعارو:**

پڇو ڇا ٿا اي يارو پنهنجي گل جو خار آهيان مان،
انهيءَ سان منهن جو ڇا؟ جيڪر ٻين تي بار آهيان مان.

**كنايو:**

ماٽ جي ميدان ۾ اهڙو ڪو هنگامو ڪجي،
برهہ جي باهين اڳيان پر جو پروانا هجن.

**مجازِ مرسل:**

بيوفا دنيا سان ناتو نيٺ مشڪل ٿي ويو،
جنهن ڪي مون آسان ڄاتو نيٺ مشڪل ٿي ويو.

**تجنيس تام:**

هن جهان ۾ 'فهيم' ٿي نہ 'فهيم'،
فهم اڄڪلهہ وڏو ضرور آهي.

**تجنيس لاحق:**

مون ڪي پر مار جي خدمت ۾ پهچڻ لاءِ هڪواري،
پرائي ڄار ۾ ڦاسي پرايو مار ٽيٽو پيو.

**تجنيس حرفي:**

اڃا ان جي اڳيان اي يار ليلائڻ نٿو ڄاڻين،
رنل کي رمز سان ريبي تون ريجهائڻ نٿو ڄاڻين.

**قطار البعرين:**

دار کي منصور بخشي آبرو،
آبرو منصور بخشي دار کي.

**سياقت الاعداد:**

پڄي نوڪ قلم افسوس مان پَٽَ تي ڪري پيئي،
اڃا "ٻاٽي" اکر لکڻا هئم پنهنجي فساني ۾.

**صنعتِ موقوف:**

سڄڻ تنهنجي اها ئي مهرباني آهي ڪافي جو،
تون خود ماري سگهين ٿو ڪنهن کان مارائڻ نٿو ڄاڻين!

**صنعتِ توشيح:**

الف، ميم، يي، نون جي سڻ صدا،
منا جان جندڙي جلائي چڪس.

**صنعتِ ايهام:**

هو مڙني کان مٿاهون آ سنڌ رهبر، امين،
خود خدا جنهن جو ٿيو آهي ثناخوان، غم نہ ڪر.

**صفتِ تضاد:**

وساري تون بہ وينين دلربا! دنيا تہ مٺجي وئي،
"جفا" سڀ ڪنهن ڪئي ڪنهن کان وفا ٿئي ها تہ بهتر هو.

**مراعات النظير:**

امين جو سائين تو رهبر ۽ تون ۽ آسرو پڻ تون،
قدم پنهنجا ڪڍهن وٺ گهمائج يا رسول الله.

**حسن التعليل:**

جت خرد جو ٿيو ڪمال ات عشق ۾ رکيم قدم،
ٿي جڏهن هڪ انتها، ٻي ابتدا حاصل ڪيم.

**صنعتِ سوال و جواب:**

اچي ٿيو تنگ منهنجي شاعرانه عرض ڪان سهڻو،
چيائين: وڃ هتان فوراً! چيم: دلبر خدا حافظ!

**مبالغو:**

گردش ايام کي روڪي ڇڏيو اي دوستو،
فڪر فردا ۾ جڏهن مصروف ستانا هجن.

**صنعتِ تعجب:**

'فهيم' آهي تعجب هن جو مون کي!
اهو ٿي ويو نه هو جيڪي گمان ۾!!

**تجاهل عارفانه:**

تنهن جي هوندي به دل جي ڦٽڪڻ ڪي،
بيقراري، قرار، ڇا چئجي.

**واسوخت:**

محبوب بنا هي روشن راتيون چنڊ ۽ تارا ڪين ڪپن،
جي پيار ڏئي پوءِ ڏار ڪنداسي سهڻا سهارا ڪين ڪپن.

**شهرِ آشوب:**

اسان جي شهر هالا کي پڇائج يا رسول الله،
سيئي مشڪل غريبن تان هٽائج يا رسول الله.

**قافيه پيمائي:**

سنڌ جي هن قادرالڪلام شاعر جي ڪلام ۾ جتي ٻيون انيڪ ادبي خوبيون نظر اچن ٿيون، اتي محض قافيه پيمائي جا به مثال ملن ٿا جيڪا شاعريءَ ۾ بسيار نويسيءَ جي هڪ عام ڳالهه آهي.

مخدوم محمد امين 'فهيم' پنهنجي غزلن ۾، غزل جا جيڪي به لوازمات آهن، انهن کي نهايت سهڻي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن مان غزل جي صنف کي سمجهڻ وارا سنڌس شعرن مان لطف ماڻي ۽ حظ حاصل ڪري سگهندا ۽ ٻيا وري ان جي مٺاڄري معنيٰ ڪڍي پورائو ڪندا.

بهرحال هتي ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته، مخدوم محمد امين 'فهيم' کي سنڌ جي قادر ڪلام غزل گو شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، ڇو ته هُو ان حيثيت جو باالیقين صحيح حقدار به آهي.



مخدوم محمد امين "فهيم" 17 هون سجاده نشين طور دستاربنديءَ دوران



مخدوم محمد امين "فهيم"، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، مخدوم خليق الزمان،
مخدوم نويد الزمان، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم عقيل الزمان، مخدوم جميل الزمان
۽ مخدوم شڪيل الزمان سان گڏ يادگار تصوير



سائين مخدوم محمد امين "فهيم"، مخدوم رفيق الزمان،
مخدوم جميل الزمان ۽ مخدوم خليل الزمان سان گڏ



سائين مخدوم محمد امين "فهيم"، پير پاڳاري شاهه مردان شاهه سان
ملاقات دوران خوشگوار موڊ ۾ مخدوم جميل الزمان پڻ موجود آهن



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" پير پاڳاري پير صبغت الله راشديءَ
سان خير عافيت ڪندي



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" پارليامينٽ هائوس ٻاهران خوشگوار موڊ ۾



شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان، سائين مخدوم محمد امين "فهيم
ڪنهن موضوع تي ويچار ونديندي



شهيد راڻي بينظير ڀٽو سائين مخدوم محمد امين "فهيم
سان صلاح مشورو ڪندي



محترم بلاول ڀٽو زرداري سائين مخدوم محمد امين ”فهيم“
سان سائوٿ سٽي اسپتال ۾ عيادت ڪري رهيو آهي
ساڻس راجا پرويز اشرف پڻ موجود آهي



سائين مخدوم محمد امين ”فهيم“ آصفه ڀٽو، فريال ٽالپر ۽ بختاور ڀٽو سان گڏ



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" پنهنجي مريدن جي
مسئلن کي غور سان ٻڌي رهيا آهن




سائين مخدوم محمد امين "فهيم" اليڪشن ڪميشن آفيس ۾
نامزدگي فارم وصول ڪرائي رهيا آهن
ساڻن راجا پرويز اشرف ۽ محمود خان اچڪزئي ۽ ٻيا پڻ موجود آهن




سائين مخدوم محمد امين "فهيم" قومي اسيمبلي جي
اجلاس دوران پنهنجي ساٿي ميمبر سان گڏ



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" مهمان کي شيلڊ پيش ڪري رهيا آهن
اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه پڻ موجود آهي




ڪراچي: سائين مخدوم محمد امين "فهيم" 18 آڪٽوبر 2007ع ۾
ڪارساز جلسي دوران شهيد راڻي بينظير ڀٽو سان گڏ



راولپنڊي: 27 ڊسمبر 2007ع لياقت باغ ۾ سائين مخدوم محمد امين "فهيم"
محترم شهيد بينظير ڀٽو سان گڏ جلسي دوران



سائين مخدوم محمد امين "فهيم"، شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ورسيءَ دوران،
سيد قائم علي شاهه، محترم آصف علي زرداري، محترمه شيري رحمان
۽ ڊاڪٽر رحمان ملڪ سان گڏ دُعا گهري رهيا آهن



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" پارليامينٽ هائوس
ٻاهران خوشگوار موڊ ۾



سائين مخدوم محمد امين "فهيم"، يوسف رضا گيلاني، قمرالزمان ڪائره
۽ سيد نويد قمرالزمان شاهه سان پريس ڪانفرنس دوران



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" نوابزاده نصرالله خان
۽ راجا ظفر سان خوش خير عافيت ڪندي



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" قاضي حسين احمد
سان خوشگوار موڊ ۾ خير عافيت ڪندي



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" پنهنجي وڏي فرزند
مخدوم جميل الزمان "جميل" سان گڏ



سائين مخدوم محمد امين "فهيم"، پنهنجي وڏي فرزند
مخدوم جميل الزمان "جميل" سان ويچار ونديندي



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" پنهنجي
مريدن سان گڏ دعا گهري رهيا آهن



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" علي اڪبر هنگورجو سان گڏ



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" مريدن کي
زيارت ڪرائڻ لاءِ اچي رهيو آهي



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" پنهنجن مريدن
جا مسئلا ٻڌي رهيا آهن



سائين مخدوم محمد امين "فهيم" کي هڪ بزرگ
پنهنجا مسئلا ٻڌائي رهيو آهي



ٻوڏ دوران سائين مخدوم محمد امين "فهيم" کي معزز شهري
بند بابت تفصيل ٻڌائي رهيا آهن

# پرين پڳهه چوڙيا



محمد عظيم ڪنيار

الله پاڪ، قرآن مجيد ۾ فرمايو: ”تہ جن حق ڳالهہ چئي ۽ ان تي ثابت قدم رهيا، تہ اُهي انسان ڀاڳ وارا آهن.“

نبي آخرالزمان محمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جڏهن دين مڪمل ڪري اصحابن سڳورن کي خطاب فرمايو، تہ سڀئي اصحابي سڳورا سرها ٿيا. مگر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن غمگين ٿي پيا. ڪنهن پڇيو تہ اداس آهيو؟ پاڻ فرمايو تہ: پاڪ پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم جن جنهن ڪم لاءِ آيا، تنهن کي مڪمل ڪري هاڻي موڪلائڻ وارا آهن، انهي ڳالهہ غمگين ڪيو آهي.

غوث الحق مخدوم سرور نوح ؒ جن جي ملفوظات ۾ آيل آهي تہ پاڻ جڏهن هن فاني دنيا مان وصال فرمايائون تہ ان کان اڳين رات سمهڻي نماز پڙهي مسجد شريف جي در ۽ ديوارن ڏي نهاري، فرمايائون:

نہ سي جوڳي جُوءِ ۾، نہ سا سکي چڻہ
ڪاپڙين ڪنواڻہ وڏيءَ ويل پلاڻيا.

هن بيت کي ٻڌي جيڪي ويجها ساٿي هئا، تن محسوس ڪيو تہ اڄ سائين ڪا اونهي ڳالهہ پيا ڪن، ۽ ائين صبح جو اهو اطلاع مليو تہ، ”پرين پڳهہ چوڙيا“.

مخدوم سائين محمد زمان طالب الموليٰ ؒ جن پنهنجي زندگي جي آخري ايامن ۾ اها خواهش ظاهر ڪئي تہ، ٿر جي طرف پنهنجي روح کي ريجهائيجي ۽ پاڻ 1991ع ڌاري، وصال کان ڪجهہ عرصو پهرين عمر ڪوٽ کان ڪوڪرا پار ڏي پرچي جي پٽ تي تشريف فرمايائون، ۽ ڪجهہ ڪلاڪ پاڻ اتي خدائي مناظرن مان لطف اندوز ٿيندا رهيا. انهيءَ ساڳئي تسلسل کي قائم رکندي قبلا سائين مخدوم محمد امين ’فهيم‘ صديقي قريشي عمر ڪوٽ ۽ ٿر ڏانهن سفر لاءِ اُسهيا، 18 گادي نشين حضرت مخدوم غوث الحق نوح سرور ؒ جن پڻ ٿر جي طرف پنهنجي نہ ظاهر ٿيڻ واري تڪليف هوندي بہ سانگهڙ کان ٿيندا عمر ڪوٽ لڳ ڪارڙو چارڻ تشريف ٿيا.

اگر نيائڻ جو درس ڏسڻو هجي، تہ مخدوم سائين جن جي ”پيغام“ ڪتاب ۾ آيل شاعري پڙهجي، جيئن پاڻ جوانيءَ جي عمر ۾ فرمايو، تيئن پوري حياتي انهي عمل جو نمونو رهيا. ڳالهہ ڪن ٿا، صبر جي، تہ انهيءَ صبر جي ڪيفيت ۾ رهن ٿا، وري سندس ”پيغام“ ۾ اهو پيغام شامل رهيو، صبر جي دامن کي نہ داغدار ڪيو. يعني آيت ڪريما تي سئو سيڪڙو عمل ڪندڙ هئا. جڏهن واعدي وفا جي ڳالهہ ٿي چئجي

تہ اتي جيئڻ پنهنجي "پيغام" ۾ فرمايو، ائين انهي تي سئو سيڪڙو عمل ڪري ڏيکاريو. سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن فرمائيندا هئا، اگر ڪو هڪ قدم اڳتي وڌي تہ اسان ڏهہ قدم ان ڏانهن پرينداسين. پاڻ نہ فقط مصروف ترين زندگي بسر ڪيائون پر ان هوندي، پنهنجي جماعت لاءِ گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَ مثل هئا. مهربان، ٻاجهارا، ملنسار ۽ قرب ونڊيندڙ. سندن طبعيت ۾ درياءَ جهڙي رواني ۽ دليري هئي.

رسالہ 'سروريہ' سان محبت جو اندازو انهي ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ پنهنجي فرزند ارجمند مخدوم عقيل سائين جن کي حڪم ڪيو تہ رسالہ سروريہ ۽ لائبريري جو افتتاح ڪرڻ لاءِ پاڻ ويندس.

21- جنوري 2015ع تي پاڻ ادبي لائبريري قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو افتتاح ڪيائون ۽ ان سان لڳ عيدگاهہ جي لاءِ پيڙهہ جو پٿر رکڻ فرمايو ۽ پاڻ مريدن کي هدايت ڪرڻ فرمائي ۽ اتان کان ڪاروڙو سيد ۾ حاجي علي مردان شاهہ وٽ تعزيت لاءِ پهتا، اتي سياسي خطاب ڪرڻ کان پوءِ حاجي فتح راڄڙ ۾ رات ترسيا، صبح جو شڪار جي شوق مان لطف اندوز ٿيا ۽ جماعت کي ديدار ڪرائي ۽ صوفين کان ٿيندا، پنهنجي مريد (خادم رونجهي وٽ تشريف فرما ٿيا) بعد ۾ عمر ڪوٽ ۾ سندن فرزند ارجمند مخدوم عقيل الزمان وٽ تشريف آندائون. عمرڪوٽ جي تاريخي ماڳن ۾ اڪبر اعظم جي جاءِ پيدائش ۽ تنهن کان پوءِ عمر ڪوٽ جي تاريخي قلعي جي ميوزيم ۾ تاريخي قلمي نسخہ، فارسي ۾ آئين اڪبريءَ جو مطالعو ڪيائون ۽ پوءِ ائين پاڻ هي آخري سفر ڪندي ستت ئي پرڏيهہ ۾ علاج لاءِ اُسهيا ۽ ڳچ عرصو پرڏيهہ ۾ علاج جاري رهيو ۽ جنوري کان آڪٽوبر 2015ع تائين لنڊن ۽ دبئي ۾ علاج ڪرائڻ کان پوءِ 26- آڪٽوبر جي رات 3 بجي ايئر بس وسيلي ڪراچي سائوٿ سٽي اسپتال داخل ٿيا ۽ 25 ڏينهن تائين اسپتال ۾ زير علاج رهيا، اتي 25 ڏينهن جي عرصي ۾ پوري سنڌ جا چاهيندڙ، مريد ۽ خاندان وارن سندن حضور ۾ هَڪيا حاضر رهيا ۽ 21- نومبر 2015ع فجر وقت وصال فرمايو.

سندن وڇوڙي تي سنڌ سُڏڪي پئي. روزنامہ اخبار، ٽي.وي جا چئنل ۽ سوشل ميڊيا پنهنجو فرض نڀايو. اخبارن جا ايڊيٽوريل ۽ مين سرخيون پڙهڻ سان اهلِ سنڌ وارن جو جيءُ جهري پيو. سندن ڏک ۽ وڇوڙي جي لهر ساري سنڌ جي ماڻهن ۾ ورهائجي وئي ۽ ساري سنڌ هالا شريف جو رخ ڪيو ۽ پنهنجي مخلص مرشد کي پيئَا پيش ڪرڻ لاءِ سرور نوح رحمة الله عليه جن جي شهر ۾ صبح کان ئي قافلن جي صورت ۾ پهچڻ لڳا.

آخري رسمن ۾ نماز جنازه کان پوءِ، تدفين ۽ پوءِ دعا خير، کان پوءِ پٽر تي سندن خاندان سان تعزيت جو سلسلو جاري رهيو. هن ڏکئي وقت ۾ جتي سروري جماعت جي مخدوم ۽ سياست جي امانت دار (امين) سخن ۽ شاعري ۾ 'فهيم'. جن جي جدائي جيءُ جهوري ڇڏيو. قبلہ سائين مخدوم ظهيرالدين المعروف مخدوم جميل الزمان سائين 19 هان گادي نشين درگاهہ عاليہ غوث الحق مخدوم سرور نوحؒ جن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. بارگاهہ الاهي ۾ دعا آهي تہ هن وڏي سانحي کي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ حضرت مخدوم امين 'فهيم' کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي.

سروري گادي جي جانشين لاءِ جماعت جي مختلف خليفن ۽ سرور سائين جي سڀني درگاهن جي سجاده نشينن متفق ٿي نئين سجاده نشين لاءِ حضرت سيد قبلہ مخدوم ظهير الدين المعروف جميل الزمان سائين جن کي 24 ٻهرن پڃاٽان 19 هون گادي نشين درگاهہ عاليہ حضرت غوث الحق سرور نوحؒ اويسي طريقہ پيري مرشدي جي مسند تي فائز ڪيائون. سندن

موجودگي ساري سروري جماعت لاءِ وڏي وٿ آهي. الله پاڪ سندن ۽ سروري جماعت کي روز روشن جيان عيان رکي.

يا خدا، مون لاءِ هن کي ڪجهه سچائي ڏين ته ها،
سنگدل کي اي ڏٿي دل ۾ صفائي ڏين ته ها.

ٿوه سهڻو آ گهڻو ٿي، پر ڪسارو ۽ ڪڙو،
حسن وارن کي ٻه ڪا منهن ۾ مٺائي ڏين ته ها.

سڀ ڇڏي ساٿي ويا، ڪنهن کي ٻڌايان حالِ دل،
مون کي هڪڙو هن جهان ۾ حال ڀائي ڏين ته ها.

مرگُو انگريزي پڙهائي تو ڪيو ٿس ترش رُو،
هن کي اي استاد ڪجهه درس وفا، ٿي ڏين ته ها.

آخري دم پڻ نه ڇڏيئي، حيف توکي دردِ دل،
اُن جي هڪ نالي ونڻ جي واندڪائي ڏين ته ها.

هن کي جذباتِ محبت جو ٿئي احساس ڪيئن؟،
دلربا کي ڪجهه نه ڪجهه دردِ جدائي ڏين ته ها.

منهنجي هن تاريڪ دنيا کي خدا ڪارڻ ”امين“!
اج جمالِ حسن سان ڪجهه روشنائي ڏين ته ها.

(مخدوم امين فهيم)

## غزل

داغ دل داغ جگر
هجر ۾ ٿيا ديده ور

نازنين! تنهنجي نظر
مست ڪُن ۽ با خبر

حالِ دل، حالِ جگر
مان ڪيان ڪنهن سان مگر

نالئہ وقتِ سحر
شل نہ ٿي سو بي اثر

يار جو تيرِ نظر
تيز تر کان تيز تر

مخدوم محمد امين ’فهيم‘

12، اپريل 1960ع
11:10 رات
ليٽن روڊ ڪوئيٽا

# مخدوم امين ’فهيم‘ جو لاڏاڻو

## عابده اشرف هالاڻي

سائين قبلا مخدوم امين ’فهيم‘ اڄ جنهن هستيءَ جو نالو، ڪٿندي اکڙيون پرجيون ٿي پون، دل اندر ڄڻ ڪو طوفان شروع ٿيو وڃي، اهڙي هستي آهي: منهنجي مرشد سائين جي.

تـــون اڻ لـــبهه مـاڻـــڪ موتي،
مان وچ سِير سمنڊ جي،
پروڙي ته ڪيئن پروڙي ”اشرف“،
هـــئـــي ڳجهه الله جـــو.

مون کي ياد آهي اڄ به اها گهڙي، جڏهن پهريون دفعو مون ڏاڏا سائين جي کي sms ڪيو هو، 8-9-2009ع تي ڏاڏا سائين، السلام عليڪم! سائين آءٌ اوهان سان منٽ ڳالهائڻ ٿي چاهيان. ٻي ڏينهن ڏاڏا سائين جن خود مون کي فون ڪئي ته: بابا ڇا مسئلو آهي. منهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا. موبائل کي قابو ۾ رکندي، لفظ ڳالهائڻ ۾ سات نه ڏئي رهيا هئا، ته هيڏي وڏي هستي، منهنجي sms تي مون کي فون ڪئي آهي.

پاڻ ڳالهائڻ ۾ ايترا ته مهربان ۽ شفيق هئا جو منهنجا سڀ سور، درد ٻڌڻ کان پوءِ چيائون: ته اوهان پنهنجا ڪاغذات ٽي سي ايس ڪريو، اوهان جو ڪم ٿي ويندو. ان وقت منهنجي خوشيءَ جي انتها نه رهي ۽ جڏهن مون چيو ڏاڏا سائين منهنجو گهر وارو به بيروزگار آهي ۽ نه مون کي ڪا نوڪري آهي، مهرباني ڪري مون کي نوڪري ڏيو، ته ايڏي قرب

عزت سان فرمايائون: بابا اوهان پنهنجا ڪاغذ جمع ڪرايو، اوهان اسان جا ٻچا آهيو، جيتوڻيڪ هنن کي اها به خبر نه هئي آءٌ ڪير آهيان، ڪنهن جو اولاد آهيان، بس اها خبر هئي ته هالا جي آهيان ۽ آهيان به اوهان جي مريدياڻي.

اوهان جي نظر جي سامهون اچڻ لاءِ،
ڪيڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آ،
پر اوهان جي لاءِ ڪنهن جي دل ۾،
گهر ڪرڻ ۾ لمحن جي دير هوندي آ.

ان کان پوءِ گهڻائي دفعا سائين جن سان ڳالهائڻ جي سعادت نصيب ٿي، مون کي ياد آهي منهنجي ڪم ٿيڻ ۾ ڪجهه ٽائيم لڳو، هڪ دفعو مون نمبر هٿ ڪري پارليامينٽ هائوس ۾ اجلاس جي دوران ڪين فون ڪئي. 5 منٽ هولڊ ڪرڻ کان پوءِ سائين رابطي ۾ آيا، پر حيرانيءَ جي ڳالهه اها آهي ته مون کي دٻ هو ته ڏاڏا سائين مون کي دڙڪا نه ڏين. هٿ فون ڪرڻ جي کهڙي ضرورت هئي، پر پاڻ انتهائي آرام سان پهريان حال پڇيائون: بابا ڇا آهي؟ اوهان جو ڪم پراسيس ۾ آهي، ٿي ويندو، پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي، الله پاڪ ڀلو ڪندو. انهن جو آواز ٻڌي دل کي ڄڻ راحت ملي ويندي هئي، هيڏي وڏي هستي ۽ مون کي هيتري عزت ڏيڻ.

فقيرن پنيان فقيـــر در تنهنجي آڏو سوالي،
نه ڪو خالي هٿي موٽيو در تنهنجي آڏو سوالي،
آ ٻـــڪ پـــيـــٽ ۾، نــــه آ ڪپـــڙو تن تي،
اچو در جهليو فهيم جو اي مريد هالاڻي،
آهي بيروزگاري، گهر ۾ آهي اونده ڪاري،
بس هڪ ڏيو ٿو ٻري اوهان جي نانءَ جي اي امين سائين.

ان کان پوءِ جڏهن نوڪري ملڻ جو ٽائيم اڳيان هو ته پاڻ سائين جن سنڌن ماڻهن کان فون ڪرايائون ته قبلا سائين جن فرمايو آهي ته: اوهان کي ڪهڙي نوڪري گهرجي. مون وراڻيو ته ڏاڏا سائين جن کي چئو ته اوهان منهنجي لاءِ جيڪو به ڪندئو بهتر ڪندئو، جيڪا اوهان جي مرضي. هر دفعي منهنجو اهوئي جواب رهيو.

نوڪري ملڻ کان پوءِ مون فون ڪري شڪريو بجا آندو ته پاڻ فرمايائون: بابا اهو اسان جو فرض هو، ٿورو نه ڪيو آهي، بس پنهنجن ٻچن سان خوش رهو ۽ دعا ڪريو.

پاڻ تمام گهٽ لفظ ڳالهائيندا هئا پر جيڪو به ڳالهائيندا هئا ته سامهون واري ماڻهو کي لاجواب ڪري ڇڏيندا هئا.

جڏهن هالا ۾ ٻوڏ اچڻ واري هئي ته شهر واسين لڏ پلاڻ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي، جڏهن مون فون ڪري عرض ڪيو، ته ڏاڏا سائين ماڻهو سڀ لڏين پيا، هالا ۾ ٻوڏ پئي اچي، تڏهن پاڻ فرمايائون: پٽ ڪيڏانهن به وڃڻ جي ضرورت نه آهي جيڪي ماڻهو وڃن پيا، انهن کي به روڪيو، جيستائين آءٌ اچان، ڪيڏانهن به نه وڃو، الله پاڪ تي ڀروسو رکو.

هڪ ڏينهن گفتگو جي دوران مون عرض ڪيو ته ڏاڏا سائين منهنجي دل چوي ٿي ته آءٌ اوهان کي هڪ وڳو گفٽ ڪريان، اگر اوهان کي پسند نه اچي ته ڀلي ڪنهن ٻي کي ڏجو پر مون کان وٺو، تڏهن پاڻ کي کل اچي وئي ۽ فرمايائون: بابا اوهان جي مرضي ۽ گفٽ ملڻ کان پوءِ وري رابطي کان پوءِ پڇيو ته پاڻ فرمايائون: "امان مون اوهان جو ڏنل وڳو پاتو آهي."

ان تي منهنجي اکڙين ۾ لڙڪ لڙي آيا ۽ ڳالهائڻ روڪ ٿارڪو ٿي ويو. سائينءَ جن فرمايو ته: بابا مون ته اوهان جي گفت پاتي آهي پوءِ ڇو ٿا روئو. مون چيو سائين ڪٿي اوهان ۽ ڇا منهنجي اوقات. پاڻ فرمايائون: "بابا سڀ ان مالڪ جا بندا آهيون، اسان سڀ هڪجهڙا خلقيل آهيون."

لڳي ٿو لکن ۾ پنهنجو امين سائين،
غريبن جو هيو يار امين سائين،
نه هٺ وڏائي، نه اوج تي تابه
تنهنجو منهنجو مان هيو امين سائين.

اوهان جي فقيري موهي،
9 لکي گوڏڙي غلام تنهنجي امين سائين،
لکين ڪونتر ڇٽيا سنڌ جي مائرن،
پر ڏسجي نه ٿو ڪو اوهان جهڙو امين سائين،
ڇا اوهان جي سادگي اي امين سائين،
شرف جي نظر مٿي ڪجهي نه ٿي،
اهڙو تجلو تنهنجو امين سائين.

سال 2014ع ۾ جڏهن سنڌن طبعيت ناساز هئي، پاڻ ٻڌايو هئن ته ڪافي تڪليف ۾ آهن، پر وطن ورڻ کان پوءِ جڏهن پاڻ کان طبعيت پڇيم ته ائين جواب ڏنائون جيئن هڪ والد پنهنجي اولاد کي ريجهائي رهيو هجي، پاڻ فرمايائون: بابا آءٌ هاڻ ڪافي حد تائين بهتر آهيان، کاوان پيو، پيان پيو، ٽيسٽون به نارمل آيون آهن، گهمان ڦران پيو، ڪير به پريشان نه ٿئي، فڪر نه ڪريو. ان مهل ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ سائين پنهنجي ٻچن کي دلاسو ڏئي رهيا آهن ته مون کي ڪجهه به نه ٿيو آهي.

اوهان تي گذري جيڪا
نه ذڪر ڪيو ڪنهن سان
روح سان ڪيو روح جون ريهاڻيون
نه اهي سور سلهڙئي ڪنهن سان

پاڻ باڪمال شخصيت جا مالڪ هئا، هر امير غريب لاءِ وڏو ڏڍ هئا، جيڪو به گهر کان رسندو هو، اهو وڃي سنڌن دور جهليندو هو، ان يقين سان گڏ ته هتان نااميدي نه ملندي، اهڙي ٻي به هڪ ۽ دوست آهي جن ٻڌايو ته اسان ڏاڏا سائين جن کي عرض ڪيو، انهن اسان جي تڪليف ٻڌي اسان کي سرڪاري نوڪري ڏني.

پاڻ ڪافي ٽائيم علاج جي لاءِ لنڊن آيل هئا، سنڌن مريد انهن کي زيارت لاءِ ڏاڍا جتن ڪندا هئا، جڏهن مون ٻيريون دفعو سائين جن کي لنڊن فون ڪئي ته پاڻ حيران ٿي ويا ۽ کلڻ لڳا.

بابا هت بہ نہ ڇڏيوَ.

پوءِ پڇيائون: طبعيت ڪيئن آهي، بابا خوش آهيو. مون کي ايڏي حيراني ٿي تہ لنبن ۾ فون تي منهنجو آواز بہ هنن سڃاتو ۽ ايتري عزت ڏنائون.

وس نہ هلي ٻي وس جو،
آ ڪيڏو نہ مجبور انسان،
سڀ شيءِ جي ڄاڻ رکندي بہ،
خطائون ڪيڏيون ٿو ڪري انسان،
نهيو مٽيءَ مان آهي، وڃڻو مٽيءَ ۾ آهي،
تہ بہ هٺ وڏائي ڪيڏي ٿو ڪري انسان،
اوهان هئائو الاهي ڪهڙي مٽيءَ جي هستي،
تخت تي ويهندي بہ رهيائو فقير تن انسان،
اهو سوچيندي پيرن تي وهي ٿي رهي ”شرف“،
ڇا گلن جي خوشبو مان نهيو هيو ”اهو انسان“.

مون هڪ دفعو sms ۾ چيو: ڏاڏا سائين اوهان سان رابطي ۾ رهي دل کي سڪون ٿو ملي، اسان اوهان کا بنا يتيم آهيون، اوهان جهڙو ڪو بہ نہ آهي. پاڻ ان مهل لنبن مان فوراً فون ڪيائون ۽ فرمايائون: امان دل نہ لاهہ آءٌ موٽي ايندس.

اوهان چيو هيو سائين،
آءٌ موٽي اچي ملندس،
جي حياتي وفا ڪئي،
تہ وري مرڪي ملندس،
جي ٿي پڄاڻي امين جي،
تہ ڪتاب جي هر لفظ ۾ ملندس،
اوهان چيو هو تہ سائين موٽي ملندس.

ڏٺو وڃي تہ دنيا ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن جيڪي ايترو بلند هوندي بہ ڪنهن غريب کي عزت ڏين. ايترو مصروف هوندي بہ پنهنجن مريدن، عام ماڻهن کي ٽائيم ڏيندا هئا ۽ ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيندا هئا. صرف هڪ دفعو مون هنن کي ڪاوڙ ۾ ڏٺو جڏهن مون عرض ڪيو بابا سائين اوهان جا فلاڻا فرزند ڪم نہ ٿا ڪن، ستائي ستائي ٿڪجي پئي آهيان، پر منهنجو ڪم اجا نہ ٿا ڪن. تڏهن پاڻ ناراض ٿي ويا، ان وقت سندن آواز ۾ ڏک جي جهلڪ اچي رهي هئي، ان ٽائيم تي مون کي محسوس ٿيو تہ بابا سائين پنهنجن مريدن لاءِ پنهنجي اولاد کي بہ ڇڏي ٿا ڏين.

اي موج صبا تون ئي ٻڌائي ڪٿي،
اهي ماڻهو ڪيڏانهن هليا ويا،
جن کي ڏسڻ سان نيڻ ٺرندا هئا،
جن کي ٻڌڻ سان راحت ملندي هئي،
جن جي موجودگيءَ سان سرهاڻ لڳندي هئي،
اي موج صبا توئي ٻڌائي ڪٿي،
اي پڳدار ڪيڏانهن ويا،
اي غمگسار ڪيڏانهن ويا،
اهي منٺار ڪيڏانهن ويا.

پاڻ ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ڪرائيندا هئا تہ پاڻ ڪيڏي تڪليف ۾ گذري رهيا آهن. جڏهن پاڻ ٽي.وي تي ايندا هئا تہ هالا شهر جون پوڙهيون، پڪيون، ننڍيون، وڏيون عورتون پنهنجي گهر جا ڪم ڪار ڇڏي اچي ٽي.وي تي ويهنديون هيون تہ ڏاڏا سائينءَ جن ٽي.وي تي آيا آهن، هر دل ۾ رهڻ وارا انسان هئا جڏهن اها خبر پئي تہ سندن حالت صفا نازڪ ٿي وئي آهي تہ ڪا اک اهڙي نہ هئي جنهن جا لڙڪ نہ ڪريا هجن، سوين ماڻهو اهڙا هئا جن جي گهر ۾ سڄو ڏينهن ماني کائڻ ياد نہ هئي، لکين هٿ سندن ڊگهي ڄمار جي دعائن لاءِ کنيا ويا، پاڻ اهڙو پيارو انسان هو.

تعلق مختصر صحيح، پر سٺو رهيو،
اوهان سان گفتگو وارو لمحو سٺو رهيو،
سکيو ٻن لفظن ۾ زندگيءَ جو مقصد،
اوهان کان ٻڌايل انهن اکرن جو احساس سٺو رهيو،
زندگي جي ڪتاب ۾ صرف اهو لکي،
سگهياسين اشرف،
مضبوط هستي سان ناتو ڏاڍو ڪمزور رهيو،
اسين اوهان جا، اوهين اسان جا،
فلسفو اهو سٺو لڳو،
اوهين ويائو هلي،
اسين رهياسين اڪيلا،
ڏک اهو سٺو دل کي لڳو.

اڄ جڏهن سائين جن جي باري ۾ لکڻ ويٺي آهيان ته ايترا لفظ نه لکيا آهن، جيترا لڙڪ وهيا آهن، هاڻ جڏهن منهنجو 5 سالن جو ننڍڙو پٽ چوي ٿو ته امي هاڻ پاڻ اسلام آباد نه هلنداسين، هاڻ ڏاڏا سائين ته آهن ڪونه، هاڻ ڪنهن وٽ هلنداسين، تڏهن اندر جهڙو ڏريو وڃي ته منهنجي ننڍڙي معصوم ٻچڙي کي به منهنجي مرشد سان هيتري محبت آهي.

نه اسان ڪي اديب آهيون، نه ڪي شاعر آهيون، پر ڏاڏا سائينءَ جي قرب، محبت، مان اسان کي به لکڻ سيکاري ڇڏيو، جڏهن به پنهنجي منهن ويهون ٿا، انهن جي ياد ڪجهه نه ڪجهه لکڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿي.

ڪٿي جي حياتي مون سان وفا،
تنهنجو نانءُ ڪٿي لبن تي،
ملڪان ملڪان ڏوريندس،
اوهان جهڙو مرشد ملين ڪو ڪرڙون ۾،
مل ڏيئي جي روشني ۾ هر گهٽي اورانگهيندس،
متان ملي ڪٿي اوهان جي چپر چانو،
اهڙو مٽيءَ جو ذرو مان ڳولهيندس،
وساري نه وسري سگهندي،
اي امين سائين،
مان در در تنهنجي شهر جو واجهائيندس،
روح نه ٿو ريجهي "شريف" جو هاڻ،
مان ڪيئن اوهان بنا گهاريندس.

منهنجي 9 سالن جي نياڻي اڄ به مون کي ڏسي اهو سوال ٿي ڪري ته امي چا ڏاڏا سائين هاڻ ڪڏهن به واپس نه ايندا، پوءِ اهي توهان مون سان ڪوڙو واعدو ڪيو ته آءٌ اوهان کي سائين جن سان ملائيندس ته چا امي هاڻ آءٌ ڪڏهن به ڏاڏا سائين جن سان نه ملي سگهنديس ۽ جواب ۾ منهنجي خاموشي منهنجي نياڻي کي به خاموش ڪرايو ڇڏي.

اڄ وري نانءُ اوهان جو لبن تي آيو،
اڄ وري ياد اوهان جي موٽي آئي،
ٻڌايو هو سڄڻ امين سائين هليو ويو،
ان مهل جڻ ڪا اونداهه ڪاري هئي،
جڻ ڪا ٿي قيامت برپا هئي،
اڄ وري نانءُ اوهان جو لبن تي آيو،
اڄ وري ياد اوهان جي موٽي آئي،
هڪ جبل جڻ سيني تي ڪري پيو،
جنهن مهل مون ٻڌو اهو،
ڪنن تي جڻ تاڙي پئجي وئي،
جنهن مهل ٻڌو مون اهو،
اڄ منهنجو غمگسار هليو ويو،
اڄ منهنجو مرشد هليو ويو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي جڏهن مون ڪانئن سوال ڪيو: بابا سائين اوهان کي ڪيئن ٿو تائيم ملي، سڀني ماڻهن کي ٻڌڻ جو ۽ وري انهن جا مسئلا ائين حل ڪرڻ جو. پاڻ فرمايائون: بابا هيءُ جيڪو وقت آهي نه اهو وڏو استاد آهي ۽ هيءُ جيڪا پڳ پوشي آهي نه، اها انسان جي طبعيت ۾ فقيري، رحم، محبت ڪٽيو ڇڏي، منهنجن پٽن کان ڪافي ماڻهن کي شڪايت رهندي آهي، پر مون کان پوءِ اهي سڀ اوهان کي مون جهڙا نظر ايندا. ڏاڏا سائين جن جي شخصيت جي باري ۾ جيترو لکجي، اهو گهٽ آهي.

انهن جي فقيريءَ جو هڪ ثبوت اهو به آهي، ته جڏهن هالا ۾ ٻوڏ جا امڪان هئا ۽ رمضان شريف جي مهيني ۾ پاڻ بند تي بيٺل هئا ته اتي جي هڪ عورت ٻڌائي ٿي ته ڏاڏا سائين جن مون کي سامهون ڏٺو ۽ فرمايائون ادي روزي رکڻ لاءِ ماني جو ٽڪر هوندو اوهان وٽ ته ان عورت وراڻيو: سائين ماني ته آءٌ اوهان کي پچائي ٿي ڏيان پر ڪير نه آهي جو چانهه ناهيان، پاڻ فرمايائون: سليماني چانهه سان، ان عورت کان پيالو وٺي چانهه ماني کائي روزو رکيائون ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ان ئي عورت کي 500 روپيا خرچي ڏياري موڪليائون، سائين ڪنهن جو به ٿورو نه کڻندا هئا، بس قدم قدم مهربانيون ڪندا ويندا هئا.

نئون ڏک اندر کي ڏياري هليو ويو
هڪ درد وري جاڳائي هليو ويو
هئن حسن اخلاق اهڙو سندن

جيئارا جڻ ماريندي هليو ويو
نہ آهي شرف هن جرم ۾ اڪيلو
قرب جا پاڻ سب ڪجهہ اهڙا ڏياري هليو ويو
نہ ڪو موٽيو آ نہ موٽندو وري
يادگيرن جا احساس ڪجهہ اهڙا ڏياري هليو ويو
وڇوڙو سندن آهي هر روح لاءِ ڄڻ هڪ زخم
اهڙو پيارو جو ناتو هو ڪنهن سان نڀائي هليو ويو
اوهان بنا ڪيئن سرندي، سمجهہ اچي ٿي نہ
لڙڪ لڙڪ پنيان لڙڪ وهي ٿو
اهو راز پروڙجي ٿي نہ ٿو
اوهان جا هٿائون، نہ ڄاتو ڪنهن ٻي
اندر مان نڪرندي رينهن جهلجي نہ ٿي
اوهان تہ وياٿو پنهنجو وقت نڀائي
اي امين فهيم منهنجي تہ تو بن سري ئي نہ ٿي
جا هيري ماڻڪ هستي هئين
دنيا هي راز سمجهي نہ سگهي
جا ڪري هي ٻي وس "اشرف" هاڻ
جنهن جي لڙڪن جي قار جهلجي نہ ٿي.

اسان اها ئي دعا ڪنداسين تہ رب پاڪ پنهنجي محبوب جي صدقي، سائينءَ جن کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي جن جي هجڻ سان ڪيترن ئي گهرن جا ڏيئا ٻرڻ لڳا، رب پاڪ ڪين ائين روشن گهر عطا فرمائي ۽ الله پاڪ اسان غريبن ۽ يتيمن جي دعائن سان سندن ڪبيرا، صغيرا گناهہ معاف ڪري ۽ ان سان گڏ اسان اها بہ دعا ڪنداسين تہ رب پاڪ جميل سائين جن کي ڏاڏا سائين جن جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين.

◙

**غزل**

**چا عشق آهي شڪوه شڪايت جي واسطي،**
**منهنجي بہ آهي ماڻ عدالت جي واسطي.**
**ابرو جي سيف ساڻ ڪندس اڄ مقابلو،**
**هر دم تيار آهيان شهادت جي واسطي.**
**هڪ پل ۾ ئي رقيب جي چڏيان ڳچي پني،**
**پر ترسيو آهيان تنهنجي اجازت جي واسطي.**
**گلشن ۾ خوب بادِ صبا ٿي گهمي مگر،**
**بادِ خزان بہ آئي بغاوت جي واسطي.**
**غم، درد، سوز، رنج و الم بيقرار دل،**
**ڪافي ثمر آ، روزِ قيامت جي واسطي.**
**هن ذي نياز نامہ ڪٽي اڄ لڪان مگر،**
**آٽيان ڪٿان مان لفظ عبارت جي واسطي.**
**تعريفِ حسن آهي عبادت سچي پچي،**
**انسان ٿيو آ پيدا عبادت جي واسطي.**
**اڄ تشنہ لب کي جامِ محبّت پيار تون،**
**آهيان اميدوار عنايت جي واسطي.**
**مَهندار مدني مير محمّد ﷺ، امين کي،**
**هر دم رهي ٿو شوق زيارت جي واسطي.**
**سمجهي امين توکي ڏنم پنهنجي دل ڪٽي،**
**عزت اها ئي آهي امانت جي واسطي.**
**پرده نشين کي چئجو محمّد امين روز،**
**آيو ٿي صبح و شام زيارت جي واسطي.**
(مخدوم محمد امين 'فهيم')

17، آگسٽ 1954ع
هالا

◙

# ٽيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو

الله بچايو ميمڻ

اڄ ننڍي کنڊ بلڪ ايشيا جي رهواسي لاءِ هڪ وڏي ۽ ڏکدائڪ خبر لکين ماڻهن جو جيءُ جهوري وڌو آهي. هزارين اکيون آليون آهن ۽ محبت، ميناج، انسان دوست، ڏک سک ۾ ڇپر ۽ ڇانوَ ڏيندڙ، علم پرور سروري خاندان جي اهم شخصيت، سروري جماعت جي روحاني پيشوا ۽ ملڪ جي وڏي سياسي پارٽي، پاڪستان پيپلز پارٽي (پارليامينٽيرين) جو صدر مخدوم محمد امين 'فهيم' هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي.

انسان خاڪ جو پتلو آهي ۽ هڪ نه هڪ ڏينهن ان مٽيءَ جي مانڊاڻ جو انت اچڻو آهي. اڄ کان 76 ورهيه اڳ سنڌ جي عظيم شاعر، عالم، اديب ۽ سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کي پهريون فرزند ارجمند پيدا ٿيو، جنهن جو نالو مخدوم محمد امين رکيو ويو. سروري خاندان ۾ اڳ به ڪجهه بزرگ محمد امين جي نالي سان گذري چڪا آهن. جهڙوڪ محمد امين پڪن ڌڻي وغيره.

مخدوم محمد امين علم و ادب جو شوقين ۽ شاعريءَ سان چاهه رکندڙ انسان هو. سندس تخلص "فهيم" هو. پنهنجي والد مخدوم طالب المولىٰ جي زير تربيت رهي، هُن خانداني طور طريقن ۽ ريتن رسمن کان وڏي ڄاڻ حاصل ڪئي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس گهڻو پائيندو هو ۽ سندس مستقل مزاجي، بردباري، سچائي ۽ پرعزم ارادن کي ساراهيندو هو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو به سندس وفاداريءَ ۽ مشاورتي ذهن کي پسند ڪندي هئي ۽ هُو بي بيءَ جي قابلِ اعتماد سائين مان هڪ هو. ايستائين جو ڪيس ٽي چار ڀيرا اهم عهدن ۽ ذميوارين جي آڇ ڪئي وئي، پر هن پارٽيءَ جي مفاد ۾ اهي آڇون رد ڪري ڇڏيون. هُن جنرل پرويز مشرف (اڳوڻو صدر) پاران وزيراعظم جي عهدي لاءِ ڏنل آڇ کي به ٺڪرائي ڇڏيو، جيتوڻيڪ جنرل پرويز مشرف سندس دوستن مان هو. هڪڙو واقعو ٻڌايان:

"ميان محمد نواز شريف جڏهن پهريون ڀيرو وزيراعظم ٿيو ته ان وقت ڄام صادق علي سنڌ جو وزيراعلىٰ هو، ڄام صاحب وزيراعظم پاڪستان نواز شريف کي راضي ڪيو ته مخدوم طالب المولىٰ هڪ شريف النفس، سادو ۽ نرم طبعيت انسان آهي، ان کي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏبي ته هو ها ڪري وجهندو، جنهن سان سنڌ ۾ نواز ليگ کي مضبوط ٻڌائي سگهجي ٿو. ميان صاحب راضي ٿي ويو ۽ مخدوم صاحب جي عيادت، طبعيت پڇڻ ۽ چانهه پيئڻ لاءِ ڄام صادق علي وقت ورتو. پروگرام طئه ٿيو ۽ ميان صاحب، وزيراعلىٰ سنڌ ڄام صادق عليءَ سان گڏ ڀٽ شاهه هيلي پيڊ تي لٿو ته مخدوم خليق الزمان ۽ انتظاميا سندن آجيان ڪئي. مخدوم هائوس پهچي وزيراعظم، مخدوم صاحب جي عيادت ڪئي ۽ ڪيس پيپلز پارٽي ڇڏي مسلم ليگ نواز ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. مخدوم صاحب

سوچڻ لاءِ وقت گهريو.

ڪجهه وقت کان پوءِ ڄام صاحب مخدوم طالب المولىٰ کان رضامندي پڇي تہ وزيراعظم صاحب اچڻ چاهين ٿا. هڪ ٻہ ڀيرا تہ مخدوم طالب المولىٰ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان معذرت ڪئي پر نيٺ ڄام صاحب، ملاقات جو پروگرام زبردستي رکرايو. ميان صاحب هالا پهتو ۽ مخدوم صاحب جي آجيان طالب المولىٰ جي فرزندن ۽ خليفن ڪئي، پڇا تي معلوم ٿيو تہ مخدوم صاحب (طالب المولىٰ) جي طبعيت ناساز آهي، ان ڪري ملي ڪونہ سگهندا. وزيراعظم نواز شريف ۽ ڄام صادق علي واپس روانا ٿيا. وزيراعليٰ سنڌ ڄام صادق علي رات جو فون ڪري سلام دعا ڪئي ۽ ڪين ميان صاحب جو پيغام ٻڌايو. مخدوم طالب المولىٰ ڄام صاحب کي چيو تہ:

"ڄام صاحب، توهان کي اسان جي اصولن ۽ سياسي وفاداريءَ جي پليءَ پٽ پروڙ آهي، اسان ذوالفقار علي ڀُٽي سان وفاداريءَ جو عهد ڪيو هو، سو هاڻي اسان وچئين (عصر) تي روزو ڪونہ ڀڃنداسين."

مخدوم امين 'فهيم' بہ وفا ۽ سچائيءَ جو پيڪر هو ۽ هُن پيپلز پارٽيءَ لاءِ وڏيون قربانيون ڏيون، خاص طور تي شهيد بينظير ڀٽو جي جلاوطنيءَ واري دور ۾ مخدوم امين 'فهيم' پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي ۽ هر ڏکئي وقت ۾ پارٽيءَ کي احسن طريقي سان سنڀاليو.

مخدوم امين 'فهيم' جي حياتي، خدمتن ۽ ڪردار تي هڪ جامع ۽ مفصل مضمون لکندس، جنهن ۾ خاص طور تي وزارت مواصلات، ريلوي ۽ شپنگ واري دور ۾ بطور پي.آر.او ٽو منسٽر ڪميونيڪيشنز احوال کان آگاهہ ڪندس. مخدوم امين 'فهيم' جهڙيون شخصيتون صدين ۾ پيدا ٿينديون آهن. الله تعاليٰ ڪين جنت الفردوس ۾ جايون عطا ڪري. (آمين).

⊡

## غزل

**سنگِ در تي گذارڻو آهي،**
**پنهنجي دل کي ڏتارڻو آهي.**

**عشق پنهنجو اجارڻو آهي،**
**وعدهء وصل پارڻو آهي.**

**ڪشتي ساحل تي ڪنهن طرح نہ رسي،**
**اهڙو طوفان اٿارڻو آهي.**

**جو نٿو روبرو ڪرين وعدا،**
**توکي شايد وسارڻو آهي.**

**جيئڻ بہ گذريو گذاربو رهبو،**
**وقت آخر گذارڻو آهي.**

**جو نہ دنيا جو ذرو ذرو ڏسون،**
**نور آهي نهارڻو آهي.**

**پهرين ساقي پيار واعظ کي،**
**سر تان آفت کي ٽارڻو آهي.**

**وعده' وصل منهنجا ماه جبين،**
**پار اڄ ٿيءِ جي پارڻو آهي.**

**ان جوئي تي گذاربو اي "فهيم"،**
**پنهنجو وعدو تہ پارڻو آهي.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

1960ع



# سنڌ جي وفا شعار هستي
# مخدوم محمد امين ’فهيم‘

عبدالقادر قادري کٽي

حضرت شاهه عنايت رضوي نصرپوريؒ، جي 12 گادي نشين قبلا سيد علي نواز شاهه رضويءَ کي پڳ ٻڌائڻ جي رسم واري تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آءٌ قبلا سائين سيد اسد علي شاهه قائم مقام گادي نشين درگاهه حضرت شاهه ڪريم رحه بلڙي ۽ گادي نشين حضرت سخي شاهه محمد شاهه جيلاني (لڳ ميرپوربٺورو)، پير سائين قلندر بخش شاهه المعروف پير ابو شاهه جيلانيءَ سان گڏ شاهپور رضويه (ٽنڊوالهيار-ٽنڊو آدم روڊ تي 4 ڪلوميٽر) پهتو هئس. وڏو اجتماع هو. حضرت ميين شاهه عنايت رضوي رحه المعروف ميون عنات، رضوي شاهه پوٽا خاندان جو جدِ اعليٰ، هئا. لڪين مريدن جا مُرشد، ڪيترا مريد ۽ شاهه پوٽا خاندان جا فرد ته موجود هئا، پر سنڌ جي گهڻو ڪري سمورين درگاهن جا جانشين ۽ گادي نشين به موجود هئا، پر منهنجون اکيون ان صورت جي ديدار لاءِ آتيون هيون، جنهن جي وفا جي واڪاڻ تاريخ جو هڪ حصو آهي. جنهن جي نوَ لکي گودڙي ۾ شامل نه رڳو اڻ ڳڻيا مريد ۽ معتقد هئا، پر پيڙهين کان وٺي شعر و سخن ادب ۽ علم به سندن خانداني ورثو بخشيل هئا.

مخدوم امين محمد امين. مخدوم طالب المولىٰ... ۽ پاڻ مخدوم امين فهيم.... پوءِ سندن لائق فرزند مخدوم جميل الزمان... ۽ پوءِ اوسيئڙي جا پل پورا ٿيا.... اکين جي اَڄ اُجهاڻي ۽ پاڻ تشريف فرما ٿيا. قداور شخصيت اکين ۾ ذهانت ۽ احساس شناسيءَ جي روشني. پاڻ حضرت مخدوم سرور نوحؒ هالا جي گاديءَ جا 18، گادي نشين، پيپلز پارٽيءَ پارليامينٽيرين جا صدر، هڪ دور جا عظيم شاعر، ۽ سدائين MNA رهيا. سيد علي نواز شاهه رضوي (تن ڏينهن ۾ صوبائي وزير ۽ هيلو ڪاتو) سندن لائق فرزند ۽ هاڻوڪو MPA سيد ضياء عباس شاهه، شاهه پوٽا خاندان جي بزرگ شخصيت اڳوڻو ايم.اين.اي. سيد خادم علي شاهه، مشهور ليکڪ ۽ براڊ ڪاسٽر سيد ماڪن شاهه رضوي، سيد شاهجهان شاهه، قبلا سيد اسد علي شاهه، نصير مرزا سان گڏ مون به مخدوم سائينءَ جي آجيان ڪئي. ساڻن منهنجي اها آخري ملاقات هئي.

مخدوم محمد امين فهيم، جي عظيم شخصيت ۾ سندن وفا جي وچن ويتر رنگ ڀري ڇڏيو هو. پاڻ 17- جمادالثاني 1358هه مطابق 4- آگسٽ 1939ع جمعي ڏينهن، عظيم شاعر ۽ لکن مريدن جي روحاني اڳواڻ قبلا حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جي گهر ۾ جنم ورتائون. اوائلي تعليم، قرآن مجيد، چار سنڌي درجا پنهنجي ئي حويلي، نوان هالا ۾ حاصل ڪيائون، ميٽرڪ

مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا، انٽر سروري اسلاميہ ڪاليج هالا نوان، بي.اي بہ ساڳئي ڪاليج مان. ايم.اي، ايل.ايل.بي ۽ ايم.اي پولٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ڪيائون. 1952ع کان شعر و سخن جي ميدان ۾ داخل ٿيا.

وعدو ڪجي تہ اهڙو ڪجي، جنهن کي پار جي،
سو قول کهڙو جيڪو ڪري پوءِ وسارجي،
دنيا ۾ اعتبار وڏي ڳالهہ آهي دوست!
ڪنهن جو اجايو پاڻ ڏي شڪ چو اُتارجي،
الفت ڪٿي هجي نہ هجي، من ثواب لئہ،
ڪنهن بيقرار جي دلِ "غمگين" ڏُتارجي.

پاڻ سياسي پنڌ جي شروعات 1966ع ۾ هالا ٽائون ڪميٽيءَ جي چيئرمن جي حيثيت سان ڪيائون. 1970ع ۾ MNA بعد ۾ 1988-1990-1993-1997-2002-2008 ۽ 2013ع جي چونڊن ۾ MNA چونڊيا ويا. 2013ع جي چونڊن ۾ هڪ ئي وقت صوبائي توڙي قومي اسيمبلي جا ميمبر چونڊيا ويا. پاڻ تعليمي حوالي سان ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جا نائب صدر ۽ اورينٽل ڪاليج هالا جا بہ وائيس پريذيڊنٽ رهيا. پاڻ سنڌ ۾ هاڪاري ادبي تنظيم بزمِ طالب المولىٰ قائم ڪيائون ۽ ان جا صدر رهيا. سندن شاعري جو مجموعو "پيغام" 1990 ۾ ڇپيو. پاڻ شاعري، ادب، سنگيت، فوٽوگرافي ۽ شڪار جا شوقين رهيا.

سندن ڀيرين شادي ناناڻن مان، اُچ شريف، جي ماڳ تان صرف 19 سال جي ڄمار ۾ ٿي. کين 7 فرزند مخدوم ظهير الدين مخدوم جميل الزمان، مخدوم فتح محمد، مخدوم شڪيل الزمان، مخدوم نبي بخش مخدوم عقيل الزمان، مخدوم ابونجيب (مخدوم نجيب الزمان) جو اولاد ٿيو.

پاڻ پنهنجي والد محترم حضرت مخدوم طالب المولىٰ جي وصال کان پوءِ، حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي 18 گادي نشين طور ذميواريون سنڀاليون ۽ 22 سال گادي نشين رهيا. پاڻ شروع کان ئي پاڪستان پيپلزپارٽيءَ ۾ رهيا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ان کان پوءِ سندن عظيم نياڻي محترمہ شهيد بينظير ڀٽو سان بہ ڀرپور ساٿ نڀايائون. پيپلزپارٽيءَ تي آمراڻ حڪومتن جي وقت ۾ ڏکيا ڏينهن آيا ۽ شهيد محترمہ، جلاوطني اختيار ڪئي، تہ هتي ملڪ اندر پاڻ پيپلز پارٽيءَ کي سنڀاليائون ڪين ڪيترا پيرا وفاداريون تبديل ڪرڻ عيوض وزارت اعظميٰ جون آڇون ٿيون، پر پاڻ وفا جا وچن قائم رکندي اهڙين پرڪشش آڇن کي ٺڪرائي ڇڏيائون ۽ شهيد محترمہ جي شهادت وقت بہ ساڻس گڏ رهيا. محترمہ جي شهادت کان پوءِ بہ پاڻ انيڪ فريبڪاريون محسوس ڪندي بہ آخري وقت تائين پيپلزپارٽيءَ ۾ ئي رهيا ۽ وفائون ڪندا رهيا.

اهڙين حالتن ۾ سندن صحت خراب ٿي پئي. پاڻ علاج خاطر لندن ۽ دبئيءَ بہ ويا، پر ڪنهن ڦڪيءَ فرق نہ ڪيو. نيٺ پاڻ تاريخ 8- صفرالمظفر 1435هجري مطابق 21- نومبر 2015ع ڇنڇر ڏينهن 76 ورهين جي ڄمار ۾، سائوٿ سٽي هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائون. کين مخدوم سرور نوحؒ جي پيراندي پنهنجي والد جي پير ۾ هالا اندر دفن ڪيو ويو. سندن جنازي ۾ لکن جي ڳاڻيٽي ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي جڏهن تہ ملڪ جون ڪيترين قداور شخصيتون سندن جنازي نماز توڙي عذرخواهيءَ لاءِ تڏي تي پهتيون.

هوا اهڙي لڳي جنهن ڪونہ ڇڏيو گُل زماني ۾،
رهيا باقي وڃي اڄ خار منهنجي آشياني ۾.
رڳو تنهنجي ضرورت آهي دل کي هونئن تہ اي دلبر،
ڏکن دردن جي دولت ڪافي آ دل جي خزاني ۾.
(مخدوم امين فهيم)

# عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي!

**ستار بروهي**

اصولن واري سياست جو اهو "امين" ۽ محترمہ بينظير ڀٽو جو انتهائي اعتماد جوڳو ساٿي مخدوم امين 'فهيم' هاڻي اسان ۾ ناهي رهيو...اها خبر چنچر واري ڏينهن صبح جو سماعتن تائين پهتي تہ دل ۾ چڻ تہ سوڳ جو حشر برپا ٿي ويو... هونئن تہ موت برحق آهي پر ڪي موت، اندر ۾ وڍ وجهي ڇڏيندا آهن. مخدوم امين 'فهيم' جو شمار دور حاضر جي بيمثال سياسي اڳواڻن ۾ ٿئي ٿو، جن ڪڏهن بہ اصولن تي سودي بازي نہ ڪئي، نہ رڳو جمهوري دورن ۾، پر آمريتن جي دورن ۾ بہ ان پنهنجي سياسي اصول جو پلئہ پنهنجي هٿن مان نہ ڇڏيو. ڀلي پوءِ ڪيس سختيون ۽ تڪليفون بہ ڇو نہ برداشت ڪرڻيون پيون. سنڌ جي هڪ وڏي گادي نشين هجڻ باوجود سندس طبعيت ۾ڪڏهن بہ هٺ ۽ غرور نہ آيو... اصول پرستي ۽ وفا سندس وجود ۾ ايتري پريل هئي، جو آخري دم تائين شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد محترمہ بينظير جي پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو، باوجود ان جي تہ شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت پڄاڻان ڪوڙ ڀيرا ڪيس سياسي نقصان بہ ڏنو ويو... سندس وفاداريءَ تي شڪ بہ ڪيا ويا، پر ان مخدوم امين 'فهيم' کي ڀلا ڀين جي سرٽيفڪيٽن جي ڪهڙي ضرورت آهي، جنهن لاءِ هڪ ڀيري محترمہ بينظير ڀٽو فخريہ انداز ۾ چيو هو تہ وٽس مخدوم امين 'فهيم' جهڙو وفادار شخص پارٽي اندر موجود آهي، جنهن کي آمر مشرف وزارت عظميٰ جون ڪيئي ڀيرا آڇون ڪري خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مخدوم نپ انڪار ڪري ڇڏيو... مخدوم کي ڀلا محترمہ جي ان عظيم سَنَدَ کان پوءِ ڪنهن ٻئي جي سَنَدَ جي ضرورت هجي؟

محترمہ بينظير ڀٽو جڏهن ڊڪٽيٽر جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ جلاوطن هئي، آصف زرداري جڏهن جيل ۾ هو، محترمہ جا ٻارڙا جڏهن اڃا معصوم هئا، تڏهن جيڪڏهن ڪنهن آمريت جي ڪاري دور پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي سنڀاليو هو تہ اهو مخدوم امين 'فهيم' ئي هو، اهو مخدوم جيڪو محترمہ جي پارٽيءَ کي جيئدان ڏيڻ لاءِ ڪڏهن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ تہ ڪڏهن وري اي آر ڊي ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو. پر ڪڏهن بہ پارٽيءَ سان هڪ لمحي لاءِ بہ بيوفائي نہ ڪئي. هڪ اهڙي سياسي ماحول ۾ جتي سياستدان هڪ ٻئي جا پٽڪا لاهيندي بہ دير نہ ٿا ڪن. ڪيئي سياسي اڳواڻن جي اخلاق جو زوال اچي چڪو آهي پر اتي مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي خوبصورت ۽ قداور شخصيت سان گڏوگڏ گفتار جي بہ سحر انگيزي جو مالڪ هو، پريس ڪانفرنسون هجن يا ذاتي ڪچهريون، ڳالهائيندو تہ دل چوندي تہ بس رڳو ڳالهائيندو ئي رهي... سخت کان سخت سياسي مخالف لاءِ سندس زبان مان ڪڏا لفظ نہ نڪرندا. ۱۹۶۱ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس جي مضمون ۾ گريجوئيشن ڪندڙ مخدوم امين 'فهيم' شاگرديءَ

واري دور ۾ سياست جي شروعات ڪئي هئي ۽ 1970ع ۾ پهريون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جي ٽڪ تي اليڪشن وڙهيو ۽ ان کان پوءِ هر چونڊ کٽيندو رهيو ۽ آخري دم تائين مخدوم صاحب ناقابلِ شڪست سياسي اڳواڻ ٿي رهيو.

مخدوم امين 'فهيم' هڪ بي مثال سياستدان سان گڏ هڪ بهترين شاعر پڻ هو، سندس شاعراڻي حِس تي سياست جي ڪڏهن به ڪَٽ نه لڳي، اهو اعزاز وري هالا جي مٽيءَ ۽ خمير کي ئي حاصل آهي. جو جيڪو هتي جمي ٿو، سو تخليق جي جهوليءَ ۾ ويهي ساري عمر شعرن ۽ ڪلامن جي پينگهه ۾ لڏندوئي رهي ٿو. شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيفؒ ۽ مخدوم نوحؒ کان وٺندي مخدوم طالب المولىٰؒ ۽ مخدوم امين 'فهيم' تائين جڻ ته قدرت هتي جي ماڻهن کي ناهيو ئي شعر و شاعري لاءِ آهي. خود مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي شاعري بابت "پيغام" ۾ لکي ٿو ته "قبلهٔ محترم بابا مخدوم طالب المولىٰؒ جي ڪچهرين ۽ صحبت سبب ڪيس به شاعريءَ جو شوق جاڳيو..."

مخدوم امين 'فهيم' لکي ٿو ته:

"1954ع ۾ سائين وڏا (مخدوم طالب المولىٰ) مون کي پاڻ سان گڏ ڪوئيٽا وٺي هليا، جتي اهو ذڪر نڪتو ته آءٌ شاعري ڪريان ٿو. مون عرض رکيو ته سائين وڏا مون کي باقاعده استادي ڏين جيڪا گذارش انهن قبول ڪئي. اتي ئي ڪوئيٽا جي بولان هوٽل ۾ سائين وڏن مون کي هڪڙي مصرع ڏني ته "يا الاهي ڪر عطا لطف و ڪرم" ۽ فرمايائون ته ان تي غزل لکو... مون لاءِ وڏي پريشانيءَ جو باعث ٿيو ته ڇا لکان ۽ ڪيئن لکان؟ جو ته لکي سائين جن کي ڏيکارڻو به هو... آخر ڪار هي غزل لکيم ته "دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد غم" مخدوم امين 'فهيم' جي شاعري استاد محمد يوسف جهڙن عظيم فنڪارن به ڳائي ته جهرجهنگ تائين ان کي شهرت ۽ مڃتا ملي...

مخدوم امين 'فهيم' هڪ باڪمال شاعر جي حيثيت ۾ به پاڻ کي مڃايو. سندس شاعري سلاست، بلاغت، فصاحت ۽ جدت جوش سان ڀرپور آهي. سندس هيءُ شعر ڪيڏو نه ڪمال جو آهي، جنهن ۾ چون ٿا ته:

جن کان سانوڻ جا مينهن شرمايا
سي اکيون اشڪبار ڇا ڇئجي؟

مخدوم امين 'فهيم' رومانس ۽ تصوف جي رنگ ۾ رڱيل شاعري ڪئي آهي، جنهن کي بار بار پڙهڻ لاءِ دل چوي ٿي. جيئن سندس هينيان ٻه شعر پنهنجو مَٽ پاڻ آهن:

"اڃا ان جي اڳيان اي يار! ليلائڻ نه ٿو ڄاڻين،
رنل کي رمز سان ريجهي تون ريجهائڻ نه ٿو ڄاڻين،
نه آهي جاءِ حجت جي، مان ڪيئن گستاخ ٿي چوندس،
رسائڻ خوب ڄاڻين ٿو ۽ پرچائڻ نه ٿو ڄاڻين،
هميشه آهين گڏ، پر تنهنجي صورت کي ڏسڻ مشڪل
لڪڻ ڏاڍو ٿو ڄاڻين، پاڻ ڳولائڻ نه ٿو ڄاڻين.

مخدوم امين 'فهيم' وفا شناس انسان هو، اهوئي سبب هو سندس شاعري ۾ به وفا جو عنصر وڏي پئماني تي هو. سندس شاعري پڙهڻ کان پوءِ لڳي ٿو ته هن بيوفائين جا زخم به سٺا ته وفائن جي خوشبوئن مان به فيضياب ٿيو، پر مايوس نه ٿيو ۽ لکندو رهيو ته:

بيوفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هيءَ خطا بارها ڪري ڏسبي،
جي حياتي وفا ڪئي ته 'فهيم'،
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

الله کان سواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق ناهي، اسين پڻ تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا.“

اِهو سِتن ڏينهن جو ٻالڪ وڏو ٿي جڏهن سنڌ کي روحاني رنگ ۾ رڱي ريٽو ڪري ٿو ته شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جهڙا بزرگ صرف هڪ سلام ملڻ تي ايترا ته گدگد ٿين ٿا جو، چون ٿا ته جڏهن مخدوم سرور نوح جا سلام پهتا ته هن خوش ٿي وڏي خيرات ڪئي ۽ خوشيون ڪيون. فقراء مان ڪنهن خيرات جي باري ۾ دريافت ڪيو ته جواب ڏنائونس ته ”اڄ اسان کي هڪ اهڙي الله جي وليءَ سلام موڪليا آهن جيڪو پنهنجي اولاد کي به ڪونه ٿو سڃائي.“

مخدوم سرور نوح پنهنجي دور جا وڏا مدبر، شاعر ۽ ولي الله ٿي گذريا آهن. سندس گهڻي شاعري ناپيد آهي، پر پوءِ به هڪڙوئي اهڙو شعر آهي جيڪو لک لهي ٿو:

”پيئي جا پرڀات سا ماڪ مَ ڀانئيون ماڙهوئان،
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکويـــن کي.“

مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جن ان ئي خاندان ۾ هالا نوان ۾ 4- آگسٽ 1939ع تي هن لوڪ ۾ اک کولي. کيس مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جهڙو مدبر سياستدان ۽ عظيم شاعر ۽ دانشور والد نصيب ٿيو، جنهن سياست ۽ ادب جا سڀئي گُڻ کيس سيکاريا. چون ٿا ته والد صاحب طرفان هدايت مليل هئس ته هُو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪڏهن به ساٿ نه ڇڏي ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته جڏهن پاڻ پهريون ڀيرو 1970ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جا ميمبر ٿيا ته ان کان پوءِ ڪيترن ئي لاهن چاڙهن ۽ صدها اختلافن باوجود مخدوم صاحب جن پيپلز پارٽيءَ جو ساٿ نه ڇڏيو ۽ تا دم مرگ ساٿ نڀائيندا آيا. پاڻ جيڪو چوندا هئا، ان جو پاڻ ئي ثبوت هئا، هُو چون ٿا:

وعدو ڪجي ته اهڙو ڪجي جنهن کي پاڙجي،
سو قول ڪهڙو جيڪو ڪري پوءِ وسارجي،
دنيا ته فاني آ مٿس ڪهڙو ڀروسو،
ڏاڍو چڱو ٿئي جي گهڙي گڏ گذارجي.

پاڻ پنهنجي والد صاحب سان ڪيل واعدي تي قائم رهيا، ڪيترن ئي ڏکن ڏوجهرن ۽ تڪليفن جي باوجود صبر جو دامن هٿان نه ڇڏيو. پاڻ پنهنجو پاڻ کي دلداري ڏيندي چون ٿا ته:

ٻه ڏينهن گذري ويا، ٻه ڏينهن گذري ويندا فهيم،
صبر جـــي دامــــن کي نه داغــــدار ڪبو.

۽ پوءِ واقعي پاڻ صبر جو دامن تا دم مرگ نه ڇڏيو. پاڻ سياست کي عبادت به سمجهي ته امانت پڻ. شاهه لطيف جي چوائي ته ”جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سڻاءِ سلڪ“. جي مترادف جهڙو سندس نالو مبارڪ امين آهي، پاڻ واقعي سياست ۽ ادب جا امين هئا. پاڻ بلڪل پنهنجي شاعريءَ جي روح مطابق ان تي قائم رهيا.

مخدوم صاحب کي شاعري سندس ورثي ۾ مليل هئي. سندس خاندان جا اعلىٰ بزرگ معتبر اديب عظيم دانشور ۽ قادرالڪلام شاعر ٿي گذريا آهن. پاڻ 1952-53ع کان جيئن ئي شاعريءَ جي شروعات ڪئي ته شاعر جا واهڙ وهائي ڇڏيا. جڏهن سندس شاعري والد بزرگوار مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جي نظر چڙهي ته سائينءَ جن نه صرف همٿايو بلڪ خوب طرح ادبي پرورش پڻ ڪئي ۽ پراڻو تخلص ”امين“ بدلائي ”فهيم“ عطا ڪيس، جنهن سان پاڻ آخري دم تائين نڀائيندا آيا. پاڻ جهڙا سياست ۾ سنجيده، بااصول، باوقار، وفادار نيڪ نيت، روادار ۽ فهيم و فراست جا مالڪ ٿي رهيا، ادب سان پڻ ايئن ۽ اهڙو ئي لاڳاپو رکيو. پاڻ جڏهن جوان هئا ۽ مٿس سائين مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جن جو سايو نصيب هئس، ان ڏينهن ۾ هالا جو ادبي ماحول ٻلي ٻلي هو ۽ هالا هڪ قسم جو ادبي قبلو هو، جتي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ مشاعرا،

محفلون، مجلسون، شعر و شاعري، راڳ رهاڻ ۽ نشرو اشاعت جا چرچا عام هئا. انهي ادبي ماحول مخدوم امين ’فهيم‘ جن تي وڏو اثر ڇڏيو. پوءِ سندس سرجندڙ ڪلام نمايان نظر اچڻ لڳو ۽ پاڻ نيٺ ان درجي کي حاصل ڪيو، جنهن کي اسين قادرالڪلام جو درجو چئون ٿا. سنڌي ادبي بورڊ جا نصيب چئبا جو ان جي پليٽ فارم تان مخدوم صاحب جن جو ڪتاب ”پيغام“ وڏي شان ۽ شوڪت سان شايع ٿيو. سندس ڪلام پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيندو ته پاڻ ڪيڏا نه پختا ۽ قادر الڪلام شاعر هئا.

شاعريءَ جي هڪ وڏي سونهن، خيالن جو پرواز ۽ انهن خيالن کي شاعريءَ جي قالب ۾ آڻڻ جو هنر آهي، جيڪو مخدوم صاحب کي سنئي نموني آيو ٿي. سندس هڪڙو خوبصورت شعر آهي، فرمائين ٿا ته:

دردِ فرقت ڪيو بيحال خدا خير ڪري،
هي به سڪندي ويو لنگهي سال خدا خير ڪري،
يادگيري نه ڪئي يار ”امين“ ڪهڙي سبب،
اڄ به آيو نه ڪو احوال خدا خير ڪري.

سندس ڪلام جي مطالعي مان ذوق جماليات جو پرتوو خوب پَسي سگهجي ٿو ته سندس شاعريءَ ۾ سوز و گداز جو عالم اِهو آهي جو هو محبوب جي قدمن جي خاڪ ته ڇا پردن خاڪ جو به عاشق آهي، سندس ملڪو ڏسو.

تنهنجي قدمن جي خاڪ جو عاشق،
آسمانن تي برتري ٿو رکي،
تنهنجي آڏو پلي هو ڪجهه نه هجي،
پر فرشتن سان همسري ٿو رکي.

شاهه سائينءَ چيو آهي، ته عاشق سدائين زهر پياڪ هوندا آهن، هُو ڪڙي ۽ قاتل کي ڪونه ڏسندا آهن، مگر مخدوم امين فهيم صاحب چون ٿا ته، منهنجو سِر تري تي آهي اي ماهِ لقا، تون بيزار چو ٿو ٿين، فرمائي ٿو ته:

محبوب منا سِر پنهنجو تري تي پاڻ وڌي ٿو پيش ڪيان، تون منهنجي ڪهڻ جي ڪوشش ۾ تڪليف نه وٺ ۽ وار نه ڪر، مان تنهنجو آهيان ۽ تنهنجو ٿي، هي ڏينهن حياتيءَ جا ڪُنبا، تون مفت عدو جي چوڻ تي بيزار نه ٿي، تڪرار نه ڪر. سندس شاعريءَ تي ويهي لکبو ۽ لکبو ئي وجبو، پوءِ پلي ڪتاب نهي وجي پر اڄ آءٌ به ٿي شعر لکي اختتام ڪندس:

ٿوهه سهٽو آ گهٽو ئي پر ڪارو ۽ ڪڙو،
حسن وارن کي به ڪا منهن ۾ منائي ڏين ته ها.
آخري دم پڻ ڇڏيئي حيف توکي دردِ دل،
ان جي هڪ نالي ونڻ جي واندڪائي ڏين ته ها.

فهم آخر نه ڪجهه وريو وڏائي ۾ اميري مان،
ڇڏي شاهي گداءِ ڪوچئہ دلدار ٿيٽو پيو.

وري نه آسري دنيا جي ڪين لڳندس مان،
سدائين هن جي سهارن وڏو فريب ڏنو.

دنيا جو عجيب چرخو ۽ سلسلو آهي. هيءُ سلسلو ايامن کان هلندو اچي ۽ هلندو رهندو. جيڪو ٿانءُ نهيو آهي سو ضرور ڀڄندو ڀرندو. هن جهان مان جيڪو ماڻهو هليو ويندو آهي، ان جا ڳڻ ۽ چڱائيون ڳائبيون آهن ۽ ڪوتاهين کي نظر انداز ڪبو آهي، مگر مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جي اهڙي شخصيت آهي، جنهن سان ڪوتاهيءَ جو لفظ ڳنڍي نٿو سگهجي. سندس پنهنجي هن خوبصورت شعر تي اختتام ڪجي ٿو.

پرديسان پنڌ ڪري ويندس پنهنجي ڏيهه،
هوندا سانگي سنرا، خوشيون خوب ڪري،
پيالو پرت پري، پيئندس پنهنجي پرَ سان،

# هالا جي مخدوم گهراڻي جي علمي ادبي خدمتن تي هڪ نظر

**نوشاد پروين گل درس**

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ،
تہ پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

انساني جذبن ۽ اُمنگن سميت زندگيءَ جي مڙني مامرن کي بهتر انداز ۾ اظهارڻ جو وسيلو 'ادب' آهي. ادب ۾ وري نثر کان وڌ نظم پُراثر صنف ٿئي ٿي. نظم ۾ شاعري انساني جذبن کي آپارڻ ۽ اظهارڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿي. شاعري، انساني نفيس جذبن جي منظوم تاريخ ٿئي ٿي. انهيءَ نفيس جذبن جي تاريخ ۾ شاعر نہ رڳو پنهنجي اندر جي ڪائنات جي ڳالهہ نهايت حسين ۽ خوبصورت پيرايي ۾ بيان ڪندو آهي، پر ان ۾ ڪائنات جي ڳُجهن اسرارن ۽ لقاوَن تان بہ نهايت ئي نفيس ۽ دلربانہ انداز ۾ پردو هٽائيندو آهي، شاعر لفظن جو وينجهر ۽ لغت نويس بہ ٿئي ٿو. شاعر لفظن جو پندار آهي، لفظ شاعر جا محتاج ٿين ٿا. ادبہ جيئن تہ زندگيءَ مان ڦُٽي نڪتو آهي، تنهنڪري ادب ئي زندگيءَ کي بهتر ۽ سگهاريتي بنائڻ ۽ آئينده جي امڪاني خطرن ۽ خوشخبرين کان عوام الناس کي آگاهہ ڪرڻ ۾ پنهنجو اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪري ٿو. شاعر ڪائنات جو ترجمان بہ آهي، سندس جذبات، احساسات هر اُن نُڪتي کي اهڙي انداز ۾ واضح ڪرڻ جي قدرت رکن ٿا، جيڪي هوند عام رواجي طرح ماڻهو سمجهي نہ سگهن. فنونِ لطيفہ ۾ شاعريءَ جو مقام ايڏو بلند بالا آهي، جنهن کي جزو پيغمبري ڪوٺيو ويو آهي.

سنڌ ۾ ادبي ميدان تي ڏسبو تہ اسان کي هالا جي مخدوم سروري گهراڻي جون خدمتون سرواٽي ڪندي نظر اينديون. هالا جو مخدوم سروري گهراڻو ادبي لحاظ کان سنڌ هند ۾ هڪ ممتاز ۽ يگاني حيثيت رکي ٿو. هن گهراڻي غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور" کان وٺي قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ" ۽ مخدوم جميل الزمان 'جميل' تائين وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن مضمون جي شروعات هڪ اهڙي ئي ڪافي ۽ غزل جي باڪمال شاعر، ماهرِ لسانيات ۽ لغت نويس جي تذڪري سان ڪجي ٿي، جن کي سنڌ جا ماڻهو "حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ" " جي نالي سان سڃاڻين ٿا. سندن ڪلام جو چرچو ۽ تعريف سنڌ سميت ولايت تائين رسيل آهي.

"ديوانِ طالب المولىٰ" قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ" ' جي نالي سان قائم ڪيل "طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا- سنڌ" ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. هن ديوان جو ٻيهريون ڇاپو 1982ع ۾ "سروري پبليڪيشن هالا سنڌ" ڇاپي پڌرو ڪيو. قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ" ' جن جا لکيل غزل اڄا بہ اڻڇپيل آهن. هن ديوان جو مهاڳ قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' سائنءَ" پاڻ لکيو آهي. تعارف بعد چيئرمن طالب المولىٰ اڪيڊمي قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب منسٽر بين الصوبائي رابطا حڪومتِ سنڌ جن جو اشاعتي نوٽ آهي، تنهن کانپوءِ ڪلام شروع ٿئي ٿو. هن ديوان ۾ ڪل 366 غزل آهن، ڪلام کانپوءِ لفظن جي معنيٰ وار لڙهي- "فرهنگ ديوانِ طالب المولىٰ" ڏني وئي آهي، جا الف- بي وار ترتيب ۾ آهي. اهڙيءَ ريت هيءُ عاليشان ديوان پورو ٿئي ٿو. ڪتاب پڪي بائينڊنگ ۽ ڊيمي سائيز ۾ 448 صفحن تي مشتمل آهي، ٽائيٽل ۽ پنو، ڪتاب جي دلڪشي ۽ خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪندا آهن، هن ڪتاب جو ٽائيٽل ۽ پنو ٻئي جاذب ۽ خوبصورت آهن ۽ ڏسندڙ کي هڪدم پاڻ ڏانهن متوجہ ڪن ٿا. هيءُ ديوان پڙهندڙن لاءِ من موهيندڙ آهي. قبلہ

سائين مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ جن جو هيءُ ديوان سنڌ جي هر ننڍي وڏي بڪ اسٽال تي موجود آهي. هيءُ ديوان، شاعريءَ سان لنئون رکندڙ هر اهلِ دل ماڻهو کي پسند ايندو. سمورا غزل پنهنجي سمورين فني ۽ فڪري خوبين ۽ رعنائين سان ملبوس نظر اچن ٿا. خاص طور تي هر غزل ۾ رديف جو استعمال غزل کي جا هيڪاري سونهن ۽ سوڀيا بخشي آهي، سا ڏسڻ وٽان آهي. قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ جن هونئن بہ سنڌي شاعري خاص طور تي ڪافيءَ جا نهايت مجيل، پختا ۽ باڪمال شاعر تہ آهن ئي، پر غزل تي بہ ڪين پڪو پختو ملڪو حاصل آهي. مصري شاهہ ڪانپوءِ سنڌي ڪافيءَ ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو هو، ان خال کي بہ قبلا سائين ؒ جن ئي بخوبي نموني پُر ڪيو. جديد سنڌي ڪافيءَ کي جنهن باڪمال شاعر عروج ۽ سونهن ڏني آهي، اهي قبلا سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولي ؒ' ئي آهن.

هن ديوان ۾ داخل ڪيل غزلن جي پوري اڀياس ڪانپوءِ بنا ڪنهن وڌاءَ جي، اهو ضرور چئبو تہ قبلا سائين ؒ جهڙيءَ ريت ڪافيءَ کي عروج بخشيو آهي، تهڙيءَ ريت هنن غزلن تي بہ پورو توجهہ ڏنو آهي، ۽ پاڻ غزل جا بہ باڪمال شاعر آهن. قبلا سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولي ؒ' جن جي لکڻ جي خاص هڪ خوبي هيءَ بہ آهي تہ پاڻ جڏهن بہ شاعري يا ٻيو ڪو اسم لکڻ فرمائيندا هئا تہ آخر ۾ ڏينهن، تاريخ ۽ ماھ ضرور لکندا هئا. اها خوبي بہ چند شاعرن ۾ ڏسجي ٿي. هن عمل سان ڪنهن بہ لکڻي جي تاريخي اهميت، پس منظر، وقت ۽ حالتن جو تعين ڪري سگهجي ٿو. ادب ۾ خاص طور تي سنڌن شاعريءَ ۾ اهو رويو هڪ سمجهداريءَ وارو رويو آهي. جنهن کي قبلا سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولي ؒ' جن هر هنڌ استعمال ڪيو آهي. قبلا سائنن ؒ هن ديوان ۾ شاعر سان گڏ ماهرِ لسانيات ۽ ماهر لغت نويس بہ نظر اچن ٿا. پاڻ پنهنجي مهاڳ ۾ لکن ٿا:

> "سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا اکر پختائي وٺي ويا آهن، جن جي عمر اسان جي ڏاڏن، پڙڏاڏن کان بہ وڏي آهي، انهن اکرن کي ننڍو وڏو، پوڙهو پڪو، پڙهيل اڻپڙهيل، عالم فاضل، پروفيسر ڊاڪٽر، نظم توڙي نثر لکندڙ، گهر ۾ ۽ گهر کان ٻاهر بہ هر وقت عام جام ڳالهائي ٿو. نہ رڳو ايترو پر هر مصنف، مؤلف، ايڊيٽر ۽ مترجم بہ پنهنجي هر ڪتاب ۽ اخبار جي پروفن پڙهندي انهن اکرن کي قائم رکي ٿو، جيڪڏهن اهي اکر سنڌي ٻوليءَ مان ڪڍي ڇڏجن تہ، نہ فقط ٻولي بي زيب ٿيندي بلڪ معنيٰ ۽ مطلب بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو. ان هوندي بہ انهن اکرن کي الف- بي واري تختيءَ ۾ اڄ تائين شامل نہ ڪيو ويو آهي. اهي اکر هي آهن: ڙهہ، لهہ، مهہ، نهہ، ٺهہ، تنوين ۽ غنہ وغيره. انهن اکرن کي مون هن طرح ترتيب ڏني آهي: ڙ ڪانپوءِ ڙهہ، ل ڪانپوءِ لهہ، م ڪانپوءِ مهہ، ن ڪانپوءِ نهہ ان ڪانپوءِ تنوين، ان ڪانپوءِ غنہ ۽ ڻ ڪانپوءِ ٺهہ. انهن اکرن جا اُچار منهنجي غزلن جي رديفن پڙهڻ مان معلوم ٿيندا." (ص 10، 9 مهاڳ)

قبلا سائين ؒ جن جي نہ فقط پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ڏانهن والهانہ محبت، عقيدت سميت فڪر ۽ سنجيدگي نمايان طور نظر اچي ٿي پر پاڻ هر حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سوڌ سنوار ۽ صحيح لکاوٽ ۽ استعمال طرف بہ توجهہ ڏيندي نظر اچن ٿا. مهاڳ ۾ قبلا مخدوم صاحب ؒ جن سنڌي ٻوليءَ جي وسرگ، اوسرگ، تنوين ۽ غنائي (گهڻن) آوازن تي علمي بحث ڪيو آهي. سنڌي الف- بي جا اهي مسئلا اڄ بہ اڻ نبريل آهن. 'هہ' اکر جي وسرگائي/اوسرگائي حالت واضح نہ ٿي آهي. 'هہ' اکر جي مختلف صورتن کان علاوه 'ن'، 'ج'، 'گ' ۽ 'ڻ' اکرن جي غنائي حالت بہ ساڳي تضبذب ۾ آهي. ازان سواءِ تنوين مونجهاري جو شڪار آهي: مثال طور: ـً ، ـٌ ، ـٍ ، ـٗ ، وغيره جو استعمال ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ ڪرڻ جائز آهي.

قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' جن جي شاعرانہ حيثيت ۽ سندن شخصيت، مطابق مون جيڪي سندن ڪتابن ۾ پڙهيو آهي، تہ ان ۾ بہ مخدوم صاحب جن پنهنجي ذات جي بلندي يا هڪ عظيم اولياء حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جي سجاده نشين هوندي بہ هڪ بهترين شاعر آهن، احساسات ۽ جذبات کين ان مقام تي پهچائين ٿا، جتي علم و دانش جا درياء وهن ٿا. سندن حسين لفظن جي موتين جون املهہ ڪاٺيون آهن. سندن علم و فڪر ۾ فهم ۽ ادراڪ جي جيڪا قوت سمايل آهي، اها هر انسان کي نہ رڳو پاڻ سڃاڻڻ تي آماده ڪري ٿي، پر نيڪ عملن جي تلقين پڻ ڪري ٿي.

قبلہ سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' جن جي لکيل غزلن کي انور هالائيءَ چئن دورن ۾ ورهايو آهي، پهريون دور 1930ع کان 1950ع، ٻيون دور 1951ع کان 1965ع، ٽيون دور 1966ع کان 1975ع ۽ چوٿون دور 1976ع کان سندن وفات تائين، جنهن لاءِ انور هالائي لکي ٿو:

"انهن چئني دورن مان ٻئي دور کي مون ارتقائي دور قرار ڏنو آهي، جنهن کان وٺي طالب المولیٰ جي غزلن جي افاديت روز افروز، ترقي ڪندي رهي ٿي. سندن دور اهو هو، جنهن ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي شاعريءَ تي جيڪا مايوسي ڇانيل هئي، ان کي مخدوم صاحبؒ پنهنجي خداداد فن سان ٽوڙي نہ رڳو هڪ نئين راهہ جو تعين ڪيو، پر پاڻ شاعريءَ جي اصلوڪي صورتحال کي بہ من و عن قائم ڪرائڻ ۾ کين وڏي مهارت حاصل هئي. پاڻ انتهائي ڪاميابيءَ سان سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ شعر لکيا اٿن. پاڻ نثر جا ليکڪ پڻ آهن. قبلہ سائينؒ سنڌي زبان جا لائق ۽ جڳ مشهور شاعر پنهنجي دور جا سڀ کان وڏا قابلِ تحسين شاعر آهن. مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' جي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ورتل اڻٿڪ ۽ نہ ختم ٿيندڙ ڪوششن تي سنڌ سندن شڪرگذار آهي، پاڻ هر قسم جي شاعري ڪيائون، جن ۾ غزل، نظم، رباعي ۽ ڪافي شامل آهن. پاڻ انتهائي ڪاميابيءَ سان سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ شعر لکيا اٿن." (ص 34) سندن گاديءَ جو سلسلو حضرت محمد بن ابي بڪرؓ سان وڃي ملي ٿو. اها ڳالهہ پڻ قابلِ ذڪر آهي تہ حضرت مخدوم نوح سرورؒ جن سنڌي ٻوليءَ جا پهريان شاعر ۽ برصغير ۾ قرآن پاڪ جا پهريان فارسي ترجمہ نگار پڻ هئا.

"طالب المولیٰ اڪيڊمي هالا" جي روح روان ۽ چيئرمن قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن پنهنجي اشاعتي نوٽ ۾ ديوان جي ڇپائيءَ بابت هن طرح فرمائين ٿا:

"ديوان طالب المولیٰ" جو پهريون ڇاپو حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ' سائنؒ جي نگرانيءَ هيٺ 1402هہ/1982ع ۾ مرڪزي بزم طالب المولیٰ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل محمد شفيع ابڙو المعروف انور هالائي صاحب جي هٿان سروري پبليڪيشن هالا، سنڌ ڇپرائي پڌرو ڪيو." (ص 87)

قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن وڌيڪ لکن ٿا:

"قبلہ سائنؒ جو ارادو هو تہ 'ديوان طالب المولیٰ' کي ٻيهر ڇپرائجي. اڄ مون کي بيحد خوشي ٿي آهي ۽ آءٌ الله سائين جو شڪرگذار آهيان جو قبلہ سائنؒ جي ارادي جي تڪميل ۾ سندن شاهڪار ڪلام تي مشتمل "ديوان طالب المولیٰ" جو ڇاپو ٻيو پڌرو ٿيو آهي. پاڻ ٻيا بہ ڪئين ڪتاب لکيا آهن، جن جا قلمي نسخا طالب المولیٰ لائبريريءَ ۾ موجود آهن، جن ۾ مختصر سنڌي لغت کان علاوه ديوان طالب المولیٰ جلد- ٻيون بہ شامل آهي، جنهن کي پڻ جلد شايع ڪرايو ويندو. آءٌ سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن کي گذارش ڪندس تہ جڏهن

ديوان طالب المولىٰ کي پڙهن ته ان ۾ قبل سائنءَ جو لکيل سنڌي ٻوليءَ متعلق مهاڳ ضرور پڙهن، ۽ پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪن.“ (ص39)

غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ جن جي اولاد ۾ قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جو گهراڻو سنڌ ۽ هند ۾ علمي ۽ ادبي حوالي سان هڪ مخصوص ۽ گهڻ رخي سڃاڻپ جو حامل آهي. قبله سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن جا والد مربي ۽ مرشد قبله مخدوم غلام محمدؒ عرف گل سائين اعلىٰ پايي جا شاعر هئا، ”مغموم“ سندن تخلص هو. سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربيءَ ۾ ڪين مهارت حاصل هئي. ”ديوانِ حافظ“ هميشه پاڻ سان گڏ رکندا هئا. پاڻ صاحبِ دل، فقير، تارڪ الدنيا درويش، سخي مرد، سندن اڌ کان گهڻي عمر، فقيريءَ ۽ گوشه نشينيءَ ۾ گذري. هي بزرگ سروري گاديءَ جا 16 هون نمبر سجاده نشين هئا.

مخدوم غلام حيدرؒ سنڌ جي سلجهيل سياستدانن ۽ وڏن عالمن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا، سندن ذڪر ڪانسواءِ هالا جي علمي، ادبي، تعليمي، سياسي ۽ سماجي تاريخ اڌوري رهندي. پاڻ نهايت ’بيدار دماغ‘ مدبر، معامله شناس، مقبول عام ۽ ذهين شخص هئا. مسجد کان اسيمبليءَ تائين سندن نگاهه هئي، تسبيح ۽ مصلي کان وٺي سماجي ۽ قومي امور تائين سندن دسترس هئي. مطالعو، وضعداري، خدمتِ خلق، جود و سخا، سياست ۽ رياست جا مسئلا، مريدن جي نگهداشت، پنهنجن پراون جي خبرگيري، هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جو انتظام هلائڻ، ميونسپالٽيءَ جو ڪم سنڀالڻ وغيره اهي سڀ معاملا سندن نمي هئا. پاڻ قبله سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن جا سڳا چاچا هئا.

غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي اولاد ۾ ’مخدوم محمد زمان‘ جي نالي سان ڇهه بزرگ ٿيا آهن:

| | |
|---|---|
| (1) مخدوم محمد زمانؒ [اول] | (1705ع- 1645ع) |
| (2) مخدوم محمد زمانؒ [ثاني] | (1770ع- 1707ع) |
| (3) مخدوم محمد زمانؒ [ثالث] | (1807ع- 1772ع) |
| (4) مخدوم محمد زمانؒ [رابع] | (1852ع- 1818ع) |
| (5) مخدوم محمد زمانؒ [خامس] | (1913ع- 1861ع) |
| (6) مخدوم محمد زمانؒ [طالب المولىٰ] | (1993ع- 1919ع) |

قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جي خاندان جي تبليغ جو طريقو سهروردي رهيو آهي. سمن جي دور ۾ سندن ڪيترائي مبلغ ۽ عالم هالڪنديءَ ۾ رهندا هئا، جن ۾ هالا جا مخدوم مکيه آهن، خاص ڪري مخدوم اسحاقؒ ۽ سندن فرزند مخدوم احمدؒ ۽ مخدوم محمدؒ ناميارا بزرگ هئا، ڄام نظام الدين سمي جي دور ۾ دين جي تبليغ ڪندا هئا. مخدوم اسحاقؒ، سنڌ جي نامور غوث حضرت مخدوم لطف الله المعروف مخدوم نوح سرورؒ بن مخدوم نعمت اللهؒ جن جو ڏاڏو سائين هو. دراصل سهروردي تصوف جي چئن سلسلن مان هڪ سلسلو آهي، جنهن جو باني مباني حضرت ابوالنجيب ضياءالدين عبدالقاهرؒ هو. هيءُ بزرگ، غوث الحق حضرت نوح مخدوم سرورؒ جي وڏن مان هڪ جليل القدر شخصيت هو. سندن نسبي تعلق 9 پيڙهيءَ کانپوءِ اسلام جي پهرين خليفي سيدنا حضرت ابوبڪر صديقؓ سان وڃي ملي ٿو.

قبله مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ پنهنجي طبيعت ۽ مزاج ۾ نه رڳو پاڻ ادارو هئا، پر هنن ڪئين ادارا ناهيا ۽ هلايا. پاڻ بزم لطيف ڪراچي، بزم بسمل ٽنڊومحمد خان، ۽ بزم ادب دادوءَ جا سرپرست به رهيا، پاڻ انجمن علم و ادب هالا، جمعيت الشعراء سنڌ ۽ اداره روح ادب حيدرآباد جا صدر رهيا، گڏوگڏ بزم طالب المولىٰ سنڌ جا باني پڻ رهيا. پاڻ انهيءَ تنظيم جا تاحيات چيئرمن پڻ رهيا. انهن مصروفيتن کان علاوه پاڻ لطيف ڪلچرل سينٽر ڀٽ شاهه، پاڪستان ڪلچرل سينٽر ڪراچي، ريڊيو پاڪستان، ۽ ٽيليويزن ڪارپوريشن جي بورڊ جا ميمبر پڻ رهيا. سندن سرپرستيءَ ۾ به

هفتيوار اخبارون: پلسبان حيدرآباد ۽ الزمان هالا مان ڇپبيون هيون. ازان سواءِ ٽي ماهوار رسالا: 'فردوس' هالا مان، 'طالب المولىٰ' دادو مان ۽ 'روح ادب' حيدرآباد مان پڻ ڇپبا هئا. پاڻ سروري اسلاميه ڪاليج هالا جي طالب المولىٰ هاسٽل ۽ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادوءَ جا باني رهيا. گهڻ رُخي ادبي سرگرمين سبب ڪين مختلف مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنسن جي صدارت جو شرف پڻ حاصل رهيو. پاڻ صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر پڻ رهيا.

قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي لاڏاڻي کانپوءِ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور جي گاديءَ تي سندن وڏا فرزند قبلا سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' سرفراز آهن. پاڻ تمام نفيس، صابرين، پاڪستان جا وڏي ۾ وڏا مدبر ۽ سينئر سياستدان آهن. سنڌ ۾ مشهور آهي ته صبر سکڻو هجي ته سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' کان سکجي. پاڻ اعلىٰ پايي جا شاعر به آهن، سندن شعري مجموعا به ڇپيل اٿن. شاعري ڪين ورثي ۾ ملي اٿن. سندن ڪلام تي مشتمل ڪتاب "پيغام" سنڌي ادبي بورڊ سنه 1990ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. مشهور عالم مولانا غلام محمد گرامي جي راءِ مطابق: "امين سائين جي فن ۾ ذوق جماليات جي ڀرپور ترجماني آهي. ڪلام ۾ سوز و گداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ پرگو پخته ۽ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا. سندن تغزل، فني خيال کان رمزيت، معنويت، اشاريت، ايمائيت تي مشتمل آهي ۽ سندن پيرايه بيان رنگين ۽ دلڪش آهي. ڪافيون دردانگيز ۽ رقت خيز آهن، قومي شاعريءَ ۾ بهترين ڪلام چيو اٿن. سندن ڪلام ۾ ٻولي پختي، رسيلي، سُريلي، مٺي ۽ من موهيندڙ آهي، جا شاعريءَ جي زبان ۾ اچي وڏيڪ رنگين ۽ دلڪش بڻجي پئي آهي. سندن تخلص "امين" آهي.

قبلا سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' جي نالي سان هن خاندان ۾ اڳ ٽي وڏا قادرالڪلام شاعر ٿي گذريا آهن، جن ۾ سائين مخدوم امين محمد (اول) حضرت مخدوم نوح سرور عليه رحمت جو ڀيريون سجاده نشين هو، سندن وفات 63 ورهين جي ڄمار ۾، 7 شعبان المعظم 1015هه ۾ ٿي. ٻيو بزرگ، سائين مخدوم امين محمد (ثاني) (1837ع- 1795ع) هو ۽ ٽيون سائين مخدوم امين محمد (ثالث) عرف پکن ڏٽي جي نالي سان مشهور هو، 29- جون 1886ع ۾ سندن وفات ٿي. هو به پنهنجي دور جو سٺو شاعر هو.

قبلا سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' نهايت اصول پرست، نهايت حليم طبع رحمدل، عفو و درگذر ڪندڙ، صابر، شاڪر، قانع، سخي، ساده لباس، خوش خلق، خوش مزاج، سدابهار طبيعت، نيڪ نيت، پاڪ طينت، مساوات جا مجسمه ۽ انسان نواز شخص آهن. پاڻ انتقام جي برعڪس احسان ۽ عنايت، خيرخواهي جي جذبي سان مخالفن کي مانوس ۽ مطيع ڪندا آهن.

المختصر، قبلا مخدوم محمد امين 'فهيم' سائين جن سروري جماعت جا روحاني پيشوا ۽ گادي نشين آهن. پاڻ سلجهيل ۽ محبِ وطن سياستدان، باوقار، بااصول، سنجيده ۽ سنڌ جا مايه ناز اديب ۽ شاعر آهن. هڪ باشريعت بزرگ جي گادي نشين هئڻ وارا اهي سڀئي گڻ منجهن موجود آهن. سندن آواز، گفتار، رفتار، حسن خلق، اندازِ تخاطب پنهنجي والد بزرگوار جي هوبهو ڪاپي آهن. قبلا سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' جن جي شخصيت تي جيترو به لکجي اوترو گهٽ آهي، ڇاڪاڻ ته مون ناچيز وٽ اهڙا لفظ نه آهن جو هتي بيان ڪري سگهان، هو پاڻ ئي پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارا آهن.

حضرت مخدوم نوح سرور جن جي گهراڻي جون علم ۽ ادب ۾ وڏيون خدمتون آهن. هن گهراڻي جا ماڻهو هر دور ۾ علم، ادب ۽ شعر و سخن سميت خلق جي خدمت ڪرڻ ۾ هميشه پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلندا اچن ٿا.

هن گهراڻي ۾ شاعريءَ جو رجحان تمام گهڻو رهيو آهي، قبلا سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' کانپوءِ قبلا سائين مخدوم خليق الزمان سائين جن به سٺا شاعر آهن، سندن شعري مجموعو ڇپيل اٿن. ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان سائين به سٺا شاعر آهن. مخدوم سائين محمد سعيدالزمان 'عاطف' به بلندپايي جا شاعر آهن، سندن ڪافي

شعري مجموعا ڇپيا آهن. مخدوم سائين محمد سعيدالزمان سنا پڙهيل لکيل، سنجيده، نيڪ، پرهيزگار، رحمدل، حيادار، باشريعت، غريبن جا هڏ ڏوکي، علم پرور ۽ باوقار شخصيت جا مالڪ آهن ۽ پنهنجي وڏن جي ڇڏيل واٽ تي گامزن آهن، خلق جي خدمت ڪرڻ ۾ سندن وڏو ڪردار رهيو آهي. پاڻ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر به رهيا آهن، پاڻ ديني ڪتابن ڇپائڻ ۾ گهري دلچسپي وٺندا آهن.

"طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا" سنڌ جو ماي ناز ۽ هاڪارو علمي ۽ ادبي ادارو آهي. هن اداري مخدوم سروري گهراڻي سان تعلق رکندڙ اهلِ علم، اديبن ۽ بين شاعرن جو ڪلام ڇپائڻ جو ڪم بخوبي سرانجام ڏئي رهيو آهي. هن وقت هيءُ ادارو قبله سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن جي سرپرستيءَ ۾ هلي رهيو آهي.

قبله سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جي هينئر منسٽر بين الصوبائي رابطا حڪومت سنڌ آهن، پر پاڻ سنڌ جي نامور علمي ۽ ادبي اداري سنڌي ادبي بورڊ جا لائق چيئرمين به آهن. سنڌي ادبي بورڊ جو ذڪر نڪرندو ته سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن جي بورڊ لاءِ ورتل ڪوششن ۽ محنتن جو به ذڪر خير ضرور نڪرندو. حضرت قبله سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن جون بورڊ جي ڀلائي ۽ استحڪام لاءِ وڏيون قربانيون آهن. پاڻ بورڊ لاءِ وڏيون رٿائون منظور ڪرايون، بلڊنگون تيار ڪرايائون، ملازمن جي پينشن ۽ گريجوئٽي منظور ڪيائون. مطلب ته بورڊ ۾ اڄوڻ سان پاڻ نيون روايتون متعارف ڪرايائون، پاڻ هڪ ڪروڙ رپين جي خصوصي گرانٽ منظور ڪرائي فوتي اديبن ۽ شاعرن، يتيمن، بيواهن، ملازمن کي امداد ڏيارڀائون. "مهراڻ" ۾ لکندڙن لاءِ خصوصي معاوضو منظور پڻ ڪرايائون، سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا تي ڪم شروع ڪيو هئائون. بورڊ جي ملازمن لاءِ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي رجسٽر ٿي چڪي هئي، پر سندن وڃڻ کانپوءِ ان تي عمل درآمد ٿي نه سگهيو. هاڻي تازو ئي انهيءَ پراجيڪٽ تي موجوده چيئرمين قبله مخدوم جميل الزمان صاحب جن خصوصي دلچسپي ۽ ڪوشش وٺي چيف منسٽر کان 20 ايڪڙ زمين الاٽ ڪرائي قبله سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن جي خواب کي پورو ڪيو آهي. شروع ۾ بورڊ کي پنهنجي ڪا به بلڊنگ نه هئي، ان صورتحال کي ڏسندي قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ جن گاڏي کاتي وارو پنهنجو بنگلو "امين منزل" ڏنائون، جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ بورڊ کي جديد آفسيٽ مشينري وٺي بورڊ اندر نصب ڪرايائون ۽ گڏوگڏ عورتن جي لاءِ "سرتيون" رسالو به جاري ڪيائون.

موجوده وقت ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي لائق چيئرمن قبله سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن پاڻ اعلىٰ پايي جا اديب، صاحب ديوان شاعر، محقق، تاريخ نويس ۽ نوجوان سياستدان آهن. سندن مقبول ڪتابن ۾ "قافيا ڪوش" کي وڏي پذيرائي حاصل ٿي آهي. "قافيا ڪوش" شاعريءَ جي قافين تي هڪ لغت آهي، هن نوعيت جو ڪم هن ڪتاب کان اڳ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، ٻيو سندن خاندان تي لکيل ڪتاب "تذڪرهِ مخدومانِ هالا" وڏي مقبوليت ماڻي چڪو آهي. ڪين شاعريءَ سان گهري دلچسپي آهي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نالي پنيان سنڌي ادبي بورڊ مان "بينظير" نالي تحقيقي رسالي جو اجراء ڪيو اٿائون.

"قافيا ڪوش" خالص علمي ڪتاب آهي ۽ خاص طور تي علم شاعري، علم لغت، علم عروض ۽ علم اشتقاق سان دلچسپي رکندڙ حضرات لاءِ انتهائي مفيد ۽ ڪارائتو آهي. "قافيا ڪوش" ۾ آيل قافين جي ترتيب الف- بي مطابق رکيل آهي، جن کي سهوليت خاطر گروپن جو نالو ڏنو ويو آهي. قافيا گهڻو ڪري عربيءَ جي فعل- فاعل- مفعول جي وزنن تي آڌاريل آهن. عربيءَ سميت فارسي، هندي- سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ جا اصول به ڪم آيل آهن.

عربيءَ ۾ علم اشتقاق مطابق، ڪنهن به عربي لفظ جو اصل (بنياد) معلوم ڪرڻ جو هڪ قاعدو آهي، ان کي ي ت س م ن و ا (يتسمنوا) يا 'ناموسيت' چئبو آهي. هن جدول ذريعي ساڳيا اضافي اکر ڪٽ ڪري

باقي 3 اکر ملائبا آهن تہ اصل (بنياد) نکري ايندو آهي. شاعريءَ يا لغت ۾ قافين/ لفظن جي اصل (Origin) جي معلومات رکڻ شاعر ۽ لغت نويس لاءِ تمام اهم هوندو آهي.

عربيءَ ۾ ڪنهن لفظ جو اصل (Origin) ڳولڻ جو قاعدو، هيٺينءَ جدول ذريعي معلوم ڪبو آهي:

| اضافي اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| لفظ/قافيو عُشاق | ع | ش | ا | ق | - | - | - |

نوٽ: تيرَ وارا اکر ڪَٽبا تہ باقي ٽي اکر: ع ش ق بچندا، جنهن کي هن طرح ملائبو: 'عشق'. هتي لفظ 'عشق'، عُشاق جو بنياد (Origin) نکري آيو، ۽ لفظ 'عُشاق' عربيءَ جي وزن 'مَفعولُ' تي آڌاريل آهي. مف- عو-لُ شِين (ش) تي شدَ آهي، تنهنڪري اهو ٻنو اکرُ آهي، جنهن مطابق لفظ جي پيچ هن طرح ٿيندي: عش- شا- ق (مف- عو- لُ)

ڪتاب "قافيا ڪوش" ڊيمي سائيز ۾ 254 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب 'طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا' 2010ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ وٽان ڇاپي پترو ڪيو آهي. قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن 'پنهنجي طرفان' ۾ هن ڪتاب بابت لکن ٿا:

"منهنجو هيءُ ڪتاب خاص طور تي شاعرن لاءِ ۽ عام طور تي علم و ادب سان لاڳاپيل سيني طالب علمن جي لاءِ مددگار ثي سگهي ٿو."

بورڊ جي ملازمن لاءِ قبلہ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰؒ وانگر قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن ساڳئي محبت ۽ چير چانوَ آهن، اهو تہ سندن گهڻ رُخو عشق آهي جو منسٽر بين الصوبائي رابطا جي قلمدان جي مصروفيت هوندي بہ بورڊ جي نميواري قبول ڪيائون. ان کان علاوه سندن ذاتي دلچسپي ۽ تحرڪ وٺڻ سان ايجوڪيشن ڪاتي طرفان لکين رپين جي ڪتابن جي خريداريءَ جو آرڊر ورتو اٿائون. پاڻ هنگامي بنيادن تي نوان ۽ ريپرنٽ ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو پڻ تيز ڪيو اٿائون. پاڻ بورڊ جي 10 ملازمن کي پنهنجي ذاتي خرچ تي پلي پار عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ موڪلڻ جو بندوبست ڪيو اٿائون. اهي نالا قبلہ مخدوم سائنءَ ملازمن کي حيدرآباد جي انڊس هوٽل ۾ دعوت ڏئي، ڪُڻن ذريعي ڪڍيا.

پاڻ عالمن، اديبن ۽ شاعرن لاءِ مختلف سيمينار ڪرائين ٿا، سنڌي عورت کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ "عورت سيمينار" پڻ ڪرايا. ان کان علاوه ڪتابن جا مهورتي پروگرام، فنڪشن، تقريبي سلسلا وغيره هلندڙ آهن. منهنجي ربّ پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا آهي تہ سندن ڄمار وڌي ٿئي تہ اجا بہ وڌيڪ علم و ادب ذريعي خدا جي مخلوق جي خدمت ڪري سگهن.

مخدوم گهراڻي جي بزرگن ۽ عالمن جي تصنيفن جو تفصيل:

**مخدوم نوح سرورؒ:**

1. قرآن شريف جو فارسي ترجمو ۽ تفسير

**مخدوم فتح محمدؒ**

1. رسالہ فتحيہ

**مخدوم غلام حيدرؒ:**

1. سفينة النوح عرف سڪينۂ روح
2. مختصر سوانح عمري مخدوم نوح سرورؒ
3. اسوه محمدي صلي الله عليه وآله وسلم
4. نبوي اخلاق

**مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ:**

1. بهار طالب
2. رعابيات طالب
3. ڪچڪول
4. مثنوي عقل و عشق
5. خودشناسي
6. امام غزاليؒ جا خط
7. شيطان
8. سنڌ جو شڪار
9. مصريءَ جون ٽڙون
10. مضامين طالب
11. اسلامي تصوف
12. ڪافي
13. يادِ رفتگان
14. شانِ سروري
15. چپر ۾ چڙيون
16. ديوان طالب الموليٰ
17. لغات سنڌي مخففات
18. بي پير اڪيون
19. منهنجو نِنڊپڻ
20. آبِ حيات
21. بهارستان
22. انتخاب ڪلام

**مخدوم محمد امين 'فهيم':**

1. پيغام

**مخدوم سعيدالزمان 'عاطفؔ':**

1. عشق نہ چرچو ياڻءِ

2. ٻولي ڪبي نہ ٻي

## مخدوم جميل الزمان 'جميل':

1. صبوحي (تاليف)
2. سچ وڙاءُ (شاهہ جي بيتن جو انتخاب)
3. ملاقات (شاعري)
4. أتر لڳا آءُ پرين (شاعري)
5. انت محبوبي (نعتيہ ڪلام- تاليف)
6. ابريسون (نعتيہ ڪتاب جي شاعريءَ جون)
7. خيري شيرازي (لغت- تاليف)
8. سنڌ جي واقعاتي تاريخ (تاريخ)
9. تذڪره مخدومانِ هالا (تاريخ)
10. سيد فتح محمد شاهہ اجنائي (سوانح ۽ تاريخ)
11. انهن سنديون ڳالهڙيون
12. منهنجو ننڍپڻ
13. محبت پائي من ۾ (ديوان)
14. دلربا دلربا (تاليف)

## مددي ڪتاب


1. گلستانِ سروري- پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي، ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا 2010ع
2. "قافيا ڪوش"- مخدوم جميل الزمان، ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، 2010ع
3. يادِ رفتگان- مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1954ع
4. لغات سنڌي مخففات- مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1991ع
5. رسالہ فتحيہ- مخدوم فتح محمد صديقي قريشي، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 2011ع
6. "مهراڻ" شاعر نمبر 1-1969/2ع ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
7. مهراڻ سوانح نمبر-3-1957/4ع ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
8. ڇپر ۾ ڇڙيون- مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1971ع
9. پيغام، مخدوم محمد امين 'فهيم'، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1990ع

سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل جلد ٽيون، شمارو ٻيو اپريل- جون 2010ع ايڊيٽر: تاج جويو، ڇپائيندڙ: سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ

"مهراڻ" ٽماهي مهراڻ 2011/3ع

# علم، ادب، شاعري، سياست ۽ وفا جو پيڪر مخدوم امين 'فهيم'

زيڊ.اي پيرزادو

ڪي ماڻهو موتي هوندا آهن ته ڪي وري املهه ماڻڪ ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن کي انسانيت جو داعي تصور ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙن انسانن جو شمار، قول ۽ فعل جي پڪن ۽ وفادارن ۾ ٿيندو آهي. حالانڪ ڏسجي ته سنڌ اندر ٽن گادين جو اثر تمام گهڻو رهيو آهي جن ۾ هڪ گادي پيران پير دستگير جي، ٻي گادي پڳ ڌڻين پاڳارن جي ۽ ٽين گادي مخدوم سرور نوح رح جي، هن گاديءَ سان 9 لک گوڏڙيا مريد شامل آهن ۽ انهيءَ گاديءَ جو سنڌ ڌرتيءَ سان جيڪو تعلق رهيو آهي، اهو اڻٽٽ آهي.

جيڪڏهن تاريخ تي نظر وجهبي ته هالا جي مخدوم خاندان ۾ جتي روحاني اثر رهيو آهي ته اتي هن خاندان ۾ وفا جو جيڪو عنصر رهيو آهي، اهو ڪنهن کان به وسري نٿو سگهي، بهرحال ڏسجي ته جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ايوبي آمريت سان اختلاف ڪري وزارت کي ٺڪرائي پنهنجي الڳ سياسي پارٽي ٺاهي ته ان وقت درگاهه غوث الحق مخدوم سرور نوح رحمت الله عليه آف هالا شريف جي 17هين گادي نشين حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ شهيد ڀٽي کي پنهنجي مڪمل حمايت جو يقين ڏياريو، ۽ انهيءَ ڏينهن لاڙڪاڻي جي شهيد ڀٽي ۽ هالا جي مخدومن جون، محبت ڀريون اهڙيون ميخون لڳي ويون جو حضرت مخدوم طالب المولىٰ سائين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنيادي ڪنونشن هالا ۾ ڪرايو، جيڪو 3 ڏينهن هليو ۽ آخري ڏينهن تي شهيد ڀٽو خطاب ڪندي هالا جي انهيءَ مخدوم خاندان جي جيڪا واکاڻ ڪئي هئي، اها واکاڻ تاريخ جي ورقن مان ڪو ميساري نٿو سگهي، ۽ ان دوران حضرت مخدوم طالب المولىٰ سائين جي پڳدار فرزند سميت سڄي خاندان انهيءَ محبت جي لڳل ميخن کي پڻ ثابت قدم رهي پختو ڪيو.

سائين طالب المولىٰ جيستائين حيات هئا ته هُو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا سينيئر وائيس چيئرمين رهيا. سندن وصال بعد محمد امين 'فهيم' سائين کي انهيءَ عهدي تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن محترمه بينظير ڀٽو صاحبه مقرر ڪيو هو. مخدوم صاحب هوندئن به پيپلز پارٽيءَ سان وفادار هو، ويتر نميواري ملڻ بعد مخدوم امين 'فهيم' سائين پارٽيءَ سان اڻٽٽ رشتي ۾ سلهاڙجي ويو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽي جو هن انسان مٿان جيڪو اعتماد هو، ان مان اهو ثابت ٿيندو هو ته وفادارن ۽ قول فعل جي پختگي رکندڙ انسان ئي عظيم هوندا آهن ۽ اهي ئي اعتماد رکڻ وارا انسان عظيم هوندا آهن. جيڪڏهن ٿورو غور ڪجي ته ضيائي آمريت ۾ مخدوم صاحب پارٽيءَ سان جهڙي طرح نڀايو، ان جو مثال گهٽ ملندو، ڇاڪاڻ ته ضيائي آمريت ۾ سياسي پارٽين جي رجسٽريشن جو مسئلو آيو، ته پاڪستان پيپلز پارٽي کي رجسٽريشن نٿي ڏني وئي. انهيءَ موقعي تي شهيد محترمه بينظير ڀٽي جي حڪم تي پارٽيءَ جي سينيئر وائيس چيئرمين مخدوم محمد امين 'فهيم' پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جي

نالي سان رجسٽريشن حاصل ڪري ورتي. اهڙيءَ طرح تحريڪ بحاليءَ جمهوريت (ايم.آر.ڊي) ۾ مخدوم صاحب جيڪو ڪردار ادا ڪيو، اهو پڻ تاريخي مثال رهيو، جنهن ۾ مخدوم سائين خليق الزمان ۽ مخدوم سائين رفيق الزمان جن به پنهنجي پڳدار پيءُ جي حڪمن تي ۽ پارٽي پاليسين تي اڳ ڪان اڳڀرا رهيا.

حضرت سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو هڪ موقعي تي چيو هو ته اقتدار جي چمڪ ڏسي گهڻا ماڻهو منهن ڦيرائي ويندا آهن، پر مخدوم امين 'فهيم' آمر پرويز مشرف پاران وزارت عظميٰ ۽ وڏ وزارت جهڙن منصبن کي ٺوڪر هڻي جهڙي طرح پيپلز پارٽيءَ سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي، ته انهيءَ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اقتدار مخدوم صاحب لاءِ ڪا وڏي شيءِ نه آهي، حالانڪ مخدوم سائين 9 ڀيرا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي ايم.اين.اي رهيو ۽ سندن اڳيان ڪوبه فارم نه ڀريندو هو، پر جيڪڏهن ڪنهن فارم ڀريو به ته اهو شڪست سان همڪنار ٿيو.

مخدوم سائين جهڙي طرح عظيم سياستدان هو ته اهڙي طرح عظيم شاعر به هو، اهو گڻ به ڪين والد محترم کان ورثي ۾ مليو. سندن والد به هڪ عظيم سياستدان سان گڏوگڏ عظيم شاعر به هو، مخدوم محمد امين 'فهيم' 1953ع کان باضابطا شاعريءَ جي شروعات ڪئي، حالانڪ سائين محمد امين 'فهيم' پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان جهڙي طرح وفا ڪندي وقت گذاريو ته اهڙي طرح سندس ۽ خاندان جي گنريل دور ۾ پذيرائي نه ٿي، پر جن جي رت ۾ وفا شامل هوندي آهي، اهي بي وفائيءَ جو ٻج ڪڏهن به نه وجهندا آهن، بنده راقم الحروف کي هڪ وقت ياد آهي ته جڏهن شهيد ڀٽي جي هڪ ساٿي گنبٽ جي اڳوڻي ايم.پي.اي پير سيد حاجي گل شاهه جيلاني مرحوم سان گڏ حضرت مخدوم سائين محمد امين 'فهيم' سان سندن رهائشگاهه تي ڪراچيءَ ۾ ملاقات لاءِ وياسين ته مخدوم صاحب جن بيحد خوش نظر آيا، اهو دور ضيائي آمريت وارو هو. ان موقعي تي مخدوم سائينءَ ڪچهري دوران فرمايو ته پير صاحب پارٽيءَ تي جيڪو ڏکيو وقت هلي پيو، اهو

وقت پارٽيءَ اڳواڻن کي ڪُندن بنائيندو ۽ ظالم آمر جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهي، اهو سڀڪجهه پارٽيءَ جي مضبوطيءَ وارو عمل آهي ۽ جڏهن به چونبون ٿينديون ته محترمه بينظير ڀٽو صاحب ملڪ جي وزيراعظم طور منصب ماڻيندي، مخدوم صاحب جن انتهائي شفيق انسان نظر آيا، انهيءَ ملاقات ۾ اهو محسوس ٿيو ته هيءُ عظيم انسان، هر هڪ لاءِ ملنسار شخصيت آهي. هونئن به ڏسجي ته خانداني ماڻهو همٿ ۽ وقار وارا ٿيندا آهن. 9 ڀيرا ايم.اين.اي رهڻ ڪيترائي ڀيرا وفاقي وزارتن جو منصب ماڻيندڙ ۽ روحاني گاديءَ جو 18هون گادي نشين هڪ اهڙو انسان، جنهن سان جيڪڏهن ڪو ڀار، هاري، مزدور، پورهيت يا غريب ڪارڪن وڏي وجي ڳالهائي ته هو ساڻس شفقت سان ملي ڪانئس حال احوال وٺي.

مخدوم سائين جڏهن وفاقي وزير ڀهريون پيرو ٿيو ته بنا فرق جي ۽ بنا رنگ نسل جي ڪوڙ سارن ماڻهن کي ٽيليفون ڪاتي ۾ بي انت روزگار سان نوازيو. مخدوم سائين فرمائيندا هئا ته انسان کي قلم جو سخي هجڻ گهرجي. قلم جي سخاوت انسان کي عظيم کان عظيم تر بڻائيندي آهي. سنڌ جي ڪلاسيڪل وڏيرو سردار شاهنواز خان جوڻيجو پڻ چوندو هو ته مخدوم محمد امين 'فهيم' قابلِ احترام سان گڏوگڏ قابلِ فخر شخصيت به آهي. تڏهن ته هن پنهنجي فرزندن کي وصيت ڪئي هئي ته منهنجي وصال بعد سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' کي پنهنجو بزرگ ۽ وڏو سمجهندا ۽ ان جو حد کان وڌيڪ احترام ڪندا.

اڄ جڏهن سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' هن فاني دنيا کي ڇڏي دارالبقا طرف روانا ٿي چڪا آهن ته سندن سوڳ ۾ شهرن جا شهر، ڳوٺن جا ڳوٺ بند ٿي ويا، هر طرف سوڳ ڇانيل آهي، سروري جماعت جا ماڻهو ڏک ۾ سوڳوار آهن. هاڻ اسان 19هين گادي نشين مخدوم جميل الزمان مان به اها اميد ڪريون ٿا ته هُو پنهنجي والد بزرگ جيان مڙني ماڻهن جي سهنج رسائيءَ ۾، ۽ پارٽيءَ جي ڀلائيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو.



جي حياتيءَ وفا ڪئي تہ ’فهيم‘، عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي

# مخدوم امين ’فهيم‘ وڇڙي ويو...

**نور سنڌي**

21- نومبر تي صبح جو 5:00 وڳي مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ جي ڪال تي ڇرڪي پيس، ڇاڪاڻ تہ اهڙي وقت ڪال، خيريت جي نہ هوندي آهي. جڏهن سائينءَ ٻڌايو تہ قبلہ مخدوم امين ’فهيم‘ رحلت ڪري ويا آهن تہ مٿي ڪي چڪر اچڻ لڳا، دل ٻڏڻ ڪري اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. ساڻن ملاقاتون، ڪچهريون حاضريون ذهن ۾ پردي تي ڦرڻ لڳيون. پاڻ ڪجهہ عرصي کان ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي نيٺ 21- نومبر 2015ع بمطابق 8 صفر 1437هہ تي، فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.

سندن جسدِ خاڪي کي لکين روئيندڙ اکين، آهُن دانهُن سان هالا ۾ حضرت مخدوم نوح جي درگاهہ اندر ڌرتيءَ ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو، سندس آخري سفر ۾ قيامت خيز منظر هو، سندن وصال تي هالا سميت مٽياري ضلعي جي تقريباً شهرن سان گڏ سنڌ جا ڪيترائي شهر سوڳ ۾ بند رهيا. سندن وصال جي خبر اليڪٽرانڪ ميڊيا تي بريڪ ٿيڻ بعد سڄي ملڪ مان هزارين مريد، عقيدتمند، ملڪ جون سياسي سماجي شخصيتون هالا پهچي ويون ۽ آخري سفر ۾ شريڪ ٿيون. پاڻ حضرت مخدوم نوحؒ جا 19 سجاده نشين، پاڪستان پيپلز پارليامينٽيرين جا چيئرمن هئا. پاڻ روحاني ۽ ملڪ جي مشهور سياسي شخصيت هئڻ جي باوجود سباجهڙي، ٻاجهاري ۽ فقير منش طبعيت جا مالڪ هئا.

پاڻ ننڍي هوندي کان انتهائي ذهين گهٽ ڳالهائڻ وارا جيڪو بہ ڳالهائين اهو مختصر پر اهي لفظ موتين مالها هوندا هئا. ڪين ننڍي هوندي کان والي بال، شڪار، فوٽوگرافي، شاعري، تاريخي ۽ اسلامي ڪتابن جي مطالعي سان چاهہ هو. پاڻ وڏي پائي جا شاعر هئا. شاعري کين خانداني ورثي ۾ ملي. پاڻ 1959ع کان والد جي شاعريءَ کان متاثر ٿي شاعري ڪرڻ لڳا. شاعريءَ ۾ رهنمائي والد صاحب کان حاصل ڪئي. سندس شاعري ۾ غضب جي روانگي هئي. شاعري ۾ ڪافي ۽ غزل تي کين عبور حاصل هو. سندن شاعريءَ جو مجموعو ’پيغام‘ شايع ٿيل آهي، جڏهن تہ وڏي تعداد ۾ اڻڇپيل شاعري موجود آهي. سندن ڪلام رونا ليليٰ، عابده پروين سميت ڪيترن ئي فنڪارن ڳايو آهي.

جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو، ان بعد لنڊن ۾ سندن ملاقات مخدوم امين ’فهيم‘ سان ٿي ۽ شهيد ڀٽي کين پيپلز پارٽي جيءَ عوامي مفادن واري وسيع نظر پروگرام کان آگاهہ ڪيو ۽ کين گذارش ڪئي تہ پاڻ پنهنجي والد مخدوم طالب المولي کي سندن پاران گذارش ڪن تہ پاڻ عوام جي مفاد خاطر پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿين. مخدوم محمد امين ’فهيم‘ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڳالهين کان متاثر ٿي ذوالفقار علي ڀٽي جو پيغام والد صاحب تائين پهچايو ۽ پاڻ خود کين

گذارش ڪئي ته پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿين، ان بعد ڀاڻ ڀٽو صاحب ۽ مخدوم طالب المولىٰ جي هڪ ملاقات ڪرائي ۽ مخدوم صاحب لکين مريدن سان گڏ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو. ان بعد پيپلز پارٽيءَ جو پهريون مرڪزي ڪنوينشن هالا ۾ ٿيو، مخدوم خاندان ۽ سروري جماعت جي پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪري پيپلز پارٽي وڌيڪ مضبوط ٿي.

مخدوم محمد امين 'فهيم' پيپلز پارٽي جي باني ميمبرن ۾ شامل آهي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي پرائمري دور ۾ مخدوم امين 'فهيم' پارٽي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي، مخدوم محمد امين 'فهيم' ۽ سندس خاندان وارا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو سان وفادار رهيا، ڏکين دورن ۾ جڏهن پيپلز پارٽي جا چڱا ڀلا اڳواڻ خاموش رهيا، انهن دورن ۾ مخدوم امين 'فهيم' ۽ سندس خاندان وارن نه صرف ڀٽو خاندان سان وفادار رهيا، پر پيپلز پارٽيءَ ۾ ثابت قدم رهيا ۽ پارٽيءَ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون.

مخدوم امين 'فهيم' سياسي زندگيءَ جو آغاز، هالا ٽائون ڪميٽيءَ جي چيئرمين شپ سان ڪيو، 1970ع ۾ عام چونڊن ۾ بنا مقابلي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو، 1988ع واري چونڊ ۾ اڪثريت سان ايم.اين.اي چونڊيو ۽ ڪيس مواصلات جهڙي اهم کاتي جو وفاقي وزير بڻايو ويو. ڀاڻ هر عام چونڊ ۾ ايم.اين.اي چونڊبو رهيو آهي. 1993ع ۾ ڪين وفاقي وزير هائوسنگ تعميرات ۽ 2009ع جي پيپلز پارٽي حڪومت ۾ وفاقي وزير واپار ٿيو، ڀاڻ وفاقي وزير رهڻ دوران نه صرف مٽياري ۾ پر سڄي ملڪ ۾ خاص طور سنڌ ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا، هزارين نوجوانن کي نوڪريون ڏنيون.

نواز شريف ۽ پرويز مشرف دور ۾ پيپلز پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ وزيرن خلاف وڏي پيماني تي انتقامي ڪاروايون ٿيون، حڪمرانن مخدوم امين 'فهيم' خلاف به ڪرپشن، سرڪاري فنڊن جي ناجائز استعمال جا ثبوت، هٿ ڪرڻ لاءِ سندس کاتي جا فائيل اٿلايا، پر هنن کي مخدوم امين 'فهيم' خلاف ڪي به ثبوت هٿ نه آيا. موجوده دور ۾ مخدوم امين 'فهيم' خلاف جيڪي ڪرپشن جا ڪيس داخل ٿيا آهن، اهي ثابت نه ٿي سگهيا آهن، مخدوم خاندان ۽ سروري جماعت، ان کي مخدوم امين 'فهيم' خلاف سازش قرار ڏين ٿا.

شهيد محترمه جڏهن جلاوطني ختم ڪري واپس ملڪ موٽي ته مخدوم امين 'فهيم' ان ڏينهن کان هر جلسي، هر دوري، هر پروگرام ۾ گڏ رهيو. شهادت واري ڏينهن به ساڻن گڏ هو. ڪراچيءَ ۾ ڪارساز واقعي ۾ مخدوم امين 'فهيم' کي مٽي ۽ پٿن ۾ ڌماڪي واري مادي جا ٽڪرا لڳا. شهيد راڻيءَ جي شهادت بعد پيپلز پارٽيءَ لاءِ ڪيترائي خطرا پيدا ٿي ويا، اليڪشن مهم ۾ شهيد محترمه کان پوءِ مخدوم امين 'فهيم' کان سواءِ ڪوبه ايڏي وڏي ۽ ايڏي پائي جو ليڊر نه هو، جيڪو عام چونڊن ۾ اليڪشني مهم هلائي ۽ مخدوم امين 'فهيم' جهڙي نازڪ نفيس شخص رات ڏينهن هڪ ڪري سڄي ملڪ ۾ چونڊ مهم هلائي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ پيپلز پارٽيءَ سان ان کان وڌيڪ کهڙي وفاداري ٿي سگهي ٿي جو شهيد محترمه جي ٽيجهي تي آصف علي زرداري اهو اعلان ڪيو ته شهيد محترمه جي فيصلي موجب اينڊڙ وزيراعظم مخدوم امين 'فهيم' هوندو، پر چونڊن بعد شهيد محترمه جي خواهش موجب آصف علي زرداري مخدوم امين 'فهيم' بجاءِ يوسف رضا گيلاني کي وزيراعظم بڻايو ۽ مخدوم صاحب کي ڪا سٺي وزارت به نه ڏني، نه صرف ايترو، پر سنڌ حڪومت ۾ سندس فرزند مخدوم جميل الزمان کي به بنا ڪم واري وزارت ڏني، اهڙيءَ صورتحال ۾ هر ماڻهو جو اهو اندازو هو ته هاڻ مخدوم امين 'فهيم' پارٽي ڇڏي ويندو، ليڪن دنيا ڏٺو ته مخدوم امين 'فهيم' اقتدار جي ڪرسي کي اهميت ڏيڻ بجاءِ شهيد ڀٽو، شهيد محترمه ۽ سندن پارٽي جي مفادن کي اهميت ڏني وقت به وقت پيپلز پارٽيءَ جي ڪوچيئرمن کان وٺي ڪجهه پيپلز پارٽي ليڊرن مخدوم امين 'فهيم'

خلاف بيان به ڏنا ۽ موجوده سنڌ حڪومت ۾ جيڪو مخدوم خاندان کي مانُ مليو، اهو ڪنهن کان به ڳجهو نه آهي، سروري جماعت جي ماڻهن کي نظرانداز ڪيو ويو، پنهنجي حڪومت ۾ انتقامي ڪاروايون ڪيون ويون، ليڪن مخدوم امين 'فهيم' شهيد جي پارٽيءَ کي نه ڇڏيو، پاڻ وصال تائين پيپلز پارٽي سان وفادار رهيو. پاڻ پيپلز پارٽيءَ جو اثاثو هو، سندس وصال سان ملڪ جي سياست ۾ وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي، جيڪو پيپلز پارٽيءَ لاءِ وڏو نقصان آهي، ان جو احساس ۽ اندازو شايد ڪنهن کي هن وقت محسوس نه ٿئي، پر وقت گذرڻ سان سندن خال محسوس ٿيندو.

منهنجون ساڻن لاتعداد ملاقاتون رهيون، جڏهن به هالا ايندا هئا ته وٽن حاضري ضرور ٿيندي هئي. آءٌ جڏهن هالا ۾ صحافت ڪندو هئس، ان کان وٺي سندس لاتعداد پريس ڪانفرنسون به ڪَوَر ڪيون. مون ڪانئن ڪيترائي انٽرويو پڻ ڪيا، ڪجهه عرصي کان سندس طبعيت ناساز هئي، کين دبئي، لندن، آمريڪا ۾ به علاج لاءِ نيو ويو، طبعيت ۾ ڪجهه بهتري اچڻ بعد کين ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، جتي سندن طبعيت ڪڏهن صحيح، ڪڏهن بگڙيل رهي ۽ 21- نومبر جي صبح جو سندن ساهه جو سڳو ٽٽي پيو ۽ پاڻ لکين مريدن، چاهيندڙن کي ڇڏي، اتي هليا ويا، جتي اسان مان هر ڪنهن کي ڏينهن پڄاڻي هلڻو آهي. پاڻ ظاهري طور اسان کان جدا ٿي ويا آهن پر اسان جي دلين، دماغن ۽ سوچن ۾ سدائين گڏ هوندا.

## غزل

**خدا ڄاڻي ته پورو هجر وارو غم ڪڏهن ليندو،**
**سڄڻ هن خانهء دل ۾ مڪين هر دم ڪڏهن ليندو.**

**روان اشڪِ مسرّت، تومان چشمِ نم ڪڏهن ٿيندو،**
**خبر ڪانهي دلِ مجروح جو مرهم ڪڏهن ٿيندو.**

**وٺيو پيو جاده' منزل وڃان اميد تي ليڪن،**
**پتو ناهي ته هن جو پورو پيچ و خم ڪڏهن ٿيندو.**

**سڻيو واعظ وڏو منصوبو آهي مئي پرستن لءِ،**
**خدا ڄاڻي ته سوئي درهم و برهم ڪڏهن ٿيندو.**

**جدائي،درد و غم آخر ڇڏي ويندا نه ٿي غمگين،**
**۽ توتي يار جو لطف و ڪرم پيهم ڪڏهن ٿيندو.**

**متان دلگير ٿِين هر گز، جدائي ۾ "فهيم" آخر،**
**ڪرم فرمائي رشڪِ مهوشان همدم ڪڏهن ٿيندو.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

10، مارچ 1958ع
10 بجه رات ٽنڊو محمد خان

# هالا شهر ۽ مخدوم خاندان

**غلام سرور ٿهيم**

هالا سنڌ جي تاريخي، علمي، ادبي، ثقافتي، هنري ۽ واپاري شهرن مان هڪ آهي. هيءُ شهر ڪراچيءَ کان 161 ميلن ۽ حيدرآباد کان 35 ميلن جي مفاصلي تي اُتر ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، پهرين "ٽوڙي" ۽ بعد ۾ "هالڪندي" سڏبو هو. هالڪندي هن وقت پراڻا هالا سڏجي ٿو. هن علائقي ۾ هالا برادريءَ جا ماڻهو آباد هئا، جيڪي ڄام هالي سمي جي ڪُٽنب سان تعلق رکن ٿا. موجوده نوان هالا جتي حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي درگاهه آهي، سو مخدوم نوحؒ جي چوٿين پيڙهيءَ ۾ سن 1140هه ۾ مخدوم مير پير ٺهرايو هو، بعد ۾ ٻوڏ جي خطري ڪري، اُتان سروري خاندان جي بزرگن جي سجاد مطهره جون صندوقون 1790هه ۾ ڪڍائي نئين پٽ ۾ آنديون ويون جتي مخدوم حامد بن مخدوم نوحؒ جو مقبرو اڳي ئي جڙيل هو. پهرين ان کي 'اسلام آباد' جي نالي سان سڏيو ويو، پر بعد ۾ اهو ڏيهه بہ هالا سڏجڻ لڳو، ان کي هالا نوان ۽ هالا گنجابہ سڏيو ويو.

هالا نوان جو بنياد، مخدوم مير محمد (ثاني) عرف مخدوم مير پيرؒ ائين سجاده نشين (1938-1989ع) جي ڏينهن ۾ پيو، ان ئي هالا نوان جي تعمير ڪرائي ۽ هالا شهر جي وڏي شاهي بازار 1917ع ڌاري ٺهي، جيڪا مخدوم ظهيرالدينؒ "15 سجاده نشين" ٺهرائي، هن انهن ڏينهن ۾ 1913- 1917ع ڌاري هالا ۾ اسلامي تعليم جي واڌاري لاءِ وڏو ديني مدرسو قائم ڪيو، ان سان گڏ هتي صنعت و حرفت جي بہ سرپرستي ٿيڻ لڳي، هتي جي اجرڪ، ڪاشي، ۽ جنديءَ جو هنر هنڌين ماڳين مشهور ٿيو، هتي تمام سنهو نفيس ۽ عمدو ڪپڙو اڻجڻ لڳو، ۽ هتي جا ماڻهو، ديندار تعليم يافتہ ۽ معاشي طور آسودا ۽ سکيا ستابا ٿيڻ لڳا.

1832ع ۾ هالا هڪ وڏو ۽ ڳتيل شهر هو جنهن جي آبادي، 4-5 هزار هئي ۽ هتي هڪ شاندار ۽ وڏي بازار موجود هئي، آهستي آهستي هيءُ شهر، ترقي ڪندو ويو ۽ پهرين درگاهه روڊ جي ڪابي پاسي مخدوم غلام حيدر صديقي رحہ سال 1945ع ۾ هاءِ اسڪول ۽ سال 1951ع ۾ ڪاليج تعمير ڪرايو. سن 1860ع ۾ هالا ۾ ميونسپالٽي قائم ٿي، هالا شهر جي هڪ طرف ڪلهوڙا حڪمرانن جي تختگاهه "خدا آباد" جا قديم آثار آهن تہ ٻئي طرف مير شهداد خان جو ٻڌايل شهر 'شهدادپور' آهي، ٽيئن طرف هالا پراڻا آهي تہ چوٿين طرف 5 ميلن جي مفاصلي تي دنيا جو عظيم صوفي شاعر حضرت عبداللطيف ڀٽائيؒ جو مسڪن "ڀٽ شاهہ" آهي. مخدوم نوح سرورؒ جو مقبرو، سن 1205هه ۾ جڙيو، مقبرو پير محمد زمان صاحب جن جوڙائڻ شروع ڪيو ۽ مير فتح علي خان ٽالپر مڪمل ڪرايو.

ملڪي سطح تي علم و ادب کان علاوه سياست جي ميدان ۾ بہ هالا جو اهم رول رهيو آهي، هتي جي اهم سياسي شخصيتن ۾ مخدوم غلام

حيدر صديقي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، مخدوم امين 'فهيم'، مخدوم خليق الزمان، مخدوم جميل الزمان، ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان، ڪامريڊ غلام حسين سومرو، قاضي حفيظ قريشي، عرفان مهدي، سيد شاهه محمد شاهه، عبداللطيف انصاري، ناز لطيفي، رئيس علي احمد نظاماڻي، رئيس نظير احمد راهو، سيد ذوالفقار علي شاهه ڄاموٽ، سيد محمد علي شاهه ڄاموٽ، پير نور شاهه، سيد جلال شاهه ڄاموٽ، سيد جمال شاهه ڄاموٽ، سيد پناهه علي شاهه، پير امير علي شاهه هاشمي، سيد امير علي شاهه ڄاموٽ ۽ ٻيا شامل آهن.

سنڌ جي سرزمين تي هزارين ننڍيون وڏيون برادريون مختلف وسندين ۾ آباد آهن. ماضيءَ ۾ هالڪنڊي پرڳڻو وڻج واپار جي لاءِ آمد و رفت سبب وڏي اهميت جو حامل هو. ڪشمير ۽ اترئين علائقن مان ڳچ شيون جهڙوڪ: ڪاٺ، ميوات، مصالحا، سلاجيت، ۽ پهاڙ مان حاصل ٿيندڙ جڙي ٻوٽيون، سنڌو درياءَ ذريعي، وڏي مقدار ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي دريائي شهرن ۾ برآمد ٿينديون هيون.

هالڪنڊيءَ ۾ 'اسلام پور پتڻ' وٽ توڙي اڳتي، ڪنبوءَ وٽ به وڏا واپاري مرڪز هئا ۽ اتي جا واپاري، اهو مال درآمد ڪندا هئا، جيڪو پوءِ ٻين مختلف شهرن ۾ ڳوٺن کي سپلاءِ ڪيو ويندو هو. 'اسلام پور' کان اڳتي 'هالڪنڊي' ڳوٺ هوندو هو جتي هالا، ڪميونٽي ڪثرت ۾ رهندي هئي جڏهن ته ڳوٺ جي ٻاهران ڪنڊيءَ جو هڪ وڏو وڻ هوندو هو. هالڪنڊي هن وقت هالا پراڻا آهي، جتي حضرت ابوبڪر صديقؓ جي اولاد مان ڪي بزرگ لڏي اچي رهيا هئا. ان خاندان ۾ اهم بزرگ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرورؒ هو جيڪو پنهنجي وقت جو عالم، بزرگ، مصلح، مقرر، شاعر ۽ مترجم قرآن شريف هو. سنڌي ڪنڊ ۾ سڀ کان پهرين مخدوم نوح سرورؒ فارسي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو هو، جيڪو شاهه ولي الله دهلوي، کان گهڻو اڳ جو آهي، ان سروري خاندان هر دور ۾ عام ماڻهن جي ساڃاهه دين جي فروغ، معاشرتي اصلاح، تعليم جي فرواني، سنڌ جي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب جي ڦهلاءَ لاءِ نمايان ڪوششون ڪيون آهن، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سروري خاندان ۽ سروري جماعت جو 17 هون سجاده نشين هو. هُو نه فقط اديب، عالم ۽ شاعر هو، پر هن سنڌ جي ادب، تاريخ، ٻولي ۽ ثقافت جي فروغ لاءِ ڄاندار ڪوششون ڪيون هيون، مخدوم طالب المولىٰ جون ٻه شاديون ٿيون، هڪڙي پنهنجي خاندان مان، جنهن مان ڪين هڪڙو فرزند ۽ هڪ نياڻي ڄائي، ٻي شادي حيدرآباد جي هڪ نامور عالم ۽ بزرگ مولانا فضل احمد عزنويءَ جي صاحبزاديءَ سان ٿي، پهرين گهر واري جي وفات کان پوءِ مخدوم طالب المولىٰ تارڪ دنيا اختيار ڪئي ۽ هالا شهر کان گهڻو پري (پڪا) مڪان ۾ عبادت ۽ رياضت ڪئي جتي سندن روپ هڪ درويش ۽ فقير جهڙو نظر ايندو هو. پڪا ۾ سندن ڏاڏي مخدوم محمد امين پڪن ڌڻيءَ جو آستانو هو، جنهن کي وفات کان پوءِ اتي ئي دفنايو ويو هو، سندن قبر مٿان مقبرو پڻ اڏيل آهي.

مخدوم طالب المولىٰ جي پهرين گهر واريءَ مان واحد فرزند مخدوم امين صديقي قريشي هو جيڪو بعد ۾ شعر و شاعريءَ کان پوءِ 'امين فهيم' جي نالي سان مشهور ٿيو، مخدوم طالب المولىٰ کي ٻئي گهر واريءَ مان مخدوم خليق الزمان، مخدوم غلام محمد، ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان، مخدوم الله بچايو، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم عبدالحسين، مخدوم سعيد الزمان، مخدوم غلام حيدر، مخدوم نويد الزمان ۽ مخدوم نوح فقير آهن.

مخدوم امين 'فهيم' 4- آگسٽ 1939ع ۾ هالا ۾ ڄائو ۽ پهرئين پٽ جي حيثيت ۾ امين 'فهيم' پوري گهر ۽ خاندان جو لاڏلو فرزند هو. سروري خاندان ۾ اهو لازمي طريقو رهيو آهي، ۽ اهو مخدوم طالب المولىٰ 6- آگسٽ 1981ع تي مسلم انجم پرائمري اسڪول هالا جي نئين سر تعمير جي افتتاحي تقريب ۾ ٻڌايو هو ته ميمڻ برادري سنڌ جي دينڊار، خدا ترس ۽ هڏ ڏوڪي برادري آهي، علم هنر

سان گڏ وٽج واپار سنڌن رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. اسان مخدوم خاندان وارن کي جڏهن ٻه نرينه اولاد پيدا ٿيندو آهي ته ان کي ميمڻ برادريءَ جي عورتن حوالي ڪندا آهيون، اهي عورتون کين کير پيارينديون آهن، انڪري ميمڻ برادري اسان جي رضائي برادري آهي، مثال طور: مخدوم طالب الموليٰ جن يونساڻي برادري جي محمد يونس جي گهر واري جي ٿڃ پيتي ۽ مرحوم نورمحمد (نورل) يونساڻي سندس رضائي ڀاءُ ٿيو. مخدوم امين 'فهيم' کي مرحوم محمد جمن ميمڻ سيٺ جي والده جي ٿڃ پياري ويئي.

مخدوم امين 'فهيم' 1953ع کان باضابطا شاعريءَ جي شروعات ڪئي، مخدوم امين 'فهيم' وڏو شاعر هو ۽ موسيقيءَ سان ڏاڍو چاهه پڻ هئس، سنڌن اڄ به ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ آل انڊيا ريڊيو تي مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ڪلام ٻڌجن پيا. سنڌ جي نالي واري فنڪارن پڻ سنڌن ڪلام ڳايو، جن ۾ رونا ليليٰ، حسين بخش 'خادم'، استاد منظور علي خان، استاد محمد يوسف، عابده پروين وغيره. حسين بخش خادم جي آواز ۾ هيءَ مشهور ڪافي 'ڪهڙي سبب مون کي وينين وساري' منظر عام تي آئي. 1958ع ۾ سنڌن هن غزل کي ته ان ڪافيءَ کان اڳ ئي شهرت ملي چڪي هئي:

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هيءَ خطا بارها ڪري ڏسبي.
جي حياتيءَ وفا ڪئي ته 'فهيم'،
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

1970ع ڌاري سياست جي دنيا ۾ پير پائڻ کان اڳ جڏهن پاڻ بزم طالب الموليٰ جا پريزيڊنٽ هئا، بزمن جي شاعرن ۾ سنڌن اهڙا غزل ٻڌا ويا:

گهڻو دلبر لڪئين ليڪن ڏسڻ وارن ڏسي ورتو،
رخ انور اي سهڻا نيڻ مون پارن ڏسي ورتو.

يا

نظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو،
خزان رسيده بهارن وڏو فريب ڏنو.
حياتي ساري ٻتن جي ئي پيار ۾ گذري،
'فهيم' نقش نگارن وڏو فريب ڏنو.

1971ع ڌاري محمد حسين ٽالپر عرف مولانا هيپي صاحب جڏهن سنڌي فلم سوچي پئي، تڏهن ان تي نالي جي ڳولا به ڪئي پئي، تڏهن ايسٽرن فلم اسٽوڊيو ۾ خوبصورت ۽ نوجوان امين 'فهيم' صاحب کين پنهنجي هيءَ ڪافي ٻڌائي هئي:

"تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس"، ۽ مولانا هيپي صاحب اها ڪافي ٻڌڻ سان پنهنجي فلم جو اهو ئي نالو تجويز ڪيو هو: "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ" ۽ گڏوگڏ بلاول بيلجم جي موسيقي ۾ بلبل مهراڻ روبينه صاحبه جي آواز ۾ اها ڪافي رڪارڊ پڻ ڪرائي ۽ فلم ۾ ان کي شامل رکيو.

غالب، فيض، ساحر، جوش، فراز، داغ ۽ ذوق، مخدوم امين 'فهيم' جا من پسند شاعر هئا. سندس ڏاڏو امين به وڏو شاعر هو ۽ سندس والد مخدوم طالب الموليٰ جي شاعريءَ جو ته انداز ئي نرالو آهي.

اڄ به اهو ئي آهي جيڪو هو اڳ،
هئڻ رڳو هن جو جلوو آهي جڳ.

بقا هڪ الله کي ٻيو سڀ فنا،
هستي فقط هن جي انسان سندس ادا.

ڏسڻ کان جو ڏور سو ويجهو آهي وجود کان،
ڪک پن ۾ ڪريو جو سرو ئي نور ذرڙو ذرڙو
ذرڙو لئي ڪاملن ڪوه طور جو ڏسي نٿو ڏيهه ۾
تنهن قلب جو قصور ديون دنيا واريون اٿي پٽي پور
طالب مولا ڄاڻ تون هر جا اٿئي حضور.

اکيون سڪنديون ئي رهيون سڪ ۾ روز سدا طالب
المولا طلب ۾ ڪئا سبب خدا ڪئا قدمن حق ادا هلڻ جا حبيب ڏي
راهان ڪڏهن نه رهيا هي قربائتا قدم،
ڪٿي ڪيئون ڪين ڪي دلبر ڌاران دم.
لاٿئون سڀ اکين جا جيڪي گوندر غم،
طالب مولا تن کي هئا اندر منجهه الم.
ته به ڪيئون اهڙا ڪم جو ڪنهن کان ٿيا ڪين ڪي.

مخدوم امين 'فهيم' جي شاعري جو مجموعو شايع ٿي چڪو آهي سندس مجموعي 'پيغام' کي بيحد ساراهيو ويو. شاعري ۾ هُو پنهنجي والد جو شاگرد آهي، هن علمي ۽ ادبي گهراڻي جو شعر ۽ شاعري سان دلچسپيءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهون ٿا ته امين 'فهيم' جي موقعي تي بين رسمن سان گڏ آل سنڌ مشاعرو به ڪرايو ويو هو ۽ ان مشاعري ۾ پڙهيل شاعري ڪتابي شڪل ۾ به ڇپجي چُڪي آهي، شاعر حسن پرست نه هجي ته سندس شاعري به ڦڪي لڳندي.

اڄ ڪجهن سي جرم جن تي خوب جرمانا هجن،
۽ سياڻي هر زبان تي جن جا فسانا هجن،
فڪر ڪهڙو حال جي ڪنهن جا فقيرانا هجن،
دل هجي زنده انهي سان شوق شاهانا هجن.
جان جي بازي لڳائن سر تري تي جي رکن،
سي هلن مون ساڻ جيڪي مرد مردانا هجن.
بت شڪن خواهش جي هردم هيءَ تمنا ٿي رهي،
ڪاش ڪيئي بت هجن ۽ ڪيئي بتخانا هجن.
بندشن اهڙي ته آهي سلب آزادي ڪئي،
تنگ ٿي پنهنجا به چاهين ٿا ته بيگانا هجن.

اڄ رات ڏکي گذري اڄ رات چڱي گذري،
دلبر جي اڳيان ساعت ۾ هيهات چڱي گذري.
هو آخري دم آيو جو نزع جي حالت ۾،
بي عمر ته پئي گذري سڪرات چڱي گذري.
تاريڪيءَ فورقت ڪان هئي رات به اونداهي،
هو آيو گهڙي پل لاءِ پريات چڱي گذري.
هر رات ستارا هئا هر رات نظارا هئا،
پر منهنجي ته قسمت سان ڪا رات چڱي گذري.
ٿيون نيٺ ملاقاتون اکين به رُنو خوش ٿي،
مون لاءِ ته بي موسم برسات چڱي گذري.
مشڪل نه هو مشڪل آساني نه آساني،
ڪيئن چئجي 'فهيم' آخر هي رات چڱي گذري.

اسان جي درد دل جي حسن وارن کي خبر ڪهڙي،
گل پمردهِ جي رنگين بهارن کي خبر ڪهڙي.
ڪلي جا گل ٽيڻ ڪان اڳ گلستان مان چني ورتئون،
انهي جو آرزوئن جي بهار کي خبر ڪهڙي.
فسانو شبنم غمگين جي هر دم اشڪ ريزي جو جڏهن گل،
ٿي نٿو سمجهي ته خارن کي خبر ڪهڙي.
اڪيون ڇو اوچتو پرجو اچن اشڪ ندامت سان ڀلا هُن،
راز پنهان جي ستارن کي خبر ڪهڙي.
اثر جا آرزو دل ۾ جهان وارا نٿا سمجهن،
اهو هڪ مثلو آهي سو ٻارن کي خبر ڪهڙي.
ڇوڻ وارن اشارن ۾ چئي ورتو جو چوٽو هو،
سندس مطلب ته مون سمجهيو اشارن کي خبر ڪهڙي.
'فهيم' آخر ۾ جا گذريو ٻڏڻ ڪان پوءِ ڪشتي تي،
اهو گرداب ڪان پڇيو ڪنارن کي خبر ڪهڙي.

سنڌ ڌرتيءَ جائي مخدوم محمد امين 'فهيم' مخدوم طالب المولىٰ جي گهر ۾ 4- آگسٽ 1939ع جمعي ڏهاڙي جنم ورتو، جنهن جي نالي کي خاندان جي وڏڙن جي نسبت سان امين 'فهيم' رکيو ويو. امين 'فهيم' کي مخدوم غلام حيدر ڪن ۾ آذان ڏني سندس نالو محمد امين رکيو. وڏن جي نسبت جي ڪري 'ڏاڏا سائين' سڏيو وڃي ٿو، امين 'فهيم' جو والد طالب المولىٰ نهايت ئي سلجهيل محبتن وارو سياستدان با اصول سنجيده ۽ شرافت واري سياست جو قائل، سنڌ جو نالي وارو شاعر، اديب، دانشور ۽ فن جو پارکو شخص هو.

مخدوم امين 'فهيم' کي سياست، ادب، شرافت ۽ فن ورثي ۾ مليو، مخدوم طالب المولىٰ انسانذات سان پيار ڪندڙ شخص هو، جيڪو ڪلابازيون ڪائيندڙ سياستدانن، رياڪارن، مڪارملن، قاضي، شيخ، زاهد، پيرن، مخدومن جي چارن ۾ جڪڙيلن کي فقير جو ٽولو قرار ڏيندو هو. طالب المولىٰ جو فرزند امين 'فهيم' پنهنجي والد جي ڪجهه رنگن سان نڀاءُ ڪيو آهي، مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي سياسي سفر جو آغاز 1970ع دوران شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي چوڻ تي ڪيو.

اهڙيءَ طرح سان هُو پهريون ڀيرو 1970ع وارين چونڊن ۾ ٿٽي مان ايم.اين.اي چونڊيو ويو. ان کان پوءِ هو 1977ع، 1988ع، 1990ع، 1997ع- 2002ع، ۽ 2008ع جي چونڊن ۾ هالا، مٽياري تڪ تان ايم.اين.اي چونڊجندو رهيو، ضياء دور ۾ پارٽي فيصلي تحت هُو 1985ع عام چونڊن ۾ اميدوارن ۾ هو.

مخدوم محمد امين 'فهيم' ڪجھ وقت سنڌ جي گورنر جو صلاحڪار پڻ رهيو. پوءِ مرڪز ۾ وزير مملڪت جي عهدي تي فائز رهيو. 1977ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي ڪابينا ۾ روينيو ۽ آبادڪاري جو وزير رهيو، 1982ع ۾ ايم.آر.ڊي تحريڪ دوران پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر رهيو. 1988ع ۾ بينظير ڀٽو جي ڪابينا ۾ موصلات جو وزير رهيو، 1990ع، 1993ع ۾ 1997ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، انهن چونڊن ۾ جيئن ته پيپلز پارٽي اقتدار ۾ نه آئي، انڪري ڪيس وزارت نه ملي، وري 2008ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، مخدوم امين 'فهيم' ملڪ جو واحد سياستدان رهيو، جنهن کي حڪومت مخالف ڌر ۽ اسٽيبلشمينٽ ۾ هڪ جهڙي ۽ قدر جي نگاھ سان ڏٺو وڃي ٿو، اڳوڻي آمر حڪمران جنرل ضياءالحق جي دور کان وٺي وزيراعظم جو عهدو سندس پويان هو، پر هو پارٽيءَ سان وفادار رهيو، پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جو صدر ۽ پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر وائيس چيئرمن رهيو. مخدوم صاحب پنهنجي والد وانگر معتدل سياستدان رهيو، سندس جو تعلق اولياء خاندان سان هو، سندس نسبي سلسلو سنتو درياء جي ڪناري هالا شهر جي نهايت ئي بزرگ هستي مخدوم نوح سرورؒ سان ملي ٿو ۽ پاڻ پنهنجو تخلص امين رکيو ۽ سندس شاعريءَ کي ڏسندي سندس والد طالب المولىٰ تخلص ۾ ''فهيم'' جو اضافو ڪيو. مخدوم محمد امين 'فهيم' پنهنجي لاءِ چيو ته:

اي امين تو سان پيار ڪير ڪندو،
پاڻ کي بيقرار ڪير ڪندو،
تون ته دنيا ۾ مثل خار آهين،
گل ڇڏي پنهنجو خار ڪير ڪندو.

مخدوم محمد امين 'فهيم' پنهنجي سموري زندگي، وطن لاءِ ارپي ڇڏي. سندس پهرين شادي 19 سالن جي ڄمار ۾ 21- جون 1957ع دوران ٿي، هن ٻي شادي بنگالي گلوڪارا رونا ليليٰ جي ايئر هوسٽس ڀيڻ دينا ليلا سان ڪئي، جنهن ڪجھ سالن بعد وفات ڪئي، سندس ٽين شادي ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙ ڪميونٽي مان ڪئي ۽ چوٿين شادي، پنجاب مان ڪئي، مخدوم محمد امين 'فهيم' کي 7 پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي. سندس وڏو فرزند مخدوم جميل الزمان 'جميل' سٺو سياستدان هجڻ سان گڏوگڏ سٺو شاعر ۽ محقق پڻ آهي. سندس ٻيو فرزند مخدوم شڪيل الزمان سينيئر سول بيوروڪريٽ آهي، ٽيون فرزند مخدوم عقيل الزمان، چوٿون فرزند مخدوم نجيب الزمان لنڊن مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري هينئر ٻاهرين ملڪ ۾ ڪاروبار واري شعبي سان سلهاڙيل آهي، سندس پنجون فرزند مخدوم خليل الزمان، ۽ ڇهون فرزند ابومحمد سنڌيار آهي، جڏهن ته مخدوم امين 'فهيم' جي اڪيلي نياڻي برمنگهم يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري چڪي آهي.

مخدوم امين 'فهيم' ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي زندگيءَ جا آخري لمحا پنهنجي ڌرتيءَ تي اچي گهاريا ۽ ڪراچيءَ جي سائوٿ سٽي اسپتال ۾ سندس علاج هلندڙ هو، پر سندس زندگي وڌيڪ وفا نه ڪئي. سرد هوائن ۾ ٿڌي سياءَ واري سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' صديقي جهان مان رخصت ٿيو. اِناللهِ واِنا اِليه راجعون بردباري، سليقي ۽ سياءَ جو هڪ باب بند ٿيو ۽ هاڻي وقت ان ڪتاب جي جلد سازي ڪندو، مخدوم امين 'فهيم' 21-

نومبر 2015ع بروز ڇنڇر، بمطابق 9 صفرالمظفر 1437 هجري جي صبح جو سوير فاني جهان مان موڪلايو، هاڻي اسان وٽ ڪي قادرالڪلام شاعر آهن الائي ڪونه، پر بهرحال اهو گل خوشرنگ شاهه جو مخدوم نوح سروري رحمة الله عليه جي مقبري مبارڪ جي پاڪر ۾ والد گراميءَ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي پاسي ۾ آرامي ٿيو.

خاڪ وڃي خاڪ سان ملي، مٽيءَ جي خوشبوءِ ۾، هڪ دور واسجي ويو، الائي ڪهڙو حال آهي دل جو.

**حوالا:**


1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
2. اعلانن جي باوجود هالا ضعلو ڇو نه ٿيو، مضمون (الله بچايو ميمڻ)
3. مخدوم امين 'فهيم'، مخدوم طالب المولىٰ جو ڏاڏا سائين، مضمون (الله بچايو ميمڻ)
4. تنهنجون ڳالهيون سڄڻ، مضمون (نصير مرزا)
5. گل خوش رنگ، مضمون (محمود مغل)
6. سنڌ جي سياست مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو، مضمون (حميد پنو)
7. مخدوم امين 'فهيم' وڇڙي ويون عشق جي انتها ڪري ڏسبي... مخدوم امين 'فهيم' وڇڙي ويو، مضمون (نور سنڌي)
8. علم ادب شاعر سياست ۽ وفا جو پيڪر مخدوم امين 'فهيم'، مضمون (زيبداي پيرزادو)
9. مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو ۽ سنڌ ۾ پيدا ٿيل وڏا خال، مضمون (معصوم مصطفيٰ ڪنڀر)
10. سياست جي ڪري شاعري قربان ڪندڙ مخدوم امين 'فهيم'، مضمون
11. ٿڌي طبعيت رکندڙ غير تڪراري شخصيت، مضمون (رياض سهيل)
12. سلسيوار 'سروري' مئگزين هالا ڊسمبر 2015ع
13. ڇپر ۾ ڇڙيون، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.


## غزل

**خوش هجين يار، سدا تنهنجي حياتيءَ جو خير،**
**منهنجا اي ماهه لقا تنهنجي حياتيءَ جو خير.**

**تنهنجي ئي لطف و ڪرم مون کي بنايو بهتر،**
**شل ڪري منهنجو خدا تنهنجي حياتيءَ جو خير.**

**زندگي مون سان نڀائي نه نڀائي سهڻا،**
**مون کي بس گهرجي مڻا تنهنجي حياتيءَ جو خير.**

**مون کي تون پنهنجو ڪرين يا نه ڪرين پر هردم،**
**دل ڪندي توکي دعا تنهنجي حياتيءَ جو خير.**

**مون گداگر تي ڪيئي قرب ڏنئي پيار پرين،**
**دل جي شاهيءَ جا خدا تنهنجي حياتيءَ جو خير.**

**آسري تنهنجي رهيو آهي سدائين هي "فهيم"،**
**منهنجا اي ماهه لقا تنهنجي حياتيءَ جو خير.**

**تو "فهيم" آهي نماڻن تي نظر فرمائي،**
**ختم ٿيا رنج و بلا تنهنجي حياتي جو خير.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

11، فيبروري 1958ع
هالا

# پيار ڪندڙ مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو

غلام حسين خاصخيلي

مخدوم امين 'فهيم' سياستدان سان گڏ مشهور شاعر ۽ سروري جماعت جو روحاني سربراهه به هو. پاڻ حضرت سرور نوح رح جي درگاهه جو گادي نشين به هو. مخدوم امين 'فهيم' سياسي طور شروع کان ساهه جو سڳو ڇڄڻ تائين، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان سلهاڙيل رهيو.

مخدوم امين 'فهيم' جو والد مخدوم طالب المولىٰ به مشهور شاعر ۽ سياسي روحاني اڳواڻ هو. مخدوم امين 'فهيم' کي پنهنجي والد مخدوم طالب المولىٰ کان اها هدايت مليل هئي ته ذوالفقار علي ڀٽي جو ساٿ ڪڏهن به نه ڇڏي. مخدوم امين پنهنجي والد جي حڪم مطابق، آخري گهڙيءَ تائين پيپلز پارٽي سان رهيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان شهيد محترمه بينظير ڀٽي ۽ بلاول ڀٽي زرداريءَ تائين پنهنجو سچائيءَ وارو ساٿ نڀائيندو رهيو.

مخدوم امين 'فهيم' بلڊ ڪينسر سبب پنهنجو علاج، جرمنيءَ مان به ڪرايو، پر سندس طبعيت ۾ بهتري نه آئي. مخدوم امين 'فهيم' بيماريءَ دوران ڪجهه ڏينهن دبئيءَ ۾ رهيو، پر کين سنڌ مٽيءَ جي سڳند پاڻ ڏانهن ڇڪي آئي. مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي پٽن کي دبئيءَ کان ڪراچي وٺي هلڻ جي صلاح ڏني. 26- آڪٽوبر 2015ع تي کين دبئي کان ڪراچي آندو ويو، جتي کين ڪراچيءَ جي خانگي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو هو، اها اسپتال بلاول هائوس جي ويجهو آهي.

مخدوم امين 'فهيم' روحاني طور سچو املهه ماڻڪ شخص هو. سندس پيار جون آخري گهڙيون به پيپلز پارٽيءَ جي پيار ۾ بلاول هائوس پرسان گذريون. ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽي زرداريءَ سندس عيادت ڪئي هئي. ان وقت مخدوم امين 'فهيم' بلاول ڀٽي زرداري کي ڳراٽڙي پائيندي ڪيس پيار ڪيو هو. مخدوم امين 'فهيم' پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جو صدر به هو.

مخدوم امين 'فهيم' 4- آگسٽ 1939ع تي هالا ۾ جنم ورتو. مخدوم امين 'فهيم' 1977ع کان 2015ع تائين پارليامينٽ جو حصو رهيو. 7 ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ هڪ ڀيرو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر رهيو، ٻه ڀيرا وفاقي وزير به رهيو. هُن اڳوڻي صدر جنرل پرويز مشرف جي وقت ۾ وزيراعظم جي عهدي واري آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو هو.

شهيد محترمه بينظير ڀٽي جي جلاوطنيءَ واري وقت ۾ مخدوم امين 'فهيم' پاڪستان پيپلز پارٽي کي هلائيندو رهيو ۽ جمهوريت لاءِ ڀرپور

جدوجهد ڪندو رهيو. 27- ڊسمبر تي شهيد محترمہ بينظير ڀٽي جي شهادت وقت بہ ساڻس گڏ هو. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چوندي هئي تہ مخدوم امين ’فهيم‘ سچو ليبر آهي، جيڪو ڏک توڙي سک ۾ گڏ رهيو آهي. مخدوم امين ’فهيم‘ جي وفات تي پوري سنڌ سوڳوار آهي.

مخدوم امين ’فهيم‘ پنهنجي زندگيءَ ۾ خوبصورت شاعري بہ ڪئي. سندس شاعري رونا ليليٰ سميت ڪيترن ئي مشهور فنڪارن بہ ڳائي آهي. سندس شاعري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد توڙي آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس تان نشر ٿيندي رهندي آهي. سندن هڪ گيت جون سٽون ڪجهہ هن ريت آهن:

”منهنجون ڳالهيون ياد ڪندين.“

هاڻ مخدوم امين ’فهيم‘ اسان وٽ جسماني طور موجود ناهي. سندس مڙهہ کي حضرت مخدوم سرور نوحؒ جي مقبري اندر مٽي ماءُ حوالي ڪرڻ وقت هزارين اکين مان لڙڪ ڳڙي رهيا هئا. مخدوم امين ’فهيم‘ پنهنجي شاعريءَ ۾ حقيقت چئي هئي تہ: ”منهنجون ڳالهيون ياد ڪندين.“ هاڻ مخدوم امين ’فهيم‘ جون ڳالهيون تاريخ ۾ سونهري لفظن سان ياد رکيون وينديون. مخدوم امين ’فهيم‘ هر ماڻهوءَ سان پيار سان پيش ايندو هو. مخدوم امين ’فهيم‘ سان ملاقاتون، ڪچهريون يادگار طور اسان جي ذهن جي اسڪرين ۾ ٻوڙي رهيون آهن. وقت ڀلي جو بيرحم آهي، پر ڪي شخصيتون پاڻ ۾ ايترو اثر ضرور رکنديون آهن جو اُنهن جو ذڪر، صدين تائين ٿيندو رهندو آهي. مخدوم امين ’فهيم‘ پڻ اسان سيني جي دلين ۾ سدائين زندهہ رهندو.

◘

## غزل

**دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد و غم،**
**جو اکين ۾ لڙڪ آهن دم بدم،**

**هيءَ دعا هردم گهران، الله کان،**
**شل هجين مون ساڻ گڏ منهنجا صنم.**

**منهنجي اعمالن کي ڪرتون درگذر،**
**”ياالاهي ڪر عطا لطف و ڪرم.“**

**شل ٿئي هيءَ آرزو پوري سندم،**
**جو ٿيان مان صاحبِ سيف و عَلم.**

**حال جهڙو آهي تهڙو اي ”امين“!**
**پر لکڻ ۾ تيز آ تنهنجو قلم.**

(مخدوم محمد امين ’فهيم‘)

7، جولائي 1954ع
ڪرئيٽا

◘

# صبر ۽ وفا جو سفير:
# مخدوم محمد امين ’فهيم‘

اعجاز علي خواجه

اهو 1960ع واري ڏهاڪي جو آخري سال هو جڏهن سنڌ جي ٻن نازڪ ۽ نفيس، خوش گفتار ۽ خوش پوشاڪ، وات ۾ سونو چمچو کڻي جنم وٺندڙ لاڙڪاڻي جي ناماري خاندان جي سياسي اڳواڻ سر شاهنواز ڀٽي جي موچي پٽ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ مخدوم نوح سرور جي گادي نشين، ٺوڙ لکي گودڙيءَ جي وارث، هالن واري جڳ مشهور ۽ من موهيندڙ، علم، ذات، ڏاهپ، شعور، سمجهه ۽ ساڃاهه سان ڀريل پنهنجي طبعيت ۽ مزاج ۾ منفرد ۽ يڪتا شخصيت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي گاديءَ ڌڻي مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جي لنڊن ۾ ملاقات ٿي.

هونءَ ته ٻنهي خاندانن جا پاڻ ۾ پراڻا سياسيءَ ذاتي تعلقات هئا. وڏو مخدوم سائين ۽ ذوالفقار علي ڀٽو صاحب ورهين جا ورهيه ايوب خان واري دور ۾ هڪ پارٽيءَ ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ گڏ ميمبر به رهي چُڪا هُئا. هاڻي ڀٽو صاحب نئين سياسي تنظيم پيپلز پارٽي جوڙڻ ۽ آمريت جي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪو هو. سندس خواهش هئي ته هالن وارا مخدوم به اُن پارٽيءَ ۾ شامل ٿين. هن اهڙو اظهار نوجوان امين ’فهيم‘ سان ڪيو جيڪو اڳ ۾ ئي سندس شخصيت کان متاثر هو. تنهن هڪدم حامي ڀري ته واپس ملڪ وڃي وڏن مخدوم سائين جن کي عرض ڪري آماده ڪندس.

پوءِ اجان گهڻو وقت ئي ڪونه گذريو هو ته سال 1970ع جي شروع ۾ هالا شهر ۾ پيپلز پارٽيءَ جو تاريخي ملڪ گير ڪنوينشن ٿيو، جنهن ۾ يڪراءِ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي پارٽيءَ جو چيئرمين ۽ مخدوم محمد زمان سائين کي سينيئر وائيس چيئرمين چونڊيو ويو. اهو ڪنوينشن پارٽيءَ جي قيام ۾ اهم حيثيت ٿو رکي.

اهڙي نموني سان مخدوم گهراڻي جو پيپلز پارٽيءَ سان اٽُٽ ۽ اڻ ڪٽ سلسلو جاري ٿيو. نيٺ آمريت گوڏا کوڙيا، سياست ۽ جمهوريت، جدوجهد ۽ قربانين رنگ لاتو. ملڪ ۾ بالغ راءِ رهي جي بنياد تي عام چونڊ جو اعلان ٿيو. مخدوم سائين ته هالن واري قومي تڪ تان چونڊ وڙهي. پر ڀٽي صاحب لاڙڪاڻي، بدين ۽ ٺٽي وارن تڪن تان فارم داخل ڪرايا. جيتوڻيڪ ٺٽي واري سيٽ جهوني سياستدان حاجي صادق علي ميمڻ کي ڏني ويئي پر حاجي صاحب سياسي حالتن جو اندازو ڪري رات پهر ۾ ٺٽي کان لاڙڪاڻي وڃي ڀٽي صاحب کان فارم تي صحيح ڪرائي پاڻ وري سجاول- ٺٽي واري صوبائي تڪ تان چونڊ وڙهيو. ائين ڀٽي صاحب ڪاميابي ماڻي، بدين مان مير حاجي علي احمد خان ٽالپر مير محمود واري کي ٽڪيٽ ڏني، باقي ٺٽي واري سيٽ لاءِ ته اُن وقت سنڌ جا گهڻا خاندان اميدوار هئا پر مخدوم صاحبن جو پاسو ڳرو هو سو سيٽ ملي نوجوان امين ’فهيم‘ سائين کي.

اُن وقت امين سائين سان ٺٽي جي ماڻهن جي واقفيت ۽ تعارف ٿيو. ماڪيءَ جهڙو مٺڙو، رڪ

رڪاڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ، ٺور ڳالهائو، نفيس ۽ شفيق، ٻاجهارو، نوڙت ۽ نياز جو بادشاهه. سموري سنڌ مان درگاهه جا مريد ۽ خليفا ڏنّي اچي پهتا. ڪي ڪهڙي تعلقي ۾ ته ڪي وري ڪهڙي علائقي ۾، ڄام صادق علي خان چيف ايجنٽ هو. سڄي ضلعي ۾ دورا پيو ڪندو هو. چيف خليفو حاجي فتح الدين شاهه، حاجي عثمان چانيهو، فقير غلام حسين ورياهه، فقير شريف ورياهه، ننڍڙو جوان فقير عبدالله ورياهه، عمر ڪوٽ جا عبدالقدوس راڄڙ ۽ ٻيا. حاجي جان محمد هنگورو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا وڏا وڏا ماڻهو، وڏيون وڏيون جيپون ۽ ڪارون ساڻ. جيڪا اليڪشن اڳ ۾ ٿي هُئي سا ڦٽل ۽ پراڻيون جيپون صفا ڪٽارا گاڏيون هيون. ڪئمپن ڪي دال ماني ۽ چانهه ملي. هاڻي جو مخدوم سائين جا مريد ۽ خليفا وريا تن سان بورچي به ساڻ ته ٿپڙ، برتن، راشن هر شئي موجود هئي. ڪڪڙ، پلاءُ، مڇيون ۽ برياڻيون هر ڪئمپ تي واه واه لڳي ويئي. اسان ڪارڪنن کي گاڏين ۾ اڳيان وهاريائون ۽ پاڻ وري پوئتي وينا. نوٽن جو مينهن وسائڻ لاءِ هردم تيار. اسان کي چون ته بابا حڪم ڪريو. ڇا گهرجي. ايڏو مرشد گهراڻي سان پيار ۽ خلوص.

امين سائين کي سامهون قاضي امام علي وڪيل اميدوار هو جنهن کي پير صاحب پاڳاري جي آشيرواد حاصل هُئي. اُن لاءِ پير صاحب هڪ ٻه دفعا پاڻ به ٿَرَ جو چڪر هنيو هو. هڪ دفعو ٻنوري اسان جي ڳوٺ ۾ قاضي صاحب سان گڏ مرحوم سائين عبدالفتاح عبد وڪيل وٽ به اسان جي پاڙي ۾ ۽ رئيس جمال خان لغاري وٽ به آيو هو، اڪيلو ئي اڪيلو. سڄاول ويو ته مظفر شاهه بخاري کي ڪٽندو، ٻنوري آيو ته مون کي پاڻ سان گڏ ويهاريندو، جاتي ويو ته عبدالستار لوهار، ٿَرَ ويو ته مرحوم محمد خان سومرو ۽ حاجي صادق علي ميمڻ. ائين چرچا پوگ ۽ حجتون ڪندو سفر ڪندو هو. گاڏيءَ ۾ ڪوڙ پئسا پيا هوندا هئا زوريءَ پيو آڇيندو هو ته خرچ لاءِ ڪپن ته بي حجاب ٿي ڪٽو. مرحوم جمال خان اُن وقت پيپلزپارٽي جو وڏو مخالف هو، اوڏانهن به هليو جو هو سندس ذاتي دوست ۽ حجتي يار هو. ائين قاضي امام عليءَ کي به پيو جُٺ ڪندو هو ته تنهنجي ڪو ڦٽي جو مخدوم جي سامهون اچي بيٺو آهين. ڪجهه ته شرم ڪرين ها.

ائين ڪلندي کڏندي مخدوم امين سائين ٿَرَ ضلعي مان قومي اسيمبليءَ جا ميمبر ٿي ويا. ائين وفا ۽ صبر جي هڪ نئين ڪهاڻيءَ جنم ورتو. 1970ع کان 2015ع تائين لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تائين اهو سفر جاري رهيو. خوشين ۽ غمن جو هيءُ سفر، ڪڏهن اقتدار ته ڪڏهن اختلاف، مارشل لائون، قيد، ڦٽڪا، سزائون ۽ ڦاسيون، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ لانگ بوٽن جي لتاڙ، تحريڪون، جدوجهد، جيل، هٿڪڙيون ۽ ٽاٽا، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڦاسيءَ کان پوءِ جتي چڱا ڀلا مڙس ماڻهو، نواب ۽ سردار، رئيس ۽ پير منهن موڙي ويا اُتي مخدومن جو گهراڻو پوري وفا ۽ خلوص سان ثابت قدم رهيو. صبر ۽ وفا جو هيءُ سلسلو شهيد بينظير ڀُٽي جي سموري سياسي سفر سان گڏ جاري رهيو. جيل هجن يا جلا وطني، ڪيس هجن يا غمن جا پهاڙ پر مخدوم سائين گڏوگڏ هلندا رهيا ڪڏهن به مڙي پوئتي ڪونه ڏٺائون. ائين مخدوم صاحب وڏن جي چولي مٿانڻ کان پوءِ امين 'فهيم' عرف ڏاڏا سائين نه رڳو سروري جماعت ۽ خاندان جا ڳرا بار کنيا پر پيپلز پارٽيءَ جي مالڪيءَ جي به وڏي ذميواري سندن ڪلهن تي اچي ويئي. محترمه جي جلاوطني اُتان واپسي، ٻم ڌماڪن ۽ سندس شهادت تائين امين سائين ساٿس گڏ ئي رهيو.

ائين 2008ع کان پوءِ پيپلزپارٽي کي مرڪز ۽ صوبي ۾ ڪاميابي حاصل ٿي. پر مخدوم صاحب لاءِ چڙ ته هڪ نئون ڪرب ۽ ذهني عذاب وارو دور شروع ٿي ويو. اقتدار جي راند ۾ رويا تبديل ٿي ويا. ترجيحات بدلجي ويون. اڳيان پوئتي ۽ پويان اڳتي ٿي ويا. وري به صبر ۽ وفا جو هڪ نئون امتحان وارومرحلو شروع ٿي ويو. بي رُخيون، نظر اندازيون، بي قدر دانيءَ وارو ماحول. نادان دوستن رشتن ۽ رستن ۾ ڏار وجهڻ شروع ڪيا. سياسي سماجي حلقن ۾ لُڙ تڙ ۽ مانڌاڻ متل هو. ميڊياً به ڳالهه مان ڳالهه ڳولهڻ ۽ ڦهلائڻ لڳي. صبر، سانت، سهپ ۽ وفا جي ديوار کي هٿوڙا لڳڻ شروع ٿي ويا. اندر ته جُهري رهيو هو پر ديوار مضبوط هُئي.

ڪجهه گذري آ ڪجهه گذري ويندي 'فهيم'،
پر صبر جي دامن کي ڪڏهن به داغدار نه ڪبو.
(مخدوم امين 'فهيم')

وفا ۽ صبر ته قائم رهيا پر جسم جُهري پيو. اندر جو ايمان ٿي ويو. مخدوم گهراڻي جي هِن روشن چراغ جي روشني موڪلائڻ لڳي. ڌرتي، وطن، ڳوٺ ۽ مارن جي سِڪ ڪيس موٽائي ملير تي وٺي آئي. هُن کي خبر هُئي ته سندس زندگيءَ جي شام ٿي رهي آهي. جيڪا هن پنهنجي محبوبن سان گڏ گهارڻ ٿي چاهي پنهنجي دلبر ديس ۾. سندس موهي ۽ سلڇڻو شهزادو مخدوم جميل الزمان سائين جيڪو هاڻي سندس جاءِ تي درگاهه نوح سرور جو گادي نشين آهي سو به محبوب ۽ شفيق، سباجهي شخصيت جو ڌڻي آهي. انتهائي نفيس خوش گفتار، خوش مزاج، اهلِ علم، اديب ۽ نوجوان دانشور آهي، دنيا جي گهڻين ٻولين تي عبور اٿس، سندس 19 ڪتاب هيل تائين ڇپجي چُڪا آهن.

سياست، روحانيت ۽ سماجيات جي سموري رمزن کان واقف الحال آهن. ملنسار ۽ محبتي طبعيت جا مالڪ آهن، سندس گفتگو ۽ خوش اخلاقيءَ جو انداز خانداني ورثو آهي. جيتوڻيڪ هو ويندڙ شخصيت جو پنهنجو ملهه، مقام قد ۽ بت هوندو آهي. جيئن وڏا مخدوم سائين طالب المولىٰ ۽ مخدوم امين 'فهيم' سائين.

پر لطيف سائين چوائي: اجان به آهن ڪل جڳ ۾ ڪي ڪاپڙي، سو جميل سائين ۾ اُهي لياقتون ۽ صلاحيتون موجود آهن. جو مخدوم گهراڻي جي سموري مشن روحاني توڙي سياسي کي اڳتي وڌائڻ جو شعور رکن ٿا. ڪين پنهنجن مائٽن جون به دعائون آهن ۽ اسين عقيدت مند، محبتي، مريد، خادم، جماعت سموري به سندن حياتي، صحت ۽ ڪاميابيءَ لاءِ دعاڳو آهيون. (آمين)

آخر ۾ عقيدت طور مخدوم امين سائين جي ياد ۾ لطيف سرڪار جو هيءُ شعر عرض رکان ٿو سندن صبر ۽ وفائن جي عقيدت ۾:

سورن سانديياس پورن پالي آهيان،
سکن جي سَيدُ چئي، پکي نه پياس
جيڪس آئون هُياس گُري گوندر ول جي.
(شاهه رح)

- - - - -

يا مون کي علمبردار نہ ڪر، يا منهنجو ڪو خالي وار نہ ڪر،
هي عرض آ توکي منهنجا خدا ڪنهن غير اڳيان لاچار نہ ڪر.

محبوب منا سر پنهنجو تريءَ تي پاڻ وڍي ٿو پيش ڪيان،
تون مون کي ڪهڻ جي ڪوشش ۾ تڪليف نہ وٺ ۽ وار نہ ڪر.

مان تنهنجو آهيان ۽ تنهنجو ٿي، هي ڏينهن حياتيءَ جا ڪنبا،
تون مفت عدو جي چورڻ تي بيزار نٿي، تڪرار نہ ڪر.

مي، عشق پياري اهڙي جو مدهوش رهان ٿو مان هر دم،
مدهوشيءَ ئي مون کي لطف ڏنو، اي واعظ ڇڏ بيدار نہ ڪر.

تنهنجي راه ۾ نيڻ وڇايان ۽ سر ساهہ ڏيان مان نذرانو،
"اڄ منهنجي اڱڻ تي پير پري اي يار سڄڻ! انڪار نہ ڪر."

سڀ سور ۽ صدما اي سهڻا! مون سر تي تو لئہ خوب سنا،
تون خوش ٿي رهہ اي ماه لقا، ڪو پنهنجي دل تي بار نہ ڪر.

تون پاڻ نيائيندو اڄجان هو پنهنجي رضا جو مالڪ آه،
تون هار ۽ جيت جو ان سان ڪڏهن وهنوار نہ ڪر واپار نہ ڪر.

هٽ ڇا جو 'فهيم' اڄ فڪر ڪبو لاڳاپا ڇڏي تون ڪاهي پؤ،
هن عشق جي دريا منجهہ گهڙي ڪو عار نہ ڪر انڪار نہ ڪر.
(مخدوم امين 'فهيم')

# جمهوريت سياست جي امين،
# مخدوم امين فهيم جو وڇوڙو

## وحيد جمال

سنڌ ۾ پاڪستان جي هر دل عزيز شخصيت، سروري جماعت جي روحاني پيشوا ۽ پيپلز پارٽي جو صدر مخدوم محمد امين فهيم 76 سالن جي عمر ۾ بلڊ ڪينسر سبب ڪراچي جي هڪ مقامي اسپتال ۾ ڪالهه صبح صادق مهل هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي، هُو ڊگهي عرصي کان بيمار رهيو، ۽ تازو ئي لنڊن جي سپتال کان ڪراچي منتقل ٿيو هو، ڪيس هالا ۾ سندس ابائي درگاهه ۾ پنهنجي پيءُ سروري جماعت جي روحاني پيشوا طالب المولىٰ جي پاسي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو، مخدوم امين فهيم جو وڇوڙو ملڪ اندر روشن خيال ۽ جمهوريت پسند ڌرين لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي، جڏهن ٻه ملڪ اندر جمهوريت مٿان وار ٿيو ته تڏهن ان جي حفاظت لاءِ اٽيل هٿن ۾ سيني کان اڳيان امين فهيم نظر آيو، توڙي جو ڪيس ٽوڙڻ ۽ خريد ڪرڻ جون ٻه ڪوششون ٿيون پر پوءِ ٻه نه هي جهڪيو ۽ نه ئي وڪيو، سندس پنهنجا لفظ آهن ته هن جمهوريت سان عشق جي حد تائين محبت ڪئي هئي، اهڙي دعوىٰ نه صرف شاعري ۾ نظر اچي ٿي پر عملي زندگي ۾ ٻه هن آخري دم تائين اهو ثابت ڪري ڏيکاريو، اردو ۾ سندس هڪ شعر آهي:

"محبت میں سیاست کا چلن چھوڑ دیا، گر عشق نہ کرتی تو حکومت کرتی"

جمهوريت سان دغا ڪرڻ جي عيوض ڪيس اقتدار جي ٻه آڇ ٿي. چاهي ها ته پنهنجي، جي آئيندي ۽ جمهوريت جي ڪک ۾ خنجر هڻي پئي سگهيو. هڪ طرف ڪيس آمرن طرفان اقتدار جون آڇون پئي ٿيون ته ٻئي طرف پنهنجي ئي پارٽي ۾ ڪيس نظرانداز ٻه ڪيو ويندو رهيو، ان باوجود ٻه هن بروٽس بڻجڻ بجاءِ پنهنجو معاملو تاريخ جي حوالي ڪري ڇڏيو، ۽ آخري دم تائين پنهنجي پارٽي، عوام ۽ جمهوريت سان وفادار رهندي دم ڏٺي حوالي ڪيائين، سندس وڇوڙي تي سڄي سنڌ سوڳوار آهي.

مخدوم امين فهيم تازو ئي لنڊن جي اسپتال مان ڪراچي واپس آيو هو جتي هو هڪ اسپتال ۾ زير علاج هو، ڪراچي پهچڻ واري خبر کان پوءِ پارٽي اڳواڻ ۽ ڪارڪن سندس عيادت لاءِ ايندا رهيا، گذريل ڏينهن ۾ پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٻه ساڻس اسپتال ۾ ملاقات ڪئي، پاڪستان پيپلز پارٽي سان وابستگي مخدوم امين فهيم کي سياسي ميراث ۾ ملي هئي. سندس پيءُ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پارٽيءَ جي باني مان هو. مخدوم امين فهيم پاڪستان پيپلز پارٽي جو سينيئر نائب چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جو صدر ٻه هو.

مخدوم امين فهيم 1970ع ۾ عملي طور سياست ۾ پير پاتو، سندس شمار پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيئر ليبر شپ ۾ ٿيندو هو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترم بينظير ڀٽو جو انتهائي ويجهو ۽ اعتماد وارو ساٿي هو، محترم بينظير ڀٽو

سياسي معاملن ۾ گهڻي قدر مشاورت ساڻس ئي ڪندي هئي. 2007ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ محسوس ڪيو ويو ته امين فهيم کي سياسي لحاظ کان پٺ سان لڳايو ويو آهي، هو 2008ع واري چونڊن ۾ مٽياري، حيدرآباد جي تڪ اين اي 218 مان ايم اين اي چونڊجي آيو، ۽ ان وقت وزيراعظم جي لاءِ مضبوط اميدوار سمجهيو پئي ويو پر پارٽي سندس نالو رد ڪري ڇڏيو جڏهن ته بعد ۾ کيس واپار واري وفاقي وزارت ڏني وئي، ان کان اڳ امين فهيم پيپلز پارٽي جي حڪومتي دورن ۾ مختلف قلمدانن لاءِ وفاقي وزير طور خدمتون سرانجام ڏنيون. محترمه بينظير ڀٽو جي 1988ع کان 1990ع تائين پهرين حڪومتي دور ۾ مواصلات ۽ 1994ع کان 1996ع تائين ٻئي دور حڪومت ۾ هائوسنگ ۽ پبلڪ ورڪس کاتن جو وفاقي وزير رهيو. مخدوم صاحب رواداري ۽ وفاداريءَ جو هڪ اعليٰ مثال هو، سندس شمار پاڪستان جي انهن سينيئر ترين سياستدانن ۾ ٿيندو هو جن جمهوريت جي استحڪام لاءِ هر دور ۾ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو. مخدوم امين فهيم ملڪي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، سندس سياسي عمل قطب نما آهي، سندس ڏکي سياسي سفر ۾ ڪيترائي پيرا مشڪلاتون ۽ تڪليفون به پيش آيون.

مخدوم امين فهيم پنهنجي سياسي سفر ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي جڏهن به ڏکي گهڙي آئي تڏهن مخدوم صاحب پهرين صف ۾ بيٺل رهيو، کيس جمهوريت دشمن قوتن ۽ آمر ڊڪٽيٽرن ڪيترائي پيرا اعليٰ اقتدار جي آڇ به ڪئي تڏهن به هن جمهوريت دشمن قوتن سان هڪ نه ٿيو جمهوريت جي استحڪام لاءِ هر عهدي کي ٺڪرائي ڇڏيائين، نه صرف آمرن جي معاملي ۾ هن پاڻ مڃايو، پر پنهنجي پارٽيءَ جي اندروني سازشن جو به کيس منهن ڏسڻو پيو، سمورين مشڪلاتن ۽ تڪليفن باوجود پيپلز پارٽيءَ سان آخري دم تائين وفاداري جو مثال قائم ڪيائين نه صرف پنهنجن سان پر مخالف سياسي قوتن سان به عمل اپنائيندي مثبت سياسي عمل جو ڪردار ادا ڪيو. مخدوم امين فهيم نهايت شريف نفس شفقت محبت ۽ احترام جو قائم رهيو، جنهن جي ڪري سندس سياسي مخالف به سندس اهڙي عمل کان متاثر هئا ۽ ان جو تمام گهڻو احترام ڪندا هئا. مخدوم صاحب هر سطح تي عوام جي ڏک غم ۾ برابر جو شريڪ رهيو، نه صرف صوبي سنڌ، پر سڄي ملڪ جي عوام جيءَ پسنديده شخصيتن ۾ کيس وڏي مڃتا مليل هئي، هن هميشه عوام جي مسئلن کي ويجهي کان محسوس ڪيو ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ هر سطح تي ڀرپور ڪوششون ڪيون، هن بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪئي جنهن جي ڪري غريب عوام جي دلين ۾ رهيو. سندس خدمتون ناقابلِ فراموش آهن، سندس شخصيت گلاب جي گل جهڙي هئي جيڪو ڪنڊن ۾ رهندي به ماڻهن جي خوشين ۽ غم ۾ نمايان نظر ايندو آهي، کيس ڪنهن به ڪاوڙ ۾ نه ڏٺو، افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ملڪ اندر خراب سسٽم جي ڪري کيس به ڪيترن ئي ڪيسن کي منهن ڏيڻو پيو، جن سان سندس ظاهر طور ڪو تعلق به نه هو، پيپلز پارٽيءَ جي ڪنهن به ڏکي گهڙي ۾ نه صرف پاڻ اڳيان رهيو، پر ثابت قدم رهندي پيپلز پارٽيءَ جي موقف جي حمايت ۾ رهيو، هن ڏکين وقتن ۾ به ٻاهر ملڪن ۾ هليو وڃڻ بجاءِ پنهنجي ئي ملڪ اندر رهي سياسي جنگ جاري رکي. اج سندس وڇوڙي تي هر جمهوريت ۽ عوام دوست شخص جون اکيون آليون آهن.

◙

# اُڃين، سانجهڙين ۾ نظارا رڙن ٿا
## (وقت جو امين ۽ فهيم)

نظام الدين ڪاڪا

سائين قبلا مخدوم امين فهيم جي کهڙي ڳالهہ ڪجي، سياست ۽ شاعري ڪين ورثي ۾ ملي. پاڻ پنهنجي والد مخدوم طالب المولىٰ جي زماني کان وٺي سنڌ جي سروري جماعت جي نَوَ لکي گودڙي غوث الحق مخدوم نوحؒ جي خاندان جا روح روان هئا. مخدوم امين فهيم صوفياڻي رنگ ۾ تہ رڇيل هئا، پر فڪري طرح هڪ محبِ وطن سنڌي ۽ انسان دوست شخصيت هئا. مزاج ۽ طبعيت ۾ انتهائي نرم نازڪ، سلجهيل، سچار، لاطمع ۽ بي نياز... سونهن ۽ سنگيت جا ڪوڏيا هئا. شڪل ۽ صورت ۾ گلاب جي گل جيان ٻهڪندڙ ۽ ناهوڪي وضع قطع، من ۾ پيار پاڻ جي ازلي اُڃ رکندا هئا. عزيزن ۽ قريبن، يارن، دوستن، غريبن ۽ بي پهچ مسڪينن لاءِ نيڻ وڇائيندڙ، ڪنهن کي ڏکيو ڏٺائون تہ واريءَ جي ڀت جيان ڀُري پوندا هئا. ماڻهپي جا مڙئي گڻ منجهن موجود هئا. قبلا امين فهيم نہ رڳو هڪ سٺا انسان هئا، پر هڪ حساس ذهن رکندڙ تخليقڪار بہ هئا جن ڪئين شعر سرجيا، ڪين رب پاڪ ڪمال جو ذهن ڏنو هو، ماڻهوءَ اندر جهاتيون پائڻ واريون سندن اکيون بہ ڏاڍيون تکيون ۽ اونهيون هونديون هيون. هونئن هن ڌرتيءَ تي ماڻهن جي ڪمي ڪانهي، مٿس پنجن اربن کان بہ وڌيڪ ماڻهو رهن ٿا، پر انهن ۾ سٺا ۽ سچا ڪي ٿورڙا آهن. قبلا سائين مخدوم محمد امين فهيم ٽڏي چانوَ وانگي سڄي حياتي، سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سروري جماعت لاءِ ٻڙ جي چانوَ وانگر رهيا آهن. ماڻهو تہ تڏهن ئي اشرف المخلوقات تسليم ٿيندو جڏهن خدا جي خلقيل هيءَ سموري مخلوق کان اعليٰ ۽ افضل هوندو. انهيءَ ڳالهہ جو دارومدار سندس مزاج تي آهي. قبلا سائين جن وقت جي مزاج کي ۽ ماڻهوءَ جي درد کي هڪ ئي نظر سان سمجهي سگهڻ جي سگهہ رکندا هئا. اکين جي پينگهن ۾ لڏندڙ قبلا سائين جي دلربائي کي پلا اهي بيخبر ڪيئن ٿا سمجهي سگهن جن ڪڏهن سياري جي رات ۾ ٽمڪندڙ ستارن جو روح ئي ناهي محسوس ڪيو. قبلا سائين ماڻهن سان محبتون دل کولي ڪيون، ۽ قبلا سائينءَ کي بہ محبتون ٻانهون کولي مليون. سائينءَ سنڌ کي پنهنجي ساهہ ۾ سمائي ڇڏيو هو جنهنڪري جسماني دوريءَ هوندي بہ هُو ماروئڙن جي من ۾ سدائين زندهہ رهندا.

پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جي چيئرمن ۽ درگاهہ سرور نوحؒ جا ارڙهان سجاده نشين، سروري جماعت جا روحاني پيشوا 4- آگسٽ 1939ع تي مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جن جي گهر هالا ۾ جنم ورتو. مخدوم امين فهيم پرائمري، مئٽرڪ، انٽر تائين تعليم هالا ۾ حاصل ڪئي ۽ 1961ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سياست ۾ گريجوئيشن ڪئي.

سائين امين فهيم 4 شاديون ڪيون، ڪين 7 پٽ ۽ 4 نياڻين جو اولاد ٿيو. مخدوم جميل الزمان، مخدوم شڪيل الزمان، مخدوم عقيل الزمان، مخدوم نعمت الله، مخدوم حبيب الله، مخدوم نجيب الزمان ۽ مخدوم سنڌ يار سندن فرزند آهن. پاڻ 1970ع کان 2013ع تائين مسلسل 8 ڀيرا اليڪشن وڙهي ۽ ڪڏهن به نه هارايو. 1977ع، 1988ع، 1990ع، 1997ع، 2002ع ۽ 2008ع ۾ هالا ۽ مٽياري جي تڪن تان ڪامياب ٿيندا رهيا. پاڻ هائوسنگ، مواصلات، واپار ۽ ٻين وزارتن جا وفاقي وزير به رهيا. جڏهن ته جنرل ضياء جي دور ۾ ايم.آر.ڊي تحريڪ ۽ جيل ڀريو تحريڪ ۾ سندن نمايان ڪردار رهيو ۽ سروري جماعت جي 5000 ماڻهن گرفتاريون ڏئي ڪاري قانون جي خلاف جدوجهد ڪئي. پاڻ شاعر ۽ اديب به هئا سندن ٻه ڪتاب ڇپيل آهن، هڪ شاعريءَ جو مجموعو 'پيغام' سنڌي ادبي بورڊ 1990ع ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو. سندس شاعرائي تخليق، ڪومل جذبا ۽ احساس، تشبيهون، منظر نگاري مان سندن ذات جي اڏام کي پرکي ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿو. سندس شاعريءَ جا گيت ۽ غزل مختلف فنڪارن جي آواز ۾ نشر ٿيندا رهن ٿا. سندس تغزل، فني خيال کان معمونيت ۽ عشائيت تي مشتمل آهي. سندس هڪ نظم (اي وطن جانشين) 1963ع ۾ آل سنڌ مشاعري ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو. سندن نئين سال بابت ڇپيل هڪ شعر آهي ته:

نوان ڏينهن راتيون نيون روشنائيون،
نوان شعر ڪافيون نوان بيت وايون.
نوان باغ بنگلا هي بستيون ۽ جايون،
نئين سال ۾ سڀ نيون ٻڌجي آيون.
پرين هو پراڻيون ڇڏي ڏي جدايون،
نئين سال ۾ اڄ نوان نينهن لايون.

سندس همنشين شاعرن ۾ انور هالائي، احسن الهاشمي، محبوب سروري، حسين بخش خادم، ولي سروري، محمد هاشم ساحل لاڪو، مصري ڪاڪا ۽ هالا ۾ اسان جو رنگ رتل پيچرن وارو پيارو شاعر سوز هالائي به هوندو هو. هُو چوندو هو ته شاعري منهنجي پهرين محبت آهي ۽ مولانا رومي، شاهه ڀٽائي ۽ سچل جو مداح آهيان. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "امين"، "فهيم" هئا. امين فهيم جو نالو سندس چاچي مخدوم غلام حيدر صديقي رکيو، ڪين سروري جماعت جا ماڻهو "ڏاڏا" سائين ڪري سڏيندا هئا. 21- نومبر 2015ع تي جڏهن قبلا سائين امين فهيم اسان کان جدا ٿيو ته صبح جو اداس سورج نمودار ٿيو ۽ شام مايوسيون کڻي لٿي هئي ۽ اڄين سانجهڙين ۾ نظارا روئي پيا. سندس عمر 76 ورهيه هئي، سندن آخري رسمن ۾ بلاول ڀٽو زرداري ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جا سڀ مرڪزي اڳواڻ شريڪ هئا. سائين جن کي مخدوم سرور نوحؒ جي درگاهه جي اندر سائين طالب الموليٰ جي پرسان دفن ڪيو ويو.

سندس هڪ شعر آهي ته:

وڃي ويهي رهين مون کان ڏاڍو پري،
تنهنجي ويئي سري منهنجي ڪين سري،
تون "امين" ٿي اڄ انصاف ڪري،
ڀلا توکي ڪيئن مان وساريندس.

ڏٽي در دعا آهي ته الله سائين قبلا سائينءَ کي جنت الفردوس عطا فرمائي....

بهار گذري هلي وئي آ،
گلن جا گجرا سڪي ويا هن،
الائي ڪاٿي وئي خوشي آ!
عجب صحرا اندر ۾ آهي،
سدا جون اوتون انيڪ جوتون،
سڏين ٿيون توکي وري به آ! وري به آ.

# هڪ بااصول ماڻهوءَ جي موڪلاڻي

اصغر علي خان جوڻيجو

پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جو صدر، سروري جماعت جو روحاني پيشوا، نفيس جذبن جو شاعر ۽ مهربان شخصيت مخدوم امين 'فهيم' اڄ اسان سڀني کي هميشه جو وڇوڙو ڏئي هن فاني جهان کي الوداع ڪري ويو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نگريءَ جي واسي مخدوم امين فهيم پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات 1970ع واري ڏهاڪي کان ڪئي. هُو انهن ماڻهن مان هڪ هو، جن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قائد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ سان گڏ ڪم ڪيو. اهو اعزاز تمام ٿورن ماڻهن وٽ هوندو. پاڻ پيپلزپارٽيءَ کان ئي سياست جي شروعات ڪئي ۽ ساهه جو سڳو ٽٽڻ تائين پيپلز پارٽي سان سلهاڙيل رهيا. ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ الحق ۽ پرويز مشرف ڪين پارٽيءَ سان وفاداريون بدلائڻ جي عيوض ۾ پيرا وزيراعظم بنائڻ جي آڇ ڪئي، پر مخدوم امين فهيم سندن آڇن کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ پارٽيءَ سان وفادار رهيو. سندن وفات سان پاڪستان پيپلزپارٽيءَ ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿيو آهي، جنهن کي پرجڻ ۾ شايد وڏو وقت لڳندو. اڄوڪو ڏينهن پيپلزپارٽي لاءِ وڏي ڏک ۽ صدمي وارو ڏينهن آهي، ڇاڪاڻ ته پارٽي هڪ بردبار، مدبر ۽ ڏاهي سياستدان کان محروم ٿي وئي آهي.

مخدوم صاحب سڄي زندگي غير تڪراري رهيا. سندن زندگيءَ ۾ ڪيترائي پيرا لاهه چاڙهه ۽ مشڪلاتون آيون، پر انهن هميشه بردباري ۽ ڏاهپ سان سمورن مسئلن کي منهن ڏنو. پنهنجي زندگيءَ ۾ هُو 8 پيرا پارليامينٽيرين رهيا، ڪين ڪڏهن به ڪنهن چونڊ ۾ نه هارايو. پاڻ ٻه پيرا وفاقي وزير به رهيا. مخدوم صاحب ۽ منهنجي ڏاڏا مرحوم شاهنواز علي جوڻيجي جا پاڻ ۾ ويجها ناتا هئا. سندن دوستي اٽوٽ هئي. ڏاڏا کان پوءِ منهنجو والد محمد خان جوڻيجو ۽ چاچا روشن الدين جوڻيجو سندن هميشه ٻانهن ٻيلي رهيا، هر ڏک سک ۾ ساڻن گڏ رهيا ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين اهو ساٿ سلامت رهيو ۽ جيستائين اهي ۽ اسان زنده آهيون، سندن خاندان سان روح جو اهو رشتو قائم ۽ دائم رهندو. هُو ڏاڏا جي بهترين دوستن مان هو، سندن دوستيءَ جي گهرائپ جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو جو منهنجو ڏاڏا رات جو جلدي سمهڻ وارن ماڻهن مان هو، پر جيڪڏهن رات جي وقت ڪراچيءَ کان ڳوٺ لاءِ روانو ٿيندو هو ته ڳوٺ اچڻ بدران سڌو هالا پهچندو هو ۽ مخدوم صاحب سان سڄي رات ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ فجر مهل ڳوٺ پهچندو هو.

مخدوم امين فهيم پنهنجن سمورن معاملن بابت ڏاڏا سان صلاح مشورا ڪندو هو. اهي پاڻ ۾ ايترو ويجها ۽ گهاٽا دوست هئا جو مخدوم صاحب سياسي توڙي خانداني فيصلا ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن معاملن بابت ڏاڏا شاهنواز علي جوڻيجي سان صلاح مشورو ڪندو هو. ايتريقدر جو گهريلو رشتن بابت به ڏاڏا کان راءِ ضرور وٺندو هو. جيئن ته سڄي سنڌ بلڪ سڄي ملڪ جي ماڻهن جي تڪرارن جا فيصلا ماڻهو

# سنڌ کان وڇڙي ويل محبتن جو امين!

نسيم بخاري

مخدوم امين ’فهيم‘ سياست، ادب ۽ سماج جي حوالي سان پنهنجي نانءُ، تعارف ۽ سڃاڻپ جو پورو پورو حق ادا ڪري، هن دنيا کي الوداع چئي، ان جهان ڏانهن ڪُوچ ڪري ويو آهي، جتان وڃڻ کان پوءِ ڪو به موٽيو ناهي. هن جي هڪ مشهور غزل جا ڪجهه بند ياد ٿا اچن:

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي
هي خطا بارها ڪري ڏسبي.
هر شجر ۾ صبا ۾ ۽ گل ۾
جستجو جا بجا ڪري ڏسبي.
جي حياتي وفا ڪئي سائين!
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

هونئن ته حياتي بي وفا آهي، پر مخدوم امين ’فهيم‘ کي ان ايتري مهلت ضرور ميسر ڪئي، جو نه رڳو عاشقيءَ، پر زندگيءَ جي هر مرحلي تي هن انتها ڪري ڏيکاري.

سياست ۾ شرافت ۽ صبر جيترو هن ڪيو اوتري بردباري ۽ سهپ هاڻ ڳولي نه ٿي لڀجي. مخدوم امين ’فهيم‘ سياسي جهاز جو اهو ايماندار پائليٽ هو، جنهن خطري وقت، اڳ ۾ سمورن مسافرن کي بچايو ۽ پاڻ بعد ۾ لٿو. مخدوم جي دل ايتري ڪڏهن به نه ڏکي، جيترين تلخيون هن پارٽيءَ ۾ رهندي سَٺيون. پارٽي قيادت پاران تلخ تجربن باوجود هن ان کان رستا ڌار نه ڪيا. مخدوم صاحب وٽ فقط سياسي پليٽ فارم نه هو، ادبي اُفق جو هُو چمڪندڙ ستارو هو. سروري جماعت جو سرواڻ هو. هن جي پويان هزارين نه، پر لکين مريدن جي هڪ عقيدتمند برگيڊ هئي. هُو چاهي ها ته الڳ پارٽيءَ جو اعلان ڪري سگهي ها. جيڪڏهن امين فهيم 2008ع واري وفاقي حڪومت لاءِ سرواڻيءَ واري طئي ٿيل معاهدي تي مضبوطيءَ سان موقف رکي بيهي ها ته آصف علي زرداريءَ لاءِ مخدوم کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي وزيراعظم بڻائڻ ممڪن ئي نه بڻجي ها. هُو چاهي ها ته پارٽيءَ جي سينئر اڳواڻن جو ڪٽ ڪهرائي آصف علي زرداري کي اڪيلو ڪري ڇڏي ها ۽ پورا پنج سال پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو بااختيار پاڪستان جو وزيراعظم ٿي وڃي ها. مخدوم صاحب جيڪڏهن سياست جي محاذ تي پنهنجي حق لاءِ آواز اٿاري ها ته پڪ سان ان کي پارٽيءَ جي سينئر ۽ جونيئر ميمبرن ۽ عهديدارن پاران بهتر موٽ ملي ها چو ته اها ڳالهه عالم آشڪار هئي ته مخدوم صاحب شهيد محترمه بينظير ڀٽو پاران وزيراعظم جو نامزد اُميدوار هو ۽ اها ڳالهه ميڊيا معرفت محترمه بينظير ڀٽو صاحبه اڪثر موقعن تي اظهاري چڪي هئي. پيپلز پارٽي ۾ مخدوم صاحب جهڙي مضبوط وزيراعظم جو ڪو اُميدوار ئي نه هو، پر مخدوم صاحب، ڀٽوز سان پنهنجي تعلق کي دوام بخشڻ لاءِ وڏيءَ دل جو مظاهرو ڪيو، نه رڳو ايترو، پر آخري پساهن تائين هن تلخين سان ڀرپور جملا به نه ڳالهايا. هن جيڪڏهن ڪا شڪايت ڪئي به ته، اها اشارن ۽ ڪناين ۾ ڪئي.

سنڌيءَ ريت هن پيپلز پارٽي يا ان جي قيادت کي نشانو نہ بڻايو. هُو پاڻ سان ٿيل حق تلفيءَ تي احتجاج ڪري پئي سگهيو. تنقيد ڪرڻ هن جو حق هئي، پر هن ائين نہ ڪيو، جنهن جو اعتراف اڄ اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني بہ ڪيو آهي. هن مڃيو آهي تہ مخدوم صاحب وزيراعظم جو اُميدوار هو، پر جڏهن پارٽيءَ مون کي نامزد ڪيو تہ مخدوم صاحب مون کي گُليو گُلايو ووٽ ڏيڻ لاءِ اسلام آباد آيو. مخدوم صاحب پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جو صدر هو. پ پ جيڪا 2008ع واري چونڊ وڙهي سا بہ ان ئي پليٽ فارم تان وڙهي.

مخدوم صاحب کي مشرف وزيراعظم جي آڇ ڪئي هئي، جيڪا هن ٺڪرائي ڇڏي. 1961ع ۾ هالا ميونسپالٽي جي چيئرمين رهندڙ مخدوم امين 'فهيم' کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي 1970ع ۾ پنهنجي ٺٽي مان ڪٽيل سيٽ تان هٽ ڪٽي ڪيس ضمني چونڊن ۾ ڪٽرايو. 1970ع کان 2013ع تائين هن جيترا ڀيرا بہ چونڊ وڙهي، سوڀ هن جو مقدر بڻي. مخدوم سرور نوحؒ جي پيڙهيءَ جي ارڙهين گادي نشين وارو تعارف رکندڙ مخدوم محمد امين 'فهيم' پيپلزپارٽيءَ سان پاڻ ملهايو. هن پارٽيءَ جي پت رکي، پر پارٽي هن جي ساک جو ڪهڙو لحاظ رکيو؟

مخدوم امين 'فهيم' هڪ سوچ ۽ فڪر جو نالو هو. هن وانگر هزارين سچا پچا پ پ ورڪر اڄ بہ پارٽيءَ ۾ رهندي پنهنجو ساهہ گُهٽجندي ۽ ٻُوساٽجندي محسوس ڪن ٿا. موجوده پيپلزپارٽي هنن لاءِ تاريخ جو تلخ ترين تحفو آهي. اهي سياسي گناهن واري ماحول ۾ ڏاڍي تڪليف محسوس ڪري رهيا آهن. اهي تنگ ۽ بيزار آهن، پر قيادت خلاف ڪڇن نہ ٿا. هنن کي اهڙي ڪيفيت تي خود پاڻ تي بہ ڪاوڙ اچي رهي آهي پر ڪن تہ آخر ڇا ڪن؟

مخدوم صاحب هڪ زندهہ دل انسان هو. صبر ڪرڻ ۽ معاف ڪرڻ هن جي فطرت هئي. هُو جيڪڏهن درگذر کان ڪم نہ وٺي ها تہ اڄ شايد پ پ جا بہ ايترا ٽڪرا ٿي چڪا هجن ها جيتريون مسلم ليگ جون شاخون آهن. مخدوم صاحب پارٽي قيادت تي جيڪا احسان ڪرڻ واري مُهر هڻي آهي، سا هاڻ مخدوم صاحب پڄاڻان همراهن کان خوابن ۾ بہ چرڪ ڀرائيندي.

مخدوم صاحب هڪ مٺيادار ماڻهو هو. هڪ سلڇڻو انسان، ماڻهپي جا سمورا قدر هن جي رت ۾ شامل هئا، هن سان جن اُچايو ۽ ڦٻايو، اڄ يا سڀاڻي اهي تاريخ جي تري ۾ دٻجي وڃڻا آهن.

مخدوم امين 'فهيم' جي غزل جا ڪجهہ بند ياد ٿا اچن:

آرزو بيڪار ٿي،
زندگي آزار ٿي.
تنهنجو ڪو ناهي رفيق،
تون مڙن جو يار ٿي.
آسرو ڪنهن جو نہ ڪر،
پنهنجو خود غمخوار ٿي.
غير سان پڻ ڪر ڇڳي،
تون نہ ڪنهن جو بار ٿي.

مخدوم صاحب جيئن لکيو آهي، ائين لفظن جي لڄ بہ رکي ڏيکاري. مخدوم صاحب ۽ پيپلزپارٽيءَ جي حوالي سان جڏهن ڪو مؤرخ قصا قلمبند ڪندو تہ ان جي ڇنڊڇاڻ، گهٽن کي وائکو ڪندي. هُو پارٽي قيادت کان جيڪڏهن سنڌيءَ ريت بيزار نہ بہ هو، تڏهن بہ مايوس ضرور هو. هُو جنهن سياسي بصيرت جو مالڪ هو، پارٽي ان کي اها حيثيت عطا نہ ڪئي. شايد هيٺيون شعر مخدوم صاحب جي ان ئي ڪيفيت جو اظهار ڇئي سگهجي ٿو تہ:

سڪن جو ساٿ ڇڏڻ لازمي نظر آيو،
قدم قدم تي قرارن وڏو فريب ڏنو.
نظر جي شوخ اشارن وڏو فريب ڏنو،
پرائي پنهنجي کي سمجهڻ جو وقت ئي نہ مليو.

مخدوم صاحب پنهنجي طبعيت ۾ گهڻ رخي حوالي سان سچ پچ جو مخدوم ثابت ٿيو. هُو سياسي، سماجي ۽ مذهبي ذميوارين جي ادائگين جي حوالي سان واقعي بہ امين رهيو.

# ٽُنهنجون ڳالهيون سڄڻ

جام رضيہ مورائي

سنڌ جي تاريخ ڪئين سورهين، سرمستن، درويشن، مانجهي مردن، انمول سياسي شخصيتن ۽ روحاني قلندرن سان ڀري پئي آهي، اهڙن ئي انمول هيرن جي هار جو هڪ هيرو سائين مخدوم امين 'فهيم' به آهي جيڪو هاڻي هن دنيا ۾ ناهي رهيو! سندس وفات تي سروري جماعت سان گڏ سڄي سنڌ سوڳوار آهي، ڇاڪاڻ ته پاڻ نه صرف سروري جماعت جا روحاني پيشوا هئا، پر ساڳئي وقت هڪ برک ۽ مخلص سياستدان هئا پر ان سان گڏ پاڻ هڪ بهترين شاعر پڻ هئا. انهن ظاهر خوبين کان علاوه پاڻ هڪ شفيق، ملنسار، بردبار، ساده دل ۽ ساده طبعيت جا ڪل مک انسان پڻ هئا. سندن سادگي، سچائي، خلوص ۽ من جي اجرائي، سندن چهري جي معصوميت مان بخوبي سُجندي هئي، ڇاڪاڻ ته چهرو انسان جي شخصيت جو آئينو هوندو آهي، سو ان آئيني ۾ سندن سچائي، وفاداري ۽ سندن من جي مورت چٽي ۽ صاف نظر ايندي هئي. شايد اهو ئي سبب آهي جو اڄ سندن وفات تي نه صرف سنڌ، پر هر اهلِ دل غمزده آهي. جيڪڏهن سائين جن جي شخصيت جي مختلف پهلوئن تي روشني وجهجي ته هڪ الڳ ڪتاب لکجي ويندو ڇاڪاڻ ته پاڻ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ هئا. جيڪڏهن ڪين سروري جماعت جي روحاني بزرگ يا پيشوا جي حوالي سان ڏسجي ته پاڻ هڪ منظر، ٻاجهارو، صبر، تحمل، ملنسار، عاجزي، نياز ۽ نوڙت، وقار ۽ تدبر سان لبريز نظر ايندا. جيڪڏهن سياستدان جي نظر سان ڏسجي ته ڏاهپ، سچائي، خلوص، اتحاد ۽ اتفاق جي هڪ دل آويز شخصيت نظر ايندا. پاڻ پيپلزپارٽي جي باني ڪارن ۾ شامل هئا، ۽ آخري دم تائين پارٽيءَ سان وفاداري، خلوص ۽ ايڪتا جي ذريعي سلهاڙيل رهيا. سندن سياسي سفر ۾ ڪئين مشڪل مرحلا به آيا، جڏهن پيپلزپارٽي جي چيئرمن ذوالفقار علي ڀٽي کي جيل ۾ باندي بڻايو ويو، انهن مشڪل گهڙين ۾ جڏهن ضياء جي آمريت عروج تي هئي ۽ ظلم ۽ ستم جي بازار گرم هئي، تڏهن پاڻ اهڙين سنگين حالتن ۾ به پارٽيءَ سان واڳيل رهيا ۽ ڀٽو خاندان سان نڀائيندا رهيا. ذوالفقار علي ڀٽي سان وفا جا پيڪر بنيا رهيا ۽ ساڻس هر قدم تي هڪ ٻاجهي جيان گڏ گڏ رهيا ايستائين جو محترمه بينظير ڀٽي جي شهادت جا دردناڪ منظر به اکين سان ڏٺائون. سياسي سفر جي مشڪل ترين پيچرن تان گذرندي پاڻ ڪڏهن به همت، حوصلو ۽ مستقل مزاجيءَ جو دامن نه ڇڏيائون. ان کان پوءِ آصف زرداريءَ سان به گڏجي ڪم ڪندا رهيا، توڙي جو ڪين بعد ۾ پارٽي اڳواڻ کان ڪافي

اختلاف هئا پر پاڻ صبر، تحمل ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪندا رهيا ۽ ٻڙڪ ٻه ٻاهر نه ڪڍيائون. توڙي جو اهڙين مشڪل گهڙين ڪي ڪجهه پارٽين ۽ ماڻهن ڪيش ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي، پر پاڻ هر حال ۾ ثابت قدم رهيا. کين وزارت عظميٰ جي پيشڪش به ڪئي وئي، پر پاڻ پنهنجي فطرت مطابق، سياسي وفاداريءَ کي داغدار نه ڪيائون، پر پنهنجي مستقل مزاجيءَ ۽ سچائيءَ جي راهه تي هلندا رهيا ۽ اهڙن ئي انسانن لاءِ ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو،
هر ڪو ماڻهو پنهنجي اڳهه اگهاڻو،
جيڪو ماڻهو کين وڪاڻو،
سو ئي ماڻهو موتيءَ داڻو.

سائين امين 'فهيم' ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ مهربان، شفيق ۽ محبت ڪندڙ پيءُ هئا، جن ڪڏهن به پنهنجي اولاد ۾ فرق نه ڪيو، حالانڪ سندن چار شاديون هيون ۽ چئن ئي گهر وارين مان کين اولاد به آهي. سندن اولاد جي به پاڻ ۾ ايتري محبت ۽ عقيدت آهي، جنهن جو ڪو مثال ناهي.

سائين امين 'فهيم' جن هڪ بهترين شاعر به هئا، سندن شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي رنگن کان علاوه عشق ۽ محبت جو رنگ، انهن رنگن تي غالب نظر ٿو اچي. اهو ئي سبب هو جو سندن مزاج ۾ به نرمي، حلم، پنهنجائپ جو عنصر نمايان هو، ساڳئي وقت لهجي ۾ شيري ۽ زبان جي سادگي، سائين جن کي ٻين سياستدانن کان ممتاز بنائي رکيو. انهن خوبين جي ڪري سندن شخصيت ۾ اهڙو سحر سمايل هوندو هو جو هڪ ڀيرو ملڻ کان پوءِ دل بارها ساڻن ملڻ لاءِ آتي ٿيو پوي. سندن شخصيت جا رنگ ناقابلِ فراموش هئا. پاڻ سنڌ جي اهڙي عظيم هستي هئا جن کي صدين تائين وساري نه سگهبو. پاڻ هڪ سدا بهار شخصيت جا مالڪ هئا، پر بلڊ ڪينسر جهڙي موذي مرض کين وقت کان اڳئي، اسان کان کسي ورتو، پر سندن گذاريل زندگي اسان جي لاءِ مشعل راهه آهي.

سائين امين 'فهيم' جن جو بي وقت وڇوڙو نه صرف سنڌ جي عوام لاءِ، پر ملڪي سياسي تاريخ جو هڪ عظيم سانحو آهي.

سندن وڇوڙي سان ملڪي سياست ۾ هڪ اهڙو خال پيدا ٿي ويو آهي جيڪو ڪڏهن به پرجي نه سگهندو، نه صرف عوام پر خاص طور تي پيپلز پارٽي هڪ سينئر ۽ سچي رهنما کان محروم ٿي وئي آهي ڇاڪاڻ ته پارٽيءَ جي اصل اڳواڻن کان پوءِ سائين مخدوم امين 'فهيم' جن جي قد آور شخصيت تحت هيءَ پارٽي هڪ منظم پليٽ فارم تي قائم رهي. سائين جن پارٽيءَ سان هر ڏک سک ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيندا رهيا ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين ساٿ ۾ رهيا. اها حقيقت آهي ته سائينءَ جهڙا همه گير شخصيت جا مالڪ، روز روز پيدا ناهن ٿيندا. پاڻ ملڪ ۽ سنڌ جي عوام لاءِ هڪ ليجنڊ جي حيثيت رکن ٿا، اسان جي سياستدانن کي گهرجي ته سائين جن جي نقشِ قدم تي هلن ۽ سندن زندگيءَ مان ڪو سبق سکن ته جيئن کين به عوام سندن وفات پڄاڻان نه صرف سٺن لفظن ۾ ياد ڪري پر انهن لاءِ سڪ، اڪير ۽ محبت وچان ڳوڙها به ڳاڙي سگهي.

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پٺي ڳائيندس،
انهيءَ رمز سان روح ريجهائيندس.

◙

# هردلعزيز انسان
# مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو

محمد ملوک انڙ

پاڻ 17- جمادي الثاني 1358هه بروز جمعو مطابق 4- آگسٽ 1939ع تي حضرت مخدوم سرور نوح رحمت الله عليه جي 17 گادي نشين جناب مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ جي گهر هالا ۾ جنم ورتو، پاڻ گهڻ پاسائين شخصيت جا مالڪ هئا يعني هڪ ئي وقت شاعر، اديب، سياستدان ۽ حضرت سرور نوحؒ جا گادي نشين پڻ هئا. پاڻ جوانيءَ کان وٺي پيريءَ تائين پاڪستان پيپلزپارٽيءَ سان واڳيل ۽ وفادار رهيا. جڏهن 30- نومبر 1967ع تي پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جنم ورتو، ته سندس والد محترم مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ پارٽيءَ جي باني اڳواڻن ۾ شامل هئا ۽ سڄي عمر پنهنجي خاندان سميت ڏک سک ۾ ڀي ڀي سان نڀائيندا رهيا.

ناماري اديب ۽ ليکڪ غلام رباني آگري پنهنجي ڪتاب 'جهڙا گل گلاب جا' ۾ لکيو آهي ته: هڪ دفعي مخدوم طالب الموليٰ مون سان ڳالهه ڪئي ته جڏهن ڀٽو صاحب ملڪ جو صدر ۽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر هو، تڏهن ڪانئس پڇيائين ته "مخدوم صاحب توهان کي ڇا گهرجي؟" مخدوم صاحب جواب ۾ چيس "ڪجهه نه، الله سائينءَ اسان جي خاندان جي جيڪا عزت ڪئي آهي، فقط اها برقرار رکجو." مخدوم خاندان لوڀ ۽ لالچ کان پري رهيو آهي. شهيد ڀٽي جڏهن عام انتخاب 70 واري اليڪشن ۾ پاڻ ملڪ جي گهڻين ئي سيٽن تان ڪاميابي ماڻي ۽ پوءِ خالي ڪيل ٺٽي ضلعي واري سيٽ مخدوم محمد امين 'فهيم' جي حوالي ڪئي، جتان مخدوم امين 'فهيم' ضمني چونڊ ۾ ڪاميابي ماڻي، ايم.اين.اي بڻيو هو. اهڙي طرح پاڻ سياسي دنيا ۾ پير پاتو ۽ سياسي سفر ۾ سدائين ناقابلِ شڪست رهيا، 7 ڀيرا مختلف وقتن ۾ قومي اسيمبلي ۽ هڪ ڀيرو صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيا ۽ ڪافي ڀيرا وفاقي وزير پڻ منتخب ٿيندا رهيا. پاڻ سڄي حياتي پيپلزپارٽيءَ ۾ رهيا.

شهيد ڀٽي کان وٺي شهيد بينظير صاحبه سان سدائين سندن ساٿ رهيو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽي جا اعتماد جوڳا ساٿي رهيا. 1977ع کان پوءِ مارشل لا جي ڏکهي آمريت ۽ سخت قسم جي ظالم ڊڪٽيٽر ضياء الحق جي دؤر حڪومت ۾ مخدوم خاندان پاڻ کي ثابت قدم رکندي بدترين مارشل لا دؤر جو همت ۽ مڙسيءَ سان مقابلو ڪيو، ۽ هن خاندان جي مخدوم خليق الزمان جيلن جون سختيون برداشت ڪري پاڪستان پيپلزپارٽيءَ سان ساٿ نڀايو، مخدوم امين 'فهيم' شهيد بينظير جي دؤر حڪومت ۾ 1988ع ۽ 1994ع ۾ وفاقي وزير رهيا، محترمه شهيد بينظير جي جلاوطن واري وقت مخدوم صاحب پ پ پ کي سنڀاليندا رهيا، پاڻ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جا سينئر وائيس چيئرمن ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جا صدر بڻيا، ته ان وقت جي ڊڪٽيٽر جنرل مشرف پاران 2002ع ۾ ڪيس ملڪ جو وزيراعظم ۽ سندس پٽ مخدوم جميل الزمان کي سنڌ جو وزير اعليٰ منتخب ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي ويئي جيڪا هن مخدوم صاحب ٺڪرائي ڇڏي. جڏهن شهيد بينظير ڀٽو

جلاوطني ختم ڪري ملڪ پاڪستان ۾ واپس آئي ته 18- آڪٽوبر 2007ع تي ڪارساز سانحي ۾ محترمه سان گڏ هئا ۽ زخمي پڻ ٿيڻ هئا.

27- ڊسمبر 2007ع تي راولپنڊي جي جلسي ۾ محترمه بينظير ڀٽي کي شهيد ڪيو ويو هو، ته مخدوم امين 'فهيم' پڻ ساڻس گڏ هئا. محترمه جي شهادت بعد پارٽيءَ جي فيصلي موجب بلاول ڀٽو زرداريءَ کي پارٽيءَ جو چيئرمن ۽ آصف علي زرداري کي پارٽيءَ جو ڪوچيئرمن بڻايو ويو، جڏهن ته 18-فيبروري تي پيپلزپارٽيءَ عام انتخاب واري اليڪشن ۾ کٽي آئي ته وزيراعظم جي سيٽ تي ڪافي وقت پارٽي اڳواڻن طرفان وزيراعظم جي سيٽ تي بحث مباحثو ۽ تڪرار هلندو رهيو ته ملڪ جو وزيراعظم ڪنهن کي چونڊجي. خاص طور تي سنڌ جي عوام جون نظرون مخدوم امين جي حق ۾ واجهائينديون رهيون ۽ مخدوم صاحب جي دلي تمنا به هئي ته کين ملڪ جو وزيراعظم چونڊيو وڃي. جڏهن ته پاڻ وزيراعظم جي سيٽ جا لائق به هئا ۽ سندن حق به هو. ان تڪرار دوران مخدوم امين 'فهيم' جا اخباري بيان ۽ ملڪ جي قلمڪار ۽ اديبن جا اخبارن ۾ شايع ٿيل ڪالم، ڏاڍا دلچسپ هوندا هئا. مگر آصف علي زرداريءَ جي مرضي هئي ته وزيراعظم ملڪ جي وڏي صوبي پنجاب مان ڪڍجي ۽ ملڪ جو صدر مان پاڻ هجان. انڪري پيپلزپارٽيءَ جي اڳواڻن ۽ آصف علي زرداريءَ فيصلو ڪيو ته پاڪستان جو وزيراعظم سيد يوسف رضا گيلانيءَ کي ڪيو وڃي. نيٺ 22- مارچ 2008ع تي پيپلزپارٽيءَ جي اڳواڻن شام جو سيد يوسف رضا گيلانيءَ جي وزيراعظم ٿيڻ جو پريس ڪانفرنس ذريعي اعلان ڪيو.

24- مارچ 2008ع تي پاڪستان جي وزيراعظم جي چونڊ قومي اسيمبلي هال ۾ ميمبرن ووٽ ڏنا جنهن ۾ مخالف ڌر جي (ق) ليگ جي اميدوار پرويز الاهيءَ کي 42 ووٽ مليا ۽ سيد يوسف رضا گيلانيءَ 264 ووٽ کڻي وڏيءَ اڪثريت سان ملڪ جو وزيراعظم چونڊجي ويو. جڏهن ته مخدوم محمد امين 'فهيم' وڏي فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي پارٽيءَ جي اميدوار سيد يوسف رضا گيلانيءَ کي ووٽ ڪيو ۽ اسيمبلي هال جي گيلريءَ ۾ هلي ڪري وڃي بلاول ڀٽو زرداريءَ سان مليو ۽ کيس پيار ڪيو.

انڪري مخدوم صاحب کي سندس فراخدلي، محبت، شفقت ۽ پارٽيءَ سان وفاداريءَ سبب هر ماڻهو عزت جي نگاهه سان ڏسي ٿو، ۽ پوءِ کين صنعت ۽ واپار جو وفاق وزير ڪيو ويو. سندن خاندان حضرت سرور نوح ؒ کان وٺي مخدوم جميل الزمان تائين علمي ادبي گهراڻو رهيو آهي. پاڻ به اديب ۽ شاعر هئا. شاعرن سان کين عشق جي حد تائين محبت هئي. شاعريءَ ۾ سندن تخلص 'فهيم' هو. پاڻ واقعي 'فهيم' هئا. 'فهيم' معنيٰ ڏاهو، داناءُ، عقلمند سندن شاعريءَ ۾ غزل جون سٽون ڪجهه هن طرح آهن:

"گلن سان گڏ رهڻ جي لاءِ مون کي خار ٿيڻو پيو.
تڏهين ان جو ٿيس، جڏهن ان تي بار ٿيڻو پيو،
زماني جي فضا موجب بدلجي، هر گهڙي مون کي،
وڏن اڱيان وڏو، ٻارن جي اڱيان ٻار ٿيڻو پيو.

سندن شاعريءَ جو مجموعو 'پيغام' 1990ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شوري سنڌ وارن ڇپرايو، سندن شاعريءَ جي انهيءَ مجموعي کي وڏي پذيرائي ملي. سندن ڪلام سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور فنڪارن ڳايا آهن.

مخدوم امين 'فهيم' جو عوام، دوستن، مريدن ۽ پنهنجي خاندان تي سدائين شفقت جو هٿ رهيو. پاڻ سروري جماعت جا روحاني پيشوا ۽ نوَ لکي گودڙي جا سربراهه هئا. آخر ۾ هي عظيم انسان، بلڊ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيا ته پرڏيهه مان علاج ڪرائڻ بعد ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال ۾ داخل ٿيا، ته کين بلاول ڀٽو زرداري سندن عيادت ڪرڻ آيو ته پاڻ کين ڳراٽڙي پائي پيار ڪيو ۽ ساڻس ڪچهري پڻ ڪئي. نيٺ 21- نومبر 2015ع تي هن بهادر انسان جو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ٿيو. اِنالله واِنا اِليه راجعون.

پاڻ جسماني طور اسان کان جدا ٿي ويا آهن. مگر سندن ياد هميشه اسان جي دلين تي رهندي. دعا آهي ته شال رب العظيم کين جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏي ۽ سندن پوئلڳن کي سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين.

# هن سان پيهر وفا ڪري ڏسبي

## جام صنم سنڌي

مرشد ڀٽائي گهوٽ فرمايو آهي ته:

ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

هالا اهو مشهور ۽ معروف شهر آهي جنهن کي الله تعاليٰ، دنيا ۽ آخرت جي سونهن ۽ شهرت سان نوازي ڇڏيو آهي. هتي نه صرف جڳ مشهور شخصيتن جنم ورتو آهي، پر 9 لکي گودڙي جي مريديءَ واري بزرگ اولياء الله حضرت سائين سخي سرور نوح رحمت الله عليه جي سڪونت پڻ هن شهر کي عرش ۽ فرش تائين عزت ۽ اعزاز بخشيو آهي. انهيءَ برگزيده گهراڻي ۾ قبله سائين مخدوم محمد زمان المعروف طالب المولىٰ جي "اڱڻ ٻهاريان تنهنجون واٽون نهاريان" واري علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڱڻ تي 4- آگسٽ 1939ع ڌاري سنڌ ڌرتيءَ کي اعزاز بخشڻ ۽ ڌرتي ماءُ جو مان مٿانهون ڪرڻ لاءِ هڪ ٻي مهان هستي مخدوم محمد امين 'فهيم' جي روپ ۾ جنم ورتو. جيتوڻيڪ سائين طالب المولىٰ جهڙي اٿلهه هستيءَ جي محبت ۽ پرورش سائين امين 'فهيم' جن کي پيدائشي طور نصيب هئي، تنهنڪري سندن فصاحت، بلاغت، خوبين، خصلتن، ڪردار ۽ اخلاق جي عنصر جو اورچائيءَ تي هجڻ هڪ قابل يقين ڳالهه آهي، پر سندن بردباري فهم ۽ فراست سبب کين "فهيم" جو لقب پڻ حاصل ٿيو.

قبله سائين مخدوم امين 'فهيم' بنيادي طور شاعر هئا، سندن شعري مجموعو "پيغام" سنڌي ڪتابن ۾ هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. سندن ڪيترائي ڪلام مشهور فنڪارن پنهنجي خوبصورت آواز ۾ ڳايا آهن. اها خوبي پڻ کين سندن والد مخدوم طالب المولىٰ کان ورثي ۾ ملي هئي. هيءُ خاندان، سنڌ جو اهو مهان شاعر گهراڻو آهي، جنهن کي شاعريءَ ۾ منفرد ۽ نمايان مقام حاصل آهي. سندن شاعري سنڌ جي هر ننڍي وڏي فنڪار بهترين انداز ۾ ڳائي آهي. سندن شاعريءَ جي سڀ کان وڏي خوبي، اها ئي آهي ته اها روح کي سُرور بخشيندڙ شاعري آهي. اهوئي سبب آهي جو سندن ڪلام اڄ به وڏي چاهه مان ٻڌو ۽ ڳايو وڃي ٿو. نرم مزاج، بردبار، شفيق ۽ مهربان طبعيت جي مالڪ قبله سائين امين 'فهيم' جڏهن 1970ع ڌاري سياست ۾ پير پاتو، تڏهن سياست جهڙي بيرحم ۽ بيرخي واري ماحول سان وابستگي باوجود به سندن طبعيت ۾ ڪو به فرق نه آيو، پاڻ سياست ۾ رهندي به حليم طبعيت ذريعي هر معاملي کي ملجهائڻ جا عادي رهيا. سندن تعلق انهيءَ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان هميشه رهيو، جنهن پارٽيءَ جو بنياد، سندن جي گهر، اڱڻ ۽ شهر هالا ۾ مخدوم طالب المولىٰ ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي وڌو هو، جيتوڻيڪ هالا کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته پاڪستان جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي پارٽي انهيءَ شهر ۾ قائم ڪئي وئي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ کي وري اهو اعزاز حاصل

آهي ته جنهن شهر ۾ سندن قيام پيو، ان شهر جي عظيم هستين سندن هر ڏک، سک، امتحان ۽ آزمائشن جي مشڪل گهڙين ۾ ايمانداري، سچائي ۽ وڏي وفاداريءَ سان ساٿ نڀايو آهي. ڪيترائي ڀيرا وڏي وڏين آڇن ملڻ باوجود مخدوم خاندان ۽ خود سائين امين 'فهيم' جن هر آڇ کي ٺڪرائي پنهنجي خانداني هجڻ جو ثبوت ڏيندي پاڪستان پيپلزپارٽيءَ سان سِر ساهه وارو ناتو نڀايو. سائين امين 'فهيم' سياسي طور اها مڃيل شخصيت آهن جن پنهنجي سياسي ڪيريئر دوران 9 ڀيرا اليڪشن وڙهي.

پاڻ هڪ ڀيرو سنڌ اسيمبلي ۽ 8 ڀيرا قومي اسيمبليءَ لاءِ چونڊ کٽيا ۽ پاڻ پ پ پ پارليامينٽيرين جا صدر پڻ رهيا، پر ڪين ڪڏهن به سياست يا اليڪشن ۾ ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو نه پيو. اها هئي سندن عزت ۽ ماڻهن جي ساڻن بي پناهه محبت جنهن سبب پاڻ ماڻهن جي دلين ۾ ۽ سياست جي ڪرسين تي هميشه وڏي مان ۽ شان سان ويهندا رهيا. عظيم اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو تائين پارٽي جي هر ميمبر ۽ اڳواڻ جو قبلہ سائين تي وڏو ويساهه هوندو هو، اهوئي سبب آهي جو شهيد محترمه جي جلا وطني هجي يا شهيد ڀٽو جي قيد و بند وارو دور، پر هر گهڙيءَ ۾ مخدوم خاندان پيپلزپارٽيءَ کي ائين سنڀاليو جيئن ڪو پنهنجي ٻچن کي سنڀاليندو آهي. محترمه جي غير موجودگيءَ ۾ سائين امين 'فهيم' پارٽي جي هر معاملي کي پاڻ ڏسندا، سنڀاليندا ۽ سلجهائيندا ۽ محترمه جي وطن واپسي لاءِ راهه هموار ڪرڻ ۾ رڌل رهندا هئا. پاڻ ڪڏهن به پارٽيءَ ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ وارو ماحول جڙڻ نه ڏنائون، هميشه رواداري، محبت ۽ هڪ ٻئي جي احترام واري سياست کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا. جهڙي طرح سياستدانن ۽ عوام جو سندن تي ويساهه هو، اهڙيءَ طرح سندن خاندان ۽ خاص طور تي سائين طالب المولىٰ جن جو مٿن وڏو اعتبار هوندو هو. سائين محمدالزمان کي پنهنجي اولاد ۾ سائين امين 'فهيم' سان گهڻي محبت، انسيت، سڪ ۽ اڪير هوندي هئي يا ائين ڪٿي چئجي ته ڪين قبلہ امين 'فهيم' ۾ پنهنجي جهلڪ نظر پئي آئي، انڪري سائين طالب المولىٰ جو سائين امين تي گهڻو راز هوندو هو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته قبلہ سائين امين 'فهيم' پنهنجي والد جي هر خواب ۽ خواهش کي پورو ڪندي سندن نقش قدم تي هلڻ جي هر ڪوشش ۾ ڪامياب پڻ رهيا. درگاهه سخي سرور نوح رحمة الله عليه جي گادي نشين ۽ روحاني پيشوا هجڻ سان گڏوگڏ سياست ۽ سخنوريءَ سان نڀائڻ دوران قبلہ سائين هر پاسي پنهنجو مٽ پاڻ نظر آيا.

ڀٽائيءَ سائين جي هن بيت جيان:

هلو هلو ڪورين نازڪ جنين جو نينهن،<br>
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مُور نه سکيا.

واري روايت تي هلندي پاڻ هر سطح تي هر رشتي ناتي، اهو سياسي هجي يا ذاتي بهترين انداز ۾ نڀائيندا رهيا، هر ڪنهن کي ڳنڍي ۽ جوڙي هلڻ جو فن سندن شخصيت ۾ ازلئون سمايل هو. مخدوم خاندان سان ذاتي ڄاڻ سڃاڻ، عقيدت ۽ محبت سبب اهو چوڻ ۾ مان ڪو به وڌاءُ نه ٿي سمجهان ته هيءُ خاندان خليفه ۽ يار اول حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه جن جو آل هجڻ ڪري صديق اڪبر واري خوبين سان پڻ ڀرپور آراستا آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح هيءُ گهراڻو، بردباري، مهمان نوازي، شرافت، صداقت، خوش مزاجي، خوش اخلاقي، وفاداري ۽ عاجزي جهڙي املهه خوبين سان مالامال آهي جنهن جي سڄي جهلڪ اسين قبلہ سائين مخدوم امين 'فهيم' ۾ پسندا رهياسين. انتهائي مدبر ۽ سڀاجهڙي شخصيت جي مالڪ سائين امين 'فهيم' زندگي ۾ ڪڏهن به ڪنهن سان ڪا رنجش نه رکي، ها اگرچه ڪين ڪنهن کان ڪو ڏک پهتو به هوندو ته پاڻ وڏ ماڻهپي جو ثبوت ڏيندي هر ڳالهه کي درگذر ڪري ڇڏيندا ۽ جو وڻ جڙي جن سين، سو وڻ سي ئي ڪن، واري واٽ وٺي پنهنجي مايهءِ ناز خوبين سان سرشار شخصيت جي خوشبوءِ ملڪان ملڪ پکيڙيندا رهيا.

ڪجهه عرصو پهرين قبله سائين بلڊ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ جي باوجود همت نه هاري ۽ ڏاڍو فراخ دليءَ سان جيئندا ۽ بيماريءَ جو علاج ٻاهرين ملڪن ۾ ڪرائيندا رهيا، پر جڏهن بيماري وڌندي رهي ته ڪين شايد پنهنجي مٽيءَ ماءُ ڇڪ ڪئي ۽ پاڻ 26- آڪٽوبر تي وطن واپس موٽي آيا ۽ ڪراچيءَ ۾ زيرِ علاج رهيا. سندن بيماري دوران مون کي بار بار سندن هي خوبصورت سٽون ياد اينديون رهيون:

"هن سان پيهر وفا ڪري ڏسبي،
هيءَ خطا بارها ڪري ڏسبي.

پر افسوس جو زندگي ڪنهن سان به وفا ناهي ڪندي ۽ آخرڪار اهو افسوسناڪ ڏينهن اچي پهتو، جنهن لاءِ لطيف سرڪار فرمايو آهي ته:

گهوٽن ۽ گهوڙن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.

هن پيري سنڌ ڌرتيءَ کي روئاري سندس ابدي هنج ۾ آرامي ٿيڻ لاءِ اهو گهوٽ لحد ۾ لٿو جنهن شعر و ادب، سياست ۽ مذهبي رواداريءَ جي رنگن سان هن ڌرتي ماءُ کي رڱي بيحد خوبصورت لمحن ۽ يادگار يادن سان سينگاريو پئي. سروري جماعت جو سرواڻ، سياست جو منفرد باب ۽ قبله سائين مخدوم محمد الزمان طالب الموليٰ جو اهو نورِ نظر جنهن لاءِ پاڻ هيءُ دعائيه شعر ٿي چيائون:

امين توکي سلامت خدا رکي هر دم،
وري هيو علم لُدنيءَ سان سينو سينگارئي،
رکئي دستِ محبت محمد صلي الله عليه وآله وسلم عربي،
۽ لطف ساڻ هو آبِ حيات شل پيارئي،
پيارو شال هجين پنجتن ۽ يارن جو،
جو ملڪ مون آ ڏنو رب شال ڏيکارئي،
بنائي شال خدا توکي طالب الموليٰ،
بنهي جڳن ۾ عمل نيڪ سان سجڻ جيارئي.

....۽ نيٺ اها قبله سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' جي قدآور هستي پنهنجي وڇوڙي سان اهو خال پيدا ڪري وئي جيڪو ڪڏهن به پرجي نه سگهندو....!

◙

## غزل

**زماني ۾ پيدا ٿيڻ مان وريو ڇا،**
**اسان جي اجائي جيئڻ مان وريو ڇا.**

**نه ڪنهن کي ڇڱائي رسائي سگهاسين،**
**ته پو اهڙي زنده رهڻ مان وريو ڇا.**

**ڪُنن مان ڪڍي جنهن ڪناري لڳايو،**
**انهي دريا ۾ ٿي ٻڏڻ مان وريو ڇا.**

**نه جنهن چاڙهيو ڪو نشو نينهن وارو،**
**ڀلا اهڙي مي جي پيڻ مان وريو ڇا.**

**جتا جنهن جي مرڳو هئي چار گهڙيون،**
**سڄڻ اهڙي توبه ڪرڻ مان وريو ڇا.**

**"امين" جو ملڻ بعد وينو وساري،**
**انهي سنگدل سان ملڻ مان وريو ڇا.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

2، آگسٽ 1957ع
هالا

◙

# مخدوم امين 'فهيم' جي وفا ۽ پيپلز پارٽي

## (مخدوم صاحب جي چاليهي جي مناسبت سان)

عبدالرئوف سومرو

11- جنوري 1993ع تي هالا سنڌ جي ڏورانهين علائقن کان وينڊي پنجاب، خيبرپختونخواه، بلوچستان ۽ آزاد ڪشمير تائين جي ماڻهن سان ڀريل ڏٺو ويو هو ۽ ماڻهو هڪ عظيم روحاني رهبر، هڪ وفادار سياستدان، علم ۽ ادب جي روشن ستاري مخدوم طالب المولىٰ رح جي آخري جهلڪ پسڻ لاءِ بيتاب هئا. جيئن ئي جسد خاڪي کي کنيو ويو ته هالا جون حويليون ته سوز ۽ سوڳ ۾ ورتل هيون ئي بلڪ گهٽيون ۾ بيپناه ماڻهن جا هجوم اکين مان ڳوڙها وهائي ۽ سڏڪن سان فضا کي سوڳوار بڻائي رهيا هئا. ان ئي ساڳئي هالا تقريباً 22 سالن کان پوءِ ساڳئي تاريخ کي دهرايو ۽ هڪ دفعو وري هالا (جيڪو علم و ادب جو عاليشان مرڪز رهيو آهي) تنهن ۾ 21- نومبر 2015ع تي فضا سوڳوار هئي، اهو ئي ماڻهن جون چوليون هٿنڌڙ سمنڊ جنهن ۾ پوري پاڪستان جا ماڻهو شامل هئا جيڪي پنهنجي محبوب اڳواڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پارليامينٽرين جي صدر، سروري جماعت جي روحاني پيشوا ۽ سنڌي ٻولي جي حسين شاعر مخدوم امين 'فهيم' جو آخري ديدار ڪرڻ لاءِ آيل هئا. مخدوم امين 'فهيم' 4- آگسٽ 1939ع تي مخدوم طالب المولىٰ جي گهر ۾ اکيون کوليون. ننڍپڻ کان ئي تربيت وڏي لاڏ ڪوڏ سان ٿي، پر والده ماجده ٻن سالن اندر ئي هن دنيا مان رحلت فرمائي، ڪوشش اها ٿي ته ماءُ جي محبت جي ڪمي محسوس ٿيڻ نه ڏجي، ان سلسلي ۾ هر طرف کان پنهنجائپ ۽ پيار جو ماحول ميسر ڪيو ويو. پاڻ پرائمري تعليم مخدوم طالب المولىٰ اسڪول، مئٽرڪ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۽ انٽر اسلاميه ڪاليج هالا مان پاس ڪيائون. بعد ۾ 1958ع ڌاري سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس مان گريجوئيٽ ڪرڻ جو موقعو مليو ته ٻئي پاسي وڪالت جو امتحان پاس ڪري قانون جي به ڊگري حاصل ڪيائون. ان تعليمي سفر ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي تربيت ۽ شفقت وارو هٿ رهيو ئي رهيو، ڇو جيئن ته سنڌ جي سمورو خاندان، علم ۽ ادب جو انمول خزانو هئڻ ڪري ڏاڏا سائين جي سکيا ۽ علمي ۽ ادبي ماحول ۾ پروان چڙهڻ لڳي. مخدوم طالب المولىٰ خاص ڪري ادبي محفلن ۽ مشاعرن جي ميزباني سبب هالا اديبن جو آمدگاهه بڻجي چڪو هو جو مختلف علائقن کان اديب ۽ شاعر سهيڙجي اچي طالب المولىٰ جي علمي، ادبي، اخلاقي ۽ شاعراڻي صفتن مان فيضياب ٿيندا هئا. اهڙي ريت مخدوم امين 'فهيم' کي پڻ اهڙي علمي ۽ ادبي فضا پنهنجي عشق جي آغوش ۾ ورتو سو پاڻ اول ته محبوب سروريءَ کان شاعريءَ جا پنڌ پڇيائون، پر پوءِ باقاعده مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي تربيت هيٺ شاعريءَ جي ساگر ۾ ٽٻي هنيائون ته ڪيئي غزل، نظم، ڪافيون ۽ وايون ذهن جي زرخيزي ۽ تخليقي طاقت سان منظر عام تي آڻيندا رهيون جنهن کي

مخدوم طالب المولىٰ بيحد پسند ڪيو، سندن شاعري جو مجموعو ”پيغام“ جي نالي سان 1991ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ وارن ڇپائي پڌرو ڪيو.

سياست جي پُرخار واديءَ ۾ پير رکڻ جو فيصلو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شديد اصرار تي ڪيائون، ان وقت ڀٽو صاحب سنڌ ۾ پيپلزپارٽيءَ جي پليٽفارم تي اهم خاندانن کي آڻڻ جي جستجو ۾ مصروف هو. ان وقت سنڌ جي هن عظيم روحاني گاديءَ کي پيپلزپارٽيءَ ۾ آڻڻ ڀٽي صاحب جي لاءِ ضروري به هو. تنهنڪري مخدوم امين ’فهيم‘ نه صرف ڀٽي صاحب جي نظريي کان متاثر ٿي شموليت اختيار ڪئي بلڪ والد صاحب مخدوم طالب المولىٰ کي به قائل ڪري پارٽي ۾ آندائون. 1970ع ۾ هالا ڪنوينشن جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بنيادي اجلاس مان هڪ هو، هالا ۾ منقعد ٿيو ۽ مخدوم محمد امين ’فهيم‘ کي ٺٽي ضلعي مان ڀٽي صاحب سيٽ ڏيئي، ايوان ۾ آندو ۽ ان وقت کان وٺي آخري دم تائين ناقابلِ شڪست رهيا. پارٽيءَ سان پيچ پائڻ کان پوءِ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جو جنرل ضياء الحق تختو اونڌو ڪيو ۽ فخر ايشيا کي سوليءَ تي سنبرڻ لاءِ جتن ٿي رهيا هئا ته ان وقت شهيد ڀٽي، بيگم نصرت ڀٽي ۽ پورب جائي محترمہ بينظير ڀٽي کي اها وصيت ڪئي ته مون کان پوءِ اوهان جا ڪي پرخلوص محسن آهن ته اهي صرف هالا جا مخدوم طالب المولىٰ ۽ مخدوم امين ’فهيم‘ ئي آهن. اهوئي سبب هو جڏهن شهيد محترمہ، مخدوم طالب المولىٰ کي پنهنجي پيءُ جيان سمجهندي هئي ۽ مخدوم امين ’فهيم‘ هن لاءِ هڪ پرجهلو ياءُ هو. جڏهن طالب المولىٰ وفات ڪئي ته پنڪي پنهنجي تاثراتي بُڪ ۾ لکيو ته: ”آءٌ هڪ پيرو بيهر هڪ شفيق پيءُ جي پيار کان محروم ٿي ويئي آهيان.“ البت مشڪل گهڙين ۾ ان وقت پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو نالو وٺڻ ڪاريهر تي پير رکڻ برابر هو. ان وقت جنرل ضياء مخدومن لاءِ وزارت عظميٰ ۽ سنڌ جي وزير اعلي جا عهدا آڇيا، پر مخدوم خاندان پاڻ ملهايو ۽ ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾ مخدوم صاحب جي حڪم تي ”سروري جماعت“ جيل ڀريو تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ هزارين مريد جيلن اندر سڙيا ويا. ان تحريڪ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي اڳوڻي صدر مخدوم خليق الزمان به گرفتاري پيش ڪئي. جڏهن نواز شريف اقتدار ۾ آيو ته هن موصوف به مخدومن کي اهم عهدا ڏيڻ جي آفر ڪئي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ لاءِ ڌرتي تنگ ڪئي ويئي، پر هالا جا روحاني پيشوا ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجيءَ سان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پرگهور لهندا رهيا. ان روايت کي پرويز مشرف به روا رکندي مخدوم امين ’فهيم‘ کي پاڪستان پيپلزپارٽي ڇڏڻ جي صورت ۾ ملڪ جو وزير اعظم بڻائڻ ۽ سندن فرزند مخدوم جميل الزمان کي سنڌ جي وڏ وزارت ڏيڻ جا عهدا آڇيا، پر ڏاڏا سائين ذاتي مفادن خاطر ضمير ۽ اصول تي ڪڏهن به سودي بازي نه ڪئي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ سان نڀائيندا رهيا هئا جڏهن محترمہ جلاوطنيءَ سبب ملڪ کان ٻاهر هئي ته مخدوم امين ’فهيم‘ پنهنجي ڏاهپ، صحت ۽ سنجيدگيءَ سان نه صرف پارٽي قيادت کي ڪٺن صورتحال ۾ سنڀاليو آيا، پر محترمہ کان بار بار مشورن لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ٿيندو رهيو ته ٻي پاسي آصف علي زرداري جيڪو ان وقت جيل ۾ هو، ان جي آزاديءَ لاءِ به جاکوڙيندا رهيا. جڏهن محترمہ وطن وري ته مخدوم صاحب جو هر وقت، ساٿ رهيو، ڪارساز واقعي وقت به گڏ ته شهادت جي آخري ۽ الوداعي لمحن ۾ به گڏ هو.

جڏهن محترمہ جي شهادت کان پوءِ پارٽي پاران مخدوم صاحب لاءِ وزيراعظم جو اعلان ٿيو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پارٽي نالو واپس ورتو ۽ سيد يوسف رضا گيلاني کي اڳتي آندو ويو پر مخدوم صاحب انهي ”ماجرا“ تي مڪمل ماٺ رهيو ڇو ته هن کي خبر هئي ته پارٽي ڪٽي پاسيرو ڪرڻ جي ڪوشش به ڪري، پر هن جيڪو وفا جو وچن ڪيو

# قبلہ مخدوم محمد امين 'فهيم' جن جي کهڙي ڳالهہ ڪريان!

## خادم حسين علوي

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنجهہ،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بُوءِ بهار جي.

سنڌ سونهاريءَ ۾ ڪيترن ئي درويشن، اوليائن، بزرگن ۽ ٻين ڪيترن ئي خوبين وارن شخصيتن جو جنم ٿيو آهي، جن ربّ پاڪ جي فضل و ڪرم سان پنهنجي وَس آهر ۽ سهڻي طريقي سان خلق جي خدمت ڪئي، وقت بوقت اَمن ۽ ڀائيچاري جي تلقين ڪندا رهيا، صبر، شڪر ۽ بردباريءَ سان زندگي گذارڻ کي پنهنجو اوّلين فرض سمجهيائون، انهن شخصيتن مان قبلہ مخدوم محمد امين 'فهيم' بہ آهن، جيڪي سنڌ جي علمي، ادبي، سياسي ۽ ثقافتي شهر هالا ۾ 4-آگسٽ 1939ع ۾ تولد ٿيا. قرآن شريف جي تعليم کان پوءِ پرائمري، ثانوي ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪيائون.

مخدوم خاندان جا ڀٽو خاندان سان نهايت ويجهڙائپ وارا تعلقات رهيا آهن، اُنڪري 1970ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيام، بهتري، پختگي، ترقي ۽ عوامي خدمت ڪرڻ جي جذبي تحت هالا ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ڪيترن ئي پارٽي جي اڳواڻن ۽ سياسي ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿي وفاداريءَ جو دم ڀريائون، ان موقعي تي قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن کي يڪراءِ سان پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو وائيس چيئرمن مقرر ڪيو ويو ۽ جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب پارٽي ۽ قبلہ طالب الموليٰ سائين جن جي متعلق ڪافي ڪجهہ ڳالهايو هو ۽ انهي موقعي جي مناسبت تحت قبلہ مخدوم محمد امين 'فهيم' سائين جن بہ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا.

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو دور اقتدار ۾ پاڻ مختلف وزارتن تي فائز رهيا ۽ نهايت بردباريءَ سان قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪيائون. پاڻ نهايت خوش طبع، همدرد، نرم مزاج، ٿورو ڳالهائو، بردبار ۽ نيڪ سيرت شخصيت جا مالڪ هئڻ سان گڏوگڏ اديب، شاعر، شڪار جا شوقين، والي بال ۽ ڪرڪيٽ جا بهترين رانديگر ٿي گذريا آهن. سندن "پيغام" نالي ڪتاب شعري مجموعو ڇپيل آهي، جنهن ۾ سندن شخصيت ۽ شاعريءَ متعلق ڪافي معلومات موجود آهي.

جڏهن آمر جنرل ضياء الحق پنهنجي فوجي عهدي جي ناجائز استعمال ۽ سياسي چال سان ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم جناب ذوالفقار ڀٽي صاحب کي شهيد ڪرائي اقتدار سنڀاليو، تڏهن هن قبلہ مخدوم امين فهيم سائين جن کي پاڪستان پيپلزپارٽيءَ کي ڇڏڻ لاءِ زور ڀريو ۽ وزيراعظم جي عهدي جي آڇ ڪئي، پر پاڻ انهيءَ آڇ کي قبول نہ ڪيائون. انهي ڪري مختلف طريقن سان کين پريشان ڪيو ويو پر پاڻ نهايت بردباريءَ ۽ دليريءَ سان هر پريشانيءَ کي مڙس ٿي منهن ڏنائون ۽ هر وقت سندن چهري تي مسڪراهٽ هوندي هئي.

آمر جنرل ضياءالحق جي عبرتناڪ موت کان گهڻو پوءِ جنرل پرويز مشرف سياسي چال سان ملڪ جو صدر ٿيو ۽ ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ هن به قبله مخدوم امين 'فهيم' سائين جن کي وزيراعظم جي عهدي جي آڇ ڪئي، پر پاڻ ان آڇ کي قبول نه ڪيائون. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي بهادر نياڻي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه سان گڏ پارٽي جي بهتريءَ ۽ پختگيءَ جي سلسلي ۾ هروقت ڪوشان رهيا ۽ پارٽيءَ کي ڪنهن به قيمت تي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا.

جڏهن سياسي چال تحت محترمه بينظير ڀٽو صاحبه کي شهيد ڪرايو ويو، تڏهن به پاڻ همت نه هاريائون ۽ هر وقت هر تڪليف ۽ هر پريشانيءَ کي بردباريءَ سان مُنهن ڏنائون ۽ پارٽيءَ جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪندا رهيا.

افسوس جو مقام آهي ته جنرل پرويز مشرف جي دورِ اقتدار ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ ڀيرو وري به پاڪستان پيپلزپارٽيءَ کي اقتدار مليو پر سياسي چال سان کين نظرانداز ڪري ملڪ جي وزيراعظم جو عهدو ٻي جي حوالي ڪيو ويو جيڪا سراسر ناانصافي ڇئبي. نتيجو اهو نڪتو جو ملڪ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ غم ۽ غصي جي لهر زور ورتو ۽ ڪيترن ئي سياسي، اڳواڻن، دوستن ۽ مريدن کين پارٽيءَ کي ڇڏڻ لاءِ زور ڀريو، پر پاڻ پنهنجي شرافت تحت پارٽيءَ جي منهن مٿانهين ڪرڻ ۾ هر وقت ڪوشان رهيا.

پاڻ نهايت سنجيده طبعيت جا مالڪ هئا ۽ هر تڪليف کي مسڪرائيندي منهن ڏيندا هئا. آهستي آهستي کين پنهنجي طبعيت خراب ٿيندي محسوس ٿي ۽ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا ويا، اُنڪري طبعيت جي بحاليءَ لاءِ بيرون ملڪ ۽ دبئي مان مختلف ٽيسٽن ڪرائڻ کان پوءِ علاج ڪرايائون ۽ آخر ۾ ڪراچيءَ ۾ اچي سائوٿ سٽي هاسپيٽل ۾ زيرِ علاج رهيا. انهي علاج دوران ڪيترن ئي سياسي، اڳواڻن، دوستن ۽ مريدن سان ملاقاتون ڪيائون. شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جو فرزند جناب بلاول ڀٽو زرداري صاحب به سندن عيادت لاءِ هاسپيٽل ۾ پهتو. پاڻ بستري تي ليٽندي ڪيس ڳراٽڙي پاتي ۽ پيشانيءَ کي چُمندي ڪجهه قدر سڪون ۽ خوشي محسوس ڪيائون.

اها حقيقت آهي ته هيءَ دنيا فاني آهي ۽ جيڪو گهڙو ٺهيو آهي، اهو هڪ ڏينهن ضرور ڀڄندو، انهي نسبت سان 21- نومبر 2015ع بروز ڇنڇر، صبح جو سوير منحوس خبر ميسيجن ذريعي ملي ته قبله مخدوم امين 'فهيم' سائين جن انتقال ڪري ويا! سچ پچ ته جهڙي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. اِناللہ و اِنا اِليه راجعون. اها ڳالهه باهه وانگر چوطرف پکڙجي ويئي ۽ ڏسندي ڏسندي پوري سنڌ، پنجاب ۽ هندستان جا لاتعداد مريد، دوست ۽ سياسي اڳواڻ، غم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪراچي ۽ هالا پهچي ويا کين 21- نومبر 2015ع بروز ڇنڇر شام جو ڇهين بجه درگاهه شريف غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرورؒ ۾ قبله مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينءَ جن جي پرسان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

دعا آهي ته رب پاڪ کين جنت ۾ جاءِ عطا ڪري. آمين

کسی کا کندہ نگینہ پہ نام ہوتا ہے  
کسی کی عمر کا لبریز جام ہوتا ہے  
عجب سرائے ہے فانی کہ جس میں شام و سحر  
کسی کا کوچ کسی کا مقام ہوتا ہے۔

## نہ سي جوڳي جُوءِ ۾...

# قبلا امين 'فهيم' تي سهسين سَوَ سَلام

محمد رمضان مسڪين

حضرت قبله مخدوم محمد امين "فهيم" صاحبؒ جن 4- آگسٽ 1939ع بمطابق 17- جمادي الثاني 1358ھ بروز جمعة المبارڪ تي قبله مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ صاحبؒ جن جي حويلي هالا نوان ۾ تولد ٿيا. ڪين مولوي مخدوم غلام حيدر صاحب جن ڪن ۾ آذان چئي ۽ سندن اسم گرامي محمد امين رکيو. قبله مخدوم امين محمد عرف پکن ڏٽي قبله طالب المولىٰ سائين جن جا پڙڏاڏا هئا، انڪري پاڻ امين سائينءَ کي ڏاڏا سائين چوندا هئا. عام طور تي ٻيا ماڻهو بہ کين ڏاڏا سائين چوندا هئا. پاڻ سنڌي پرائمري جا چار درجا، قرآن شريف ۽ ديني تعليم حاصل ڪرڻ بعد مخدوم غلام حيدر گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا ۾ انگريزي پڙهڻ شروع ڪيائون، سندن انگريزيءَ جو پهريون ڪلاس ٽيچر عبدالرحيم ابڙو صاحب هو، جنهن صاحب کين پنهنجي پر ۾ ڪرسي تي ويهاريو. اها خبر جڏهن قبله طالب المولىٰ جن کي پئي، تڏهن پاڻ ان استاد کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪيس چيائون تہ توهان منهنجي پٽ کي ڪرسي تي ڇو ويهاريو؟ استاد صاحب جواب ۾ عرض ڪيو تہ: قبله سائين جن جو وڏو فرزند هو، انڪري مون ادب جي لحاظ کان کين برابر ڪرسيءَ تي ويهاريو. ان تي سائين جن فرمايو تہ: آئنده لاءِ منهنجي پٽ کي بہ ٻين شاگردن وانگر ڊيسڪ تي ويهاريو تہ جيئن استاد ۽ شاگرد ۾ فرق ڏسڻ ۾ اچي. ان بعد استاد صاحب، سائينءَ جن کي ٻين شاگردن وانگر ڊيسڪ تي ويهاريو. اها هڪ وڏي شناس چئبي جو استاد کي ايڏو وڏو درجو حاصل آهي. پاڻ سائين جن سنڌ يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائون. سندن پاس ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ حيدرآباد جي ڪنٽومينٽ واري بنگلي تي هڪ وڏو جشن ملهايو ويو هو. امين سائين محفل جي ڪيسٽ پري هئي، جنهن ۾ تقريرون، تاثرات ۽ راڳ رنگ جي محفل شامل هئي. امين سائين جن اها محفل واري ڪيسٽ صبح جو بنگلي تي هلائڻ شروع ڪئي، گرميءَ جي موسم هئي تقريباً منجهند جو هڪ اچي ٿيو هو تہ قبله طالب المولىٰ جن آرام واري ڪمري مان ٻاهر نڪري آيا تہ سڀني تي اثر ٿيو تہ آرام ۾ خلل ٿيڻ ڪري ناراض ٿي اٿيا آهن. پاڻ امين سائين کي فرمايائون تہ: بابا هاڻ ڏينهن گرم ٿي ويو آهي، تنهنڪري آرام ڪري شام جو هالا وڃجو. ائين چئي پاڻ واپس هليا ويا. امين سائين ٽيپ بند ڪري وڃي آرامي ٿيا ۽ اسين ٻيا ماڻهو بہ ٽڙي پکڙي وياسون ۽ امين سائين، شام جو هالا روانا ٿي ويا. ان مان مطلب نڪتو تہ امين سائين انهيءَ مهميز مان سمجهي ويا. پاڻ مئٽرڪ ڪان بعد، سروري اسلاميہ ڪاليج هالا مان بي.اي پاس ڪيائون. سندن شادي 21- جون 1957ع تي سندن مامي پير امام علي آچ شريف واري جي گهران ٿي. ان خوشيءَ ۾ هڪ رسالي ۾ سندن خاص نمبر نڪتو، جنهن جو عنوان هو، "رفيق حيات". ڪين الله سائين جي مهرباني سان ان مان پنج پٽ ٿرهڪ:

جميل الزمان، شڪيل الزمان، عقيل الزمان، خليل الزمان، جليل الزمان پيدا ٿيا ۽ ٻه پٽ نجيب الزمان ۽ ابو محمد سنڌيار، وري ٻين شادين مان پيدا ٿيا سندن ڪل 7 پٽ حالِ حيات آهن. وڏو قبله جميل الزمان "جميل" صاحب هن وقت سروري جماعت جا 19هان روح روان آهن.

قبله امين 'فهيم' صاحب جن نهايت بُردبار، باصلاحيت بااخلاق، نرمدل، سدائين مُرڪندڙ محبتي انسان هئا ۽ پنهنجي والد صاحب جا نهايت فرمانبردار فرزند هئا. سياسي، سماجي طور تي نهايت اڳيرا ۽ حسن اخلاق سان هر ماڻهوءَ سان پيش ايندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته آءٌ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڀاءُ فقير عبدالرزاق وٽ ترسيل هئس ته قبله محترم امين سائين جن سان بنگلي تي حاضريءَ لاءِ عرض ڪيوسين، سندن ملازم ٻڌايو ته پاڻ شهر جي ڪن معزز شهرين سان ملاقاتون ڪري رهيا آهن، فارغ ٿين ته پوءِ توهان کي ٻڌايان ٿو، جڏهن فارغ ٿيا ته اسان کي ملاقات جي اجازت ملي، اندر وياسين ته پاڻ صوفي تي ويٺا هئا. اسان مريد ماڻهو گلم تي ويناسون ته پاڻ به هيٺ لهي گلم تي اچي ويٺا ۽ اسان کان حال احوال ورتائون ۽ ڪچهري به ڪيائون. ان مان سندن شفقت معلوم ٿي، ته اسان مريدن سان به هم آهنگي ڪيائون. اهو حسن اخلاق ۽ هڪ اڻ وسرندڙ بي مثال گهڙي آهي پاڻ راند جا به شوقين هئا. خاص طور تي والي بال راند ڪندا هئا ۽ شڪار جا به نهايت شوقين هئا ۽ سنا توبچي پڻ هئا. پاڻ پنهنجي سائين کان وڌيڪ پکين جو شڪار ڪندا هئا. هڪ دفعي پاڻ جبل ۾ جانورن جو شڪار ڪرڻ ويا ته سندن سامهون هڪ "گڊ" جبل تي چڙهيو، جنهن کي شڪار ڪرڻ لاءِ پاڻ به جبل جي ٽڪريءَ تي چڙهي ويا ۽ گڊ جو شڪار ڪيائون ۽ پوءِ جبل جي ٽڪريءَ تان لهي نه پئي سگهيا، نيٺ سائين جي مدد سان هيٺ لهي آيا.

سير سفر ڪرڻ جا به شوقين هئا. ڪافي ٻاهريان ملڪ ڏسي چڪا هئا. پاڻ شاعري به ڪندا هئا. 1953ع ۾ پهريون ڪلام لکيائون، جنهن جا ٻول آهن:

"خطادار آهيان خطادار آهيان،
مگر توسان هر دم وفادار آهيان."

ان وقت هالا ۾ هڪ مشاعرو قبله طالب المولىٰ جن جي صدارت ۾ ٿيڻو هو ۽ پاڻ حجاب جي ڪري پنهنجو ڪلام فقير حسين بخش 'خادم' جي حوالي ڪيائون، جنهن اهو ڪلام پيش ڪيو. تڏهن قبله طالب المولىٰ جن کي خبر پئي ته امين سائين به شاعري ڪن ٿا. ان کان بعد جيڪو به شعر لکندا هئا ته قبله جن کان اصلاح ڪرائيندا هئا. پاڻ پنهنجي ڪتاب "پيغام" ۾ لکيو اٿن ته: هڪ دفعي جام ڏاتيءَ جن تي قبله طالب المولىٰ صاحب جن سان سندن مريدن سالگره ملهائڻ جو انتظام ڪيو هو، ان وقت مون وٽ هڪ ڪافي لکيل هئي جيڪا مون قبله سائين کان اصلاح بغير مصري فقير جي حوالي ڪري ڇڏي هئي، جنهن جا ٻول آهن:

"تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس،
انهي رمز سان روح ريجهائيندس."

اها ڪافي مصري فقير چوڻ شروع ڪئي ته سائين وڏا، گرامي صاحب، سرشار عقيلي صاحب، اسد الله شاهه حسيني صاحب، ميون محبوب علي جن جو ڌيان ڪافي ڏي ڇڪجي ويو ته ڪافي ڪنهن جي آهي. مصري فقير تمام سريلي انداز ۾ ڪافي پوري ڪئي ته قبله سائين مون کان پڇيو ته: بابا اها ڪافي ڪنهن جي هئي؟ مون عرض ڪيو ته قبله اها ڪافي منهنجي آهي. تنهن تي پاڻ مٿي اسٽيج تي اچي مون کي پيشاني تي چمي ڏنائون ۽ داد ڏئي فرمايائون ته: بابا منهنجي ڪلامن جو سڄو "مجموعو" توهان وٺو ۽ مون کي اها ڪافي ڏيو. اهڙي داد ملڻ تي مون کي نهايت خوشي ٿي.

قبله امين 'فهيم' صاحب جن جو ڪلام مصري فقير، دين محمد شيخ ۽ رونا ليليٰ تمام سٺي

انداز ۾ ڳايو ۽ انهن جي آواز ۾ ڪلام هلندو رهي ٿو.

پاڻ سياست ۾ به بهترين ڪردار ادا ڪيائون. پنهنجي صاحب قبلہ طالب المولىٰ جن ڪي چيو ته: سائين مون ڪي امين صاحب ڏيو. 1970ع واري چونڊ ۾ پنهنجو صاحب پنجن سيٽن تي ڪامياب ٿيو هو، جنهن مان ٽئي واري سيٽ قبلہ امين سائين جن جي حوالي ڪيائون، جنهن تي امين سائين جن ڪامياب ٿيا. اهڙي نموني سان پنهنجي صاحب سان سياسي وابستگيءَ ۾ رهيا. پنهنجي صاحب جي شهادت بعد محترمہ بينظير پنهنجو صاحبہ سان هر وقت شامل رهيا. محترمه جي شهادت وقت به قبلہ امين سائين ساڻن گاڏيءَ ۾ گڏ هو. بهرحال آخري وقت تائين هو پيپلزپارٽيءَ سان شامل رهيا. مخالفن اقتدار ۾ اچڻ لاءِ ڪئين آڇون ڪيون پر پاڻ اهي سڀ رد ڪري ڇڏيون ۽ هميشہ ڪامياب رهيا.

امين سائين جن سرور نوح رحہ جي گادي جا 18 سجاده نشين هئا. سندن دوستن جو حلقو تمام وسيع رهيو ۽ آهي. پاڻ چوندا هئا ته غريبن ۾ دين محمد شيخ ۽ فقير گل محمد به منهنجن دوستن ۾ شمار آهن. بيمار رهڻ ڪري ڪافي عرصو علاج لاءِ ٻاهرين ملڪن جي اسپتالن ۾ علاج ڪرائيندا رهيا. نيٺ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي وطن آيا ۽ سندن علاج ڪراچيءَ ۾ ٿيندو رهيو ۽ پاڻ ڪراچي جي اسپتال ۾ 21- نومبر 2015ع بمطابق 8- صفر 1437ھ چنچر ڏينهن تي، هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري دارالبقا جي ڏيهہ ۾ وڃي هميشہ لاءِ آرامي ٿيا.

اِنَّاللهِ وَاِنَّا اِلَيه رَاجِعون

شال الله سائين کين جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي آمين!

"نہ سي جوڳي جُوءِ ۾، نہ سي سامي واٽ،
ڪاپڙين ڪنواٽ، وڏيءَ ويل پلاٽيا."
(نوح فقيرؒ)

▣

## غزل

**زمين خاموش ۽ خود آسمان خاموش آهي،**
**الاجي ڇو محبّت جو جهان خاموش آهي.**

**جهان خاموش ٿيو جو مهربان خاموش آهي،**
**نہ آواز آهي ڪجهہ جو ٿي زبان خاموش آهي.**

**تڏهن سارو جهان نا مهربان خاموش آهي،**
**جڏهن ٿي اڄ اميرِ ڪاروان خاموش آهي.**

**ڀلا صيّاد ڇو منهنجي اڱيان خاموش آهي،**
**ڏسو قدرت، ٿيو تير و ڪمان خاموش آهي.**

**"امين" جي روبرو هو بي گمان خاموش آهي،**
**خدا ڄاڻي تہ ڇو اڄ پاسبان خاموش آهي.**

(مخدوم محمد امين 'فهيم')

5، جولائي 1956ع
جاڙا واٽر، هالا

▣

# مخدوم امين 'فهيم' جو لاڏاڻو: سنڌ لاءِ هڪ وڏو الميو!

غلام حسين لغاري

سنڌ جي علم، ادب ۽ سياست جو هڪ وڏو نالو ۽ (نوَ لکي گودڙي) سروري جماعت جو روحاني پيشوا سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' جو لاڏاڻو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ ڪنهن وڏي الميي کان گهٽ ناهي ۽ اڄ هر اک آلي آهي. سندس وفات تي نه صرف هالا ۽ مٽياري جا سمورا شهر پر پوري سنڌ اندر جتي جتي به مخدوم صاحب جا مريد ۽ معتقد رهن ٿا، اتي سوڳ واري حالت برپا آهي، ڪاروباري هنڌ مڪمل طور سوڳ ۾ ته بند رهيا، پر هزارن جي انگ ۾ سندس مريد ۽ معتقد ته پنهنجي جاءِ تي، پر سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پوءِ اهي پيپلز پارٽي جا هئا يا ڪنهن ٻي سياسي ڌر جا هزارن جي انگ ۾ هالا پهتل نظر آيا، جن ۾ پيپلز پارٽي جو چيئرمين جناب بلاول ڀٽو زرداري، وڏو وزير سيد قائم علي شاهه، قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه، سنڌ اسيمبلي اسپيڪر آغا سراج دراني، سنڌ ڪابينا جا وزير، اڳوڻو وزيراعظم راجا پرويز اشرف ۽ ٻيا شامل هئا. جيڪي سندس ڪلهي ڪانڌي بڻيا ۽ جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن مخدوم صاحب جو مڙهه ڪراچيءَ کان هالا پهتو ۽ وري سندس والد مخدوم محمد زمان طالب موليٰ جي پيراندي ۾ ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو پئي ويو ته عجيب ڏکويل منظر ڏسڻ ۾ آيا ۽ هر ماڻهو آخري ديدار ڪرڻ لاءِ آتو هو. اها اک خالي نه هئي جيڪا آلي هئي. وزير اعظم ميان محمد نواز شريف، پيپلز پارٽي جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداري سميت ملڪ جي اهم شخصيتن نه صرف سندس وفات تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪيو، پر سندس سياسي خدمتن خاص طور آمريت خلاف ڪيل جاکوڙ تي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي آهي. سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' پهريان لنڊن ۾ بعد ۾ دبئي مان ڪينسر جو علاج ڪرائڻ کان پوءِ ڪجهه هفتا اڳ ڪراچي پهتو هو جتي هڪ خانگي اسپتال ۾ هن ڪالهه صبح جو دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو هو.

سائين مخدوم محمد امين 'فهيم' صاحب پنهنجي والد مرحوم مخدوم طالب موليٰ جي وفات کان پوءِ بحيثيت سروري جماعت جي روحاني پيشوا جي حيثيت ۾ نه صرف جماعت کي متحد رکيو، پر هڪ سياسي اڳواڻ طور پنهنجي پارٽيءَ جي وڏي خدمت به ڪئي. توڙي جو ڪيس آمراڻي دور ۾ وڏيون وڏيون آڇون ٿيون

جن ۾ 2002ع جي عام چونڊن کان پوءِ وزيراعظم بنائڻ جي آڇ به شامل هئي، پر هن پارٽي، ملڪ ۽ قوم جي خاطري اهڙي آڇ کي ٺڏي جمهوريت جي بحالي لاءِ وک وڌائي جيڪا اڄ به ساراهي وڃي ٿي. پيپلز پارٽيءَ جي باني ۽ پهرين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو خاتمو ٿيڻ ۽ بعد ۾ ڦاهي چاڙهڻ کان پوءِ جڏهن پيپلز پارٽي جا مک اڳواڻ پارٽي جو ساٿ ڇڏي آمرن جا پوئلڳ بڻجي چڪا هئا ته مرحوم مخدوم محمد امين 'فهيم' سنڌ جو واحد اڳواڻ هو، جنهن آمر ضياءالحق جي دور ۾ هن ملڪ جي سمورن سياستدانن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ بيمثال ڪردار ادا ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ضياءالحق کي ملڪ مان مارشل لا ختم ڪري ۽ غير جماعتي بنيادن تحت عام چونڊون ڪرائڻيون پيون، جن کي به هن رد ڪري ڇڏيو ۽ پيپلز پارٽي اهڙين چونڊن جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو هو. آمريت خلاف سياسي جدوجهد ۾ مخدوم صاحب ۽ سنڌس سروري جماعت جي مريدن ۽ معتقدن جهڙي نموني ويڙهه ڪئي، تنهن کي ڪير به وساري نٿو سگهي.

1973ع ۾ جڏهن پاڻ عوامي سياست ۾ داخل ٿيو ۽ پارٽي چيئرمين شهيد ذوالفقار علي جي خواهش تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ وزارت ماڻي ته انهي وقت کان وٺي هُو پارٽيءَ جو هڪ وفادار ڪارڪن رهيو ۽ شهيد جي پر ۾ رهي، هن عوامي سياست جا انداز سکيا ۽ وسيع تجربو حاصل ڪيو ۽ اهوئي سبب آهي جو شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه به مرحوم کي پنهنجي اعتماد وارن سياسي ساٿين مان هڪ سمجهيو ۽ پارٽي توڙي ملڪي اهم فيصلن ۾ هن کي شريڪ ڪندي رهي. مخدوم صاحب پيپلز پارٽيءَ جو واحد اڳواڻ هو جيڪو 1973ع کان پوءِ 2013ع تائين اٽڪل 9 ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ۽ ٻه ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ اهم وزارتون ماڻيون ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪافي مقبول ترين اڳواڻ واري حيثيت ماڻي، پر هڪ ڳالهه کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ته محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي شهادت کان پوءِ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو ۽ ڪيس پارٽيءَ اندر اها اهميت ۽ حيثيت ملي نه سگهي، جيڪا ڪيس شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽي صاحبه جي دور ۾ حاصل رهندي هئي، جنهن جي ڪافي ڀيرا ميڊيا تي اچي به شڪايت ڪري چڪو هو، پر پوءِ به هن آخري دم تائين بحيثيت پارٽيءَ جو وائيس چيئرمين رهيو ۽ پارٽيءَ سان پنهنجيون وفاداريون خوش اسلوبيءَ سان نڀائي ويو، جنهن جو اعتراف ڪرڻ گهرجي.

بهرحال اسان سڀني جي دعا آهي ته پروردگار مخدوم محمد امين 'فهيم' جي مغفرت ڪري ۽ ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي، (آمين)...

هوندي هئس ۽ ڪراچيءَ ۾ هڪ ٻئي سان ملاقات به ٿيندي رهندي هئي ۽ ڪافي پيرا سانگهڙ به اچڻ ٿيو هو جتي فنڪشنل ليگ سنڌ جي صدر پير صدرالدين شاهه راشديءَ سان گڏجي شڪار پڻ ڪيائين، مخدوم صاحب جو ٻين مخالف سياسي اڳوڻن سان ذاتي وابستگي هئڻ ڪري کين ڪيترائي پيرا تنقيد پڻ ڪئي وئي ۽ پيپلز پارٽي ڇڏڻ جا افواهه پڻ ڇڏيا ويا هئا پر مخدوم صاحب انهن افواهن کي رد ڪري چيو ته جيستائين سري ۾ ساهه آهي پيپلز پارٽيءَ سان تعلق نه ٽوڙيندس.

زندگيءَ جي راهه ۾ هلندي هلندي مخدوم امين 'فهيم' صاحب اوچتو بيماريءَ جي بستري پيڙو ٿي ويو ۽ ڪينسر جهڙي خطرناڪ مرض ۾ مبتلا ٿي ويو، علاج لاءِ لنڊن پڻ موڪليو ويو ۽ ڪافي مهينا لنڊن جي اسپتال ۾ علاج هيٺ پڻ رهيو پر طبعيت ۾ سڌارو نه آيو ۽ پوءِ لنڊن کان دبئي ڏانهن پڻ علاج لاءِ موڪليو ويو، اُتي ڪافي آپريشن ڪيا ويا پوءِ طبعيت ڪجهه سڌرڻ لڳي ۽ تنهن کان پوءِ مخدوم صاحب جي مرضيءَ مطابق گذريل مهيني 26 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ آندو ۽ ڪراچي ۾ هڪ خانگي اسپتال ۾ علاج هيٺ رکيو ويو جتي کين مختلف سياسي اڳواڻ عيادت پڻ ڪئي ۽ صحتيابيءَ لاءِ دعائون ڪيون ويون، ۽ نيٺ ساهه جي سڱي مخدوم امين 'فهيم' جو ساٿ نه ڏنو ۽ ڪالهه صبح سوير زندگيءَ جي جنگ هارائي، اسان سڀني سنڌ واسين کان جُدا ٿي ويو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو.

مخدوم صاحب جو وڇوڙو يقيناً سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ وڏو خال ڇڏيندو جيڪو ڪڏهن به پرجي نه سگهندو، سنڌ جي تاريخ ۾ مخدوم امين 'فهيم' جي قربانين کي ياد رکيو ويندو. ڌڻي در دُعا آهي ته الله پاڪ مخدوم امين 'فهيم' کي جنت الفردوس ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس ڇڏيل مشن تي هلڻ جي توفيق ڏي، آمين.

## ڪافي

**منهنجي ته دل جو آهين دلدار سهڻا سائين،**
**جلدي ڪراءِ پنهنجو ديدار سهڻا سائين.**

**هر دم روئان هيڪاندو هڪ ويل ناهيان واندو،**
**تولاءِ مران ٿو ماندو منٺار سهڻا سائين.**

**ڪفني ڳچي ۾ پايان در در صدا لڳايان،**
**تنهنجو فقط سڏايان پينار سهڻا سائين.**

**راهه وفا تان ويندڙ اي يار دل لٽيندڙ،**
**مل تون ڇني ڇڏيندڙ هڪوار سهڻا سائين.**

**مون کان نه پل پري ٿي دل درد ۾ ڳري ٿي،**
**ساعت نه ڪا سري ٿي تو ڌار سهڻا سائين.**

**ديدار لاءِ دلبر آهيان اداس هر هر،**
**منهنڙو نه پنهنجو هيڪر ڏيکار سهڻا سائين.**

**هر دم هٿان صدائون ڪر بخش سڀ خطائون،**
**آهيان "امين" آئون نيڪار سهڻا سائين.**

مخدوم محمد امين 'فهيم'

19، نومبر 1953ع
هالا

غمن ۾ ڪلنڊو رهيس پر خوشين رئاري چڙهيو،
هميشہ آهي بهارن وڏو فريب ڏنو.

پاڻ ڪڏهن بہ ڪا انتقامي ڪاروائي نہ ڪئي، مخالفن ڪي بہ عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. پاڻ 1970ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو طرفان خالي ڪيل ٺٽي واري تڪ تي پهريون ڀيرو اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيا ۽ پوءِ ست ڀيرا ميمبر قومي اسيمبلي ٿيا ۽ سدائين ناقابل شڪست رهيا. شروع ۾ پاڻ ٽائون ڪاميٽي هالا جا چيئرمين ۽ ڊويزنل ڪائونسل حيدرآباد جا ميمبر پڻ هئا. 1985ع ۾ ضياءَ جي غير جماعتي چونڊن جو بائيڪاٽ پڻ ڪيائون. پاڻ وفاقي وزير پڻ رهيا. پاڻ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي اهم ۽ ويساهہ جوڳن وفادار شخصيتن جو امام هو. پاڻ پارٽيءَ جي مفادن خاطر هر محاذ تي صف اول ۾ رهيا. سچائيءَ ۽ وفا جي سياست ڏاهپ ديانتداريءَ ۽ عوام دوستي واري ڪردار هئڻ سبب سندن مقام هر جاءِ تي مٿانهون رهيو.

بي قدر انسان ڪان پاسو ڪرڻ آهي چڱو،
قرب وارن جي اڳيان سرڙو سٽڻ آهي چڱو.
دل وڻڻ يا ڏيڻ مان جا تو حاصل ٿئي "امين"،
هن جهان فاني جو لاڳاپو ڇنڻ آهي چڱو.

اڄ جڏهن اسان ۾ شاعر امين 'فهيم'. سياستدان امين "فهيم" امن جو پيار جو وفا جو سچائيءَ جو درس ڏيندڙ "امين فهيم" موجود نہ آهي، پر سندس شخصيت ۽ ڪردار ۽ سهڻا اخلاق اسان لاءِ هڪ سچائيءَ سان زندگي گذارڻ جو سامان ضرور آهن.

سوئي منزل تي رسيو جنهن يا رهبر ڪيو "فهيم"
بيا اجايا ٿي ڀڳا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف

## غزل

منهنجو مسجود جنهن جو در آهي،
سو رهيو مون ڪان بي خبر آهي.

شرمندو جنهن اڳيان قمر آهي،
ان جو هر چيز تي اثر آهي.

اشڪِ فرقت بڻيو گُهرَ آهي،
تنهنجي ئي پيار جو اثر آهي.

تنهنجي هڪ يادم چار اشڪِ غم،
بي ثمر جو اهو ثمر آهي.

ساهمون جو آيوم برق وٺي ساڙيوم،
هن جو هر ناز چڻ شرر آهي.

عصر پڙهندي ئي فجر ٿي وئي قضا،
"زلف چڻ شام رخ سحر آهي".

اي دِل زار ڪو بہ خوف نہ ڪر،
تنهنجو الله پيٽي پر آهي.

مون کي گهرجي نہ ڪجهہ ٻيو ليڪن،
تنهنجي درڪار هڪ نظر آهي.

هن جهان ۾ "فهيم" تي نہ فهيم،
فهم اڄڪلهہ وڏو ضرر آهي.

8، اپريل 1958ع
7.35 رات، هالا

# مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جي لاڏاڻي بعد پيدا ٿيل خال

## مير نادر علي ابڙو

مخدوم امين ’فهيم‘ جو لاڏاڻو ملڪي شياسي تاريخ لاءِ جتي تمام وڏو خال آهي ته اتي سندن علمي ۽ ادبي خدمتون به فراموش نٿيون ڪري سگهجن. پاڻ هڪ ئي وقت تمام وڏو سياستدان هو ته اُن ڪان به وڏو اديب ۽ شاعر هو. هنن ۾ الله پاڪ جيڪي خاصيتون پيدا ڪيون هيون سي خاصيتون تمام ٿورڙن ماڻهن جي ڪاتي ۾ اينديون آهن. سندن شخصيت بي داغ ۽ وفا جي علمبردار هئي ۽ تمام عمر وفا ۾ گذاري ڇڏي. مخدوم خاندان جون خدمتون هميشه سنڌ جي ماڻهن لاءِ مثالي بڻيل رهيون آهن. اهو سلسلو سرور نوح ؒ جي گاديءَ کان هلندو ٿو اچي ۽ اجا تائين قائم دائم آهي. هن رشتي کي مخدوم امين ’فهيم‘ وڌيڪ مضبوط بڻايو هو ۽ پاڻ ميدان ۾ جتي ڪٿي محبتن جو پيغام ڏنو هو. پاڻ سروري جماعت جو جتي روحاني پيشوا هو ته اتي منجهن روحاني خاصيتون به بيمثال هيون، جتي هي ٻين لاءِ دعائون گهرندو هو ته اتي پاڻ لاءِ به دعائون گهرائيندو هو. پاڻ پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر وائس چيئرمن هو.

مخدوم امين ’فهيم‘ جي ولادت 4- آگسٽ 1939ع تي هالا ۾ ٿي، سندن نالو محمد امين رکيو ويو جڏهن ته مخدوم امين (ثالث) پڪن ڏٺي جي نسبت سان هو ڏاڏا سائين به سڏبو هو، اجان ٻن سالن جو هو ته سندن ماءُ وفات ڪري وئي، بعد ۾ سندن والد مخدوم طالب المولا خاندان کان ٻاهر ٻي شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس پنج پٽ ٿيا جن ۾ اڳوڻو ايم.اين.اي مخدوم خليق الزمان، مخدوم نويد الزمان، مخدوم شفيق الزمان، حيدرآباد جي اڳوڻو ضلع ناظم مخدوم رفيق الزمان ۽ اڳوڻو ايم.پي.اي مخدوم سعيد الزمان آهن.

مخدوم امين ’فهيم‘ شروعاتي تعليم هالا مان حاصل ڪئي، بعد ۾ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ سروري اسلامي ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جتي بي.اي پاس ڪيائين. سنڌ يونيورسٽي مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽر ڪيائين ۽ پوءِ قانون جو امتحان پاس ڪيائين. بزم طالب المولىٰ سنڌ جو صدر به رهيو، ٽائون ڪميٽي هالا جو چيئرمين بويزنل ڪائونسل حيدرآباد جو ميمبر رهيو. مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جي لاڏاڻي بعد سروري جماعت جو روحاني پيشوا مقرر ٿيو ۽ پاڻ 18 گادي نشين هو بهترين اديب ۽ شاعر پڻ هو، سندن شاعري تمام گهڻي مشهور هئي. سروري جماعت ڪي 300 سال اڳ 9 لک گوڏڙي جو لقب مليل آهي سندن جا مريد هندستان ۽ پاڪستان ۾ موجود آهن ۽ سندن 22 خليفا، هند ۽ سنڌ راجستان سميت خدمتون سرانجام ڏين ٿا.

مخدوم امين ’فهيم‘ جي شاعري ۽ سندن شعري مجموعي ’پيغام‘ کي تمام وڏي پذيرائي ملي. پاڻ شعر و شاعري 1953ع کان شروع ڪئي،

جيڪو فن هن پنهنجي والد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کان سکيو ۽ پنهنجو تخلص "امين" رکيائين. ان کان پوءِ 'فهيم' جو تخلص، سندن والد مخدوم طالب المولىٰ ڏنو، جنهن کي هُو پنهنجي عمر جي آخري وقت تائين استعمال ڪندو رهيو. سندن شاعري جا ٻه مجموعا ڇپيل آهن، جن مان 'پيغام' کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. اردو ٻوليءَ ۾ به تمام وڏا ڪلام لکيائين. هالا جي ادبي ماحول ۾ وڏي هلچل آندائين، سندن جوانيءَ جي دور ۾ ڪجهه وقت لاءِ شاعري ڪرڻ ۾ وقفو به رهيو، جنهن لاءِ سندن ذاتي مصروفيتون رهيون. ڪين موسيقيءَ سان به دلچسپي هئي. پاڻ فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪتاب پڻ لکيا، پاڻ يار ويس ۽ طبعيتن سادو هوندو هو. هڪ بردبار سان وڏي دل رکندڙ سياستدان هو ۽ سندن هميشه دانشوراڻي سوچ رهي، سندن لاءِ اها ڳالهه چئي ويندي هئي ته هُن ۾ برداشت تمام گهڻي هوندي هئي جنهنڪري ڪين صابرين چيو ويندو هو، هُو ناراض ماڻهن سان به پيار سان ڳالهائيندو هو. پنهنجي سياسي زندگي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي چوڻ تي شروع ڪئي، پهريون ڀيرو 1970ع واري چونڊن ۾ ٺٽي مان ايم.اين.اي چونڊيو ويو. ان کان پوءِ 1977ع ان 1988ع، 1990ع، 1997ع، 2002ع ۽ 2008ع جي چونڊ ۾ هالا مٽياري تڪ تان ايم.اين.اي چونڊيو.

ضياء جي آمريت دور ۾ پارٽي فيصلي تحت هُو 1985ع ۾ عام چونڊن ۾ نه بيٺو. هن سياسي سفر جو آغاز، 1970ع ڌاري پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر ٽيڻ سان ڪيو ڪجهه وقت سنڌ جي گورنر جي صلاحڪار پڻ رهيو پوءِ مرڪز ۾ بطور وزير مملڪت فائز ٿيو. 1977ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ غلام مصطفىٰ جتوئي جي ڪابينا ۾ روينيو ۽ آبادڪاري جو وزير ٿيو. 1983ع ۾ ايم.آر.ڊي تحريڪ دوران پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر رهيو. 1990ع ۽ 1993ع، 1997ع واري عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، وري 2008ع جي چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. مرحوم پيپلز پارٽي جو صدر ۽ پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر وائيس چيئرمين پڻ رهيو. پاڻ ملڪ جو واحد سياستدان هو، جنهن کي فهم، فراست، شائستگي ۽ جمهوري قدرن جو امين هجڻ ڪري حڪومت مخالف ڌر سميت سموري پارٽين ۾ هڪ جهڙي عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. ضياءالحق جي دور کان وٺي ڪيس وزيراعظم جي عهدي جي آڇ ٿي، پر هُو پارٽي سان وفادار رهيو، سنڌ جي سياسي ۽ غير سياسي وڏيرن سان سندس ياري ڪنهن کان لڪيل نه هئي. پارٽي جي منع باوجود جام صادق علي، پير پاڳاري، شاهنواز جوڻيجي سان ناتا نه ٽوڙيا. 1969ع ۾ لنڊن جي اندر مخدوم امين 'فهيم' جي ملاقات، پيپلز پارٽيءَ جي باني ۽ اڳوڻي وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو سان ٿي، جنهن بعد هن پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. سندن والد مخدوم طالب المولىٰ پارٽيءَ جو سينيئر وائيس چيئرمين پڻ رهيو.

امين 'فهيم' 1970ع ۾ ٺٽي جي ضمني چونڊ ۾ حصو ورتو ۽ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ پاڻ 1985ع جي غير جماعتي چونڊن ۾ حصو نه ورتائين. 1970ع کان 2002ع تائين اليڪشن ۾ حصو ورتو، هالا جي تڪ تان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، پاڻ وفاقي وزير به رهيو. جنرل پرويز مشرف پاران اعلىٰ عهدن جي آڇ باوجود پاڻ پيپلز پارٽيءَ جو ساٿ نه ڇڏيائين. 1977ع کان پوءِ چونڊن ۾ سدائين ڪاميابي ماڻي. ڪين شهيد بينظير ڀٽو جو انتهائي ويجهو ساٿي سمجهيو ويندو هو ۽ پاڻ شهيد بينظير ڀٽو جي دور ۾ 1988ع کان آگسٽ 1990ع تائين اطلاعت وارو وزير به رهيو ۽ 2008ع واري اليڪشن ۾ ڪاميابي بعد ڪين صنعت ۽ واپار جي وزارت ڏني وئي، سندن خدمتن کي بينظير ڀٽو به مڃيندي هئي ۽ سندن ئي رهائش گاهه هالا تي پيپلز پارٽيءَ جو بنياد، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پهريون ڪنوينشن به پيپلز پارٽي جو هالا ۾ ٿيو، جنهن ۾ مخدوم طالب المولىٰ امين فهيم کي پاڻ سان گڏ رکيو هو ۽ سندن سياسي پرورش ڪئي وئي ۽ سندن

# هڪ عظيم انسان ۽ سياستدان جو وڇوڙو

امجد ميمڻ

"نوَ لکي گودڙي" يعني 9 لک مريدن واري نگري جيڪا سروري جماعت جي سايي ۾ هلي پئي، انهن جو روح روان هر دلعزيز شخصيت کلڻو ملڻو، هر ڪنهن تي شفقت جو هٿ رکندڙ، مخدوم امين 'فهيم' اسان کان موڪلائي ان سفر تي روانو ٿي ويو آهي، جنهن تي هر ڪنهن کي هڪ ڏينهن هلڻو آهي جو ته قرآن پاڪ ۾ خدا پاڪ سچ فرمايو آهي ته "هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي." اهو موت ڪڏهن به اچي، ڪٿي به اچي، ڪيڏي مهل به اچي، ان کان ڪير به انڪار ڪري نه ٿو سگهي، پر موت کان پوءِ به ڪي اهڙيون شخصيتون، اهڙا ماڻهو هوندا آهن، جن کي وساري نه سگهبو آهي، سندن خدمتون، سندن پيار، سندن محبتون ۽ سندن قربانيون ڳائبيون رهبيون آهن، جيئن اسان وٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي شهيد محترمه بينظير ڀٽي تائين جيڪي شهادتون ٿيون آهن، انهن کي موت به مات ڏئي نه سگهيو آهي.

اڄ به دنيا لينن، مارڪس، مائوزي تنگ کي ياد ڪري پئي، اڄ اهي دنيا ۾ ناهن، پر سندن پروگرام، سندن فلسفو، سندن شخصيت تي اڄ به دنيا ۾ ويچار ونديا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح جيستائين دنيا رهندي، تيستائين مخدوم امين 'فهيم' جو به ذڪر ٿيندو رهندو، ڇو جو هو وڏيءَ شخصيت جو مالڪ هو، هُو هڪ وڏو شاعر هو، پنهنجي پيءُ مخدوم طالب المولىٰ وانگر شاعري ڪئي، پر مخدوم امين 'فهيم' جي سجاڳ سياسي ٿي وئي، سياسي طور هُو هر ڪنهن وٽ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو، ان جو واحد سبب سندس روحاني شخصيت ۽ خلق سان پيار هو. منهنجي مخدوم امين 'فهيم' سان صرف هڪ ملاقات نوشهرو فيروز جي پيرن واري بنگلي تي ٿي هئي، مون صحافي هجڻ ڪري خجت ۾ مخدوم امين 'فهيم' سان سوال پئي ڪيا ته منهنجي ان سوال ۾ مخدوم صاحب جو فلسفي واري انداز سان ۽ شعر چٽي جواب ڏيڻ واري ڪچهري جڻ شهرين کي به مجبور ڪيو ته اهي ان ڪچهريءَ ۾ شامل ٿين، پوءِ اها سوالن جوابن واري نشست نوشهرو فيروز جي شهرين لاءِ جڻ هڪ ڪچهريءَ ۾ تبديل ٿي وئي، هر ڪنهن ماڻهوءَ مخدوم امين 'فهيم' کان پئي سوال ڪيا ۽ مخدوم صاحب جو هر جواب وڏي معنىٰ ڀيو رکي، جنهن ۾ ان ڪچهريءَ کان وٺي سندس وڇوڙي واري ڏينهن تائين ڪاٻه تلخي نظر نه آئي ۽ ڪڏهن به مون کي هن شخصيت ۾ ڪاوڙ نظر نه آئي. مختلف ٽي.وي چئنلن تي ڪانئس تلخ سوال به ٿيندا رهيا، جنهن ۾ وڏا وڏا سياستدان، سوالن تي جذباتي ٿي ويندا آهن، پر مخدوم امين 'فهيم' جي زبان تي ڪڏهن به گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ جذبات نظر نه آئي.

هُو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي آخري دم تائين پيپلز پارٽيءَ سان سچو ۽ وفادار رهيو، 1983ع ۾ جنرل ضياء جي بدترين آمريت ۾ به هن جدوجهد ڪئي، پارٽي قيادت جلاوطن ٿيڻ ڪري هن به دفعا پارٽي سربراهي سنڀالي. آمر جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ جڏهن حيدرآباد کي ٽوڙي مٽياري ضلعو بڻايو ويو، اها ٽوڙ ڦوڙ به اصل ۾ مخدومن کي ٽوڙڻ هو، پر عوام جو ناتو ڪانئن نه ٽٽوءِ هڪ

# مخدوم محمد امين ’فهيم‘ جي ياد ۾

رشيد سومرو

هالا جي سڀاڳي سرزمين تان جنم وٺندڙ ڪروڙين ماڻهن جي دلين جي محبتن جو ديوتا پاڪستان جي سياسي افق جو عظيم ستارو مخدوم امين ’فهيم‘ اسان سڀني کي هميشہ لاءِ الوداع چئي ابد جي گهري ننڊ ۾ سمهي هن ڌرتيءَ جي ڪروڙين انسانن جي سينن کي پنهنجي جدائيءَ جو گهاءُ ڏيئي ڏکارو بڻائي هليو ويو.

مخدوم امين ’فهيم‘ جي شخصيت ۽ ڪردار پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ گهڻن ماڻهن لاءِ مشعل راهہ هو. هن جي پنجاهہ سالن واري سياسي جدوجهد ۾ هن کي جيڪو سياسي رتبو ۽ مقام مليو سو هر ڪنهن جي حصي ۾ ڪونہ ٿو اچي. هميشہ محبتن جي ورڪا ڪندڙ ۽ ڌيمي لهجي ۾ گفتگو ڪندڙ امين ’فهيم‘ سروري جماعت جو روحاني پيشوا هئڻ سان گڏ بلند پايہ جو شاعر پڻ هو، هن جي ڪردار ۽ طالب المولىٰ جهڙي سنجيدگي ۽ مخدوم نوح جهڙي نوڙت هئڻ سبب هن جا سياسي مخالف بہ هن جي اٽلري ڪردار ۽ اعلىٰ ظرف شخصيت جا معترف هئا. مخدوم امين ’فهيم‘ جي پوري زندگي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان گڏ گذري. خاص ڪري محترمہ بينظير ڀٽو جي 9 سالہ جلاوطني دوران هن عظيم انسان پاڪستان پيپلز پارٽي جي جيڪا ڪمان ڪئي سا تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب آهي. مخدوم امين ’فهيم‘ کي مختلف دورن ۾ وزير اعظم بڻجڻ جون آڇون ٿينديون رهيون، پر هن مرد مجاهد انهن سڀني آڇن کي ٺڪرائي جهڙي طرح ڀي. ڀي سان پنهنجو نينهن جو ناتو نڀايو سو بہ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

فرد جنم وٺندا آهن تہ مرندا بہ آهن، پر مخدوم امين ’فهيم‘ جهڙن صوفي، انسان دوست ۽ فقير منش انسان لاءِ ڌرتي جو هر فرد اشڪبار هوندو آهي، اڄ هُو اسان ۾ موجود نہ آهي، اڄ هالا جون گهٽيون ويران آهن. ٿر جو صحرا پُراسرار خاموشيءَ ۾ آهي ۽ هن جي لکين مريدن سنڌ جي ڪروڙين انسان جون اکيون لُڙڪن سان ٽمٽار آهن. ڌرتيءَ تي ڪڏهن ڪڏهن اهڙا فرد بہ جنم وٺندا آهن. جن تي نہ صرف ڌرتي فخر ڪندي آهي، تاريخ بہ اهڙن انسانن کي پاڻ ۾ سهيڙڻ وقت روئي ڏيندي آهي. جو تہ مخدوم امين ’فهيم‘ جهڙا انسان صدين ۾ جنم وٺندا آهن ۽ اهڙن انسان جي وڇوڙي تي جيڪو سياسي سماجي خال پيدا ٿيندو آهي سو صدين تائين ڀرجي نہ سگهندو آهي.

منهنجي خيال ۾ مخدوم امين ’فهيم‘ جي سياسي بصيرت ۽ ان جي سياسي قد جهڙو موجوده

دور ۾ پيو ڪو اڳواڻ نہ ملندو، ان جا گھڻائي سبب آهن، پر ان جو مُک سبب اهو آهي تہ مخدوم 'فهيم' پنهنجن ڪان وڌيڪ مخالفن ۾ مقبول هو، هن جي ذات ڪردار ۽ عمل مان هميشہ محبت جو درس مليو، خلوص جي پرچار ٿي ۽ انسانيت کي فيض مليو جيڪو شايد هر ڪنهن جي حصي ۾ نہ ٿو اچي.

هن کي روحاني طور هڪ مسيحا جهڙي حيثيت حاصل هئي. هُو پنهنجن مريدن ۽ عقيدتمندن ۾ تمام گھڻو مقبول هو جو مخدوم صاحب جي هالا آمد جو ٻڌي هن جا هزارين مريد پيرين پنڌ پنهنجي مرشد جو ديدار ڪرڻ لاءِ مخدوم هائوس هالا اڳيان قطارون ڪري بيهي رهندا هئا. مخدوم امين شائستہ زبان، ٿڌي مزاج ۽ خاموش طبع وارو انسان هو، هن نہ صرف پنهنجن مريدن کي روحاني فيض ڏنو، پر هن پاڪستان جي متنازعہ سياست ۾ هڪ اهڙو دليراڻو ۽ باوقار ڪردار ادا ڪيو جو پرويز مشرف جهڙا جرنيل بہ هن وٽ لڙي ايندا هئا.

مخدوم امين فهيم جي زندگيءَ جا پويان ڪجھ سال ڏاڍا اهم رهيا محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ ۾ هئڻ جي باوجود هُو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو هو، شايد ان ڳالھ هن جي دل تي گھرا اثر ڇڏيا. هُو پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينءَ جو صدر هئڻ جي باوجود پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو هو، شايد پيپلز پارٽيءَ جي هاڻوڪي قيادت مخدوم صاحب جي ان ڪرب کي محسوس ڪيو هجي، پر ان ڪرب جي خاتمي لاءِ شايد ڪي اپاءَ نہ ورتا ويا.

هيءُ گلن جهڙو معصوم انسان، انسانيت جو سفير هو، هن جي ذات مان هميشہ ٻين کي فيض مليو. هن کي 50 سال سياست کي ارپڻ ۽ اڻ ٿڪ جدوجهد ڪرڻ جي باوجود هن کي ڪوبہ سياسي فيض نہ مليو ان جي باوجود هن شريف النفس انسان جي زبان مان ڪڏهن بہ شڪوه يا شڪايت جي اف بہ نہ ٻڌي وئي.

"اهڙا ٻچا اڄ بہ ڄڻين اڪثر امڙيون مهراڻ جون." ڀلي مخدوم امين 'فهيم' اسان ۾ نہ هجي، پر هن جي ڏسيل واٽ، هن جو ڏنل درس ۽ هن جي سياسي جدوجهد جو لازوال ڪردار سدائين سنڌ واسين جي دلين ۽ روحن ۾ رهندو چو تہ فرد مري سگهن ٿا، پر ڪردار زنده رهن ٿا. Men dies but deeds remain (Lord selusberry) جڏهن سياري جون سرد شامون ٿينديون، جڏهن اُتر جا واءَ ورندا جڏهن سرنهن پيلا گل جهليندي تہ اُن رُتَ ۾ مخدوم امين فهيم جون ساروڻيون روحن کي گرمائينديون ۽ مخدوم نوح جي اڱڻ ۾ هزارين عاشق نوح لڙڪ لاڙيندا ۽ وحدت ۽ ڪثرت جو ورد ڪندا تہ ان مهل اهو شخص عڪس جيان سنڌ واسين جي دلين تي اڀري ايندو ۽ انهن جي روحن کي پنهنجي ڏنل محبت سان گرمائيندو. لطيف ۽ مخدوم نوح جهڙن بزرگن جي اڱڻ ۾ نپيل مخدوم امين 'فهيم' جون ساروڻيون انهن درگاهن جي فقيرن جي زبانن مان نڪتل سُرن مان جڏهن نڪرنديون تہ روح رنجيندا ٿيندا، اکيون اشڪبار ٿينديون، دلين جون ڌڙڪنون تيز ٿينديون ۽ هر زبان تان اها صدا ٿيندي: اي مخدوم امين الوداع! اي سائين الوداع!

جو ہو سکی تو میری روح سما جا
دل و نگاہ کی رشتی تو ٹوٹ جاتے ہیں

# سياست ۾ اصول پرستيءَ جو مثال
# مخدوم محمد امين 'فهيم'

## حاجي گل حسن آريسر

اڄ هتي هڪ اهڙي اصول پرست خانداني سياستدان ۽ هڪ وڏي روحاني جماعت جي جيڪا حضرت سرور نوح رح جي نالي پويان سروري جماعت سڏائيندڙ، جنهن جا سنڌ ۽ هند ۾ لکين مريد ۽ عقيدتمند آهن، ان جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم امين 'فهيم' مرحوم هي شفاف ڪردار جا ڪجهه لفظ لکڻ لاءِ قلم مجبور ڪيو آهي. مخدوم صاحب جنهن درگاهه جي سجاده نشين سندس والد بزرگوار محمد زمان طالب المولىٰ رح جي لاڏاڻي بعد پاڻ سجاده نشين بڻيا، حالانڪ هن درگاهه سرور نوح "رح" جون رحمتون هند- سنڌ ۾ مشهور آهن، سرور نوح رحمت الله عليه درويش ڪرامت جو ڏڻي هو، اهڙي گاديءَ کي سياست ۾ اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، جيڪو اڄوڪي دور ۾ سياست معنىٰ ڪوڙ ۽ دولاب تصور ڪيو وڃي ٿو، پر انهن ڦرڻ گهرڻ لوٽڻ سياستدانن هٿان سندن مريدن جا ڪم نه ٿيڻ ڪري مريدن ۽ معتقدن جي اسرار تي هن سياست ۾ پيرن جي روحاني پيشوائن مان پهرين هن گادي جا مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" جن سياست ۾ آيا، هر اليڪشن ۾ پاڻ ڪاميابي ماڻيندا رهيا، پر ان سان گڏ پاڻ اديب دانشور ۽ صحافي حضرات جو گهڻو قدر ڪندا هئا، درگاهه ۾ ان طبقي جي ماڻهن سان ميلا متل هوندا هئا، پر جڏهن ملڪ اندر يا ٻاهر يا مريدن جي دعوتن تي اسهندا هئا ته هن طبقي جي ماڻهن سان ويجهي لڳاءُ هئڻ سبب ڪچهري ڪري خوش ٿيندا هئا.

ٿر جي ماروئڙن سان طالب المولىٰ جي وڏي محبت هئي، وسڪاري جي موسم ۾ پاڻ ٿر جي پٽن تي وڃي دورو ڪري اتي ويهي ماروئڙن سان ڪچهري ڪندا هئا، ٿر جون اهي پٽون نيو چور کان جالو چونئري درميان اڄ جي لحاظ سان ڪچهري واريون پٽون طالب المولىٰ جي ياد تازا ڪري رهيون آهن. مون کي ياد آهي ته مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ پاڻ کي حياتيءَ جو آخري عشرو ڄاڻائيندي ٿر جو آخري دورو ڪيو هو. طبيعت به گهڻي قدر درست ڪونه هئي، دعوتن ۽ دوري جي اختتام تي هاڻوڪي صوبائي وزير سيد علي مردان شاهه جي دعوت تي ڏينهن جو 11:00 وڳي ڏارين ڪاروڙو سيد پهتو، مرحوم مخدوم امين 'فهيم' به ساڻس گڏ هئا، ٻن ڪلاڪن کان پوءِ پاڻ کي ادبي يارن کان تنها سمجهندي سيد علي مردان شاهه کي هڪل ڪري چيو ته منهنجا يار قلم ڪار ڪٿي آهن، جنهن تي سائين علي مردان شاهه هڪدم سندس گاڏيون موڪلي عمر ڪوٽ مان صحافي آڻي ڪري مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ڪچهري ۾ پهچايا، پاڻ ناچاڪ هئڻ باوجود به اٿي ويٺو ۽ صحافين سان کلي ڪچهري ڪئي ۽ ڪجهه شعر به ٻڌايا، حالانڪي مخدوم امين 'فهيم' چيو ته بابا جي طبيعت درست نه آهي ڳالهائڻ لاءِ ڊاڪٽر جي بندش آهي، پر پوءِ به اهو ويٺو آهي ڪچهري ڪري اسان

کي گفتا ٻڌائي رهيو آهي، ماڻهو ته وڃي ٿو هليو، پر ان جو ڪردار باقي رهي ٿو، ماشاء الله طالب المولیٰ جي موڪلاڻي ادبي ۽ صحافتي طبقي لاءِ هڪ وڏو خال هئي، پر مخدوم امين فهيم جي دستاربندي بعد ان تي هڪ رهنڊ به اچڻ نه ڏني.

مخدوم امين 'فهيم' جو شمار والد بزرگوار مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ وانگر پيپلزپارٽيءَ جي وائيس چيئرمين شپ کان وٺي پارٽيءَ جي پارليامينٽيرين صدارت تائين ۽ باني اڳواڻن ۾ رهيو، پيپلز پارٽي جي باني قائد شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سن 1968ع ۾ هالا ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سان گڏ ويهي پيپلز پارٽي جو اعلان ڪيو، پيپلز پارٽي هالا کان ئي وجود ۾ آئي، جيڪا سڄي ملڪ ۾ ڦهلجي ويئي ۽ ملڪي پارٽي ٿي اڀري، اهو ڪردار مخدوم طالب المولیٰ جو هو، بعد ۾ مخدوم امين فهيم شهيد بينظير ڀٽو سان ڪيڏو سچو رهيو، وزارت اعظمیٰ تائين مخالفن جون سموريون آڇون به نڪرائي ڇڏيون ۽ آخري دم تائين شهيد بينظير ڀٽو جو ساٿي ٿي رهيو ۽ پارٽيءَ لاءِ پنهنجون وفائون جاري رکيون، شهيد محترمه بعد زرداري دور ۾ لاها چاڙها به آيا، پر هن صابرين انسان صبر جودامن هٿان ڪونه ڇڏيو، ڪين پارٽيءَ جي وفادار اڳواڻ هئڻ جي حيثيت مان جيڪو ڪجهه هن کي ملڻو هو، سو نه مليو، هن جي اصول پرستي ان مان ثابت آهي ته هن پنهنجي والد بزرگوار طرفان بنايل پارٽي جو ساٿ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو، هي صابرين انسان صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺندي پارٽيءَ ۾ به دستور موجب پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو ۽ اهڙي طريقي سان پنهنجو وارو وڄائي ويو، اصول پرستي جي سياست هميشه لاءِ هن ملڪ لاءِ ڇڏي ويو، اڄ جي سياستدانن وانگر ڪونه هو جو هڪ دفعو هڪ پارٽي ۾ ته ٻئي پاسي ٻي پارٽي جو سلامي، اهو مخدوم امين 'فهيم' صاحب اڄڪلهه جي سياستدانن لاءِ هڪ پختو سبق ڇڏي ويو آهي.

مخدوم امين 'فهيم' گنريل سال عمر ڪوٽ لڳ ڪاروڙو چارڻ ۾ محمد عظيم ڪنڀر جي دعوت تي پهتو هو، اتي سندس والد بزرگوار جي نالي هڪ لائبريري قائم ڪئي وئي هئي، جنهن جو افتتاح مخدوم امين فهيم پنهنجي هٿن سان ڪيو ۽ بعد ۾ عمر ڪوٽ پهتو، جتي عمرڪوٽ جا تاريخي هنڌ پراڻو قلعو، عجائب گهر، اڪبر اعظم جي جنم ڀومي، مومل جي محل جو پڙو، جتي پر ۾ هينئر مومل ريسٽ هائوس قائم آهي، اهي هنڌ گهمي ڏٺا، بعد ۾ سندس فرزند مخدوم عقيل الزمان ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ وٽ آيا ۽ ٻئي ڏينهن هالا روانا ٿي ويا. درحقيقت مخدوم امين 'فهيم' جو شهيد محترمه سان ٻانهن ٻيلي رهيو ۽ جمهوريت لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون، جيڪي ملڪي تاريخي ۾ ياد رهنديون ۽ وساري ڪونه ٿيون سگهجن. سياست سان گڏ انتهائي عاشق مزاج ۽ حليم طبيعت جو مالڪ هو، جنهن جو انداز بخوبي سندس هن شعر ۾ لڳائي سگهجي ٿو ته:

عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي،
بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هي خطا بارها ڪري ڏسبي،
جي حياتي وفا ڪئي فهيم،
ته عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

مرحوم ته پنهنجو وارو وڄائي آزادي ۽ جمهوريت جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪري هليو ويو، هاڻي ان جو سارو دارومدار سندس جانشين مخدوم جميل الزمان صاحب تي آهي ته هو ڇاڻو ڪري ۽ سروري جماعت کي ڪهڙي رخ تي وٺي وڃي ٿو.

◙



خادم سروري

# صبر جي دامن جا گذاريل ڏينهن

مخدوم محمد امين فهيم نالو زبان تي اچڻ سان اخلاق، ادب، شرافت ۽ صبر جا جبل جيڏا مثال ذهن ۾ تصور ۾ اچي ويندا. برصغير جي عظيم روحاني هستي، وقت جي مجدد غوث الحق مخدوم لطف الله المعروف مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه جن جي درگاهه عاليہ جي 17 سجاده سنڌ جي ناليواري شاعر سنڌي ادب جي روح روان مخدوم محمد الزمان "فقير طالب المولیٰ" سائينءَ جن جي گهر 4- آگسٽ 1939ع ۾ جنم ورتندڙ نازڪ ۽ نفيس شاعر، عظيم سياستدان سروري جماعت جي 18 روحاني پيشوا قبلہ مخدوم محمد امين فهيم جن شاعريءَ جي ننگر ۾ "امين" ۽ "فهيم" جي تخلص سان سجاتا ويا. فقيري طبعيت جي حساس شاعر محمد امين فهيم جن کي شاعري ورثي ۾ مليل هئي. قبلہ طالب المولیٰ جن جا "ڏاڏا سائين" 1953ع کان شاعريءَ جي حساس پيچرن تي سفر ڪندي سنڌي شاعريءَ کي دل کي ڇُهندڙ ۽ شاهڪار غزل ڏنا.

نظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو.

****

آرزو بيڪار ٿي زندگي بيڪار ٿي.

جهڙا هزارين انمول غزل ارپيندڙ مخدوم محمد امين فهيم پنهنجي ادب، اخلاق درياءَ دلي ۾ محبتن سان لکين انسانن کي پنهنجي پيار ۾ قابو ڪيو، هر ماڻهو ڪيس پاڪستان جو معتبر ترين شخص سمجهندو هو، سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي جواني ارپيندڙ مخدوم محمد امين فهيم 1990ع ۾ پنهنجو پهريون شعري مجموعو پيغام جي صورت ۾ ڏنو. هُو محبتن جو امين هو، جنهن سدائين امن ۽ شانتيءَ جو درس ڏنو، قبلہ سائين جن پنهنجي شائستگي ۽ گفتار جو اهڙو مثال قائم ڪيو، جو وڏا وڏا اڪابر ۽ اديب بہ سندن سامهون دنگ رهجي ويندا هئا. سياست کي شاعري جيان اپنائڻ وارو مانيٽي طبعيت جو 'امين' سياستدان پنهنجي سباجهاپ سان پنهنجي مخالفن جون پٿر ٿي ويل دليون بہ ڳاري ڇڏيندو هو. سياست ۾ غير متنازعہ شخصيت طور سڃاپجندڙ مخدوم محمد امين فهيم 1970ع کان باقاعده سياست جو آغاز پاڪستان پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان ڪيو. وفا ۽ بردباريءَ جو اهو ڏکهو پنڌ جناب ذوالفقار علي ڀٽي کان شروع ٿيو ۽ بلاول ڀٽي زرداري تائين شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير جي امانت پهچائي سياست ۾ لازوال مثال قائم ڪيو.

پنهنجي سياست ۾ ناقابلِ شڪست رهندڙ هيءُ اردو سياستدان ٻہ دفعا صوبائي ۽ ست دفعا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهي قومي رڪارڊ قائم ڪيو. وفا جي هن علمبردار شخصيت جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت، ايم.آر.ڊي تحريڪ، محترم جي جلاوطنيءَ دوران ايم.آر.ڊي هلچل ۾ محترم بينظير جي شهادت کان پوءِ وارين حالتن ۾ پارٽيءَ کي اڪيلو نہ ڇڏيو، جيڪو وچن قائدِ عوام سان ڪيو ساهہ جي آخري لمحي تائين پارٽيءَ سان نباهي پاڪستان جي

سياست ۾ پنهنجو الڳ مقام ٺاهيو، سندس سياست ۾ شرافت، صبر ۽ برداريءَ جو مثال پوري دنيا ۾ نٿو ملي. صوفيائي طبعيت رکندڙ انسان کي سياست جهڙي بيوفا ۽ بيرحم بلا اڻ ڳڻيون تڪليفون ڏنيون ۽ پڻ پنهنجي پارٽيءَ طرفان تلخ تجربا پڻ ڪيا ويا، اهي سڀ گهاءُ دل ۾ رکي صبر ۽ پارٽيءَ سان وفا جو پانڌ هرگز نہ وڃڻ ڏنو، سندن ئي سٽن جيئن:

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هيءَ خطا بارها ڪري ڏسبي.

دوکيباز سياست کي پنهنجي حياتي ارپيندڙ قبلہ مخدوم محمد امين فهيمؒ جمهوريت لاءِ عظيم قربانيون ڏيئي پارٽيءَ سان وفا جي دنيا جي سياست تي پنهنجي الڳ ڇاپ ڇڏي آهي، توڻي جو پيپلز پارٽي جي ڪجهه هاٺوڪن اڳواڻن طرفان ايذاءُ ڏنا ويا ۽ نظرانداز ڪيو ويو. پوءِ بہ قبلہ سائين جن صبر جا رهيل بہ ڏينهن گذرڻ جو انتظار ڪيائون، پر صبر جو دامن داغدار نہ ڪيائون، سندن ئي مقبول غزل جيئن:

خزان ۾ خوش ٿيا بهارن جو انتظار ڪبو،
نہ فرط غم کان سيني کي تار تار نہ ڪبو،
بہ ڏينهن گذري ويا بہ ڏينهن گذري ويندا فهيم،
صبر جي دامن کي داغدار نہ ڪبو.

سروري جماعت جي لکين چاهيندڙن مريدن، سنڌي ادب ۽ پاڪستاني سياست کي هميشہ لاءِ الوداع چئي اڄ نومبر جي اداس صبح جو ابدي آرامي ٿيا. خالق حقيقي سان مليا، سندن پهرين ورسيءَ تي الله سائين کان دعاڳو آهيون تہ رب العزت قبلہ محمد امين سائين جن جي قبر مبارڪ تي ڪروڙين رحمتون وسائي، قبلہ جميل الزمان سائين جن کي ڏگهي ڄمار عطا فرمائي ۽ سروري جماعت کي تاقيامت آباد رکي آمين.

درد فرقت ڪيو بيحال خدا خير ڪري،
هي بہ سڪندي ويو لنگهي سال خدا خير ڪري،
يادگيري نہ ڪئي يار "امين" ڪهڙي سبب،
اڄ بہ نہ ڪو آيو احوال خدا خير ڪري.

## غزل

**منهنجي تہ خوشي تو سوا مننن ۾ هلي وئي،**
**دل جي بہ صدا دل جي ئي ڌڙڪن ۾ هلي وئي.**

**توسان نہ اگر وقت تي منهنجو ڪو ملڻ ٿيو،**
**منهنجي سا منا هر گهڙي دردن ۾ هلي وئي.**

**منهنجي ٿي وئي ڇا جي ڪري تو سان محبّت،**
**ڇا ڪان هي سڀ زندگي صدمن ۾ هلي وئي.**

**بلبل جي خوشي آهي بهارن ۾ هميشہ،**
**اڄ بادِ خزان ڇو ڀلا گلشن ۾ هلي وئي.**

**هڪ ڏينهن ڪيم دانهن "امين" جوش جنون مان،**
**سا منهنجي صدا تير ٿي سهٽن ۾ هلي وئي.**

مخدوم محمد امين 'فهيم'

8، آڪٽوبر 1953ع

چاهيان ٿو ته هالا شهر ۾ هڪ اعليٰ درجي جي اسپتال هجي، جتي ڪڊني ۽ دل جي بيمارين جو به علاج ٿئي، دعا آهي ته سروري جماعت قرب ۽ عزت سان زندگي گذاري.

راقم الحروف کي سندس زيارت هيئن ٿي ته ٽنڊو آدم ۾ مرحوم محمد شريف ورياهه جي بنگلي تي 1970ع ڌاري مخدوم امين فهيم جن تشريف فرما ٿيا هئا. آءٌ شاهه عبداللطيف هاءِ اسڪول مان موٽندي اهو ميڙاڪو ڏسڻ پهتس. مزدور ليڊر عبدالرزاق سومرو جي هٿ ۾ ننڍڙو مائيڪ هو. استقبالي ڪارڪنن سان بيهي مخدوم صاحب جن جي وضعدار ۽ خوش لباس شخصيت کي ڏٺوسين. ائين 75-1974ع ۾ هوسڙي ويا حيدرآباد ۾ استاد شاعر پروفيسر محبوب سروري وٽ مشاعري جي مجلس ۾ پاڻ صدارت ڪندي پنهنجي شاعري پڙهي هئائون. جتي ڪين قريب سان پسڻ جو موقعو مليو. اهڙي طرح 1978ع پٿورو ۾ ماهر تعليم ولي سروري وٽ منزل انداز ٿيا هئا ۽ اتي عاشق حسين شورو وٽ به چانهه جي دعوت قبول ڪئي هئائون. ميرپور خاص مان آءٌ ۽ ڊاڪٽر يار محمد جنجهي انهيءَ رهاڻ ۾ شرڪت ڪري سرفراز ٿيا هئاسين.

هڪ شانائتي ڪچهري ڪاٺي وارا ڪپرو لڳ ۾ صوفي شاعر منٺار فقير جي ياد ۾، فقير ولي بخش ۽ سرفراز راڄڙ جن جي ميزباني ۾ هئي، جناب مخدوم امين فهيم ان خاص مهمان هئا. راڳ رهاڻ ۾ يڪتاري پوئي فنڪار قادر بخش کهيريءَ مشهور ڪافي حضرت امين فهيم پکن ڏٺي جي ڳائي ته:

"سڄڻن جا ساريو سانگ، آءٌ ويني روز رڙان."

اهڙو ته رس لڳو، مخدوم صاحب غور سان ٻڌي بيحد داد ڏنو. مخدوم غوث الحق، قطب العصر لطف الله عرف نوح سرور جن جي ملفوظات مان اقتباس فرمايائون ته ڪو ماڻهو رضا ۽ حق ۽ نيڪ ارادي سان علم حاصل ڪري مٿس عمل ڪندو ته، معرفت جا موتي هٿ ايندس ۽ ڪيس حق شناسيءَ جي طاقت نصيب ٿيندي. اهوئي سبب آهي ته مخدوم امين فهيم وٽ جهان بيني ۽ معامله شناسيءَ لاءِ وڏي نظر هئي. هن جي حليم ۽ مانيٽي طبع سبب منجهس ماڻهن کي ويجهو ڪرڻ جو ڪرشمو ڏسڻ ۾ آيو. سندس ئي ڪلام جي مصرع ته:


"اچا اُن جي اڳيان، اي يار ليلائڻ نه ٿو ڄاڻين،
رُئل کي رمز سان ريبي، تون ريجهائڻ نه ٿو ڄاڻين."

مخدوم امين سائين سنڌ ۾ سياسي ميدان جا "هيوي ويٽ چيمپيئن" سمجهيا ويندا هئا. مسلسل 9 ڀيرا هڪ ئي تڪ هالا مٽياريءَ تان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيڻ معمولي ڳالهه ناهي، جنهن تڪ ۾ مٽياروي سادات چاموٽن ۽ ٻنائي پيرن جي آماجگاهه هجي ۽ ميمڻ ملان به ڪتابن جي زور تي رهندا هئا. شايد اهو سبب به پنهان هجي جيڪو حضرت مخدوم طالب المولیٰ جو سنيهو ته:

"اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت "طالب المولیٰ"
ته پوءِ مخدومي دنيا ۾، وڏو منصب ته ڪونهي ڪو."

يڪ راءِ، يڪ سخنور، بااصول ٿي بيهڻ ۽ وقت تڪليفن کي گذري ڇڏڻ ئي مخدوم ڏاڏا سائين جي اهڙي ادا هئي، جنهن هر دفعي کيس سرخرو پئي ڪيو. سندس وڇوڙي تي اهل دانش ۽ اهل سخن حلقو ادبي دنيا ۾ وڏو خيال محسوس ڪندو رهندو. سيئي پر اميد آهيون ته، مخدوم صاحب جا پائر ۽ فرزند سندس اصولن جي ريت کي روا رکندي مرحوم مغفور جي حلق، احباب سياسي رفيقن ۽ عقيدتمندن جي ڳڻ رکندا.

نه سي جوڳي جوءِ ۾، نه سا ساڪي چاٽ
ڪاپڙين ڪنواٽ، وڏي ويل پلاٽا
(مخدوم نوح)



# مخدوم امين 'فهيم' ـ هڪ شاعر، سياستدان

علي اڪبر هنگورجو

گذريل پندرهن سالن کان هڪ ميڊيا پروفيشنل طور ڪيرئر دوران اهڙين سوين شخصيتن سان منهن مقابل ٿيڻ ۽ انهن جا انٽرويوز ڪرڻ جو موقعو مليو، جن جو زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن شعبي ۾ بي انتها ڪنٽريبيوشن هو. گڏوگڏ انهن مان ڪيترن ئي شخصيتن ڪي زندگيءَ جي لاهين چاڙهين توڙي سياسي ۽ سماجي اٿل پٿل جي وڏن واقعن ڪي ويجهي کان ڏسڻ جو تجربو بہ هو. ۽ سچي ڳالهہ اها آهي تہ انهن کان سکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ مليو. ان سڄي عرصي ۾ ڪيترن ئي نامور شخصيتن جي حياتيءَ ۽ ڪم بابت لکڻ ۽ پروگرام ڪرڻ جو موقعو بہ مليو، پر اڄ جڏهن مخدوم امين 'فهيم' بابت ٻہ اکر لکڻ جي شروعات ڪريان پيو تہ اها ڳالهہ شدت سان محسوس ٿي ٿئي تہ مخدوم صاحب بابت لکڻ لاءِ آئون الاهي ننڍڙو ماڻهون آهيان. درگاهہ حضرت مخدوم نوح جي سجاده نشين جي حيثيت ۾ مخدوم امين 'فهيم' سائين جن علم ۽ اد ب جي آبياريءَ ۽ روحاني رهبريءَ جي هڪ بي مثال اتهاس جا وارث هئا. هن خاندان جي صدين جي عرصي تي محيط علمي، ادبي ۽ روحاني خدمتن جي تاريخ ۾ عجيب تسلسل آهي جو نو لکي گودڙيءَ جي هر سجاده نشين پنهنجي پنهنجي دور ۾ علم و ادب جي آبياريءَ سان گڏ هن خطي جي ماڻهن کي فقيري ۽ درويشيءَ جي رمزن سان بہ ڀرپور نموني روشناس ڪرايو. بلڪل ائين ئي جيئن هڪ مشعل مان ٻي مشعل ٻرندي آهي. روشنيءَ جي ان سفر ڪي موجوده سجاده نشين قبلہ مخدوم جميل الزمان تاريخ مخدومان هالا ۾ شاندار نموني قلمبند ڪيو آهي. جيڪي پاڻ بہ سنڌي ٻوليءَ



جا سرموڙ شاعر آهن، گڏوگڏ سندن علمي ادبي ڪم لسانيات کان تاريخ، روحانيت ۽ ٻين موضوعن تائين ڦهليل آهي. ڪيترن ئي موضوئن تي سندن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، سو سائين مخدوم امين 'فهيم' سائين جن هن درگاهہ جي گادي نشين جي حيثيت ۾ انهن سڀني روحاني روايتن ۽ اخلاقي قدرن جا امين هئا. جن جي تبليغ ۽ ترويج هيءُ خاندان صدين کان ڪندو ٿو اچي. اهو ان خانداني پسمنظر جو ئي فيض

هو، جو مخدوم امين 'فهيم' جن جي اخلاق ۽ روين جو هڪ زمانو مداح هو. سندن سياسي مخالف به سندن اعليٰ اخلاق جي تعريف ڪرڻ تي مجبور هئا.

آسٽريليا ۾ صحافت جو ڪورس ڪرڻ دوران اسڪرپٽنگ ۽ آرگيومنٽ جي استاد هڪ دفعي پڙهايو هو ته گفتگوءَ جي حوالي سان سڀ کان وڏو فن اختصار سان محتاط گفتگو ڪرڻ آهي ۽ خاص طور تي جڏهن توهان ڪنهن متنازعه مسئلي تي گفتگو ڪري رهيا هجو ۽ ان مسئلي تي طويل ۽ گرما گرم بحث هلندڙ هجي. اهڙيءَ صورتحال ۾ اختصار سان محتاط گفتگو ڪرڻ تمام وڏي صلاحيت ۽ اعليٰ ظرفي آهي. پنهنجي غير ملڪي استاد پاران بيان ڪيل ان ٿيوريءَ جو عملي مثال قبلہ مخدوم امين 'فهيم' جي گفتگو ڪرڻ جي انداز ۾ مليو، جو پاڪستاني ميڊيا جي عام طور تي سياستدانن جي پاڻ ۾ جُنبا پٽ تي مبني ٽاڪ شوز ۾ به مخدوم صاحب نهايت وضعداري ۽ اختصار سان گفتگو ڪندا هئا، نه صرف ايترو، پر جنهن ٽاڪ شو ۾ مخدوم صاحب شامل هوندا هئا ته سندن رويي فهم ۽ فراست واري گفتگو سبب سڄي پروگرام دوران باهمي احترام واري فضا قائم رهندي هئي. مخدوم صاحب جي نفاست پسندي به سندن قابل احترام شخصيت جو هڪ منفرد حوالو آهي.

مخدوم امين 'فهيم' صاحب جن باڪمال شاعر هئا ۽ سياست ڏانهن به سندن رويو هميشہ شاعراڻو رهيو. سياست ۾ به وفا جهڙي قدر جي آخري حد تائين پاسداري ڪيائون. سندن اهڙي رويي سبب ئي سندن وصال تي هڪ انگريزي اخبار جي صحافي ڪين ماڻ ڏيندي لکيو ته: The Poet Politicians

His personal and political life reads as like poetry may be because he was a poet himself.

سندن شاعريءَ بابت سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري تنقيدنگار ۽ عالم جناب غلام محمد گراميءَ صاحب لکيو ته مخدوم امين 'فهيم' جي شاعريءَ ۾ سوز گداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀئي معيار موجود آهن جيڪي هڪ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا.

فسانو شبنم غمگين جي هردم اشڪ ريزي جو،
جڏهن گل ئي نه ٿو سمجهي ته خارن کي خبر ڪهڙي.

منفرد تشبيهن تي مشتمل سندن شاعري املهه انساني احساسن جي ترجماني ٿي ڪري، جو اعليٰ درجي جو شاعراڻو ادراڪ ڪين ورثي ۾ مليل آهي. پاڻ هڪ شاعر جي دل سان دنيا جو جائزو ورتائون ۽ پنهنجي هڪ شعر ۾ هيءُ عجيب اعلان ڪيائون ته.

قيمتي شي فقط محبت آ،
ٻي هر چيز ڇٽڪ رئي آهي.

سندن اهو شعر ان عظيم شاعراڻي ادراڪ جي ترجماني ٿو ڪري، سو مخدوم صاحب هڪ شاعر ۽ اهل دل انسان واري روش زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ روا رکي ۽ هميشہ عمده اخلاقي قدرن جي هر حال ۾ پاسداري ڪندا رهيا.

جيتوڻيڪ مخدوم صاحب 1970ع کان مسلسل اليڪشنن دوران قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر منتخب ٿيندا رهيا. ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽيءَ جي صدارت، ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جوڙيل اتحاد اي.آر.ڊي جي سرواڻي سميت ڪيترن ئي عهدن تي رهيا، پر جڏهن به ڳالهه اصولن جي آئي، جڏهن به ڳالهه وفائن جي آئي ته هن شاعر سياستدان جي عزم کي وڏي کان وڏي عهدي جي آڃ لوڏي نه سگهي.

مخدوم امين 'فهيم' کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هن پاڪستان جي سياسي تاريخ جي ٻن طويل ترين ڊڪٽيٽرشپس جي دوران جمهوريت جي بحاليءَ جي جدوجهد ۾ سرواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ جڏهن به ڪير پارٽيءَ ۽ نظريي سان نڀاءَ جا حوالا ڳوليندو ته ڪيس هن فقير طبيعت سياستدان جو نالو سرفهرست ملندو. جيتوڻيڪ مخدوم

صاحب جا عزم ۽ ارادا زماني جا آزمايل هئا. جو هن اڏول انسان جي سياسي موقف ۾ مارشلائن جون سختيون ڪا ب تبديلي نہ آڻي سگهيون نہ وري وڏن عهدن جون آڇون کين متزلزل ڪري سگهيون. پر پوءِ بہ الاهي ماڻهن جون نظرون اهو سياسي منظرنامو وڏي تجسس سان ڏسي رهيون هيون، جڏهن مخدوم صاحب جي محبوب پارٽي هن جي طويل ۽ باوفا رفاقت کي گهربل مجتا ڏيڻ ۾ ناڪام پئي ٿي، پر مخدوم صاحب جي فيصلي سيني کي لاجواب ڪري ڇڏيو.

تون امين آهين 'فهيم'،
فيصلو ڪج لاجواب.

مخدوم صاحب جي پارٽيءَ کي اهڙي رويي جي جواب ۾ الوداع چوڻ واريون قياس آرائيون خاڪ ٿي ويون ڇاڪاڻ تہ مخدوم صاحب کي خبر هئي تہ نيائبو ڪيئن آهي، ايندڙ نسلن لاءِ وفا جا مثال ڪيئن ڇڏبا آهن ۽ تاريخ جي نظرن ۾ سرخرو ڪيئن بڻجبو آهي.

مخدوم صاحب جي شاعريءَ جو هڪ پهلو جيڪو مونکي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندو آهي، سو سندن شاعريءَ ۾ عشق رسول جو پرچار آهي. گهڻ ۾ گهڻ مونکي مخدوم صاحب جي شاعريءَ جي مطالعي ڪانپوءِ مخدوم صاحب جي شاعراڻي سوچ ۽ فڪر جو محور کين پنهنجي وڏن کان ورثي ۾ مليل عشق رسول ئي نظر اچي ٿو ۽ ان ئي فڪر کي پاڻ مقصدِ حيات سمجهن ٿا.

اي امين عشق مُحمد جو،
جهوليءَ پائي جهلڻو آهي.

### بيت

حاڪم تنهنجي حڪم سان محبّت مـــن رهي
دريا پنهنجي دل جـــو وحدت ڏانهن وهي
پـــلـــي پيئـــي بُهـــي دنيا پنهنجي ڏن تي.

16، مئي 1955ع
هالا

### بيت

دنيا پنهنجي ڏن تي محبت منهنجي مـــن
مولا تنهنجي طلب ۾ ويـــچـــا ســـڀ وجـــن
چوري روز چپن "امين"اوهان جي اسم سان.

16، مئي 1955ع
هالا

### بيت

نرمل نـــوح فقير ڪيئي ڪرم ڪيا
مون ڪان سي ميا ڪڏهن ٿيا ڪين ڪي.

11، ڊسمبر 1957ع
8:10 شب- هالا



# سائين مخدوم محمد امين فهيم

## پسند جا ڪتاب، فلمون ۽ موسيقي

[حياتيءَ ۾ ڪيل هڪ يادگار ڳالهه ٻولهه 2006ع]

نصير مرزا

پاڪستان جي سياست ۾ هن وقت ڪي ٿورا ئي اهڙا سياست ڪار آهن، جن کي صحيح معنىٰ ۾، حرف جي حُرمت ڄاڻندڙ ۽ سُخن شناس سڏي سگهجي ٿو.

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي حاضر دور جي مکيه اڳواڻ طور مخدوم محمد امين 'فهيم' کي اڄ اسين، اهڙين ئي آڱرين تي ڳڻڻ جهڙين گهڻ رُخي ڄاڻ رکندڙ هستين مان، هڪ شمار ڪري سگهون ٿا. اڄوڪي سياسي ساک رکڻ کان اڳ. پاڻ ماضيءَ ۾ ٻن ڌار ڌار ڪاتن ۾ ٻه ڀيرا، وفاقي وزارتن جو قلمدان ٻه سنڀالي چُڪا آهن. خانداني طور تي جيتوڻيڪ پاڻ، "نوَ لکي" سڏجندڙ گودڙي يعني حضرت مخدوم نوحؒ جي درگاهه جا سجاده نشين آهن، پر سجاده نشينيءَ سان گڏ، سنڌ جي سياست ۾ به سندن ۽ سندن خاندان جو ماضيءَ کان وٺي وڏو عمل دخل ۽ اثر رسوخ رهندو پيو اچي. سياست سان گڏ سخن شناسي پڻ سندن ورثو آهي ۽ ان ڏس ۾ نه فقط هُو پاڻ هڪڙو اعلىٰ شاعر آهي، پر سندس ولي عهد، مخدوم جميل الزمان پڻ، سياست سان گڏوگڏ سنڌي شاعريءَ ۾، پنهنجي هڪ جيڏن شاعرن جي جهرمٽ ۾، هڪ نشانبر شاعر جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.....

امين 'فهيم' سائينءَ جو، شعري مجموعو، "پيغام" جي نالي سان، 1970ع ڌاري سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل آهي.

افسوس، شديد سياسي مصروفيتن سبب، شاعريءَ لاءِ هاڻي هُو وقت ڪڍڻ کان قاصر آهي ۽ انهيءَ بابت هُن اسان کي ٻڌايو پئي.

• ڪيڏو نه سٺو وقت هو اُهو، جڏهن آءٌ مشاعره پڙهندو هوس. انهن ۾ شريڪ ٿيندو هوس، جتي شيخ اياز ۽ امداد حسينيءَ جهڙن شاعرن سان منهنجيون ملاقاتون ٿينديون هيون، پر افسوس، سياسي مصروفيتن جي سبب، هاڻي آءٌ اهڙين شاعراڻين مجلسن ۽ محفلن کان گهڻو پري ٿي ويو آهيان.

- اهڙي دل آويز دنيا ڇڏي، يڪ لخت اوهين اڄڪلهه سياست جا ڇو ٿي ويا آهيو!؟

۽ انهيءَ سوال جي جواب ۾ مخدوم امين 'فهيم' ڌيرج ڀريي نوع ۾، سهج سڀاو وراڻيو:

• ابتدا ۾ سياست سان واقعي به مون کي ڪو گهڻو چاهه ڪونه هو ۽ گهڻو ڌيان، منهنجو ادب پڙهڻ، شاعري ڪرڻ، شڪار ۽ ڪرڪيٽ کيڏڻ سان وڌيڪ هوندو هو. غالباً اُهو 1970ع وارو زمانو هو، جو والد بزرگوار، بابا سائين (مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' سائين) کي پيپلزپارٽي پاران چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ زور بار وڌو ويو. تن ڏينهن ۾ آءٌ وڪيشن گذارڻ جي لاءِ ٽوڪيو ويل هوس. تڏهن انهن چونڊن ۾، حصي وٺڻ لاءِ محترم ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جو پيغام پهتو. ۽ بس پوءِ ته، جيئن چئبو آهي ته، 'اُهي ڏينهن ۽ اُهي شينهن' سياست ۾ هاڻي اُن حد تائين اڳتي نڪري ويو آهيان جو پويان مڙي ڏسڻ جو موقعو ئي ڪونه ٿو ملي.

پيو ڪيو وڃي ۽ هيءُ بئي فن لڳي پيو هوريان هوريان جديد موسيقيءَ جي گوڙ ۽ شور ۾ الوپ ٿيندا پيا وڃن.

- پاڪستان کان ٻاهر جي راڳيندڙن مان، هُو ٻڌائڻ ٿو لڳي: لتا منگيشڪر، ڪشور ڪمار، محمد رفيع، آشا ڀوسلي ۽ طلعت محمود مون کي گهڻو وڻندا آهن ۽ انهن سڀني فنڪارن منجهان، لتا منگيشڪر جو ته، آءٌ ڀانئيان ٿو ڪوبه، جوڙ جيس پيدا ٿي ڪونه ٿي سگهيو آهي.

- موسيقي جي ميدان ۾ نون متعارف ٿيندڙ آوازن بابت منهنجي سوال جي جواب ۾، امين 'فهيم' سائين وراڻي ٿو.

• نوان فنڪار، موسيقيءَ جي بنيادي ڄاڻ کان سواءِ، جڻ اهڙن چڙواڳ اُٺن مثل آهن، جن کي پنهنجي صحيح رستي جي خبر ئي ڪانه پئي پوي ۽ بس ڳائيندا پيا وڃن.

- مغربي موسيقيءَ جي باري ۾، امين 'فهيم' سائين، اعتراف ڪندي چوي ٿو.

• ان جي ٻڌڻ جو نه مون وٽ وقت آهي ۽ نه شوق. اتفاق سان جي ڪنهن اهڙي محفل ۾ جتي اها زور شور سان، ڳائي پئي ويندي آهي. اتي ٿوري دير لاءِ ويهڻ به منهنجي لاءِ عذاب بڻجي ويندو آهي.

- ڇا سئنيما ۾ وڃي فلمون ڏسڻ سان به ڪڏهن اوهان کي شوق رهيو آهي ۽ ان سوال جي جواب ۾ هُو وراڻي ٿو:

• ڪو وقت هو جو فلمون ڏسڻ لاءِ مون وٽ وقت هوندو هو ۽ ڦوهه جوانيءَ ۾ ته نرگس، راج ڪپور ۽ دليپ ڪمار جون فلمون مون ڏٺيون هيون.

اداڪارن ۽ اداڪارائن جي اهڙي کيپ منجهان فلمسٽار متو بالا ته خاص طرح سان مون کي ڏاڍي وڻندي هئي.

هالي ووڊ جي اداڪار ۽ اداڪارائن مان وري... امين 'فهيم' سائين.... ٻڌائيندو ٿو هلي.

• راڪ هڊسن، صوفيه لارين، ايلزبيٿ ٽيلر، چارلس اسٽيفن ۽ ٽوني ڪرٽس منهنجا من پسند اداڪار رهيا آهن ۽ هالي ووڊ جون جيڪي ٻه فلمون خاص طرح سان مون کان ناهن وسري سگهيون، اهي آهن: 10-Commandents ۽ ٻي فلم Ben Hur.

لولي ووڊ جي مزاحيه اداڪارن مان، هن ٻڌايو....

• لهريءَ جي اداڪاري مون کي تمام گهڻي وڻندي آهي ۽ پاڪستاني فلمن جي هيروئنز منجهان صبيحه خانم ۽ مسرت نذير منهنجي پسند جون اداڪارائون آهن.

- اڄڪلهه جي نون اداڪارن بابت ڇا چوندو؟

• امين 'فهيم' سائين ٻڌائي ٿو... نيون فلمون ڏسڻ جو موقعو ڇاڪاڻ ته مون کي نه پيو ملي انڪري، ان ڏس ۾ ملڪ جي اهڙن اداڪارن جي اداڪاريءَ بابت آءٌ ڪجهه به چئي نٿو سگهان.... پر منهنجو اندازو آهي ته، سينئرس جي نقش قدمن تي هلندي، اهي ضرور بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندا هوندا.

۽ گفتگوءَ جي انهيءَ موڙ تي

امين 'فهيم' صاحب، اوچتو انڪشاف ڪندي ٻڌائڻ ٿا لڳن: ننڍيءَ ڄمار ۾، جنهن وقت مون دليپ ڪمار واري فلم ديوداس ۽ نرگس واري "جوگن" پئي ڏٺيون، ته انهن فلمن جي دکدائڪ منظرن مون کي ايترو ته متاثر ڪيو، جو آءٌ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو هوس.

۽ اهڙي ريت، مزاحيه اداڪارن، جيري لوور، جيڪ رابنس، جاني واڪر، لهري ۽ رنگيلي جي مزاحيه اداڪاري تي آءٌ ٽهڪ ڏيئي کلڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو آهيان.

- فلم... امين 'فهيم' سائين وڌيڪ ٻڌائڻ ٿو لڳي...

• اهڙو ميڊيا آهي. جنهن سان سوسائٽيءَ ۾ نهايت بهترين ۽ مثبت تبديليون آڻي سگهجن ٿيون، پر ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته اهو ميڊيا اڄڪلهه يرغمال آهي ۽ ان کي بي راهه روي ۽ بگاڙ پکيڙڻ جي لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي ۽ اها نهايت دکدائڪ ڳالهه آهي.

پنهنجي پسند جي ڪتابن، فلمن ۽ موسيقيءَ بابت گفتگو ڪندي، پڇاڙيءَ تي امين 'فهيم' سائين چيو پئي....

• مون کي ويساهه آهي ته فلم ميڪر ۽ فنانسر چاهين ته نئين ٽهيءَ کي فلم ميڊيا جي مدد سان بگاڙ کان بچائي سُڌائيءَ جي راهه تي لائي سگهن ٿا.

◙

# مخدوم محمّد امين 'فهيم' جونَ
# چوندَ تحريرون

قائم دائم ڪل تي خالق خلقڻهار
ڪونهي ٻيو ڪريم ري مالڪ ۽ مختار
ڪر اطاعت ان جي بندا نہ ٿي بيڪار
سڌو هل سائينءَ سان آهي ستّار ۽ غفار
هو ڍڪي ٿو ڍڪڻ ٿي عاصي عيبدار

(مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ)

# پنهنجي طرفان

منهنجي شاعريءَ جي ابتدا هالن ۾ ٿي. هالن جو ماحول ۽ خاندان جي ادب ۽ شعر سان رغبت جي ڪري ۽ خاص طرح سان قبله والد صاحب جن جي شاعري ۽ ادبي محفلن جي ڪري اٿندي ئي انهيءَ طرف ذهن جو جهڪاءُ ٿيڻ لڳو.

اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهائيءَ جي دوران اڪثر ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ وڃڻ جو موقعو ملندو هو ۽ مختلف شعراء جو ڪلام آهستہ آهستہ سمجهہ ۾ اچڻ لڳو ۽ پوءِ پاڻ بہ شاعري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن دل چاهيندي هئي.

هڪ ڀيرو هالن ۾ هم عمر ۽ هم خيال دوستن سان ويٺا هئاسون تہ اهو فيصلو ٿيو تہ اچو تہ شاعري ڪريون. اسان ۾ سينيئر شاعر محبوب سروري هو، جنهن هڪ مصرع طرح ڏني. انهي تي اسان سڀني لکڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ علي احمد شاهہ، امير علي شاهہ، خورشيد شاهہ، محبوب صاحب ۽ آءٌ شريڪ هئاسون شايد ڪو ٻيو دوست بہ هجي ۽ اڳتي هلي نالو ذهن ۾ اچي وڃي. اهڙي طرح منهنجي شعر و شاعري جو سلسلو جاري رهيو. مختلف وقتن تي ڪڏهن ڪا مصرع طرح رکي ان تي في البديهہ غزل لکندا هئاسين تہ ڪڏهن وري مصرع طرح رکي باقاعده مشاعرو ڪندا هئاسين، ان وقت اسان جي حلقي ۾ بهتر شاعر محبوب سروري هو، ابتدا ۾ آءٌ محبوب کي ضروري اصلاح لاءِ پنهنجو ڪلام ڏيکاريندو هئس. آهستي آهستي ڳالهہ سائين وڏن تائين پهتي، تہ مون شاعري شروع ڪئي آهي ۽ منهنجو حلقہ احباب هي (اڳ ڄاڻايل) آهي: آءٌ سمجهان ٿو تہ 1954ع جي گرمين واري موسم ۾ سائين وڏا مون کي پاڻ سان گڏ ڪوئيٽا وٺي هليا. اُتي ذڪر نڪتو تہ آءٌ شاعري ڪريان ٿو، مون عرض ڪيو تہ ”سائين جن مون کي باقاعده استادي ڏين.“ پاڻ مهرباني ڪري اها گذارش قبول ڪيائون ۽ منهنجي شاعريءَ جي باقاعدي اصلاح ٿيڻ شروع ٿي وئي. ڪوئيٽا (بولان هوٽل) ۾ ئي سائين وڏن مون کي هڪڙي مصرع طرح ”يا الاهي ڪر عطا لطف و ڪرم“ ڏني ۽ فرمايائون تہ ”هن تي غزل لکو!“ مون لاءِ وڏي پريشانيءَ جو باعث ٿيو تہ لکان تہ ڇا لکان ۽ ڪيئن لکان!؟ ڇا جي ڪري جو غزل لکي سائينءَ جن کي ڏيکارڻو هو ۽ اهو غزل عشقيہ لکڻ کان گهبرايم پئي، آخرڪار هي غزل لکيم ”دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد و غم“ پاڻ غزل ڏسڻ کان پوءِ همت افزائي ڪيائون ۽ بحروزن وغيره جي سمجهاڻيءَ سان گڏوگڏ بہ چار اهم نڪتا پڻ سمجهايائون، مثلاً:

(1) ڪلام ۾ ڪي بہ غير ضروري لفظ ”يَرَ“ وغيره زوريءَ ڪم نہ آڻجن.

(2) شاعريءَ ۾ پاڻ کي مظلوم، بيمار، ضعيف ۽ بيوس وغيره نہ سڏجي بلڪ هميشہ حقيقت ۽ هر ڳالهہ جو خوشگوار رخ بيان ڪجي وغيره.

آءٌ پهرين ”امين“ تخلص طور استعمال ڪندو هئس، ليڪن بعد ۾ سائين وڏن تخلص ”فهيم“ تجويز فرمايو. انهيءَ کان پوءِ ”امين فهيم“ ادبي نالو ٿيو.

1955ع ۾ اسان (امين فهيم، علي بهادر عڪس، علي احمد شاهہ ساقي، امير علي شاهہ امير، خورشيد شاهہ ساغر، مهر علي، تابع سروري وغيره) گڏجي ”بزمِ امين“ قائم ڪئي، ان جو آئين ناهي عمل ۾ آندوسين ۽ باقاعدي طرحي، غير طرحي ۽ في

البديهه مشاعرا ڪندا هئاسين، انهيءَ دور ۾ ادا علي بهادر عڪس به پوري شوق سان شاعري ڪندو هو ۽ هر مشاعري ۾ حصو وٺندو هو، سندس ڪلام جو هڪڙو شعر بطور نمونو هتي ڏجي ٿو:

بيحال "عڪس" آهيان، ڪيئن مان اميدون لاهيان
تنهنجي دوا ٿو چاهيان، جاني! وجو جياري

اڄڪلهه علي بهادر عڪس، امير علي شاهه امير ۽ خورشيد شاهه ساغر شاعري ڪونه ڪن البته ساقي سروري ۽ تابع سروري اڃا به شعر و شاعري ڪن ٿا ۽ قبلا سائينءَ جن وٽ تقريباً هر مشاعري ۾ شريڪ هوندا آهن.

مون پنهنجي شاعريءَ ۾ غزل، قطعي، نظم، ڪافي ۽ ڏوهيڙن وغيره کان علاوه قومي جذبات وارا نظم به لکيا، 1965ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، آل سنڌ قومي ترانن جو مشاعرو ڪرايو، جنهن ۾ سڄي سنڌ جي شاعرن حصو ورتو ۽ مون به هڪڙو نظم (اي وطن اي جانِ من) لکيو جيڪو منهنجي خيال مطابق بيحد سٺو نظم هو ۽ انهيءَ کي ڪهنه مشق شاعرن تمام گهڻو پسند ڪيو. اتفاق سان اهو نظم پهرين پوزيشن حاصل ڪري ويو ۽ ان وقت جي حيدرآباد جي ڪمشنر جي اهليه بيگم نياز مون کي باقاعده پهريون انعام ڏنو، آءٌ نهايت نهايت خوش ٿيس، ان کان پوءِ چند مختلف شاعرن، خاص طرح سان هڪڙي دوست جنهن جو تعلق سکر سان آهي، انهيءَ سخت تنقيد ڪئي! چيو ويو ته "مون اهو نظم پاڻ نه لکيو آهي، ڪنهن کان لکرايو آهي، طرفداري ڪئي ويئي آهي، ججن جو پئنل جيڪو هو سو طرفدار هو ۽ بين جو حق ماري مون کي غلط نموني سان پهريون انعام ڏنو ويو آهي" مون کي ان جو شديد ڏک پهتو ۽ مون تي ان جو ايترو اثر ٿيو جو انهيءَ کان پوءِ قومي نظم، قومي غزل يا قومي جذبات تي ٻڌل ڪجهه به لکڻ ڇڏي ڏنم.

هڪڙي دفعي "ڄام ڏاتار" تي سائين وڏن جي سالگره مبارڪ ملهائي وئي ۽ هڪ شاندار مشاعري جو پڻ اهتمام ڪيو ويو هو، انهيءَ وقت مون هيءَ ڪافي لکي "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس" ۽ جرات اِها ڪير جو قبلا سائين کان اصلاح ڪرائڻ بغير ئي ڪافي مصري فقير کي ڏنم ته محفل ۾ ڳائي، مشاعري دوران قبلا سائين، ميون محبوب علي، گرامي صاحب، اسد الله شاهه، احسن الهاشمي، فقير سرشار عقيلي وغيره اسٽيج تي ويٺل هئا، ۽ مشاعري ختم ٿيڻ تي قبلا سائين سان گڏ سامهون وڃي ويٺا (مون لاءِ سائين حڪم ڏنو ته آءٌ اسٽيج تي ئي ويٺو هجان) محفل شروع ٿي، جنهن مهل انهيءَ ڪافيءَ جو وارو آيو ۽ مصري فقير اِها ڪافي ڳائڻ شروع ڪئي ته ڪافي ڏاڍي لڳي، مون ماٺ ڪري اسٽيج تان جائزو پئي ورتو ته رد عمل ڇا آهي، ڏٺم ته سائينءَ جن ڪافيءَ کي تمام گهڻو پسند پئي ڪيو ۽ محسوس ٿيو ته ميون محبوب علي ۽ گرامي صاحب وغيره هڪ ٻئي ۾ چه مگويون پيا ڪن ته اهو ڪلام ڪنهن جو آهي، جڏهن ڪافي پوري ٿي ۽ نالي واري مصرع آئي ته سائينءَ جن پڇيو ته اهو ڪنهن جو ڪلام آهي؟ جڏهن معلوم ٿيو ته اهو ڪلام منهنجو آهي ته قبلا سائينءَ جن اسٽيج تي چڙهي آيا اچي منهنجي پيشانيءَ تي چمي ڏنائون ۽ فرمايائون "بابا، واهه جي ڪافي لکي اٿئي! اسان جو سڄو ڪلام وٺ ۽ اها ڪافي اسان کي ڏئي ڇڏ"؛ قبلا سائين طرفان ايڏي سند ملڻ تي مون کي حد کان وڌيڪ خوشي ٿي.

منهنجي ڪلام مان چند غزل، چند شعر يا چند قطعا منهنجي پسند جا آهن ۽ وڻندا اٿم انهن کي ورجائڻ ڪونه ٿو چاهيان، سڄو ڪلام پڙهندڙ جي ذوق تي ڇڏڻ چاهيان ٿو.

شعروشاعري جو سلسلو اڃا به جاري آهي، وقت ماحول ۽ صحبت جي لحاظ کان ڪڏهن غزل ڪڏهن قطعا ڪڏهن ڪافي ۽ ڪڏهن اردو شاعري به ڪئي اٿم، وقت سارو اردو شاعري جدا شايع ڪبي، هن وقت جيڪي آهي سو حاضر آهي.

## ڪتاب "پيغام" تان کنيل

## نعت

محمّدﷺ تنهنجي مي جو مان ٿيس ميخوار بسم الله،
پري ساقي پيالي تي پيالو پيار بسم الله.

شرابِ عشق عربي اڄ پياري مست ڪر اهڙو،
هجي جنهن جو مون کي هر دم نشو نروار بسم الله.

گهڙي پل ۾ هتان مون کي گهرائي وٺ مديني ۾،
اهو ڪو معجزو مرسلﷺ ڪري ڏيکار بسم الله.

هئو مشڪل مگر تنهنجي اچڻ ڪان پوءِ آسان ٿيو،
ڏسي توکي لهي ويڙا غمن جا بار بسم الله.

سڳوري رات سونهاري ۽ هئي ڪا مهل موچاري،
ڪيم جنهن رات تنهنجو خواب ۾ ديدار بسم الله.

سڄڻ قدمن متان تنهنجي ٿيان قربان لک ڀيرا،
ڪيان معلوم جي تنهنجي اچڻ آثار بسم الله.

"امين" مشڪل اچي ڪوئي تہ پڙهہ صلوات سيّد تي،
غم و اندوهہ مان ٿي ويندا ٻيڙا پار بسم الله.

23، نومبر 1954ع

## غزل

آهيان اي يار دست بہ دامان ڪڏهن ڪڏهن،
آخر وجو وسايان بيابان ڪڏهن ڪڏهن.

دلبر ٿئي تو وصل جو خواهان ڪڏهن ڪڏهن،
پورو ڪري تو منهنجو بہ ارمان ڪڏهن ڪڏهن،

سهڻو ٿئي تو منهنجو بہ مهمان ڪڏهن ڪڏهن،
منهنجي بہ گهر ٿئي تو چراغان ڪڏهن ڪڏهن.

مدّت کان پوءِ مون ذي نگهہ ڪيف زا ڪنيئين،
هو بي وفا بہ پاري تو پيمان ڪڏهن ڪڏهن.

هن لءِ سدائين آئون پريشان تو رهان،
مون لءِ بہ هو ٿئي تو پريشان ڪڏهن ڪڏهن.

ٻيو ڪو مريضِ عشق جو درمان نٿو ٿئي،
خود درد ٿئي تو درد جو درمان ڪڏهن ڪڏهن.

دل ۾ ثناءِ يار تہ هر دم ڪندو رهيس،
ظاهر ۾ ٿيندو آهيان ثنا خوان ڪڏهن ڪڏهن.

آهن اگرچہ اشڪ روان پر ٺري نہ دل،
"شبنم بہ ٿي جلائي گلستان ڪڏهن ڪڏهن."

قسمت سان يار قرب ڪري تو اچي اڱڻ،
مون وٽ ٿئي ٿي محفلِ رندان ڪڏهن ڪڏهن.

شب روز مان تہ يادِ صنم ۾ رهان تو گم،
مون لءِ بہ هو ٿئي تو پريشان ڪڏهن ڪڏهن.

جو دستِ چاڪ تو ڪري دامن ڪي اي "فهيم"
سوئي بچائي تو وني دامان ڪڏهن ڪڏهن.

6، نومبر 1958ع
9:30 رات - هالا

# غزل

اج ڪجهن سي جرم جن تي خوب جُرمانا هجن،
۽ سياڻي هر زبان تي جن جا افسانا هجن.

فڪر ڪهڙو حال جي ڪنهن جا فقيرانا هجن،
دل هجي زنده انهي سان شوق شاهانا هجن.

جان جي بازي لڳائن سر تري تي جي رکن،
سي هلن مون ساڻ جيڪي مرد مردانا هجن.

بت شڪنِ خواهش جي هر دم هيءَ تمنا ٿي رهي،
ڪاش! ڪيئي بت هجن ۽ ڪيئي بتخانا هجن.

بندشن اهڙي تہ آهي سلب آزادي ڪئي،
تنگ ٿي پنهنجا بہ چاهن ٿا تہ بيگانا هجن.

شل وري اهڙو اچي ڪو انقلابِ خوشگوار،
چوٽَ ميڪش پيا گهمن ۽ قيد مولانا هجن.

لب لبن تي آڻ ڪو جامِ صحت تجويز ڪر،
شرط اهو ناهي تہ ڪو هٿ ۾ بہ پيمانا هجن.

عقلمندن جي اڳيان خاموش رهڻو ٿو پوي،
دل چوي ٿي دلربا جي در تي ديوانا هجن.

اچ هلون ڳڌجي اُتي جت روح کي راحت ملي،
محفلِ رندان هجي ۽ راز رندانا هجن.

مات جي ميدان ۾ اهڙو ڪو هنگامو ڪجي،
برهہ جي باهين اڳيان پُرجوش پروانا هجن.

گردشِ اَيام کي روڪي ڇڏيو اي دوستو!
فڪرِ فردا ۾ جڏهن مصروف مستانا هجن.

27، جنوري 1981ع
9:00 رات- ڪراچي

# غزل

اسان جي دردِ دل جي حسن وارن کي خبر ڪهڙي،
گلِ پرمرده جي رنگين بهارن کي خبر ڪهڙي.

ڪليءَ جا گل ٽيڻ کان اڳ گلستان مان چٽي ورتئون،
انهيءَ جي آرزوئن جي بهارن کي خبر ڪهڙي.

فسانو، شبنمِ غمگين جي ٠ هر دم اشڪ ريزي جو،
جڏهن گل ئي نٿو سمجهي ته خارن کي خبر ڪهڙي.

اڪيون چو اوچتو پرجيو اچن اشڪِ ندامت سان،
ڀلا هن راز پنهان جي ستارن کي خبر ڪهڙي.

اتم جا آرزو دل ۾، جهان وارا نٿا سمجهن،
اهو هڪ مسئلو آهي، سو ڀارن کي خبر ڪهڙي.

چوڻ وارن اشارن ۾ چئي ورتو جو چوڻو هو،
سندس مطلب ته مون سمجهيو اشارن کي خبر ڪهڙي.

"فهيم" آخر ۾ ڇا گذريو ٻڏڻ کان پوءِ ڪشتيءَ تي،
اهو گرداب کان پڇبو ڪنارن کي خبر ڪهڙي.

1960ع

# غزل

انهيءَ ئي منهنجي حياتيءَ جو قدر ڪو نہ ڪيو،
مون جنهن جي ذات کي هر وقت زندگي سمجهيو.

هميشہ رات جي اونداهين ۾ مون سان مليو،
مون جنهن جي پيار کي پنهنجي لءِ روشني سمجهيو.

جهان پيار جي جلون سان تنهنجي آ روشن،
زماني جنهن جي محبّت کي تيرگي سمجهيو.

مون پنهنجو سر نہ جُهڪايو جو ڪيس ڏسڻو هو،
انهيءَ عمل کي سين آهي همسري سمجهيو.

خلوص دل سان ملڻ تو سان منهنجو محفل ۾،
ڏٺو آ جنهن بہ انهين آهي عاشقي سمجهيو.

جڏهن بہ شرم کان رخسار سرخ ٿيا تنهنجا،
طبع جي تنهن کي سين تنهنجي برهمي سمجهيو.

اسان جو پيار وڃي پهتو انتها کي "فهيم"
زماني ساري اجا تائين سرسري سمجهيو.

10، ڊسمبر 1980ع
11:00 رات - ڪراچي

## غزل

تعلق آهي اهڙو ئي نظر جو ناز وارن سان،
ٽئي ٽو ربط جهڙي طرح لهرن جو ڪنارن سان۔

ڪڏهن هيئن ڪو نہ ٿيو آهي، جو گل دامن ۾ اٽڪي پئي،
مگر اٽڪيو پوي دامن، گلن هوندي بہ خارن سان۔

شبِ فرقت ۾ هي رئندا رهيا هو ٽٽڪندا لُڇندا،
ڪئي رشڪِ قمر ڪهڙي نہ تارن ۽ ستارن سان۔

نہ گل ۾ بو نہ رنگيني جي هُو ناهي تہ ڪجهہ ناهي،
طبيعت ڪيئن لڳي آخر بهارن سان نظارن سان۔

عجب جهڙا ٿين ٿا رشتئہ تقدير دنيا ۾،
تعلق ٽئي خزان سان ٽو محبت ٽئي بهارن سان۔

گذاري رات ساري ميڪشن بيگانگي ۾ ئي،
نہ ساقي آيو محفل ۾، نہ اڀريو چنڊ تارن سان۔

گلِ خوش رنگ آخر پنهنجي فطرت تي ئي خوش ٿيندو،
اهو سوچي مان پنهنجو گهر سجايان وينو خارن سان۔

ڪندن جي قرب تان صدقي خزان ۾ پڻ جهليئون دامن،
اهي ئي وقتِ مشڪل ٿا نڀائن درد وارن سان۔

"فهيم" آهي محبّت جو اثر ميدانِ الفت ۾،
زمين جي خاڪ هوندي گڏ رهون ٿا ماه پارن سان۔

21، فيبروري 1960ع
11-00 رات ڳوٺ مٿوڻ نارو

# غزل

جي پنهنجي واسطي بهتر خدا گهريو تہ ملنداسون،
متان دلگير ٿين دلبر! خدا گهريو تہ ملنداسون.

اُميد آهي اچي وانگر، هلي ايندو سجڻ مون وٽ،
اگڻ شل ڀڪندو پيهر خدا گهريو تہ ملنداسون.

دلِ مضطر ۾ هر دم آرزو آهي تہ اي جاني!
رکان پيرن تي تنهنجي سر خدا گهريو تہ ملنداسون.

اميد اُهي تہ روزِ وصل، ايندو جلد هُو دلبر!
نہ پوندو وقت وچ ديگر خدا گهريو تہ ملنداسون.

جدا ٿيندي سجڻ فرمايو ملنداسون نہ دل لاهج،
چيم، جيئن چئو، تيئن ئي بهتر! خدا گهريو تہ ملنداسون.

"فهيم" آخر تہ آهُون کو اثر پيدا ڪري رهنديون،
کُلي پوندو دعا جو در خدا گهريو تہ ملنداسون.

"فهيم" اڄتي تہ هن کي مون سان ملڻو آهي دنيا ۾،
اثر آهُون ڪنديون آخر خدا گهريو تہ ملنداسين.

26، فيبروري 1958ع
1:55 رات- هالا

## قطعات

اج وڃا تو مان سوءِ غيرتِ ماهه،
جنهن طرف لاءِ سگهي تو منهنجو ساهه؛
من وڃي اوچتو ملي اي "فهيم"
هن جي مون سان ۽ منهنجي هن سان نگاهه.

11، مارچ 1960ع
4.45 شب هالا

## قطعات

الاجي ڪهڙي سبب دلربا هو آه بہ لب،
الاجي ڇا ڪان زماني ڪي بيقرار ڏٺم؛
الاجي ڪهڙو نياپو نسيم پهچايو،
پري بهار ۾ هر گل کي اشڪبار ڏٺم.

1960ع

## قطعات

اي يار وفادار هجئي عيد مبارڪ،
منٺار منا يار هجئي عيد مبارڪ؛
هڪ ٻئي کان ڪٽي دور بظاهر ٿا گذاريون،
پر ڪانهي وٺي وار هجئي عيد مبارڪ.

2، مئي 1957ع
هالا

## قطعات

بيوفا سان جفا ڪڏهن نہ ڪجو،
دوستو هيءَ خطا ڪڏهن نہ ڪجو؛
سور سيني کي نيٺ صاف ڪندا،
دردِ دل جي دوا ڪڏهن نہ ڪجو.

18، آڪٽوبر 1959ع
10 ۽ شب حيدرآباد

## اي وطن

اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال دولت توتان قربان جسم و جان.

خاڪ تنهنجي کي چمڻ لءِ آسمان جهڪندو رهي
شمس پڻ هر روز سڪ ۾ بي گمان جهڪندو رهي
مهربان جهڪندو رهي نا مهربان جهڪندو رهي
تنهنجي هستيءَ جي اڳيان سارو جهان جهڪندو رهي
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال دولت توتان قربان جسم و جان.

توتان قربان ٿيون ٿين دنيا جون ساريون طاقتون
تنهنجي آڏو سر بسجده دشمنن جون قامتون
توسان گستاخي ڪري سي ڪيئن هلائن حجّتون
تنهنجي خدمت ۾ زماني جون رهن ٿيون قسمتون
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

شمس تنهنجي ئي ڪري ٿيو آسمان تي جلوه گر
چنڊ ۽ تارا بہ آهن تنهنجا محتاج نِظر
تنهنجي هر ڪا شام رنگين تنهنجي روشن هر سحر
تنهنجا باشندا گذارين ٿا سدائين بيخطر
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

ڪير آهي جو ڪري پلجي بہ توسان همسري
توتي هردم ٿي رهي لطف و عطائ سروري
تون اسان جو ديس توکي ڪيئن ڇڏيندا سون وري
جيئري پڻ توسان آهيون توسان رهنداسون مري
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

تنهنجي خدمت ۾ رهن ٿيون عظمتون ئي عظمتون
تنهنجي ديوانن ۾ آهن جرئتون ئي جرئتون
طاقتون ئي طاقتون ۽ همّتون ئي همّتون
آزمائي ڪو پلي پنهنجون انهن سان قسمتون
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

سر بلند آهن سدائين تنهنجا ڏملي ڪوهسار
ٿا رهن حبِ وطن ڪان هڪبئي سان همڪنار
پنهنجو سينو چيري توکي پيش ڪن چشما هزار
تنهنجي خاطر زور تي روڪيو اچن ابرِ بهار
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

زنده باد اي منهنجا پاڪستان پيارا زنده باد
اي عظيم المرتبت اي شان وارا زنده باد
بي ڪسن جا، بي سهارن جا سهارا زنده باد
آسمانِ وقت جا روشن ستارا زنده باد.
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

1965ع

## نئون سال

نوان ڏينهن راتيون، نيون روشنايون،
نوان شعر ڪافيون، نوان بيت وايون،
نوان باغ بنگلا هي بستيون ۽ جايون،
نئين سال ۾ سڀ نيون بنجي آيون،
پرين، هو پراڻيون ڇڏي ڏي جدايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

نوان گل چمن ۾ نئين رنگ و بو آ،
صنوبر، سمن، موتيو سرخ رو آ،
نئين سال جي اڄ خوشي سوبسو آ،
مگر مون کي تنهنجي اچا آرزو آ،
وري پاڻ گڏجي خوشي ڪا ملهايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

خوشيءَ مان وڻن سبز پوشاڪ پاتي،
گلن ساڻ بلبل ملائي ٿي ڇاتي،
مان پايان ٿو تولاءِ جهاتيءَ تي جهاتي،
نہ معلوم تو آهي ڇو دير لاتي،
سگهو آ تہ بلبل ۽ گل کي سِڪايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

اسين ڪشورِ دل جا سلطان آهيون،
نہ ٻي مال و دولت جا خواهان آهيون،
چون ٿا جهان وارا نادان آهيون،
محبت ڪريون ٿا جو انسان آهيون،
غريبي، اميري جا ويڇا وڃايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

هجون پاڻ گڏ زندگي جي سفر ۾،
فضا ۾، بيابان ۾ ۽ بحر و بر ۾،
اگر آهيون بيڪار ڪنهن جي نظر ۾،
ٿئي ڪونہ ڪو عيب ٿو هر بشر ۾،
سڀن ۾ ٿين ٿيون برايون ڀلايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

وئي مون ڪان اڄ اوچتو آه نڪري،
مان ڀايان ٿو توکي ويو آهيان وسري،
گهڙي ڌار تو ڪان گذارڻ نہ سُٿري،
سڄڻ هي بہ سڪندي ئي ويو سال گذري،
حياتيءَ جون گهڙيون وڃن ٿيون اجايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

نهاريو مون شام و سحر تون نہ آئين،
قمر آيو، رشڪ قمر تون نہ آئين،
اڃا تائين مون کي نظر تون نہ آئين،
ڀيا سڀ اچي ويا، مگر تون نہ آئين،
منٿا آءُ موني ڪري لک ٻلايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

ستارن ۾ شمس و قمر ڪان لڪي آ،
فلڪ ڪان ۾ شام و سحر ڪان لڪي آ،
لڪي آءُ جن و بشر ڪان لڪي آ،
سڄڻ تون سڀن جي نظر ڪان لڪي آ،
نہ ڪنهن کي ٻڌايون نہ ڪنهن کي سڻايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

نئين آئي موسم نوان ٿيا نظارا،
نئون چنڊ نڪتو نوان ڏئي اشارا،
جدائيءَ ۾ مون تان ڪلن ٿا ستارا،
خدارا وري آءُ پرديس وارا،
ڪري درگذر اڄ ڪچايون لِڪايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

ڀلا ڇو سڄڻ ويٺين وعدا وساري،
هي عاشق اڃا ويٺو راهون نهاري،
”فهيم“ آهي تنهنجي ئي سهٽل سهاري،
پرين جيڪڏهن تون اچين قول پاري،
تہ لوڪان لڪي پاڻ محفل مچايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

5، جنوري 1955ع
ٿاڻو بولاخان

## ڪافي

(پهاڙي)

ٿل باغن ۽ بهارن ۾ — تو ريءَ نہ سري سهڻا

1۔ ڪرڪا وطن تي يار ورڻ جي، — پيارا پرين آهي مهل ملڻ جي
رنگين نظارن ۾ — تو ريءَ نہ سري سهڻا

2۔ گل ڦل تنهنجي راهہ نهارن، — تو لئي رچايو رنگ نظارن
پُرڪيف بهارن ۾ — تو ريءَ نہ سري سهڻا

3۔ محب مٺا اڄ سڀ ڪين آهي، — توکان سوا ٻيو ڇا هت ناهي
شوقن ۽ شڪارن ۾ — تو ريءَ نہ سري سهڻا

4۔ پکي پکڻ سڀ گڏجي ڳائن، — ماڻهو ملي ٿا خوشيون ملهائن
هڪ منهنجي هزارن ۾ — تو ريءَ نہ سري سهڻا

5۔ هيئن نہ مناسب توکي هو پيارا، — ويٺين وساري محب موچارا
اڄ لالہ زارن ۾ — تو ريءَ نہ سري سهڻا

6۔ پنهنجي "فهيم" کي ياد ڪري ڏس، — منهنجو جهان آباد ڪري ڏس
دل جي نہ قرارن ۾ — تو ريءَ نہ سري سهڻا

23، مارچ 1959ع
5 بجي شام هالا

# ڪافي

(پهاڙي)

ٿل باغن ۾ بهارن ۾ تو ريءَ نہ سري سهڻا

1_ ڪرڪا وطن تي يار ورڻ جي، پيارا پرين آهي مهل ملڻ جي
رنگين نظارن ۾ تو ريءَ نہ سري سهڻا

2_ گل ڦل تنهنجي راهہ نهارن، تو لئي رچايو رنگ نظارن
پُرڪيف بهارن ۾ تو ريءَ نہ سري سهڻا

3_ محب منا اڄ سڀ ڪين آهي، توڪان سوا ٻيو ڇا هت ناهي
شوقن ۽ شڪارن ۾ تو ريءَ نہ سري سهڻا

4_ پکي پکڻ سڀ گڏجي ڳائن، ماڻهو ملي ٿا خوشيون ملهائن
هڪ منهنجي هزارن ۾ تو ريءَ نہ سري سهڻا

5_ هيئن نہ مناسب توکي هو پيارا، ويٺين وساري محب موچارا
اڄ لالہ زارن ۾ تو ريءَ نہ سري سهڻا

6_ پنهنجي "نهيم" کي ياد ڪري ڏس، منهنجو جهان آباد ڪري ڏس
دل جي تہ قرارن ۾ تو ريءَ نہ سري سهڻا

23، مارچ 1959ع
5 بجي شام هالا

## ڪافي

(پهاڙي ـ ڪلواڙو)

ٿل عشق اٽانگو آهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

1ـ پروانن جان پاڻ بچائي، محبّت جو ميدان ملهائي
سِرَ جو سانگو لاهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

2ـ حاصل ڪر ڪو حال حقيقي، وات نہ وڃان ورهہ بنا ٻي،
حرص هوس کي ڊاهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

3ـ مرد ٿي محڪم مام ۾ مانجهي ساجن سارج صبح ۽ سانجهي
سندرو ٻڌ جان ساهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

4ـ لاشڪ لوچي لالڻ لهندين، سور جڏهن سِڙ سِر تي سهندين
لوڪ لاڳاپا لاهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

5ـ پاءِ پرينءَ کي پاڻ ۾ پيهي ويسلو هرگز ٿيج نہ ويهي
وار وٽي ڪا ناهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

6ـ عاشق "امين" ٿي عشق ڪمائج، پير نہ پٺتي، پڙ ڪان پائج
هت رکيو هيو ڇاهي؟ رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾.

12 اپريل 1957ع
10 بجي رات هالا

## متفرقه

اسان جي شهر هالن کي بچائج يا رسول الله،
سيئي مشڪل غريبن تان هٽائج يار رسول الله.

غريبن جا اجها ۽ آسرا محبوب مولا جا،
دکايل درد وارن کي کِلائج يا رسول الله.

اسان سڀ ڪجهه ولهن وارث ڪيو تنهنجي حوالي آ،
سين جي حال تي ڳاڙو هلائج يار رسول الله.

سوا تنهنجي ٻيو واهر وسيلو ڪير ڏيندوسين،
ڀلارا تون نه هرگز ئي ڀُلائج يا رسول الله.

فقط تنهنجي ئي دامن کي جهليندااسون اسين هر دم،
خدارا تون نه دامن کي ڇڏائج يار رسول الله.

توڪل برخدا ڇئي راهه تنهنجي ڏي وڌيا آهيون،
سنئين رستي تي هاڻي تون هلائج يا رسول الله.

اي رهبر آسري تنهنجي تي هلندا ٿا هلون هر دم،
اسان کي تون ئي منزل تي رسائج يا رسول الله.

"امين" جو سائين تون رهبر به تون ۽ آسرو پڻ تون،
قدم پنهنجا ڪڏهن ان وٽ گهمائج يا رسول الله.

21، ڊسمبر 1955ع
هالا

## متفرقه

### سهرا

مبارڪ اڄ ٻڌي آيو سندم جان جگر سهرا
مبارڪ صد مبارڪ جلوه گر ٿيا زيب ور سهرا

ٻڌا پنهنجي هٿن سان جيڪي اڄ هُهڙي پدر سهرا
اهي ذي مرتبت سهرا، اهي ئي معتبر سهرا

مٿن قوس و قزح قربان، ثريا معترف ليڪن
سندن ئي حسن بي پايان کان آهن بيخبر سهرا

رخ روشن تي ڪا ميري نظر ڪنهن جي مٿان پهچي
ڪيو بيٺا آهن، اهڙي طرح سينو سپر سهرا

نگهه جا تير سهرن جي ڪمين گاهن مان پيا نڪرن
حسينانِ جهان بچجؤ، اتَوَ هي پُر خطر سهرا

لب و رخسار کي اينهين پيا ڇُهتي ڇُمن هردم
سوين سالن کان هن لمحي لئي ڄڻ هئا منتظر سهرا

جهڪي ڏاڍي ادب سان ٿا چمن محبوب جي صورت
رکن آدابِ محفل خوب ٿيا مدِ نظر سهرا

گلن سان گڏ آهن پوتل سيئي لمحاتِ آزادي
بجا هي خوبصورت، خوبتر ۽ معتبر سهرا

چمڪ سونهري تارَن جي ۽ رنگت گل جي، نرگس جي
ڪڏهن شمس و قمر سهرا، ڪڏهن لعل و گُهر سهرا

مريضِ عشق جي حالت تڏهن ڪان غير ٿي آهي
ٻڌي آيو جڏهن ڪان پنهنجي سر تي ڊاڪٽر سهرا

ڏسڻ سان ئي اها بي ساختہ دل مان صدا آئي
ٿا سونهن گهوٽ گوهر ڪي هي خاصا خوبتر سهرا

ڪتابي رُخ تي سهرن کي ڏسي اينهين لڳو مون کي
ورق قرآن جو آهي، مٿس زير و زبر سهرا

هجن رشڪِ چمن توڙي هجن رشڪِ ثريا پر
رهن ٿا گهوٽ جا هر وقت محتاج نظر سهرا.

فيبروري 1983ع
هالا شريف

# مخدوم محمّد امين 'فهيم' کي
# منظوم پيٽا

تقويٰ ري نہ طالبَ! اول اچبو عمل تي پو ٿيندي هدايت
جي اچبو عمل تي پو ٿيندي شفاعت
جي چاهين منزل ماڻيان تہ رک سالم سعادت
ڪنڌ نہ ڦيرج ڪڏهين وڃي سهڙج سلامت
اصل عبادت تقويٰ ساڻ تمام ٿئي

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

## بيخود بلوچ



# (مخدوم امين فهيم کي پيتا)

### قلم سان فهم سان نڀايو فهيم...

(نظم)

سُخن سوچ ولرو ڀتايو فهيم،
فهم سان، قلم سان نڀايو فهيم.

اکر جي وکر کي سنڀاريو امين،
ڏيئو ذات ولرو پئي ٻاريو امين،
فکر ساڻ فن کي ملايو فهيم...

ڄتي هو، اُتي هو جبل ٿي رهيو،
پنهنجي سوچ سان گڏ اٽل ٿي رهيو،
نہ ڏڳ پنهنجو ڪنهن مَٽايو فهيم...

عُمر ڀر وفا سان وفا جنهن ڪئي،
وفا خود وچوڙي تي سُڏڪي پئي،
جفا جي هو ڪنڌ کي جهڪايو فهيم...

سياست جي سيني ۾ هو دل جيان،
سندس خوبين کي ڪجي ڇا بيان؟
ڪٽيو سفر "بيخود" سجايو فهيم...

### چؤستا

دور ٿي ويو دل جي جذبن جو امين،
وسرندو ڪٿ؟ دل جي دردن جو امين،
ياد رهندو، شخص هو هڪ يادگار،
دل ۾ رهندو فهم ۽ فن جو امين.

***

خاندانِ فن جو هو چشم و چراغُ
ڏيهہ کي ڏيئي ويو فُرقت جو داغُ
شعر جي خوشبو ورهائي ۽ وندي
ڄڻ دفن ٿي ويو مٽيءَ ۾ هڪڙو باغُ

***

ڄڻيو مخدوم سياست جي زمين ۾ هو
محبت جو، سچائيءَ جو وفا جو ٻجُ
سياست جي زمين ۾ ان ڪري گل ٿيا،
ڄڻيو مخدوم هو ان ۾ ڪلا جو ٻجُ

***

نہ وڇڙيو آ، نہ وسريو آ، سدا گڏُ آ،
فهيم آهي ڪلا ۾ سا ڪال گڏُ آ،
سندس سوچن سندو "پيغام" گڏ آهي،
اُنهيءَ جي سوچ گڏ آهي، دعا گڏُ آهي.

مگريو گدا تڪڙائي

# مخدوم امين ’فهيم‘ جي وفات تي لکيل

## قطعات

(1)

غمِ باران جي وسڪاري ڇڏيو هالا شهر ٻوڙي،
اُداسي شهر جي هرڪا اُداسيءَ ۾ گهڻي آهي.
احاطي نُوح پرپاسي ٿو ڏسجي سوڳ جو منظر،
رڳو دانهن ۽ سُڏڪن سان شهر ويو گونججي آهي.

(2)

دل ڪُشادي شخصيت ۽ صابرين وڇڙي ويو،
سچ صداقت ۽ شرافت جو امين وڇڙي ويو،
نياز نوڙت خُلق خالق کان مليو مخدوم کي،
محبتي ماڻهو هي ڪيڏو اڄ حَسين وڇڙي ويو.

(3)

دل صَدف جي تون سراسر جان مَرجان بي گمان،
شهنشاهه شانِ شرافت جو امين توکي لِکان،
ڪو لکي اُستاد الشعراء تو سنديون وصفون اَلپ،
بندهِ ناچيز ننڍڙو ڇا لکي سگهندو بيان.

(4)

تخلص فهيم ’تنهنجو نالو امين واهه واهه!
رکيئي پرم ٻنهي جو صد آفرين واهه واهه!
وڏنئي اڳيان تہ سوين تنهنجو قلم چُميو پئي،
قدرت کان توکي مليو حُسن حَسين واهه واهه!

## (نظم)

سرِ راهه ٻَڌڪي صدائون روئن ٿيون،
اجل تي تہ تنهنجي هوائون روئن ٿيون.
لڳو واهُ هجر جو هي طوفان کهڙو،
ادب ۾ ٿي اوندهہ ضيائون روئن ٿيون.
ادب جي چمن مان پيو گل ڇڄي اڄ،
گلن منجهہ هلچل هُڳائون روئن ٿيون.
ڏيئي علم جي هوا ۾ وسائي،
خُتائي سِکيا درسگاهون روئن ٿيون.
هي سنگتي هي ساٿي هي غمگين رستا،
هي هالا شهر جون فضائون روئن ٿيون.
وئين پيار محبت جا موتي پکيڙي،
گهٽيون چونڪ رستا ۽ راهون روئن ٿيون.
ڪچهرين جا ڪوڏيا رهاڻين جا راڻا،
ڪندي ياد دليون ادائون روئن ٿيون.
هُئي ذات تو وٽ لکڻ جي نرالي،
ذخيرو جا لفظي عطائون روئن ٿيون.
سبق سوز واري سنڌو شاعري سڀ،
پڙهڻ ساڻ دل جون ڪَٺائون روئن ٿيون.
جتي تون رهين ۽ لکئي شاعري جت،
اُهي ماڳ تولئي اجهائون روئن ٿيون.
امين جهڙو ڇمندو نہ هالن ۾ هرگز
ڪري ڳالهہ سُڏڪن سان مائون روئن ٿيون.
نہ آهين تہ محفل ۾ ٻاڪاڙ توبن،
رفيقن ۾ پُڻ پُڻ پڇائون روئن ٿيون.
دُعا لاءِ شعراء ڪنيا ٻُڪ اديبن،
اکيون يار ڳُهرندي دُعائون روئن ٿيون.
وڇوڙي هجر ساهہ جهوري جنجهوڙيو،
اکين لڙڪ لارون نگاهون روئن ٿيون.
لکڻ ٿو وڇوڙي تي چاهي ”گدا“ پر،
قلم ٿو ڏکي سِٽ سِٽائون روئن ٿيون.

(بيت)

ڪوڙهيا موٽ مرين، ماريئي کهڙو ماڻهو
مُلهه مهانگو ڪيڏو هي جو موتيءَ داڻو
قيمت ڪَٿ نه ڪنهين، داڻو دام وڪاڻو
داناهه دنگ دليريءَ ۾، هي سورهيه سياڻو
شاعر مُرشد رهبر. ڇاپڻ ڪان هي ڇاڻو
گدا شاهه ويڳاڻو ڏسجي ورتل ڏک ۾.

(بيت)

ڪوڙهيا موٽ مَرين، هي تو ڪيو ڇا،
ڪندي ڏار "فهيم" کي، ڦهل نه پيئي ڪا،
سُونهن سراسر سنڌ جي، سانگين ڪسيئي سا،
جهوري جيءَ جهانگين جا، تو وِلوڙي وِڌا،
جل ٿل سوڳ متا، راڻي لئي راڄن ۾.

(قطعو)

سنڌي ساڌڙن ۽ سڀاجهن تان سائين،
ويو نَستِ شفقت لهي سر متان اڄ،
امين سائين جهڙو چون پيا هي ماڻهو
مهربان مُحسن کو ڳوليون ڪٿان اڄ.

(قطعو)

طالب المولىٰ جي دل ۽ داڻو پڳدار پُٽ،
سرزمين سنڌ جي هو سُونهن ۽ سينگار پُٽ،
مُعتقد يارن مريدن کي ڪري ويو ڇوڙڙو،
ڏيهه ڏوٿين جو سهارو هو اکين جو تار پُٽ.

◙

امداد جسڪاڻي

## (مخدوم امين 'فهيم' کي منظوم پيتا)

# چؤسٽا

ڏنو هن صداقت سنڌو هو پيام،
عدالت شرافت سنڌو هو پيام،
فهيم جا حوالا هزارين هئا،
ڏنو هن محبت سنڌو هو پيام.

❊

شاعر ليبر امين فهيم،
سڀ جو دلبر امين فهيم،
دشمن سان پي مرڪي مليو،
سنڌ جو رهبر امين فهيم.

❊

شال قبوليو ڳلڙن سڏڪن،
لڙڪن جي هي پيٽا منهنجي،
چاهه وفا جا امين سائين،
لفظن جي هي پيٽا منهنجي.

❊

هردم خلق جي خدمت ڪندڙ
رهيو سڀ جو امين، فهيم،
پنهنجي پر ۾ معصوم به هو
ساڌو پر هو حسين، فهيم.

❊

عزم ۾ سخن ۾ محترم،
لکن ۾ وطن ۾ محترم،
ملڻ ۾ ڏسڻ ۾ هيو هو
گلن ۾ چمن ۾ محترم.

❊

ڏک ۾ آ وڻ وڻ هالا جو
دوست ٻڌ سڏڪڻ هالا جو
رب جي سڏ تي اکيون ٻوٽي،
ڏور ويو نه سڄڻ هالا جو.

◙

# مختلف اخبارن جا ايڊيٽوريل

عبادتون آهين پرهيزگار ڪرڻ لاءِ
طالب مولا مرد سي جي سينو نہ ساهين
اوڙون ڏيئي عشق سان قلب کي ڪاهين
اندر واريءَ آگ ۾ پاڻ کي پاهين
رمز سان راهين قريب پنهنجو قلب ۾

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

# مختلف اخبارن جا ايڊيٽوريل

## سياسي ۽ روحاني رڳواڻ مخدوم محمد امين 'فهيم' جو لاڏاڻو

روزاني عوامي آواز، ڪراچي

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو سينيئر ترين اڳواڻ، پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرينز جو چيئرمين، اڳوڻو وفاقي وزير، قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ سروري جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم محمد امين 'فهيم' ڪالهه فجر جو 76 ورهين جي ڄمار ۾ سرطان سان وڙهندي گذاري ويو. پاڪستان هڪ نالي واري، معروف سياسي اڳواڻ کان جدا ٿي ويو. هونئن ته سندن زندگيءَ جو گهڻو عرصو ته سياست جي چٽنگ ذڪائڻ ۽ ان جي ڪري بين لاڳاپيل سرگرمين ۾ رهيو، پر هو پنهنجي والد محترم طالب المولىٰ جيان سنڌي ۽ اردو جو شاعر پڻ هو. ڪيئي زمانا ۽ ڪئين دورن تائين هن جو خُلق، بردباري، فهم و فراست، صبريلي رَوِش ۽ پراعتماد لهجو ملڪ جي سياسي ڪينواس تي سياسي اڳواڻن، پارٽين ۽ انهن جي ڪارڪنن کي ياد رهندو. هو مخدوم نوح رح جو گادي نشين ۽ سروري جماعت جو روحاني پيشوا هو. سنڌ توڙي هند ۾ "سروري جماعت" جا لکين مريد آهن، جيڪي پنهنجي مرشد کان روحاني فيض جي حاصلات جا پابند آهن ۽ گهڻو ڪري سياسي طور ڪنهن به اهڙي پنجوڙ ۾ قيد ناهن، جيئن سنڌ توڙي هند جون ٻيون گاديون ٿين ٿيون.

هالا شهر پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو سنڌ ۾ جنم ڀومي وارو شهر آهي، جڏهن پارٽي جي باني جناب ذوالفقار علي ڀٽي لاهور کان پوءِ سنڌ پارٽي تنظيم لاءِ "هالا ڪنوينشن" وسيلي پنهنجي سياسي تنظيم جي شروعات ڪئي هئي ۽ مرحوم جناب مخدوم طالب المولا ان ڪاج جو ميزبان هو. سياسي طور مخدوم ڪٽنب پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ ڀٽي فيملي کي مخدوم طالب المولىٰ کان وٺي مخدوم امين 'فهيم'، خليق زمان، ڊاڪٽر رفيق زمان، مخدوم جميل الزمان، سعيدالزمان ۽ ٻيون شخصيتون ۽ فرد ڏنا آهن. سندن سراسري ڪردار گهڻو ڪري پيپلزپارٽيءَ جي حمايت ۾، ۽ آمريت جي مخالفتن ۾ رهيو آهي. ڪيئي وقت ان فيملي پارٽي سان "غداري" جي صلي ۾ ملندڙ ڪيئي رعايتون ۽ منصب، چڙهڻ ۾ ڪابہ دير ڪانہ ڪئي. بقول مرحوم مخدوم امين 'فهيم' جي، سندس ئي شعر جي: جي حياتيءَ وفا ڪئي ته سائين، عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

سو سياست جي ميدان تي هو جناب ذوالفقارعلي ڀٽي کان وٺي محترما بينظير ڀٽي صاحبہ تائين ۽ ان کان پوءِ جي پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري تائين ساڻن گڏ رهيو. هن 1970ع کان پارٽي سياست شروع ڪئي ۽ هيستائين اٺ ڀيرا قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو، ٻہ ڀيرا قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جو ميمبر چونڊيو، ٽي ڀيرا وفاقي وزير رهيو. هو ملڪ ۾ جمهوريت لاءِ مختلف سياسي محاذن، سياسي اتحادن جو اڳواڻ ۽ مهندار پڻ رهيو. جڏهن 2002ع ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي مٿان جنرل پرويز مشرف جي آمريت مٿس وارُ ڪيو هو ته موصوف کي مشرفي آمريت کان بچائڻ لاءِ نهيل "پارليامينٽيرينز" جو باني چيئرمين مقرر ڪيو

ويو، جنهن کي هن توڙ تائين نڀايو.

پنهنجي ذات ۾ هن جنهن سان وفا جو حلف کنيو، تنهن سان نڀائي ڏيکاريو ۽ جيڪي به طوفان، تاويلون ۽ تشريحون سندس سامهون آيون، انهن جي هوندي هن پنهنجي وچن جو مانُ رکيو. هو جناب ڀٽي جي قتل وقت به پارٽيءَ ۾ هو ته محترمه جي قتل وقت به ساڻس ان گاڏيءَ ۾ گڏ هو، جڏهن، 27- ڊسمبر 2007ع تي "لياقت پارڪ" راولپنڊي ۾ آخري تقرير کان پوءِ گاڏي ۾ محترمه تي گولين ۽ بمن جو وسڪارو ڪري ڪيس سر عام سر شام قتل ڪيو ويو هو ته محترمه جو سرد ٿيل جسم سندن هنج ۾ ڪريو هو.

قتل جي ان تمام وڏي خوني وارتا کان پوءِ مخدوم امين 'فهيم' صاحب جي سياست توڙي معمول واري سڀاءَ ۾ نمايان تبديليون ڏسڻ ۾ آيون. هو بي ڊپو ۽ بي خوف ته پهريان کان هو، پر هن پنهنجي سموري سڀاءَ ۽ صبر تي سنجيدگيءَ جو فولادي پردو ويڙهي ڇڏيو. هن جي جسم اندر پيدا ٿيندڙ ڏک ۽ سور جي رڳو هن کي ئي خبر رهي جيڪا اڳتي هلي سندس ڪلهي جي ڦٽيءَ وٽ هڏي جي ڪئنسر جي صورت ۾ ظاهر ٿي. ميڊيڪل جي ميدان ۾ ڪنهن به سرطان جي باري ۾ اجا تائين جاکوڙ هلي رهي آهي ته ان جي ٿيڻ جا سبب ڪهڙا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا ۽ جسم ۾ قدرتي گهرڙن سان گڏ غيرضروري گهرڙن جي برق رفتاريءَ سان واڌ جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا.

ڪالهه پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو سڀ کان سينئر اڳواڻ گذاري ويو آهي. هاڻي سياسي ڪيتر ۾ ان پارٽي اندر ڪيئي سينئر ڪارڪن ته موجود آهن، پر اڳواڻن جي ان قطار ۾ ان نوعيت جا سينيئر اڳواڻ بيا نه بچيا آهن. پيپلزپارٽي ان خال کي ڪنهن نه ڪنهن وڏي محنت ۽ اڙانگي سفر سان ئي پورو ڪري سگهي ٿي. ڪالهه مخدوم نوحؒ جي پونئرن منجهان، مخدوم طالب المولا جي وڏي فرزند قبلا مخدوم امين 'فهيم' جي پڄاڻان سروري جماعت توڙي مخدوم فيملي پنهنجي سڀ کان وڏي ۽ سينئر پيشوا کان محروم ٿي ويئي آهي. انهن ٻنهي تي پڻ لازم آهي ته ان ايڏي وڏي خال کي پرڻ لاءِ جماعت توڙي ڪٽنب جا ڀاتي سرتوڙ ڪوششون ڪري پنهنجي نرم سڀاءَ ۽ پنهنجي عوام دوستي جي باري ۾ لائحہ عمل تيار ڪندا ۽ ان تي عمل ڪندا.

❊❊❊

## مخدوم محمد امين 'فهيم' جو وڇوڙو

روزاني مهراڻ، حيدرآباد

مخدوم امين 'فهيم' سياسي تلاءَ ۾ هڪ اهڙو ڪنول ٿي ڪڙيو، جنهن فقط دوستن جي ئي فهرست ناهي. هُن دشمنين ۽ انتقام واري سوچ کي پنهنجي دل جي ويجهو اچڻ به نه ڏنو. هو سياسي انائن جي سخت خلاف هو. هُن کي هر مشڪل گهڙيءَ ۾ عوام سان گڏ ڀاتو ويو. پوءِ اُهي 2010ع واري ٻوڏ جا ڏهاڙا هجن يا ملڪ ۾ سياسي ڏڪار جا ڏهاڙا هن پاڻ کي ڪڏهن به عوام کان پرڀرو نه ڪيو. هاڻ هالا توڙي آسپاس جا لکين ماڻهو مشڪل گهڙيءَ ۾ سندس ڪميءَ کي شدت سان محسوس ڪندا، جو هُن پنهنجي عملي ڪوشش سان نه رڳو اُنهن جي واهر ڪئي پر ڪين احساس به ڏياريو ته اُهي اڪيلا ناهن. اڄ انهن ماڻهن جي ذهنن ۾ ضرور اُهي منظر ڦرندا هوندا، جڏهن مخدوم پاڻ دريائي ٻوڏ جي خطري کي نظر ۾ رکندي بندن جي سنڀال ڪرائي.

ايترو ئي نه پر هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمه شهيد جي انهن وفادار ساٿين مان هو، جن کي دنيا جي ڪا به لوڀ موهي نه سگهي، جنهن وزارت عظميٰ جهڙي اعلىٰ عهدي کي فقط ان ڪري ٺڏي ڇڏيو، جو اُن جي بدلي ڪيس پنهنجون وفاداريون مٽائڻ جو چيو ويو؛ پر هُن پنهنجي فهم سان ثابت ڪيو، ته نڀائڻ کان وڌيڪ ڪو به اعزاز نٿو ٿي سگهي. توڻي جو سندس حوالي سان پيپلزپارٽيءَ جي موجوده قيادت تي هڪ ميار نهي ٿي ته اُن محترمه جي اُن ڳالهه کي پاڙي نه ڏنو، جنهن ۾ محترمه ڪيس مستقبل لاءِ وزيراعظم نامزد ڪيو هو، پر اُهي واعدا ئي ڪهڙا جيڪي وفا ٿين ۽ جڏهن واعدي ڪرڻ واري ئي نه رهي ته پوءِ باقي ٻين تي ميار ڪهڙي!؟

باوجود اُن جي مخدوم امين 'فهيم' نہ رڳو پارٽيءَ سان نڀاهيو پر آخري وقت تائين هو ثابت قدم رهيو.

سندس وڇوڙو جتي پارٽيءَ وارن لاءِ خال آهي، اُتي سنڌ پڻ سندس وڇوڙي تي ويڳاڻي ڏسجي پئي، جو آهستي آهستي سنڌ مان قدرن ۽ روايتن جا امين پلاٽيندا وڃن پيا. هن موقعي تي اسين پنهنجي اداري پاران سندس پونئرن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ ڏڻيءَ در دعاگو آهيون تہ خدا تعاليٰ کيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

***

## مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو! سنڌ هڪ سباجهي شخصيت کان محروم ٿي وئي!

روزاني عبرت، حيدرآباد

سنڌ پنهنجي ڪُک مان سدائين اهڙيون شخصيتون جنميندي رهي آهي، جيڪي نہ رڳو پنهنجي علائقي پر پرڏيهہ وارن لاءِ بہ فخر جو باعث هونديون آهن. اهڙي ئي هڪ سباجهي شخصيت ڪالهہ صبح ڏاري اُن حقيقي راهہ جي راهي بڻي، جنهن تي هر ساهہ واري کي هڪ ڏينهن هلڻو آهي.

انهيءَ شخصيت جي وڇوڙي رڳو سندن مريدن جون دليون ئي ميڙ نہ ڪيون پر هر هڪ سنڌ واسيءَ جي اک ۾ آلاڻ آهي. سياست ۾ صبر ۽ سهپ جي انتها ڪي ڇُهندڙ اُن شخصيت کي دنيا مخدوم امين 'فهيم' جي نالي سان سڃاڻي ٿي. هو جيڪو محبتن جو امين هو، جنهن سدائين امن ۽ شانتيءَ جو درس ڏنو، جنهن کي پنهنجي سباجهائپ سان مخالفن جون پهڻ ٿيل دليون بہ ريجهائڻ ايندڙيون هيون، جنهن پنهنجي گفتار ۾ شائستگيءَ جو اهڙو تہ مثال قائم ڪيو جو وڏا اڪابر ۽ اديب بہ سندس آڏو دنگ رهجي ويا. هُن سياست کي بہ شاعريءَ جيئن اپنايو، جنهن ۾ فقط محبتن جي اپٽار ڪبي آهي، جنهن ۾ جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪبو آهي. سروري جماعت جي اوٽيهين گادي نشين جي حيثيت ۾ هُن جيڪو ڪردار ادا ڪيو سو صدين تائين ياد رکيو ويندو.

***

## 'امين' ۽ 'فهيم' جو وڇوڙو

روزاني سرواڻ، ڪراچي

سروري جماعت جو روحاني پيشوا درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم سرور نوحؒ جو ارڙهون گادي نشين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جو صدر مخدوم محمد امين 'فهيم' المعروف ڏاڏا سائين ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد 76 ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ جي سائوٿ سٽي اسپتال ۾ ڪالهہ صبح سوير لاڏاڻو ڪري ويو. سندس جسد خاڪي ڪراچيءَ کان ايمبولينس ذريعي هالا آندو ويو، جتي جنازي نماز بعد درگاهہ سرور نوح ۾ سندس والد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي پيرانديءَ ۾ هزارين مريدن، پ پ ڪارڪنن، مخدوم خاندان جي فردن جي موجودگيءَ ۾ سڏڪن ۽ اوڇنگارن ۾ مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ سمهاريو ويو. سندس جنازي نماز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ، اڳوڻي وزيراعظم راجا پرويز اشرف، اپوزيشن ليڊر خورشيد شاهہ، ايم.اين.اي غلام مصطفىٰ شاهہ، ملڪ اسد سڪندر، اسپيڪر آغا سراج خان دراني، گهرو وزير سهيل انور سيال، ناڻي واري وزير مراد علي شاهہ، وزير اطلاعات نثار کهڙي سميت بين اڳواڻن شرڪت ڪئي.

مخدوم امين 'فهيم' سياسي زندگيءَ جي شروعات، ذوالفقار علي ڀٽي جي چوڻ تي ڪئي ۽ هو پهريون ڀيرو 1970ع وارين چونڊن ۾ ٺٽي مان ايم.اين.اي چونڊيو ويو، ان کان پوءِ هو 1977، 1988، 1990،1993، 1997، 2002، 2008ع ۽ 2013ع جي چونڊن ۾ هالا- مٽياري تڪ تان ايم.اين.اي چونڊيو. ضياء دور ۾ پارٽي فيصلي تحت هو 1985ع عام چونڊن ۾ اميدوار نہ هو.

پنهنجي والد مخدوم طالب المولىٰ وانگر مخدوم امين 'فهيم' کي گهڻو اولاد آهي، کيس ڇهہ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ آهي. سندس وڏو پٽ مخدوم جميل الزمان نہ فقط سٺو سياستدان پر سٺو شاعر ۽ محقق بہ آهي. سندس ٻيو پٽ مخدوم شڪيل الزمان

سينيئر سول بيوروڪريٽ آهي. مخدوم نجيب الزمان لنڊن مان تعليم حاصل ڪري ٻاهر ڪاروبار ڪري رهيو آهي. سندس چوٿون پٽ ابو محمد سنڌ يار آهي، دينا ليليٰ مان سندس اڪيلي ڌيءُ برمنگهم يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري چڪي آهي.

مخدوم امين 'فهيم' ملڪ جو واحد سياست دان آهي، جنهن کي حڪومت، مخالف ڌر ۽ اسٽبلشمينٽ ۾ هڪ جهڙي ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ضياءُ الحق جي دور کان وٺي وزيراعظم جو عهدو سندس پويان هو پر هو پارٽي سان وفادار رهيو. سنڌ جي سمورن سياسي ۽ غير سياسي وڏيرن سان سندس ياري ڪنهن کان به ڳجهي ناهي، پارٽيءَ جي منع ڪرڻ باوجود هن جام صادق، پير پاڳاري ۽ شاهنواز جوڻيجي سان ناتا نه ٽوڙيا.

ڪيس راڳ رنگ، شاعري ۽ شڪار سان خاص دلچسپي هئي. سندس ولادت 4- آگسٽ 1939ع تي هالا ۾ ٿي. هي اڃا ٻن سالن جو هو ته سندس امڙ هن فاني دنيا مان موڪلائي وئي. هن قانون جو پڙهڻ امتحان پاس ڪيو پر هن قانون کي پنهنجو پيشو نه بڻايو. مخدوم امين 'فهيم' چار شاديون ڪيون جن ۾ پهرين شادي 21- جون 1957ع ۾ اوڻويهه سالن جي عمر ۾ پنهنجي خاندان مان ڪئي. ٻئي شادي بنگال سان تعلق رکندڙ هڪ ايئر هوسٽس دينا ليليٰ سان ڪئي. ٽئين شادي ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙ عورت سان ڪئي.

1969ع ۾ لنڊن ۾ مخدوم امين 'فهيم' جي ملاقات پيپلزپارٽي جي باني ۽ اڳوڻي وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي سان ٿي، تنهن بعد هن پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. هن جو والد مخدوم طالب المولىٰ پيپلزپارٽيءَ جو سينيئر وائيس چيئرمين به رهيو. مخدوم خاندان ابتدا کان اڃا تائين پيپلزپارٽيءَ سان نڀائيندو پيو اچي. جنرل ضياءُ الحق ۽ جنرل پرويز مشرف پاران اعليٰ عهدن جي آڇ باوجود به پيپلزپارٽي جي ساٿ ڇڏڻ کان انڪار ڪيو.

***

## مخدوم محمد امين 'فهيم' جو وڇوڙو ۽ پيدا ٿيل هڪ خال

روزاني مهراڻ، حيدرآباد

اڄ سڄي سنڌ سوڳوار آهي، سنڌ جو املهه هيرو سنڌ واسين کان سدائين لاءِ وڇڙي هڪ اهڙي منزل ڏانهن راهي ٿي چڪو آهي، جتان اڄ تائين ڪو به واپس نه آيو آهي. سروري جماعت جو روحاني پيشوا، پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ، شاعر اديب ۽ وفاداري جو هڪ مثال رکندڙ ناياب موتي اسان کان هميشه لاءِ وڃائجي چڪو آهي. هونئن به ڪي شخصيتون تاريخ کي پنهنجن هٿن سان لکنديون آهن ۽ ڪجهه شخصيتن کي تاريخ، پنهنجن ورقن ۾ پاڻ ئي جاءِ ڏيندي آهي. مخدوم امين 'فهيم' به انهن مان هڪ هو، جنهن جي سڄي زندگي کي سونهري اکرن سان لکيو ويندو.

مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي سياسي ڪيريئر ۾ جنهن ثابت قدمي سان پنهنجي موقف تي اٽل رهي، جهڙي ريت اصولن تي زندگي گذاري، اها انهن سڀني سياستدانن لاءِ هڪ مثال آهي، جيڪي وقت ۽ حالتن جي گرم سرد هوائن کي برداشت ڪرڻ بجاءِ ڊنڊ جي پکين وانگر سياسي تلائن جا ڪپر مٽائيندا رهندا آهن. مخدوم امين 'فهيم' جنهن کي مرحوم لکندي اسان جا هٿ ڪنبن ٿا ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته اهو اڄ به اسان سان گڏ آهي.

هونئن به تاريخي شخصيتون جسماني طرح ته اسان کان ظاهري طور تي ته جدا ٿي وينديون آهن پر صدين تائين ائين پاسندو آهي جڻ ته اهي شخصيتون اڄ به اسان سان گڏ آهن ۽ اسان جي رهنمائي ڪري رهيون آهن. مخدوم امين 'فهيم' به انهن ئي شخصيتن مان هڪ هو، اهي شخصيتون پنهنجن اصولن کي ٻين تي ٿاڦڻ کان سدائين پاسو ڪنديون آهن ۽ پنهنجن تجويزن کي ان انداز ۾ پيش ڪنديون آهن جو اڳيون ماڻهو پنهنجين تجويزن کي پاڻ ئي تبديل ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. مخدوم امين 'فهيم' جي سياست جو انداز پڻ ڏٺيءَ جي ان شعر جي مڪمل عڪاسي هو ته ' مون کي

مون پرين ہڏي وڏو تار ۾، اپا ائين چون تہ متان پاند پسائيين'.

پاڪستان ۽ سنڌ جي سياست جي گدلي تلاءَ ۾ هر طرف سياسي مانگر مڇن جي وڌندڙ تعداد هوندي بہ مخدوم امين 'فهيم' پاڻ کي نہ رڳو تڪراري ٿيڻ کان بچائي رکيو پر ڪنهن بہ سياسي واڳون يا مانگر مڇ کي ايتري همت نہ ٿي جو اهو سنڌس پاڇولي کي بہ ڪو نقصان پهچائي سگهي. جڏهن تہ سياست جي گدلي تلاءَ ۾ نيل ڪنول جو گل بڻجي رهڻ ڪنهن عام ماڻهو جي وس کان ڳالهہ مٿي هوندي آهي. چوندا آهن تہ آسمان تي اڏامندڙ هڪ پکي جنهن جو نالو هما آهي، ان جو پاڇولو جنهن بہ شخص تي پوندو آهي تہ اهو ملڪ جو حڪمران ٿيندو آهي. مخدوم امين 'فهيم' اهو شخص هو جنهن جي مٿي تي هر وقت هما پکي جو پاڇولو رهندو هو، پر هن ملڪ جو وزيراعظم ۽ صدر ٿيڻ کان وٺي هر ان آچ کي ٺڏي ڇڏيو، جيڪا آچ ڪيس بيوفائيءَ جي صلي ۾ وقت جي حڪمرانن طرفان ٿيندي رهندي هئي. مخدوم امين 'فهيم' جو هڪ شعر آهي"گويا بيهر خطا ڪري ڏسبي، جي حياتي وفا ڪئي تہ 'فهيم' عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي".

مخدوم امين 'فهيم' جي ان شعر مان سنڌس اندر جي انهن اڌمن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو جيڪي ان جي دل کي هر وقت ولوڙيندا رهندا هئا. سنڌس سڄي سياسي ۽ غير سياسي زندگيءَ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اها ڳالهہ ضرور سامهون اچي ٿي تہ هو پنهنجي زندگي ۾ "وفا" کي وڏي اهميت ڏيندو هو، اها وفا سياست ۾ هجي يا عام زندگي ۾، هو انتها تائين وفاداريءَ جو قائل هو.جيتوڻيڪ اڪثر ڀيرا اهي خبرون بہ ٻڌڻ لاءِ ملنديون هيون تہ هن جا پيپلز پارٽيءَ جي اندر ڪجهہ اختلاف پيدا ٿيا آهن يا هو پارٽيءَ کي ڇڏڻ وارو آهي، پر اهي خبرون جنهن رفتار سان پکڙنديون هيون، ان ئي رفتار سان دم ٽوڙي وينديون هيون.

اهڙي ئي صورتحال کي جيڪڏهن سنڌس ئي شعر کي سامهون رکي جڏهن جائزو وٺجي ٿو تہ اها ڳالهہ بہ سمجهي سگهي ٿي تہ جڏهن بہ ڪا اهڙي صورتحال سنڌس سامهون ايندي هئي يا اختلافن يا نظرانداز ڪرڻ واريون خبرون عام ٿينديون هيون، تڏهن هن جي پنهنجي دل جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي هئي جيڪا سنڌس هن شعر مان بہ پرکي سگهجي ٿي. ناهي جاءِ هجت جي، مان ڪيئن گستاخ ٿي چوندس، رسائڻ خوب ٿو ڄاڻين، پر پرچائڻ نہ ٿو ڄاڻين يا سنڌس هن شعر کي جيڪڏهن ڏسجي ٿو تہ اهو بہ سنڌس دل جي ڪيفيت کي مڪمل طرح بيان ڪندو نظر اچي ٿو، مون جنهن جي ذات کي هر وقت زندگي سمجهيو اسان جو پيار وڃي پهتو انتها تي 'فهيم'، زماني ساري اڃا تائين ان کي سرسري سمجهيو."

مخدوم امين 'فهيم' هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هئي. هن جي زندگيءَ جي هر هڪ رخ تي جيڪڏهن لکڻ ويهجي تہ ڪيئي ڪتاب لکجي وڃن، اسان مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪندي ڏٽيءَ در دعاگو آهيون تہ شال ڏٽي پاڪ ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏي ۽ سنڌس خاندان ۽ سروري جماعت جي مريدن، دوستن، سياسي ۽ غير سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي هيءُ دلي صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق فرمائي. آمين

***

## تاريخ ساز شخصيت جو وڇوڙو

روزاني سنڌو حيدرآباد

هن دنيا جو ٻيو نالو فنايت آهي ۽ فنايت نہ هجي ها تہ دنيا جو هلڻ مشڪل بڻجي پئي. هر شئي کي فنا آهي ۽ هر چيز کي پنهنجو مقرر وقت پورو ڪري ان طرف وڃڻو آهي، جتان هر ڪوئي اچي ٿو. جتي وڃي وري واپس نہ اچبو آهي. شهيد بينظير ڀٽي کان پوءِ ٻي ڪا وڏي سياسي شخصيت چئجي تہ اهو مخدوم امين 'فهيم' آهي، جيڪو هڪ معتبر خاندان سان تعلق رکي ٿو پر ان جي خدمتن کي ڏسجي تہ ڪو بہ ماڻهو ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو.

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو روح روان ۽ مخدوم خاندان جو موجوده وقت ۾ وڏو ۽ ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ جهڙو مخدوم امين 'فهيم' طويل وقت کان علالت کان پوءِ رات جي پوئين پهر وڳڙي ۾ هي جهان ڇڏي چڪو آهي. اهڙي خبر جڏهن ٻاهر نڪتي ته ڪن پل ۾ ملڪ تائين پکڙجي وئي. مخدوم امين 'فهيم'جماعت سروري جو روحاني اڳواڻ هو پر هو هڪ معتبر سياسي شخصيت پڻ رهي چڪو آهي. مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي ڪٽنب، پنهنجي روحاني جماعت ۽ پنهنجي سياسي جدوجهد سان خوب نڀايو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان هڪ دفعو پنهنجو لاڳاپو جوڙيو ته وري نه ٽوڙيو. ذوالفقار علي ڀٽي شهادت ماڻي ته مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي جاءِ تي رهيو ۽ جڏهن محترمه بينظير ڀٽي جي المناڪ شهادت جو واقعو پيش آيو ته تڏهن به مخدوم امين 'فهيم' هيڏانهن هوڏانهن نه ٿيو. هو پاڪستان پيپلزپارٽي جو صدر هو ۽ سموري تنظيم کي خوش اسلوبيءَ سان هلائي رهيو هو.

محترمه بينظير ڀٽي جي شهادت کان پوءِ هر ڪنهن کي اندازو هو ته پارٽيءَ ۾ اهڙي ڪا ٻي شخصيت نه آهي جيڪا هن پارٽي کي سهارو ڏيئي سگهي ۽ مخدوم امين 'فهيم' پارٽيءَ ۾ ڪيترائي بحران پيدا ٿيڻ باوجود بحرانن کان پاڻ بچائيندو اڳتي وڌندو ويو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان پوءِ به بحران پيدا ٿيو ۽ ٻن مظلوم عورتن سان جدوجهد ۾ گڏ ٻيهي پنهنجو وارو وڄايو. ايم.آر.ڊي جهڙي خوفائتي ۽ لازوال جدوجهد ۾ مخدوم امين 'فهيم' خوب نڀايو، توڙي جو ڀهرين وزير اعظم جي وڃڻ کان پوءِ ڪيترائي اهڙا ماڻهو جن ۾ ڀروسو هو ته هو پيپلزپارٽيءَ جو ساٿ نه ڇڏيندا پر ساٿ ڇڏي ويا ۽ مخدوم امين 'فهيم' هو جيڪو محترمه نصرت ڀٽي ۽ شهيد بينظير ڀٽي سان گڏ گڏ رهيو.

اها سندس نياز نوڙت ۽ جدوجهد هئي جو پارٽيءَ جي هر ماڻهوءَ کان کيس وڏي عزت ملندي رهي. پارٽي جا ميمبر توڙي عهديدار هجن يا عوام هجي، بهرحال ان سڀني کي مخدوم امين 'فهيم' سان هڪ اڻ لکي محبت هئي جيڪا هن سياسي شخصيت جي حصي ۾ آئي. سندس ادبي خدمتن ۾ جي حوالي سان ڪا اهڙي شئي منظر عام تي نه آئي آهي پر هو مخدوم طالب المولىٰ جو فرزند هو، جنهن جو ان تي اثر ضرور پيو هوندو ۽ ڪجهه نه ڪجهه ضرور لکيو هوندو.

پاڪستان پيپلزپارٽي حقيقت ۾ سندس هڪ وڏي شخصيت کان محروم ٿي وئي آهي، جڏهن ته سروري جماعت کان پڻ ڄڻ گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَ کسجي وئي آهي. مخدوم امين 'فهيم' جو خال ڪير به پري نه سگهندو. هن کي سدائين ياد رکيو ويندو.

***

## مدبر سياستدان مخدوم امين 'فهيم' جو لاڏاڻو

روزاني سوڀ، ڪراچي

پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جو صدر، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو سينئر وائيس چيئرمين ۽ سروري جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم امين 'فهيم' ڊگهو عرصو بيمار رهڻ کان پوءِ ڪالهه 76 ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. مخدوم امين 'فهيم' کي بلڊ ڪينسر سبب ڪجهه عرصو اڳ پرڏيهه علاج لاءِ موڪليو ويو هو، جتان کيس واپس ڏيهه آندو ويو، جنهن بعد ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال ۾ سندس علاج هلندڙ هو، جتي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو. پيپلزپارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ مخدوم خاندان سان تعزيت جو اظهار ڪندي وڇوڙي کي شهيد محترمه بينظير ڀٽي جي شهادت بعد پيپلزپارٽي لاءِ هڪ وڏو نقصان قرار ڏيندي چيو آهي ته مخدوم امين 'فهيم' پيپلزپارٽيءَ جو اثاثو هو، امين 'فهيم' پارٽيءَ لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون، جن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي.

جڏهن ته پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽي زرداري مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي تي

يومِ سوڳ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته مخدوم امين 'فهيم' جي وڇوڙي سان پيدا ٿيل خال پرجڻ ڏکيو آهي. هو پيپلزپارٽيءَ جو اثاثو ۽ هڪ اهم اڳواڻ هو.

مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي جي خبر سان سڄيءَ سنڌ ۾ سوڳ واري لهر ڇانئجي وئي آهي. سوڳ ۾ هالا سميت سنڌ جا ڪيترائي شهر بند ٿي ويا. ملڪ جي سياسي فضا پڻ سوڳوار بڻجي وئي آهي. مخدوم امين 'فهيم' جو مڙهه ڪراچيءَ کان ابائڻي علائقي هالا آندو ويو، جتي درگاهه مخدوم سرور نوح رحه جي احاطي ۾ سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽي زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه، اپوزيشن ليڊر سيد خورشيد احمد شاهه، اڳوڻي وزير اعظم راجا پرويز اشرف، صوبائي وزيرن ۽ مختلف سياسي، سماجي شخصيتن سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي.

مخدوم امين 'فهيم' کي سندس والد مخدوم طالب المولىٰ جي پيرانديءَ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته وزير اعظم نواز شريف سميت ملڪي سياسي قيادت مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو ملڪ لاءِ وڏو نقصان آهي.

4- آگسٽ 1939ع ڌاري هالا ۾ جنم وٺندڙ مخدوم امين 'فهيم' سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي گهراڻي سان تعلق رکندڙ هڪ عظيم انسان ۽ مدبر سياستدان هو. هڪ خوبصورت خيالن جوشاعر به هو ته ماڻهن کي حق سچ جي سڌي راهه تي هلڻ جي تلقين ڪندڙ درگاهه سرور نوح رحه جو 18 هون گادي نشين به هو. مخدوم امين 'فهيم' پاڪستان ۾ چوٽيءَ جو سياستدان هو، جيڪو پنهنجي نرم مزاج ۽ اثر انداز ٿيندڙ شخصيت جي ڪري سمورين سياسي جماعتن لاءِ انتهائي احترام لائق ۽ غير تڪراري شخصيت هو.

سندس زندگيءَ جو وڏو عرصو ساهه جي آخري گهڙي تائين سياست سان لاڳاپيل رهيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان ويندي شهيد بينظير ڀٽو ۽ ان جي شهادت کان پوءِ پيپلزپارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽي زرداري سان سياسي سفر ۾ اهڙو ساٿ نڀايو، جنهن جو سياست جي دنيا ۾ مثال ملڻ ئي مشڪل آهي. مخدوم امين 'فهيم' اها عظيم سياسي شخصيت هئي، جنهن سياسي ڪيريئر ۾ ڪڏهن به ڪنهن جي هٿان شڪست نه کاڌي. 1977، 1988، 1990، 1993، 1997، 2002، 2008، ۽ 2013 جي عام چونڊن ۾ 8 ڀيرا مٽياري مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، جيڪو چونڊن جي سياسي تاريخ ۾ هڪ رڪارڊ آهي ته هن ڪڏهن به انهيءَ تڪ تان نه هارايو. جڏهن ته ان کان اڳ 1970ع ۾ ٿيل عام چونڊن ۾ به مخدوم امين 'فهيم' ٺٽي ضلعي مان قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي وڏيءَ اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي هئي ۽ پيپلزپارٽيءَ جي وفاقي حڪومتن جي مختلف دورن ۾ وفاقي وزير پڻ رهيو.

آمر ضياءُ الحق جي زماني ۾ ٿيل غير جماعتي بنيادن تي چونڊن ۾ پڻ مخدوم امين 'فهيم' پارٽي قيادت جو ساٿ ڏيندي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو. ملڪي سطح جي سياست ۾ اثر انداز مدبر سياستدان هجڻ ڪري ڪيس ڊڪٽيٽر ضياءُ الحق ۽ ڊڪٽيٽر مشرف جي دور ۾ 3 ڀيرا وزارت عظميٰ جي آڇ ٿي هئي، جيڪا هن ٺڏي ڇڏي ۽ پيپلزپارٽيءَ سان سياسي نينهن جو ناتو ڪڏهن به نه ٽوڙيو. مخدوم امين 'فهيم' جون ملڪ ۾ جمهوريت لاءِ وڏيون قربانيون آهن

هن ضياءَ جي آمريت سان مهاڏو اٽڪايو، مشرف جي مارشل لاءِ خلاف سگهاري جدوجهد دوران سختيون برداشت ڪيون پرڪڏهن به عوامي سياسي اصولن کان منهن نه موڙيائين. سياست ۾ هميشه ثابت قدم رهيو. عوام جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ سندس وڏيون مثالي خدمتون آهن. سندس سياسي خدمتن کي پاڪستان جي تاريخ ۾ هميشه ياد رکيو ويندو. اسان هن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو جتي مخدوم خاندان، سروري جماعت جي مريدن ۽ پيپلزپارٽي لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي، اتي سنڌس وڇوڙو هن ملڪ ۽ عوام لاءِ به ڪنهن وڏي نقصان کان گهٽ ناهي. سنڌس وڇوڙي سان پيدا ٿيل خال پرجڻ مشڪل آهي. مخدوم امين 'فهيم' جون خدمتون سدائين عوام جي دلين ۾ زنده رهنديون.

***

## جمهوريت پسند اڳواڻ جو وڇوڙو

روزاني هلچل حيدرآباد

هالا ۾ موجود مخدوم امين 'فهيم' جي تڏي تي ٻئي ڏينهن به تعزيت جو سلسلو جاري رهيو. ان موقعي تي اڳوڻو وزير اعظم مير ظفر الله جمالي، اڳوڻو وزير اعظم يوسف رضا گيلاني، پ پ جو ترجمان فرحت الله بابر، شهريار خان مهر، صوبائي وزير زراعت علي نواز مهر، سينيٽر هري رام ڪشوري لال، ايم اين اي عبدالستار بچاڻي، صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي، رحمان ملڪ، احمد علي خان پتافي، سميت پاڪستان پيپلزپارٽي جا هزارين ڪارڪن، سروري جماعت جا مريد ۽ بلدياتي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ پاڪستان پيپلزپارٽي اميدوار وفدن جي صورت ۾ تعزيت لاءِ پهتا. واضح رهي ته سڀاڻي مرحوم مخدوم امين 'فهيم' جي ٽيجهي جي رسم ادا ڪئي ويندي. جڏهن ته ان موقعي تي 19هين سجاده نشين جي دستاربندي پڻ ڪئي ويندي.

مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي تي پيپلزپارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر ايم اين اي اياز سومري ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي سان پيپلزپارٽي ۾ خال پيدا ٿي ويو آهي جيڪو پرجي نه سگهندو. مخدوم امين 'فهيم' نه فقط پيپلزپارٽيءَ جو سرمايو هو پر ملڪ هڪ سچي جمهوريت پسند اڳواڻ کان محروم ٿيو آهي. مخدوم امين 'فهيم' آمريت جي هر دور ۾ جمهوريت ۽ پيپلزپارٽي سان ساٿ نڀايو ۽ ڀٽائي جي چوٽي ته وفا جو دامن محلات ڏسي نه ڇڏيو ۽ آمريت جي دور ۾ وڏي کان وڏي عهدي کي به ٺڪرائي شهيد محترمه سان وفا ڪئي. هن چيو ته مخدوم امين 'فهيم' ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽي جو انتهائي بااعتماد ساٿي هو ۽ اهو ئي سبب آهي جو شهيد محترمه پنهنجي جلاوطنيءَ دوران پيپلزپارٽيءَ جون واڳون مخدوم امين 'فهيم' جي حوالي ڪيون ۽ مخدوم امين 'فهيم' پڻ اهي ذميواريون احسن طريقي سان نڀايون. پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي لاڙڪاڻي مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو، جنهن ۾ تعلقي لاڙڪاڻي جي يونين ڪائونسلن جي صدرن، جنرل سيڪريٽرين، تعلقي لاڙڪاڻي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تعزيتي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي تعلقي لاڙڪاڻي جي صدر حاجي مظهر علي جوڻيجي چيو ته مخدوم امين 'فهيم' جي لاڏاڻي سان پيپلزپارٽي هڪ وفادار اڳواڻ کان محروم ٿي وئي آهي. سنڌس وڇوڙو پارٽي ۽ ڪارڪنن کي ڏک ڏئي ويو آهي، جنهن جو ڏک جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڪي لفظ ڪونه ٿا ملن.

مخدوم امين 'فهيم' هڪ گهڻ پاسائن شخصيت جو مالڪ هئڻ سان گڏ پارٽيءَ سان هر ڏکئي دور ۾ ساٿ نڀائي پيپلزپارٽي کي جائز مقام ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ سنڌس ڪيل خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن. پيپلزپارٽي جي قيادت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هجي يا شهيد محترمه بينظير ڀٽو هجي يا موجوده قيادت هجي، مخدوم امين 'فهيم' کي انتهائي قدر جي نگاهه سان ڏسندي رهي آهي ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو مخدوم امين 'فهيم' تي انتهائي اعتماد ڪندي هئي ۽ اهو ئي سبب هو جو محترمه پنهنجي جلاوطنيءَ دوران ملڪ ۾ پارٽيءَ جون واڳون مخدوم امين 'فهيم' جي حوالي ڪيون ۽ امين 'فهيم' پڻ محترمه جي اعتماد تي منديءَ تي ٺڪ جيان پورو لٿو ۽ آمريتن جي دور ۾ ڪنهن به لالچ ۾ نه آيو، پيپلزپارٽي ۽ محترمه جو سچو ساٿي هجڻ جو ثبوت ڏنو، جنهن تي محترمه بينظير ڀٽو

سميت پوري پارٽي ناز ڪري ٿي ۽ مخدوم امين 'فهيم' جي عزت ۽ اهميت نہ فقط پيپلزپارٽيءَ جي قيادت ۽ ڪارڪنن ۾ هئي پر هن ملڪ جي هر مڪتبہ فڪر ۾ هئي ۽ سندس وڇوڙي جو خال پرجي نہ سگهندو.

❊❊❊

## مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو

روزاني سڪار ڪراچي

پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جو سربراهہ، سينئر سياستدان ۽ روحاني شخصيت مخدوم امين 'فهيم' هن دنيا ۾ هاڻي ناهي رهيو. بلڊ ڪينسر جي بيماريءَ سان زندگيءَ جي بقا جي جنگ وڙهندي وڙهندي 76 سالن جي عمر ۾ هو ڪراچي جي مقامي اسپتال ۾ ڏٺيءَ کي پيارو ٿي ويو. مخدوم امين 'فهيم' لنڊن جي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو پر سندس خواهش تي کيس پاڪستان منتقل ڪيو ويو ۽ ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هن آخري گهڙيون گذاريون ۽ مختلف شخصيتن سان هڪ طرح سان الوداعي ملاقاتون بہ ڪيون. چاڪاڻ جو مخدوم امين 'فهيم' جي ڪراچي منتقلي ڪان پوءِ اهي رپورٽون هيون تہ پرڏيهہ مان ڊاڪٽرن پاران لا علاج قرار ڏيڻ بعد مخدوم امين 'فهيم' جي خواهش هئي تہ هو آخري گهڙيون پنهنجي ڌرتي تي گذاري ۽ توڙي جو چيو پئي ويو تہ مخدوم صاحب کي طبعيت ۾ ٿوري بهتري بعد واپس پرڏيهہ منتقل ڪيو ويندو پر خاص بهتريءَ جا آثار نظر نہ پئي آيا ۽ تازو ڪيس اٽيون بہ آيون هيون، جنهن کان پوءِ طبعيت ۾ سڌارو نہ آيو ۽ هو لاڏاڻو ڪري ويو.

امين 'فهيم' 4- آگسٽ 1939ع تي هالا ۾ اک کولي، کيس پيپلزپارٽي سان وابستگي ڇڻ تہ ورثي ۾ ملي هئي. سندس والد مخدوم طالب المولیٰ پيپلزپارٽيءَ جي باني ۾ هو ۽ سينئر نائب صدر بہ هو. اهڙي طرح مخدوم امين 'فهيم' پڻ پيپلزپارٽيءَ جو سينئر نائب چيئرمين ۽ پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جو صدر هو. هن هميشہ محترمہ بينظير ڀٽي جو اعتماد حاصل ڪيو ۽ کيس محترمہ جو انتهائي ڀروسي جو ڳو ساٿي تصور ڪيو ويندو هو. هن محترمہ جي اعتماد کي آخر تائين هاجو رسڻ نہ ڏنو ۽ سياست جي ميدان ۾ مختلف موقعن تي لاهن چاڙهن باوجود پيپلزپارٽيءَ سان فل ٽائيم ڪمٽمينٽ قائم رکي. شڪايتن، مسئلن ۽ وقتي رنجشن باوجود هن پيپلزپارٽيءَ سان آخري دم تائين ساٿ نڀايو. جڏهن محترمہ جلاوطن هئي تہ مخدوم امين 'فهيم' پيپلزپارٽي لاءِ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ آمريت جي دور ۾ پارٽي توڙي پارٽي قيادت کي پيش ايندڙ مشڪلاتن جي ازالي جون ڪوششون ڪيون. جنهن ۾ هو ڪامياب بہ ويو. مختلف دور ۾ خاص طور تي پرويز مشرف جي دور ۾ کيس وزارت عظميٰ ڪان ويندي ٻين اهم عهدن جي بہ آڇ ٿي پر هن ڪرسين تي پيپلزپارٽي ۽ ان سان سچائيءَ کي اُتم رکيو. سموريون آڇون ٺڪرائي شهيد ڀٽي ڪان اڄ بلاول ڀٽي زرداريءَ تائين پيپلزپارٽيءَ سان وفا جو عهد عملي طور نڀايو. امين 'فهيم' سياست جي ميدان ۾ روحانيت جي ميدان يا وري ذاتي زندگي جي ميدان ۾ انتهائي صبر ۽ تحمل، غير تڪراري، قابلِ احترام شخصيت ليکيو وڃي ٿو ۽ جيڪي خدمتون ان سرانجام ڏنيون آهن، جهڙي ريت پارٽيءَ سان سچائيءَ سان نڀايو آهي، ايندڙ وقت ۾ بہ کيس اهڙي عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان نہ رڳو ڏٺو ويندو پر اهو چوڻ ڏاڍو مشڪل آهي تہ ڪير سندس خال نہ پري سگهندو.

پنهنجي ٿڌي طبعيت جي ڪري هن پارٽي اندر تہ ماٺهن جي دلين ۾ جاءِ ناهي پر سياسي مخالفن کي بہ نرم لهجو ۽ نرم پاليسي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. اڄ هو اسان ۾ ناهي رهيو پر سندس غير تڪراري زندگي، سندس شاعري، سندس اصولن ۽ سندس غير تڪراري ڪيريئر نہ رڳو پيپلزپارٽي پر سياسي سوچ رکندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ رهنمائي جي حيثيت رکندو. اهڙا سچا جيالا جيڪي هر لالچ کي ٺڪرائي پارٽيءَ سان وابستگي کي اهميت ڏين ٿا، ورلي جنم وٺندا آهن.

اسين هتي مخدوم امين 'فهيم' جي وڇوڙي تي سڄي مخدوم خاندان سان ڏک جو اظهار ڪندي ڏٺي در دعاگو آهيون ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پوئٽرن توڙي پارٽي قيادت کي ناقابل تلافي نقصان برداشت ڪرڻ جي سگهه عطا فرمائي. آمين.

***

## سياسي فهم ۽ برداشت جو وڇوڙو

روزاني ڪلياڻ، حيدرآباد

اڄ نوح سرورؒ جي 17 هين گادي نشين مخدوم امين 'فهيم' جي وڇوڙي سياست ۾ فهم ۽ فراست، دانش ۽ برداشت جي باب کي بند ڪري ڇڏيو. مخدوم امين 'فهيم' منهبي توڙي سياسي طور هڪ سگهاري شخصيت طور ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ سڃاتو ويندو هو.

1970ع ۾ ملڪي سياست ۾ پير پائيندڙ ڪيترائي ڀيرا وفاقي وزير رهيو. سندس سياسي دانشمندي ۽ وفاداري انهيءَ مهل عيان ٿي جڏهن محترمه جي وڇوڙي کان پوءِ ڪين وزير اعظم جي لاءِ نامزد ڪيو ويو هو پر ڪجهه سياسي داءُ پيچن سبب جڏهن يوسف رضا گيلانيءَ کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو، انهيءَ مهل جنهن برداشت، صبر ۽ ڏاهپ جو مظاهرو مخدوم امين 'فهيم' ڪيو، انهيءَ جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هڪ اهڙي خاندان جو فرد جنهن کي سياست ستيءَ ۾ ملي، علم، ڏاهپ، دانش ۽ ادب سان تربيت ٿي، سياست سان گڏو گڏ علم ۽ شاعري ۾ پڻ سندن مشغلو رهيو.

هي نقصان ڪو پيپلزپارٽي جي ليڊر جو ناهي پر هي 'نقصان هر ان وفادار ساڃاهه وند سياسي ورڪر توڙي ادبي لڏي جي همراهن جو پڻ آهي. اڄ کان پوءِ جڏهن به مخدوم امين 'فهيم' جو نالو ايندو، انهيءَ ويل زندگيءَ جي هر قدم تي فهم ۽ برداشت جو ذڪر نڪرندو. سياسي مشڪلاتون، بيوفايون ۽ چالاڪيون به هن شخص جي وفاداريءَ کي لوڏي نه سگهيون. اڄ هالا سوڳوار ناهي، سنڌ سوڳوار ناهي پر پوري دنيا ۾ موجود درگاهه نوح سرورؒ جا لکين ڪروڙين ماڻهو، ادبي لڏو ۽ هر اهو ذي شعور انسان سوڳوار آهي. لکين ڪروڙين دليون پنهنجي اندر ۾ انهيءَ وفات جو تڏو وڇائي هانءُ ڦاڙ اوڇنگارون ڏينديون هونديون. اهي سياسي مخالف هجن يا سياسي دوست، ٻنهي وٽ مخدوم امين 'فهيم' هڪ جهڙو مشهور هو. سندس شاعري جيڪا هنن پنهنجي والد صاحب کان مليل ڏات طور ڪئي، انهيءَ مان سندس شخصيت جهلڪي ٿي.

***

## مخدوم جي موڪلاڻي

روزاني سنڌ، حيدرآباد

سنڌي جي هڪ پيراڻي گادي جي روحاني رهبر بدران هڪ سياستدان طور وڌي مڃتا ماڻيندڙ مخدوم امين 'فهيم' ڪالهه اسان کان جدا ٿي ويو! ملڪي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ مخدوم امين 'فهيم' شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان بلاول ڀٽي زرداري تائين، پيپلزپارٽي سان سلهاڙيل رهيو. 1977ع کان 2013ع تائين چونڊن ۾ ڪيس ڪڏهن به شڪست نه ملي. وفاقي وزير سميت هن ڪيترن ئي عهدن تي ڪم ڪيو. مشرف دور سميت مختلف دورن ۾ ڪيس وزارت عظميٰ سميت ڪيترائي عهدا آڇيا ويا، پر هن ٺڏي ڇڏيا.

مخدوم امين 'فهيم' جي قربانين جي شهيد بينظير ڀٽو به معترف هئي. مخدوم امين 'فهيم' کي نه رڳو سنڌ پر ملڪ واسين وٽ نهايت ئي معتبر شخصيت طور مڃتا حاصل هئي. هو هڪ ئي وقت بهترين شاعر ۽ سگهڙ هو ته ساڳئي وقت معتبر سياستدان به هو. هن جي سياسي جدوجهد جا ڪيترائي پهلو رهيا، پر شرافت، سهپ ۽ درگذر

سنڌس سياسي پاليسي جو اهم حصو هئا.

مخدوم امين 'فهيم' شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد بينظير جي قيادت هيٺ پارٽيءَ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ڪڏهن به نظرانداز ڪرڻ واري شڪايت يا ڪنهن عهدي لاءِ خواهش هن جي ذات جو حصو نه بڻي. اهو ئي سبب هو جو ڪيترن ئي وقتن تي شديد تنقيد ۽ نظر انداز ڪرڻ واري پاليسي کي به هن پاڻ نظرانداز ڪري پارٽيءَ سان وفاداري برقرار رکي.

مخدوم امين 'فهيم' کي سياست، ادب ۽ فن ورثي ۾ مليو. پاڻ ٻين موقعي پرست سياستدانن وانگر عهدن جي پويان نه ڊوڙيو، پر عهدا، مانُ ۽ مرتبو سندس محتاج رهيا. پيپلزپارٽي پارليامينٽيرينز جي مرڪزي صدر هجڻ سان گڏوگڏ سنڌ سميت ملڪ جي سگهارين شخصيتن ۾ سندس شمار ٿيندو هو. ضياءُ الحق جو آمريتي دور هجي يا ڊڪٽيٽر پرويز مشرف جو اقتداري دور هجي، ٻنهي ڊڪٽيٽرن سان مڙس ماڻهو بڻجي سخت مقابلو ڪيو ۽ نواز شريف جي پيپلزپارٽي مخالف دورن ۾ پڻ پارٽيءَ کي بچائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو.

شهيد بينظير ڀٽي جو مٿس تمام گهڻو اعتماد هوندو هو، سندس شهادت بعد کيس پارٽي جي نئين ليڊرشپ طرفان پاسيرو ڪرڻ جي مسلسل ڪوششن کي به هن پارٽي مفادن ۾ نه فقط نظر انداز ڪيو پر اهڙي تاثر کي به هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو ته هالا جو مخدوم خاندان ڪو شهيدن جي پارٽيءَ کان الڳ ٿيڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهي.

مخدوم امين 'فهيم' کي آخري وقت ۾ مختلف ڪيسن ۾ پڻ نامزد ڪيو ويو پر انهن ڪيسن جي سچي يا ڪوڙي هئڻ جي فيصلي کان اڳ ئي هو وڃي حقيقي خالق سان مليو. مخدوم امين 'فهيم' ملڪ جو اهو اڪيلو سياستدان هو، جنهن کي حڪومت، مخالف ڌر ۽ اسٽيبلشمنٽ ۾ هڪجهڙو قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. امين 'فهيم' حڪومت جي اهم عهدن تائين پهچڻ، پيپلزپارٽي جي ڏکين حالتن ۾ قيادت سنڀالڻ ۽ شهيد بينظير ڀٽي جي شهادت بعد مانار واري دور ۾ ثابت قدم رهيو. سنڌس من ۾ ڪي ئي شڪايتون موجود هيون، جن کي هو سياسي بيان بازيءَ بدران شاعريءَ ذريعي نروار ڪندو رهيو:

اڄ ڀڄي سٽ، سڀئي ويرانگيءَ ۾ ويا ڇڏي،
ياد ماضي جو حوالي آهي رهيو،
سال ٿيا پر ڳالهه ساڳي آهي، ستائيندو اڃي
هي ستم سهڻا اجا ڇئو ڪيستائين پيو ڪبو.

هڪي هنڌ هڪ شعر ۾ پنهنجا راز سليندي چوي ٿو:

ناهي جاءِ هجت جي، مان ڪيئن گستاخ ٿي چوندس
رسائڻ خوب ڄاڻين ٿو پرپرچائڻ نه ٿو ڄاڻين.

❊❊❊

## مخدوم امين 'فهيم' جو وڇوڙو

روزاني ڪوشش، حيدرآباد

سنڌ جو برک سياستدان، مخدوم امين 'فهيم' هاڻي هن دنيا ۾ نه رهيو آهي. هو اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو آهي، جنهن کي هالا ۾ مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ سمهاريو ويو آهي. مخدوم صاحب جي وڇوڙي تي نه صرف هالا، مٽياري ۽ ڀٽ شاهه ۾ سوڳ واري ڪيفيت نظر آئي، پر سڄيءَ سنڌ جا سياسي ڪارڪن ۽ سڄاڻ حلقا افسرده آهن. مخدوم صاحب جا مريد پڻ ڏک ۾ وڪوڙيل آهن.

ڪجهه شخصيتون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي هڪ پارٽيءَ ۾ رهندي به سڀني لاءِ هڪجهڙو احترام رکنديون آهن. مخدوم امين 'فهيم' به اهڙي ئي شخصيت جو مالڪ هو، جنهن جو تعلق توڙي جو پيپلزپارٽيءَ سان هو، پر سڀني پارٽين جا ماڻهو ۽ سڄي سنڌ واسي هن جو احترام ڪندا هئا. هو پهرين ڏينهن کان آخري دم تائين پيپلزپارٽيءَ سان گڏ رهيو.

مخدوم امين 'فهيم' کي جيڪڏهن پاڪستان جي ڪنور دل سان سياست ۾ صبر، برداشت ۽ وفا جو علمبردار قرار ڏجي، ته غلط نه ٿيندو. هيءُ اهو شخص هو، جنهن ڪڏهن به ڪنهن کي تڪليف نه ڏني ۽ هميشه گڏجي هلڻ جي ڳالهه ڪئي. مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پنهنجي تڪ تان نه هارايو. هو هميشه کٽيندو رهيو. دراصل!

هن پنهنجي علائقي جي ماڻهن جون دليون کٽي ورتيون هيون. جنهنڪري هن کي هميشہ ڪاميابي ملندي هئي. پيپلزپارٽيءَ ۾ هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو مخدوم صاحب کي پنهنجي حيثيت موجب منصب نہ ڏنو ويو ۽ مورڳو ان لاءِ پريشاني پيدا ڪئي وئي، پر ان جي باوجود هو خاموش ئي رهيو ۽ ان کان اڳ جڏهن بينظير صاحبہ جلاوطن هئي تہ مخدوم صاحب کي وزارت عظميٰ سميت ڪوڙ سارين لالچون ڏنيون ويون پر هن پنهنجون سياسي وفاداريون تبديل نہ ڪيون جيڪو سنڌ جي سياستدانن لاءِ وڏو سبق آهي.

اسان مخدوم صاحب جي وڇوڙي تي سندس پوئلڳن ۽ مريدن سان تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا ۽ هن موقعي تي اهو چوڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي مخدووم صاحب جي سياسي ۽ ذاتي زندگيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. سياست ڪرڻ جو سڀني کي حق آهي، پر سياست جي نالي تي ڪنهن کي بہ ڏڪائڻ نہ گرجي، پنهنجي راڄ، پاڳ ۽ پاڙي وارن جو ائين ئي خيال رکڻ گهرجي، جيئن مخدوم صاحب رکندو هو. هن جي سياست در اصل تحمل جي سياست هئي. هن ڳالهہ جو مطلب اهو بلڪل ناهي تہ عوامي مزاحمت کي رد ڪري ڇڏجي ۽ ماڻهو هميشہ ٺلو ٿي هلي، جتي بہ ضرورت پوي اتي آواز اٿارڻ گهرجي. مثال طور، پرويز مشرف جي دور ۾ مخدوم صاحب پ پ لاءِ بہ اعتماد جوڳو رهيو، پر وقت جي فوجي صدر آڏو ڪڏهن بہ نہ جُهڪيو ۽ هن جون سموريون لالچون نڪرائي ڇڏيون.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌ جي سياست ۾ سهپ، برداشت، عزت ۽ احترام جهڙا قدر پروان چاڙهيا وڃن. ان جي برعڪس ٿيندڙ سياست جي حوصلہ شڪني ڪئي وڃي. مخدوم صاحب صرف سياستدان ئي نہ پر ادب شناس پڻ هئا. هو شاعر هئا ۽ هن کي ورثي ۾ ڪجهہ اهڙيون شيون مليون هيون، جيڪي فقط ۽ فقط انسان ذات جي احترام ۽ خوشيءَ لاءِ هجن ٿيون. اچو تہ سڀ گڏجي هڪٻئي جو احترام ڪريون ۽ هڪٻئي جي حقن جو خيال رکون تہ جيئن اسان جي وڏڙن جي روح کي تسڪين ملي سگهي.

❁❁❁

## مخدوم امين 'فهيم' _ هڪ عهد جي پڇاڙي

روزاني سنڌ ايڪسپريس، حيدرآباد

انسان پنهنجي ڪردار ۽ عمل وسيلي زنده رهندو آهي. پنهنجي ڪردار جي چونڊ هر انسان جي وس ۾ ناهي، تاريخ ڪهڙيون ذميواريون فرد تي رکي ٿي ۽ اهي ذميواريون پوريون ڪندڙ شخص خوشنصيب هوندا آهن.

روحاني گاديءَ واري گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ مخدوم امين 'فهيم' بہ هڪ اهڙو خوشنصيب شخص هو، جنهن پنهنجي ڪردار جي چونڊ پاڻ ڪئي ۽ سياست ذريعي سماج ۾ پنهنجو ڪردار نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي. هو جيڪو نولکي گوڏڙيءَ جي گاديءَ جو گادي نشين بہ رقت حساس دل رکندڙ شاعر بہ.

مخدوم امين 'فهيم' پنهنجي سڄي ڄمار هڪ پارٽيءَ لاءِ ارپي ڇڏي. شهيد ڀٽي جي پيپلزپارٽيءَ سان گڏ سياست جي شروعات ڪندڙ مخدوم امين 'فهيم' بينظير ڀٽي کان وٺي بلاول ڀٽي زرداريءَ تائين پنهنجي سياسي وفاداريءَ تي ثابت قدم رهيو.

ائين بہ نہ هو تہ ڪو ڪيس انهيءَ سڄي عرصي ۾ ڪي مصيبتون، تڪليفون سهڻيون نہ پيون. يا وري ڪي آڇون نہ ٿيون يا ڪيس خريد ڪرڻ جون ڪوششون نہ ٿيون، پر هن پنهنجي سڄاڻپ ۽ سياست کي بازار جو سودو نہ بڻايو ۽ هر سڪي توڙي ڏکي گهڙيءَ ۾ پنهنجي پارٽيءَ سان نڀائيندو رهيو. مخدوم امين 'فهيم' جي سياست سان اختلاف راءِ تہ ڪري سگهجي ٿو پر سياست ۾ هن سهپ، بردباري، رواداري، صبر ۽ ٿڌي مزاج وارا جيڪي مثال ڇڏيا آهن، اهي سياسي ڪارڪن لاءِ سبق جو درجو رکن ٿا تہ سياست جهڙي ٽانڊن جي واٽ تي بہ ڪيئن برداشت ۽ سهپ سان پنهنجي منزل طرف وڌي سگهجي ٿو يا ان لاءِ جستجو جاري رکي سگهجي ٿي. پنهنجي سڄي ڄمار ۾ هن ڪڏهن بہ پنهنجي سياسي مخالفن لاءِ ڪو

Quarterly "MEHRAN" (Regd. No: NS-20)



بلاول ڀٽو زرداري سائوٿ سٽي اسپتال ۾ مخدوم محمد امين فهيمؒ سان عيادت ڪندي